رفيق سومرو

# مٿيءَ سندو مامرو



# مٿيءَ سندو مامرو

(ڪهاڻين جو ڪتاب)

سانوري سائينءَ ڏاڪهڙي خلاف
سانوڻ راتيءَ

لاءِ دل جي ڳالهڙين ماڻ

رفيق سومرو
10-07-2005.

# مٺيءَ سندو مامرو

(ڪهاڻين جو ڪتاب)

رفيق سومرو

سڳنڌ پبليڪيشنس
حيدرآباد
1995ع

سڳنڌ پبليڪيشن: 29

# مٺيءَ سندو مامرو

ڪهاڻيون

رفيق سومرو

پهريون ايڊيشن (C) جنوري 1995ع
ڪمپوزنگ: (حبيب قادر قريشي) نيو سنڌ ٽيڪ، ڪمپيوٽر، سينٽر، حيدرآباد
ڇپائيندڙ: سڳنڌ پبليڪيشن
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد
8/100 عبدالله ٽائون، قاسم آباد
حيدرآباد (سنڌ)
قيمت: 150.00 رپيا

*MITTIA SANDO MAMRO*

Sindhi Short Stories

**Rafique Soomro By:**

**First Edition (c) January, 1995**
Composed: (Habib Qadir Qureshi) New Sindh Tech, Computer, Hyd
Printing by: Fine Communication Hyd.
Pulished y: Sugandh Publications
8/100 Abdullah Town, Qasimabad,
Hyderabad, Sindh. (Pakistan)

# سٽاءُ


فَنُ ۽ ڳڻُ — ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي — I

زيب سنڌي — 9

**● هڪ دل - هڪ ديوار**

ذهن جي گهٽين مان ڳوليل يادگيرين جا سڪا (ادل سومرو) — 13

ليکڪ سدائين بيچين رهندو آهي. (رفيق سومرو) — 19

اڻ ٽائيڪو من — 27

هڪ دل- هڪ ديوار — 35

موت جو رنگ — 45

ماٺهو — 49

جسٽيفڪيشن — 53

درد جي دنيا — 56

پونءِ ٽري ۾ قاتل پوري ڇوڪري — 63

ويا نہ موٽيا — 70

**● انسان جي ڳولا**

مهاڳ: جيڪو اصل ۾ اَمهاڳ آهي (امر جليل) — 76

تعارف: روشنيءَ جا خواب ڏسندڙ ڪهاڻيڪار (ممتاز مهر) — 81

| | | |
|---|---|---|
| مان چو ٿو لکان | (رفيق سومرو) | 85 |
| لاش ۽ سمنڊ | | 88 |
| هڪ رات ۽ ٽي خواب | | 95 |
| ٽتل آرزو، چچريل تمنا | | 99 |
| جنت جو دستاويز | | 108 |
| يادون ۽ هيڪلائي | | 111 |
| ايلفيءَ جي شام | | 123 |
| ڇڪتاڻ | | 126 |
| هِز ماسٽرس وائس | | 135 |
| پدم پتي | | 139 |
| عورت ۽ اشتهار | | 148 |
| هالي ووڊ جو ايڪٽر | | 156 |
| منهنجي دل مصر جا اهرام | | 164 |
| ٻڏل دل جي آس | | 169 |
| ڏيان طلب | | 189 |
| انسان جي ڳولا | | 191 |


**● پرک**


| | | |
|---|---|---|
| پرک ("انسان جي ڳولا" جو اپياس) بدر اجڻ | | 199 |
| ڇٽيل وڻ جو درد | طارق عالم | 203 |
| خط / تنقيد: ڪهاڻي "ماڻهو" بابت وضاحت | | 205 |

## ارپنا

منهنجي ڳيرو پٽ
مرحوم نديم جي نالي
جيڪو نوجوانيءَ ۾ وڇڙي،
منهنجي جواني به رولي ويو.

(رفيق سومرو)



او مُرڪندڙ پيارا مسافر!
چار ڏينهن ترسي، لڏي،
تون هليو وئين اوچتو!
روئي، راتين جو آتي،
ڪوئي توکي ٿو سڏي،
تون هليوَ وئين اوچتو!
ريشمي راهون وٺي،
خواب، هت سارا ڇڏي،
تون هليو وئين اوچتو!
درد جو سيني دلين ۾،
ڳوڙ هڪڙو نئون اڏي،
تون هليو وئين اوچتو!
لڙڪَ ها تنهنجو وڇوڙو،
گل هئا تنهنجي تڏي، تون
هليو وئين اوچتو!

(ادل سومرو)

ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي

# فَــنُ ۽ ڳُــڻُ

انسان خوشيءَ جو کوڙيو آهي ۽ غم ۽ اندوهہ کان ٿهندو رهي ٿو. پر تڏهن بہ ’فرد‘ پنهنجي احساس جو صحيح اندازو لڳائڻ کان بي بس آهي. ڪنهن کي بہ ڄاڻ ناهي تہ خوشيءَ جو سرو ڪٿان ٿو شروع ٿئي ۽ ڏک جو ڏنگ ڪٿي هلي ٿو ختم ٿئي. هن مِٽي ۽ ڪَرِّي حياتيءَ ۾ هيج ۽ خوشيءَ جا سمان آهن تہ وري اڻ ڏٺا حادثا بہ آهن. بي وسيون ۽ مجبوريون بہ آهن. جوش ولولا جذبا ۽ عزم ۽ اٽل ارادا بہ آهن. ڪي نندڙا غم ۽ خوشيون ڏسڻ ۾ نٿيون اچن پر هميشہ لاءِ ۽ انسان جي شخصيت تي اثر انداز رهن ٿيون. زندگيءَ جا مونجهارا، اڻ ڇاتل غم، محروميون سڌون خواهشون، اندوهناڪ جبر، معاشي ۽ اقتصادي اڻ برابريون، بي روزگاري، بيماري، موت جون بي باڪيون، ڏاڍ جون سفاڪيون، امارت جو غرور، تعصب ۽ ظلم، حقارت ۽ نفرت، طبقاتي جنگ، سماج جي خود ساختہ قانوني شڪنجي ۾ ڦاسجڻ ۽ پرَ هٽڻ، مذهب جي نالي تي پيدا ڪيل تقدس ۽ اجاره داريون اڻ برابريون ۽ اوچ نيچ جا ويڇا، جنسي نا آسودگي، ذهني خلفشار، انڌي تقليد ۽ پوئلڳيون فريبڪاري ۽ دوکيبازيءَ جو شڪار ٿيڻ، دهشت گرديءَ جي ور چڙهڻ، خودفريبي ۽ انا جو خول، اهڙيون حقيقتون آهن، جن کان پلاند آجا ڪرڻ لاءِ انسان هميشہ هڻ وٺ ۾ مبتلا رهيو آهي!

ائين ڪٿي سمجهو تہ موت ۽ حيات جو لاڳيتو عمل زندگي آهي، جيڪا پنهنجي دامن ۾ بي پناهہ مفهوم رکي ٿي ۽ جنهن کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ لاءِ بہ هر ڪنهن وٽ هڪ مخصوص عينڪ ۽ پنهنجو محدود ماپو هوندو آهي. فنڪار غورو فڪر جو هيراڪ آهي ۽ قدم قدم تي هر ڪا شيءَ ڪيس دعوت

فڪر ڏيندي رهي ٿي. فنڪار حساس ٿئي ٿو، تنهنڪري هر ڳالهه ڪي هڪ همدرد جيان محسوس ڪري ٿو. هُو خارجي زندگي کي متاثرو ڏسڻ بدران قلبي وارداتن ۽ ڪيفيتن جي گهرائيءَ ۾ لهي وڃي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو حقيقت ۽ نفسيات جا بيڪ وقت عڪس فن پاري ۾ نظر چڙهندا آهن. انساني محرومي يا مونجهاري جو شعور پائڻ ۽ ان کي اظهارڻ ئيْ ڪهاڻيءَ جي تت ۾ شامل هوندو آهي. ليڪن اهو وسيع تجربي ۽ مشاهدي ڪانسواءِ حاصل ٿي نٿو سگهي. ان بعد بہ خالص تجربي کي فن ۾ اتارڻ هڪ دقيق مشاقيءَ جو عمل آهي. فنڪارانہ قوت ۽ صلاحيت جو اعليٰ جوهر، جنهن سان مختصر ڪهاڻي ظهور ۾ اچي ٿي، سو باريڪ بيني ۽ جانسوزيءَ جي پيداوار آهي. بغير اُن جي، ڪهاڻيءَ بجاءِ هڪ بي سواد ترتيبي خاڪو يا رپورٽنگ بنجڻ جو امڪان وڌي وڃي ٿو!

هاڻوڪن سنڌي رسالن پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌي مختصر ڪهاڻي چڱي تعداد ۾ ڇپجي رهي آهي ۽ اُها بدستور پڙهيل طبقي ۾ Populer رهندي اچي. ڪهاڻيءَ جو فن ڪافي قدر سگهارو ثابت ٿيو آهي ايتريقدر جو هلندڙ صدي جيڪا مسائل ۾ گهڻ رخي منجهيل ۽ ويڙهيل آهي، ان جي عصري حساسيت کي بہ هن مختصر فن ۾ ڪاميابيءَ سان آشڪار ڪيو ويو آهي. سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ ۾ جيتوڻيڪ اهڙا ڪارناما گهٽ ڏسجن ٿا، جن کي اثر انگيز چئي سگهجي تاهم تجرباتي عمل ڪان اهو فن روڪجي ڪونہ ويو آهي. سنڌيءَ ۾ روايتي انداز واريون ڪليل پلاٽ جي صورت ۾ بہ ڪهاڻيون لکجي رهيون آهن. ڪن ۾ حادثي جو بيان آهي. ڪن ۾ ڪنهن دلچسپ واقعي کي چاڙهيڪن سان انجام تي رسايو وڃي ٿو. ڪن ڪهاڻين ۾ ساڳيءَ ريت ڪردار جي صورت گري ڪندي سندس انوکي هلت تان پردو هٽائي ڪو نئون انڪشاف ڪيو ويندو آهي. جديديت وارين ڪهاڻين ۾ وري پلاٽ ۽ مڪالمي ڪانسواءِ رڳو اندر جي اور هوندي آهي. خالص علامتي روپ ۾ لکيل ڪهاڻيون سنڌي ٻوليءَ ۾ اڃا پنهنجو ڪو مقام پيدا ڪري نہ سگهيون آهن، ڇو تہ گهڻن جو بنياد تخليقي تجربي بدران انڌي تقليد تي هوندو آهي. دراصل نجي احساسات متعلق علامتون ورتائڻ لاءِ تمام گهڻي تدبيرڪاريءَ جي ضرورت ٿيندي اهي، جيڪا اعليٰ ذهانت ۽ دسترس ڪانسواءِ ممڪن ناهي.

منهنجي خيال ۾ اڄ سوڌو به مختصر ڪهاڻيءَ جي سموري دلچسپيءَ جو دارومدار اصل ڳالهه ۾ لڪل ہي ڪهاڻيءَ ۾ هوندو آهي. دراصل معروضيت Objective، گفتگو جي تهن يا وري پسَ منظر ۾ مخفي معنيٰ ڍڪيل هوندي آهي ۽ مختصر ڪهاڻيءَ جي ذهين پڙهندڙ جي دلچسپي ظاهري بيان واردات يا مڪالمي بدران انهن ۾ لڪل معنيٰ داري چاڻڻ سان هوندي آهي، جو ئي فنڪار جو اصل مقصد هوندو آهي ۽ ان مان ئي پڙهندڙ حظ حاصل ڪري ٿو! هڪ اعليٰ درجي جو فنڪار سڪٽي واقع بياني يا ٿلهي ڪردار تي ٽيڪو ڪرڻ بدران تخليق ڪاريءَ کان ڪم وٺندو آهي. ۽ ظاهري ڪهاڻي اندر هميشه ڪا انوکي حقيقت پنهان رکندو آهي، جيڪا پڙهندڙ کي نئين لڳي ۽ مٿس اسرار جي دنيا کولي!

منهنجي اندازي مطابق جديد کان جديد ڪهاڻي، پوءِ ڪٿي ان کي ٽيڪنڪ ۽ رجحان جي نسبت سان ڪهڙو به نالو ڇو نه ڏنو ويو هجي، اُها فقط ان جبريت خلاف هوندي آهي، جيڪا انسان جي آزاد ۽ ذاتي وجود مٿان پيل ٿئي ٿي. ڪهاڻيڪار فرد جي ڏک درد، ذهني ۽ نفسياتي الجهن کي بهتر طور پيش ڪرڻ جو خواهشمند هوندو آهي. جيڪڏهن آئون پنهنجي دليل ۾ صحيح آهيان ته رفيق سومري جو فن ان سلسلي جي هڪ ڪَڙي آهي. هن خير ۽ شر جي مسئلن کي سماجي پس منظر ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. زندگيءَ جي تاريڪ ۽ قنوطي پهلن تي روشني وڌي آهي ۽ انساني روح ۽ نفس ۾ ليٽو پائڻ جي به ڪوشش ڪئي اٿس. هُو خام زندگيءَ مان ڪنهن حادثي کي واقعاتي بيان يا اشاراتي پس منظر سان ڪهاڻي کي روپ ڏئي ٿو. سندس زوردار نڪتو وحدت تاثر ۾ جان ڦوڪي گهرائي پيدا ڪري ٿو. رفيق سومري جي مشاهدي جي قوت، گوناگون تجربو، مطالعو ۽ فلسفهءِ حيات بابت تصور به ان ۾ شامل هوندو آهي.

سنڌيءَ ۾ جيڪي معروف ڪهاڻيڪار آهن، يا گهٽ ۾ گهٽ معتبر اديب مڃيا وڃن ٿا، تن جي فن ۾ ڪهڙي مٽيا پيل آهي؟ آخر انهن جي ڪهاڻيڪاريءَ ۾ ڪا چٽي سنوت ڏيکاريل آهي ڇا؟ انهن جي فن مان اسين ڪيتريقدر فني رهنمائي حاصل ڪري سگهون ٿا؟ اهو مسئلو اهڙو آهي جنهن تي اسين سنجيدگيءَ سان سوچي ويچاري سگهون ٿا. ادب جي نمايان فني روايتن ۽ قدرن تان نون ليکڪن کي ضرور استفادو ڪرڻ کپي پر اهڙو به نه

جو پنهنجي تخليقي تجربي کي تياڳ ڏئي وهي نہ وهي رينگٽ کي وٺي ويهن. افسوس آهي جو انڌي تقليد باعث ئي نوجوان ڪهاڻيڪار فطري نشونما کان رهجي وڃن ٿا. ٧٠- ٨٠ جي ڏهاڪي ۾ اوچتو ئي اوچتو جديديت جو اصطلاح عام ٿي ويو ۽ ڪيترن ئي بلند قد ڪهاڻيڪارن کي ميدان مان ڌڪي ڪڍيو ويو، ايتريقدر جو پراڻي ڪهاڻيءَ تي مٽي وجهي دفنائڻ جو ڪم باقي رهجي ويو هو! تاهم علامتي ڪهاڻين سنڌي ادب ۾ پنهنجي ڪا جاءِ پيدا ڪري نہ سگهي ۽ ان جي نئين انداز واري ڦوڪٽي مان جلد هوا نڪري وئي!

دراصل مختصر ڪهاڻي لکڻ لاءِ ڏيکا ڏيکي بدران محنت، رياض ۽ لڳاءَ جي اولين ضرورت آهي ازانسواءِ ماضيءَ جي روايت بدران زنده روايت جو شعور پرائڻ کپي. ادب جي شاگرد ۽ لکندڙ جي حيثيت ۾، سنڌي فڪشن جي پوري تاريخ منهنجي زير مطالع رهي آهي ۽ مان وقت بہ وقت هر پهلوءَ کان ان جي تنقيدي مطالعي جي هڪ ادنيٰ ڪوشش بہ ڪندو رهندو آهيان. ڪهاڻيڪارن ۽ فن جو مطالعو ڪندي ڪندي مون ۾ اهڙو چس ۽ چاهہ پيدا ٿيو، جنهن مون کي پاڻ ڪهاڻيءَ لکڻ تي آماڻيو ۽ هاڻي منهنجي ڪهاڻين جو هڪ معقول انداز بہ رسالن ۾ ڇپجي چڪو آهي. هينئر ڪهاڻيءَ جي جيڪا حالت آهي سا نقاد تي ٻيڻي ذميواري وجهي ٿي. اعليٰ ۽ ادنيءَ جي سڃاڻپ ڪي کهڙيءَ ريت ممڪن بنائجي جيئن نہ رڳو پڙهندڙ جي ذوق جي تربيت ٿئي بلڪ ان مان خود لکندڙ جي بہ رهنمائي ٿئي. اسان کي کپي تہ ٺلهي شاباس ڏئي مصنوعي ٽيڪائون ڏيڻ کان باز رهون ۽ ازانسواءِ هرو ڀرو ٻئي جي محنت کي ٻهاري وجهڻ واري فتويٰ بازيءَ کان بہ پاڻ بچايون. محترم رفيق اهو ئي سڀ ڪجهہ مون کان لکڻ جي تقاضا ڪئي آهي ۽ مون سندس افسانوي فن جو جائزو وٺندي حتي الامڪان انهن ڳالهين کي پيش نظر رکندي هڪ ديانتدارانہ تجزئي لکڻ لاءِ قلم هلايو آهي. تنقيد جو بنيادي رول منهنجي اڳيان اهو آهي تہ تخليقي تجربي جي ماهيت کي سمجهجي ۽ ان ۾ آيل سمورن امڪانن کي ڳولڻ گهرجي. هن مطالعي ۾ بہ ڪهاڻين ۾ آيل مختلف ٽڪرن کي جوڙي ممڪن تصوير ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ ضرورت مطابق ان جي Working Art جي تشريح بہ ڪئي اٿم، جيئن مصنف جي تخليقي سفر جي واٽ لهي سگهجي!

رفيق سومرو ڪهاڻيڪار آهي ۽ ڪهاڻيڪاريءَ جو طبعي لاڙو منجهس

سمايل آهي ١٩٧٢ع کان لاڳيتو ته ڪڏهن وري وچ ۾ ساهيءَ سان لکبو ۽ ڇپبو رهيو آهي. هن جون اٽڪل چاليهه ڪهاڻيون هيستائين شايع ٿي چڪيون آهن، جيڪو تعداد ڪنهن به تخليقار جي تخليقي عمل کي سمجهڻ ۾ ڪافي قدر مددگار ٿي سگهي ٿو. هُن هڪ فنڪار وانگر پنهنجي ذاتي احساس ۽ مشاهدي جي آئيني ۾ زندگيءَ جي حقيقتن کي ڪهاڻيءَ جو روپ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن ۾ سندس داخلي ۽ نفسياتي ڪيفيت شامل رهي ٿي.

جيتوڻيڪ هُو گذريل چوٿائي صديءَ کان لکي رهيو آهي، تاهم سندس فن هميشه کان سنئون سپاٽو رهيو آهي ۽ اُهو ڪنهن به قسم جي پيچيدگيءَ کان آجو ٿيئي ٿو. ڳالهه کي صاف ڪرڻ لاءِ ائين ڪٿي چوان ته هُن جي ڪهاڻيءَ جو مزاج تمثيلي اشاريت سان پريل ته ٿيندو آهي پر ته به سندس اسلوب انداز نه ته انتهائي علامتي ۽ تصوراتي هوندو آهي ۽ نه وري اهڙي رمز ڪنايي يا استعاره ۾ ويڙهيل هوندو آهي جو پڙهندڙ گهوماتيون کائي! منهنجي چوڻ جو مطلب اهي ته هن فنڪارانه اظهار لاءِ تجرباتي عمل کي پيچيدگيءَ کان پاڻ بچائي رکيو آهي. ڪيس حقيقت نگاريءَ سان گڏ ڪردار نگاريءَ جو به ڏنگ اچي ٿو.

افسانوي روپ ۾ تجربو ۽ مشاهدو ٻنهي کي بنيادي حيثيت حاصل هوندي آهي. ڇو ته جيتريقدر واقعي جو مشاهدو تيز ۽ گهرو تجربو ڪيل هوندو اوتريقدر ڪهاڻي زياده اثراتي ۽ ڪامياب ٿي سگهندي. پر آئون ائين چوڻ ۾ شايد غلط نه هجان ته جنهن ليکڪ کي مطالعي جي بصيريت هوندي سو معروضيت يا اسباب جي ڪيفيت يا معنويت کي وڌيڪ پروڙيندو ۽ تجربي ۽ مشاهدي کي پرکي ان جي سونهن ۽ ڪوجهائي کي ڇاٽي سگهندو! انڪري اها ڳالهه تسليم ڪئي وڃي ٿي ته دنيا جي شاهڪار ادب پارن ۾ تجربي ۽ مطالعي جو هڪجيترو اثر آهي. مون کي اڪثر ائين محسوس ٿيو آهي ته رفيق جو فن مشاهدي ڪاري کان وڌيڪ مطالع ڪاريءَ جي اثر هيٺ آهي. رفيق هڪ تمام پڙهاڪو اديب آهي خاص ڪري دنيا جي معروف افسانوي ادب کي هنئين سان هنڊايو اٿس. منهنجي خيال ۾ مصنف جي ڪهاڻين جو چڱو خاصو تعداد اهڙو آهي، جن ۾ سندس تجربي جو بنياد خالص مطالعي کي قرار ڏئي سگهجي ٿو. مثلاً پونءِ ٽري ۾ قاتل ڇوڪري، اڻ ٽانيڪومن ۽

موت جو رنگ، ماٺهو وغيره. تاهم مصنف جو اسلوب جذب ڪيف ۽ سچائيءَ سان ڀرجي وڃي ٿو ايتريقدر جو مطالعي مان ورتل موضوع سندس منفرد تجربي ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو.

جيڪڏهن فن ۽ موضوع جي لحاظ کان ڪهاڻين جو جائزو وٺبو ته انهن کي ٻن دفعن ۾ تقسيم ڪري سگهبو. هڪڙيون خالص رومانوي موضوع جون ڪهاڻيون جهڙوڪ: 'يادون ۽ هيڪلائي' ۽ "ٽٽل آرزو ۽ چچريل تمنا" وغيره آهن. جيتوڻيڪ انهن جو مزاج رومانوي آهي پر اصل ۾ اهي سماجي مسئلن جي پيداوار آهن. ڪهاڻيڪار خارجي ڪيفيت سان گڏوگڏ پنهنجي شخصيت ۽ روح کي ڪهاڻين ۾ منتقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ اهو ئي سبب آهي جو رومانوي تصور جي باوجود ذاتي زندگي جون تلخيون ان مان جهلڪا پائي رهيون آهن.

هن قسم جي ڪهاڻين کي Plot less چوڻ صحيح ٿيندو، جن ۾ ڪهاڻي فقط اندر ڪرنٽ طور جاري رهي ٿي. ٽيڪنڪ ۽ اسلوب جي لحاظ کان ليڪڪ جون ڪهاڻيون امر جليل جي فن جو نموني لڳن ٿيون، جنهن جي اثر جو خود ڪهاڻيڪار به اعتراف ڪيو آهي. ڪنهن وڏي اديب کان متاثر ٿي لکڻ ڪا عيب جهڙي ڳالهه ڪونهي، پر اصل خوبي ان ڪي چئجي ها جو فنڪار خود تجربو ڪري ان ۾ انوکو رنگ پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب وڃي ها! ههڙين ڪهاڻين ۾ فڪري اظهار کي اوليت حاصل هئڻ باعث واقعا ۽ منظر غير اهم رهجي ويندا آهن ۽ فقط ڪردار گفتگو دوران خاص نڪتي کي اپارڻ جي ڪندا آهن.

بهرحال مصنف ڪهاڻين جي نفسياتي ڪيفيت ۾ سماجي تضاد ۽ انساني طبيعتن جا اختلاف ظاهر ڪيا آهن. ۽ زندگي گذارڻ لاءِ مثبت سوچ کي مهميز ڏني اٿس. جيئن درماندگي ۽ بي راهه روي سان دوچار انسان معاشري ۾ پنهنجو حقيقي مقام پيدا ڪري خوش رهي سگهي.

'هڪ رات ۽ ٽي خواب' ۾ جيتوڻيڪ پلاٽ ڪليل آهي ۽ 'لاش ۽ سمنڊ' جي ته اٽت ئي سماجي حقيقت نگاري سان ڪيل آهي، جيڪو واقعو مصنف جي چوڻ مطابق سندس ذاتي مشاهدي ۾ آيل آهي. تاهم هنن ٻنهي ڪهاڻين جي ٽريٽمينٽ ساڳي رومانوي ڪهاڻين جهڙي آهي، جنهنڪري حقيقت تي به محض افسانوي Fiction جو گمان پيدا ٿيڻ بعداز امڪان ناهي.

ٿو ۽ دهشت گردي جو شڪار ٿي رهي ٿو. هن مهقور ۽ محبوس انسان کي زندگيءَ جا دروازا سالن تائين بند ٿي رهن ٿا.

اهڙي خوف ۽ حراس ۾ سندس ڏينهن ۽ رات ڪيئن گذرن ٿا، سندس احساس ۽ جذبا ڪهڙي طرح چٿبا رهن ٿا، ان نفسياتي ڪيفيت جو اظهار ڪردار پنهنجي زباني ڪيو آهي. انهيءَ ڪهاڻيءَ ۾ رفيق جو رد عمل هڪ همدرد انسان جو آهي هن ڪردار جي ڪرب کي فنڪارانه ديانت سان بيان ڪيو آهي ۽ سندس وڏي خوبي آهي ته نه هن حقيقت نگاريءَ کي بي روح ڪيو آهي ۽ نه وري اسلوب تي هرويرو شعريت جو تهه چاڙهي ان کي غمگين ۽ دردانگيز بڻايو اٿس.

ٻئي فني قسم ۾ مصنف جون اهي ڪهاڻيون شامل آهن، جيڪي باقاعدي هڪ واضع پلاٽ تحت لکيون ويون آهن. ’چڪتاڻ‘ هڪ سهڻي جنسي واقعاتي ڪهاڻي اهي. ان ۾ عورت ۽ مرد جي تعلقات جو بيان آهي، ان ۾ ذاتي غم ۽ نفسياتي حادثي کي ڳنڍيو ويو آهي. بعض اهڙا واقعا داخلي زندگيءَ تي اثر انداز ٿين ٿا جو باطني زندگيءَ کي لوڏي رکن ٿا. ۽ انهن جي اٿندڙ طوفان مان پاڻ بچائڻ مشڪل ٿيو پوي. هن ڪهاڻي جي واردات بنان گهٽاءَ ۽ وڌاءَ جي حقيقي معلوم ٿئي ٿي، جنهن ڪان پڙهندڙ مطمئن ٿي وڃي ٿو. ليڪن ان کي جنسي ڪهاڻي چوڻ بدران هڪ سماجي ڪهاڻي چوڻ ئي صحيح ٿيندو، ڇو ته ان ۾ ٻڌايل ڳالهه سماجي حيثيت رکي ٿي ۽ جذباتي انتشار باعث ئي ڪٽنب جي تباهي اچي ٿي.

”ٻڏل دل جي آس“ به سماجي حقيقت نگاري جي عڪاس ڪهاڻي آهي. سنڌيءَ ۾ ’ٻوڏ‘ جي موضوع تي جمال ابڙي جي ڪارو پاڻي ۽ غلام رباني جي ’ٻري هن ٻنيور ۾‘ شاهڪار ڪهاڻيون ليکيون وڃن ٿيون. رفيق سومري جي هيءَ ڪهاڻي به فني طور ڪامياب ۽ ۽ هڪ يادگار ڪهاڻيءَ جو درجو رکي ٿي. جنهن ۾ مشاهدي جي گهرائيءَ ڪان انڪار ڪري نٿو سگهجي. هن مختصر ڪهاڻيءَ ۾ پلاٽ ۽ ڪردار ڪان وڌيڪ ’ماحول‘ جي اهميت کي پيش نظر رکيو ويو آهي. ڪهاڻيڪار ماحول ڪان ئي پس منظر جو ڪم ورتو آهي، جنهن ۾ ڪردار ترندا ۽ ٻڏندا رهن ٿا. پلاٽ جو تاڃي پيٽو ماحول سان اٽيل آهي، جيڪو پوريءَ طور فنڪار جي حسي تجربي جو جزو بنيل آهي. ائين ٿو معلوم ٿئي ته هن ٻوڏ جي ماحول کي رڳو ڏٺو وائنو نه

ٿو. رفيق سومرو فني تخليق جون متعدد واٽون اختيار ڪري ٿو پر هر سنوت ۾ ڪا نئين سگهه تازگيءَ سان گڏ اُڀري ٿي. هو ظاهر ۾ ته هڪ معصوم ۽ سادو سودو انسان لڳي ٿو، مگر هن ۾ هڪ تيز نگاهه ۽ هوشيار ڪهاڻيڪار لڪو وينو آهي، جيڪو پنهنجي اصل مهانڊي سان اڃا ٻاهر نه نڪتو آهي. مون کي يقين آهي ته اهو ڏينهن پري ناهي، جڏهن هُن جي اندر جو اُهو ڪهاڻيڪار پوري اُپار ۽ جنسار سان گڏ ظاهر ٿيندو.

احساسن توڙي منظرن جي ڪميونيڪيشن لاءِ ليکڪ جو ذهن، Audio-Visual memory جو ڪم ڪري ٿو. معاشري ۾ موجود مختلف تضاد ان ميموريءَ ۾ گڏ ٿيندا رهن ٿا. ۽ انهي را ميٽيريل مان جڏهن ڪا تحرير پروڊيوس ٿي نڪري ٿي، تہ اهائي تحرير ليکڪ لاءِ سڃاڻپ جو درجو رکي ٿي. ۽ ليکڪ جي سڃاڻپ ڪا تحرير تڏهن بڻجي سگهي ٿي، جڏهن ان تحرير ۾ اهو سڀ ڪجهہ محسوس ڪرائڻ جي سگهہ هجي، جيڪو ليکڪ محسوس ڪرائڻ چاهيو آهي/ ڪميونيڪيٽ ڪرڻ چاهيو آهي. ۽ مان يقين سان چئي سگهان ٿو تہ رفيق سومرو پنهنجي اڪثر ڪهاڻين ۾ اهو سڀ ڪجهہ محسوس ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويو آهي، جيڪو هن چاهيو آهي.

رفيق، هڪ حساس ليکڪ جي حيثيت ۾، زندگيءَ جي ڪيترن اهڙن مسئلن کي بہ احساس جي آميزش سان پڙهندڙن تائين پهچايو آهي، جن مسئلن ۽ موضوعن کي اسان جا ڪيترا ليکڪ غير اهم سمجهي لنوائي ڇڏيندا آهن. جيتوڻيڪ اهي موضوع زندگيءَ جي حوالي سان، سماج ۾ اهميت جوڳا هوندا آهن.

رفيق سومري بابت لکندي، مان اهو قطعي نہ چوندس تہ هن پنهنجين ڪهاڻين ۾ ”خيال جي آسمان“ کي ڇهيو آهي ۽ نہ ئي اهو چوندس تہ سندس ڪهاڻين ۾ ”فڪر جا پاتال“ ملن ٿا. سندس ڪهاڻين ۾، مونکي فڪر جي اڏام ۽ خيال جي گهرائيءَ بجاءِ ڌرتيءَ جي سطح نظر آئي آهي. ڌرتيءَ جي سطح، جيڪا زندگيءَ جو بنيادي مرڪز آهي. جتي رنگ، سونهن، خوشبو، ڏک، سک، ٻک ۽ ويڇوڙي جا درد آهن. ڌرتيءَ جي سطح تي موجود اهي حقيقتون ئي رفيق جي ڪهاڻين جا موضوع آهن. اهوئي سبب آهي، تہ هن پنهنجون ڪهاڻيون جن ماڻهن لاءِ لکيون آهن، اهي انهن ڪهاڻين ۾ سمايل پيغام کي سمجهي سگهن ٿا. رفيق جي قلم ۽ پڙهندڙن جي ذهن جي وچ ۾ مونکي ڪنهن بہ قسم جو Communication - gap نظر نٿو اچي.

ساڳئي وقت هن وٽ هڪ واضح نقطہ نظر بہ موجود آهي، جيڪو

سندس سمورين ڪهاڻين ۾ پنهنجي پوري سگهه سان ملي ٿو. ۽ رفيق Socratic Irony کان به ڪم نٿو وٺي، بلڪ سڌو سنئون پنهنجي نقطہ نظر کي پيش ٿو ڪري.

رفيق پنهنجي ڪهاڻين تي خوبصورت لفظن ۽ رنگين جملن جي ميڪ-اَپ جا تَهه به نٿو چاڙهي، ۽ نہ ئي Aesthetic Sense جي نالي ۾ وڏا وڏا جملا لکي موضوع کان هٽي ٿو وڃي. ان ڪري اسان کي سندس ڪهاڻين ۾ اهڙا جملا نہ ملندا، جن کي پڙهي اسان نثر مٿان شاعريءَ جو اسٽئمپ هڻي ڇڏيندا آهيون.

ڪنهن به باشعور ۽ ذهين ليکڪ لاءِ، خاص طور تي انهن حالتن ۾، جن مان اڄوڪي سنڌ گذري رهي آهي، ڪن لاتار ڪرڻ ممڪن ئي ناهي. اهوئي سبب آهي تہ سندس ڪهاڻين مان وقت جي درد جا احساس پڙهندڙن تائين بہ ٽرانسمِٽ ٿين ٿا.

هي ذهين ۽ باشعور ليکڪ هڪ ڏکي وڇوٽيءَ کان پوءِ هن ڪتاب وسيلي اڄ جي نئين پڙهندڙ جي سامهون آيو آهي، جيتوڻيڪ هي هڪ سينئر ليکڪ آهي. اڄ کان پندرهن- ويهہ سال اڳ هن لاءِ چيو ويو هو، تہ هو اَمر جليل جي انداز ۾ ٿو لکي ( راجندر سنگهہ بيديءَ هڪ هنڌ لکيو آهي تہ "مونکي اردوءَ جو چيخوف نہ چيو وڃي، ۽ نہ منٽوءَ کي اردوءَ جو موپاسان سمجهيو وڃي.") منهنجي خيال ۾ ڪنهن بہ ليکڪ کي، ڪنهن بہ ٻئي سان نہ ڀيٽڻ گهرجي- ڇو تہ ڀيٽ جا اهي ماڻ ماپا اڪثر پنهنجي وقعت وڃائي ويهندا آهن. رفيق جي بہ پنهنجي هڪ سڃاڻپ واضح ٿي سامهون آئي آهي، جيڪا سندس هن ئي ڪتاب جي، "انسان جي ڳولا" کان پوءِ وارين ڪهاڻين، جيڪي "هڪ دل- هڪ ديوار" جي سري هيٺ ڏنيون ويون آهن، ۾ ڏاڍي چٽائيءَ سان موجود آهي.

4، جنوري 1995ع
گورنمنٽ ڪاليج قاسم آباد
حيدرآباد سنڌ

زيب سنڌي

’هڪ رات ۾ تي خواب‘ ۾ غريبي، ڪسمپرسي ۾ پيڙهي وڃوتي جو تضاد بيان ڪيل آهي. هنن ڪهاڻين جو اسلوب ساڳيو ئي طنز آميز مزاح سان پريل ٿئي ٿو ۽ نتيجي طور زندگيءَ جي انتهائي ڪڙين حقيقتن جو عڪس به فقط هلڪي ڦلڪي ۽ ملائم اظهار ۾ ملي ٿو. تنهن هوندي به اسين انهن ڪهاڻين کي ڪامياب چوڻ ڪانسواءِ رهي نه سگهنداسون چو ته هڪ ذهين پڙهندڙ ڪهاڻيءَ ۾ سمايل مرڪزي خيال کان نه رڳو اثر وٺي ٿو بلڪ مٿس معنيٰ جا نوان ورق به کلن ٿا!

’اڻ ٿانيڪو من‘ ۾ پونءِ ٽري ۾ قاتل ڇوڪري، ٻنهي ڪهاڻين جي بنيادي ڪيفيت پڻ نفسياتي آهي. هنن ڪهاڻين کي شعوري يا احساساتي رو ۾ لکڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي جنهن کي انگريزيءَ ۾ Stream of Conciousness چئبو آهي. جيتوڻيڪ انگريزي ۾ هيءَ ٽيڪنڪ بلڪل پراڻي ٿي چڪي آهي، مگر سنڌيءَ ۾ ان جا به تي تجربا مس ڪيا ويا آهن. اصل ۾ فڪشن جو هي انداز بنيادي طور رومانوي آهي هن معروف ٽيڪنڪ ۾ ليکڪ پاڻ ڪردار جي زباني جذبات جو اظهار ڪندو آهي. جنهن کي سنڌي گرامر ۾ واحد متڪلم جو صيغو چئبو آهي.

”اڻ ٿانيڪو من“ ۾ مصنف ڪردار جي عمل پويان جيڪي محرڪات آهن تن کي بي نقاب ڪرڻ ۾ ڪوشان نظر اچي ٿو هو اعمال کان اڳتي وڌي ذاتي ڪيفيت جو تجزيو ڪندو هلي ٿو. منهنجي خيال ۾ جيتوڻيڪ مصنف ’واقعي‘ ۽ ’مشاهدي‘ تي ٽيڪو ڏيڻ بدران ڪردار جي ذهن جون تصويرون چٽيون آهن، تنهن هوندي به شعوري رو وارين ڪهاڻين جو پورو روح ان ۾ اچي نه سگهيو آهي ڇو ته انهن جو بنياد خالص Idealism ۽ تصور Impression تي ٻڌل هوندو آهي. انهن ۾ زمان ۽ مڪان جو فرق مٽائي يڪتا احساس جاڳايو ويندو آهي. البت هن ڪهاڻي ۾ به جز کي ڪُل ۾ سمائڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي وئي آهي. ۽ ذاتي مثال مان اجتماعي عڪس ڏنو ويو آهي. بهرحال هن مختصر ڪهاڻيءَ ۾ مقصد جي خوبصورتيءَ کي سهڻي انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته هن ڪهاڻيءَ جي Idea جو ذريعو آخر ڪار ڪهڙو آهي؟ جيئن مون اڳيئي ٻڌايو آهي ته مصنف جي مطالعي پسند طبع پسند تجرباتي عمل ۾ تحليل ٿي فني صورت اختيار ڪري وئي آهي. ڪهاڻيڪار هڪ نوڇي جيڪا فطرت ۾ ساڳي عورت ئي آهي ان جي

نازڪ جذبات ۽ نفسيات جي عڪاسي ڪئي آهي. هن جي خود زباني يا مونولاگ ۾ ذهن هيٺان پرورش پائيندڙ جذبا خارجي زاوين يا معروضي حقيقتن جي آشڪاري بدران ڪردار جي مخفي الجهڻ ۽ نارسائين جو مظهر بنجي وڃن ٿا جوئي ڪهاڻيءَ ۾ رکيل اصل ٽارگيٽ بہ آهي.

ڪردار ان ڳالهہ جي ڇنڊڇاڻ ڪري ٿو تہ عورت جي اولين حيثيت مرد لاءِ فقط جنسي مال يا بستر جي زينت بنجڻ آهي، پوءِ چاهي هوءَ رنڊي بنجي بازار ۾ پنهنجي عصمت جو واپار ڪري يا تہ گهرو زندگي اختيار ڪري سڀ ڪجهہ حال تي ڇڏي ڏئي مطلب تہ عورت ڪي جنسي جذبات جي تسڪين لاءِ ڪابہ واهہ بچيل ناهي! گهٽ ۽ روڪ واري ماحول ڪي عورت جي واتان وائڪو ڪندي ڪهاڻيڪار سندس نفسياتي ڪيفيت جي تشريح لاءِ تمام معنيٰ خيز جملا ادا ڪندو هلي ٿو. مثلاً

١. مندر ۽ گرجائون هيڪلائي ۽ اداسي ڪي جنم ڏيندڙيون آهن.
٢. خوف ڪي جيستائين منهنجو خيال آهي تشدد ئي ختم ڪندو آهي.
٣. ...... پر وڏي ڇت کان نندي پٽ ڏانهن موٽڻ هڪ مسئلو نہ پر ٽريجڊي آهي.
٤. هوئن بہ ذهن هڪ اهڙي مشين آهي، جنهن جو بٽڻ اسان جي پهچ کان ٻاهر آهي. هلايو تہ هلي وڃان بيهاريون تہ بس- الاهجي ڪهڙي ڪيفيت ۾ شاهہ سائين اها سٽ خلقي
٥. چڪلا جيڪڏهن مون غلط لفظ ڪونہ ڪڍيو آهي تہ شهر اڏيندا آهن. سچ تہ رونق گناهہ جي ڏيءَ آهي.

ههڙين ڪهاڻين ۾ ڪردار جي عموميت بدران فرد جي انفراديت هوندي آهي پر ان هوندي بہ مصنف سوسائٽي کان رابطو ڪونہ ٽوڙيو آهي. مطلب تہ فنڪار جي بيانيہ ۾ هلڪي رومانيت سان گڏ زندگيءَ جي گهري حقيقت جو فلسفيانہ ادارڪ بہ موجود آهي. مصنف حوادث زندگيءَ ۾ لڙهي جذبائيت جو شڪار ڪونہ ٿيو آهي بلڪ هن پهلوءَ جي انوکائيءَ ڪي اجاگر ڪيو آهي.

'يونءِ ٽري ۾ قاتل ڇوڪري" هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي جيڪا پڙهندڙ ڪي لامحالہ انسانيت، امن پسندي ۽ حيات جي بقا تي سوچڻ تي آماده ڪري ٿي ان جو بنيادي ڪردار جنگجويانہ قوتن جي وحشيانا ماحول ۾ ڦاسي پوي

## ● هک دل - هک دیوار

# ذهن جي گهٽين مان ڳوليل، يادگيرين جا ڪُجهہ سِڪا
## (رفيق سومري جي شخصيت بابت تاثراتي خاڪو)

لڙڪن تي ڪنهن جو بہ اختيار نہ هوندو آهي.

ڪڏهن ڪنهن وڏي حادثي تي پٽ سُڪا پيا هوندا آهن تہ ڪنهن پل ڪنهن جي سارَ ۾ اوچتو ئي اوچتو بند ڀڄي پوندا آهن. جڏهن نديم جي اوچتي وڇوڙي جي خبر وڄَ جيان ڪڙڪي هئي تہ اکين- اُبَ تي آگم ضرور ڇانيا، پربُوند نہ برسي هئي. ڏک، اندر ۾ جڙ پند پهڻ تي ويو هو. اُن وقت مون کي زندگي فضول ۽ بي معنيٰ محسوس ٿي هئي. رفيق سومري سان ياڪر پائيندي، پند پهڻ ٿيل ڏک، ڇڻ پگهرجي پيو هو ۽ اسان انهيءَ معصوم ٻار وانگر رُنا هئاسين، جنهن کان سندس سُهڻو رانديڪو ڇڙپ ڏيئي کسيو ويو هُجي.

هونئن ٻار تہ سڀ پيارا هوندا آهن، پر ڪن جو سُڀاءُ ٻين کان منفرد هوندو آهي ۽ اُنهن ڏانهن هرڪوئي ڇڪجي ويندو آهي. هر جيوَ جي وجود جي ڇِڪَ پنهنجي هوندي آهي. ڪن سان ملندي، اندر ۾ اَڇاتي خوشي ٿيندي آهي، تہ ڪن سان ملڻ تي ئي دل راضي نہ هوندي آهي.

نديم ننڍپڻ کان ئي مُرڪندڙ، سُلڇڻو ۽ ٻانَ ڏانهن متوجہ ڪندڙ هو. نهايت فرمانبردار، فضيلت وارو. رفيق، پنهنجن ٻارن واسطي، ٽنڊڙي ڇانوَ جي ڳولا ۾ حياتيءَ جا پنجويهہ سال، تيز اُس ۾ جاڪوڙيندي گذاري ڇڏيا ۽ جڏهن ڇانوري ۾ ٽڪَ پيجندي، هُن کي اچان ٿورو وقت گذريو هو تہ مُرڪندڙ نديم هُن کان ائين کسجي ويو، جيئن راهہَ ويندي ڪو پرديسي مسافر لٽجي وڃي.

اوسيئڙو اِهو ئي هو تہ رفيق ٻاران، نديم جي شاديءَ جو ڪارڊ پهچندو ۽ اسان سڀ دوست، شاديءَ کان ٻہ ٽي ڏينهن اڳ حيدرآباد ۾ گڏ ٿينداسين ۽ نديم جي وليمي جون تياريون ڪنداسين. اِهو تصور ڪندي، نديم جي ٽيجهي تي خيرات جي ماني کائيندي، لڙڪَ ڇانورن ۾ ٿي ڪريا.

رفيق جو پنهنجي پُٽ سان، پيءُ کان وڌيڪ دوستيءَ جو رشتو هو. اهڙو

دوست، جيڪو ساڻس سدائين گڏ هوندو هو. هُن جي هوندي رفيق کي گهر جو ڪو فڪر يا اَلڪو نہ هو. جيڪڏهن واقعي ڪو مخلص دوست آهي، تہ دوست کان وڌيڪ ڪو رشتو ناهي. ماءُ، پيءُ، ڀاءُ، سوٽ، ماسات، اِهي رشتا اسان کي ورثي ۾ ملن ٿا، پر دوستن جي چونڊ اسان پاڻ ڪريون ٿا. (اِها ٻي ڳالهہ آهي تہ انهيءَ چونڊ ۾ اسان ڪڏهن ڪڏهن دوکو بہ کائي ويندا آهيون.) پيءُ يا ڀاءُ جيڪڏهن دوست ناهن تہ، ڪا ويجهڙائپ قائم نٿي ٿي سگهي. رفيق جي حياتيءَ ۾ رشتن ناتن جو تجربو، اسان سڀني دوستن کان وڌيڪ تلخ آهي. اِهو هن جي حياتيءَ جو ڏار تفصيلي داستان آهي، جنهن کي هُو وسارڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

رفيق سومري سان پرچاٽيءَ مهل پاڪَر پائيندي، اِئين ٿي محسوس ٿيو، ڄڻ هُو مون کان عُمر ۾ ويهہ سال وڏو ٿي ويو آهي. هُن جي اندر جون ڪَچيون ديوارون ڄڻ وسڪاري ۾ پورالبون ٿي ويون هجن. سندس لانجهي پاڪَر جو تصور ڪندي، مان هُن جو ڀهريون پاڪَر ياد ڪرڻ لڳس. تڏهن منهنجي عُمر اٺ نوَ سال مس هوندي جو رفيق، مون کان ناراض ٿيل پاڙيسري ڇوڪرن جي چوڻ تي، مون سان وڙهڻ آيو هو، پر منهنجي ورتاءَ سبب هُو پنهنجو تعارف ڪرائي، پاڪر پائي موٽي ويو هو ۽ پوءِ ڪڏهن ڪڏهن واٽ ويندي ملاقات ٿيندي هئي.

نديم جي دردناڪ وڇوڙي کان جلد ئي پوءِ، امڙ جي جُدائيءَ، رفيق لاءِ، ڏڍَ، آتتَ ۽ دعائن جا دروازا بنهہ بند ڪري ڇڏيا. اِنهيءَ صدمي بہ هُن جي وجود کي ڏوڏي ڇڏيو. ائين، جئين زلزلي ڪانپوءِ اتفاقي طور بچي ويلَ ڪا عمارت.

رفيق جو والد، چاچو عبدالحق، هاءِ اسڪول سکر ۾ اُستاد هو ۽ ڦوهہ جوانيءَ ۾ انتقال ڪري ويو. رفيق جي جوان والده، ٻي شادي ڪرڻ بدران، پنهنجي اولاد جي بهتر مستقبل خاطر، پنهنجن جذبن ۽ احساسن جي قرباني ڏني. پنهنجن ٻچن جي چهرن کان نااُميديءَ ۽ نراسائيءَ جي ريکائن کي پري رکڻ لاءِ هُن پنهنجن هٿن جي لڦن کي اعزاز سمجهي قبوليو. رفيق جي والده کي ڏسي محسوس ٿيندو هو تہ مائرون واقعي ڇريون هونديون آهن. اولاد لاءِ هُن جي محبت، ديوانگيءَ جي سرحد ٽپي وڃي ٿي.

مئٽرڪ ۾ پڙهڻ دوران، هڪ دفعي معصوم شاهہ لائبرريءَ ۾ مطالعو

ڪندي ڏٺم ته، سکر مان نڪرندڙ ماهوار رسالي ”جهانِ نو“ جي هڪ پرچي ۾ رفيق سومري جون ٻه ڪهاڻيون شايع ٿيون هيون، پر مون کي خبر نه هئي ته انهن ڪهاڻين جو ليکڪ، اهو ساڳيو ئي رفيق سومرو آهي، جيڪو ڪڏهن ڪڏهن مون سان ملندو آهي. ڪهاڻين جي مٿان لکيل هو: رفيق سومرو سکر“ مون لائبررين سائين غلام مرتضيٰ شاهه کان رفيق سومري بابت پُڇا ڪئي. سائينءَ ٻڌايو ته رفيق وقت بوقت لائبريءَ ۾ ايندو آهي ۽ هاڻ جڏهن به آيو ته هُن جو مون سان تعارف ڪرائيندو. جڏهن ڪهاڻيڪار رفيق سومرو مليو ته مان ڏاڍو خوش ٿيس ته هُو اهو ساڳيوئي رفيق سومرو هو، جنهن سان منهنجي اڳ ۾ ئي چاڻ سُڃاڻ هئي. جڏهن مون رفيق کي ٻڌايو ته مون کي به لکڻ پڙهڻ جو شوق آهي ته هُن جهانِ نَو ڏانهن مواد موڪلڻ جو چيو هو. ان ڪانپوءِ اڪثر اسان جون ادب بابت ڪچهريون ٿينديون هيون. تن ڏينهن ۾ هُو دت پارتي، ڪرشن چندر، امرجليل، سعادت حسن منٽو ۽ مئڪسم گورڪي جي لکڻين جو گهڻو مطالعو ڪندو هو ۽ ڪچهرين ۾ انهن جي لکڻين جا حوالا ڏيندو هو. مان به اُنهن ڏينهن ۾ امرجليل ۽ ڪرشن چندر کان ڪافي متاثر هوس ۽ انهن جي اثر هيٺ ڪهاڻيون به لکيون هيون. اسان پنهنجين ڪهاڻين ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪردار، واقعا، ماڳ مڪان پنهنجن اصل نالن سان ڏيندا هئاسين. هڪ ڀيري رفيق سومري سکر ۾ ٿيندڙ هڪ واقعو، پنهنجي ڪهاڻيءَ جو موضوع بڻايو ۽ ان جا ماڳ مڪان ۽ ڪردار به اصل لکيا. جڏهن واسطيدار ماڻهن کي خبر پئي ته اُهي همراهه، رفيق سان جهيڙو ڪرڻ آيا هئا. پوءِ اهو چئي جهيڙي کي ٽاريو ويو ته اها هڪ فرضي ڪهاڻي آهي. سنگت سکر جي دستوري گڏجاڻين ۾ رفيق جو تنقيدي شعور اسان سڀني همعصرن کان وڌيڪ پختو هوندو هو. رشيد ڀٽي، فتاح ملڪ، علي بخش ميمڻ ۽ ٻين سينيئر ساٿين جي موجودگيءَ ۾ هُو لکڻين بابت نهايت وزندار حوالن سان، اثرائتي راءِ جو اظهار ڪندو هو.

ننڍپڻ ۾ والد جي اوچتي وفات کانپوءِ، نائين درجي ۾ ئي رفيق جي شادي، سندس ماروٽ سان ڪرائي وئي ۽ ائين ننڍي وهيءَ ۾ ئي هُن تي وڏا بار پئجي ويا. هڪ ڏينهن اوچتو رفيق سومرو، پنهنجي قسمت آزمائڻ، ڪراچيءَ هليو ويو. ڪراچيءَ ۾ گورا قبرستان ڀرسان اسٽيل ڪوارٽرز ۾ رهندي، هُن حياتيءَ جا نوان تجربا حاصل ڪيا. ڪلاس سوسائٽيءَ جي فرق،

تمام گھٽي بلنديءَ ۽ تمام گھٽي پستيءَ وارن منظرن، هُن کي ڦيراٽيون ڏياري ڇڏيون. وڏي شهر جي نفسا نفسي ۽ وٺ پڪڙ واري ماحول ۾ خلوص، دوستي، محبت ۽ ان جهڙا ٻيا احساس هن کي ڪٿي ڪٿي محسوس ٿيا. ناسازگار حالتن جي باوجود، هُن جيئڻ لاءِ جاکوڙيو. مايوسيءَ وارين حالتن ۾ سنڌي ادبي سنگت جون گڏجاڻيون، مختلف ادارن جون لائبريريون هن لاءِ پناهه گاهه بڻبيون هيون. دونهاتيل شهر ۾ روٽي حاصل ڪرڻ لاءِ، هُن پنهنجي روح جي تازگي متاثر ٿيڻ نه ڏني. روزگار جي ڪري هن ڪراچيءَ کي قبوليو هو، نه ته هُن کي ان شهر سان ايتري دلچسپي ڪانه هئي. هُو اُن واقعڪار کي اڃان ياد ڪندو آهي، جنهن ڪرفيوءَ جي وقفي ختم ٿيڻ مهل، هُن کي ڪجهه ڪلاڪ پنهنجي فليٽ ۾ ترسائڻ کان لنوايو هو. تمام گھٽين ڏکين حالتن ۾ به رفيق، پنهنجي خودداريءَ کي مجروح ٿيڻ نه ڏنو. هڪ دفعي هڪ ڄاڻ سڃاڻ واري همراهه جي ڪار مان، هُو وچ رستي تي ان ڪري لهي آيو هو، جو هُن ڪيس دروازي بند ڪرڻ مهل چيو هو ته: ”دروازو ٿورو آهستي بند ڪندا ڪريو.“

سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ جي گڏجاڻين ذريعي رفيق سومري جي، انور پيرزادي، تاج بلوچ، ممتاز مهر، ماٺڪ، ڪيهر شوڪت ۽ ٻين ليکڪ ساٿين سان ويجهڙائپ رهي. هُو ماٺڪ جي منفرد ۽ خاموش شخصيت جو اڪثر ذڪر ڪندو رهندو آهي. ان دور ۾ رفيق جون ڪهاڻيون سهڻي، سوجهرو برسات ۽ ٻين ناليوارن رسالن ۽ پبليڪيشنس ۾ لڳاتار شايع ٿينديون رهيون. هن جي ڪهاڻين جا ڪردار ۽ موضوع پنهنجي آسپاس جي ماحول مان ئي ورتل آهن. سادي ٻولي ۽ طنزيه جملا، هُن جي ڪهاڻين جي خاص خوبي آهي. هن پنهنجن ڪيترين ئي ڪهاڻين ۾ ذاتي زندگيءَ جي تلخ تجربن ۽ واقعن کي پڻ نهايت فنڪارانه انداز ۾ بيان ڪيو آهي. هن جي ڪهاڻين جو مجموعو ”انسان جي ڳولا“ مهراڻ پبليڪيشن پاران، غلام رسول ميمڻ شايع ڪرايو هو. ان وقت اڪثر پڙهندڙ، پبلشر غلام رسول ميمڻ کي ئي ناميارو ليکڪ رسول ميمڻ سمجهندا هئا، جڏهن ته اِهي ٻئي ڌار ڌار وجود آهن. رفيق سومري هڪ ناميارو ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ ادبي حلقن ۾ پاڻ مڃرايو. جيتوڻيڪ وچ وارن اٺن ڏهن سالن ۾، هن جون لکڻيون رسالن مان غائب رهيون، پر هن جو ادبي دنيا سان اڻسڌيءَ طرح تعلق قائم رهندو آيو ۽ هُن

پنهنجي اندر جي ڪهاڻيڪار کي زندهه رکيو ۽ پنهنجي ذات ۾ ڏانوَ واري چٽنگ کي اُجهامڻ نه ڏنو.

رفيق سومري، ڏکين ڪان ڏکين حالتن ۾ به پنهنجن مسئلن جو ڪڏهن نماءُ نه ڪيو، پر نهايت خاموشيءَ سان وڏيڪ محنت ذريعي، اُنهن مان پار پوڻ جي ڪوشش ڪئي. امريڪن سينٽر مان حاصل ڪيل انگريزي ٻوليءَ جي سرٽيفڪيٽ ۽ ايم- اي جي ڊگريءَ ذريعي، هُن کي سينٽ پيٽرڪ هاءِ اسڪول ۾ ماستري ملي وئي. ماستري، ٽيوشن ۽ هڪ رسالي ۾ پارٽ ٽائيم جاب، گهريلو مسئلن کي مُنهن ڏيڻ لاءِ مختلف هنڌن تي ڪم ڪرڻ سان گڏ، مقابلي جي امتحان لاءِ هن کي ڏاڍ محنت ۽ تياري ڪرڻي ٿي پئي. سندس انهيءَ ڪوشش جو نتيجو اِهو نڪتو جو هڪ ڏينهن ساڳئي سينٽ پيٽرڪ هاءِ اسڪول جو پرنسپالُ، رفيق سومري جي آفيس ۾، پنهنجي انڪم ٽيڪس جي سلسلي ۾ ڪيس گذارش ڪري رهيو هو.

انڪم ٽيڪس آفيسر ٿيڻ کان اڳ، رفيق ڪراچيءَ کان ١٩٧٨ع ڌاري سکر آيو هو ۽ هتي هُن ماستري ڪرڻ سان گڏ، مقابلي جي امتحان جون تياريون شروع ڪري ڏنيون. تن ڏينهن ۾ سنڌي ادبي سنگت جون گڏجاڻيون سائين رشيد ڀٽيءَ جي اوطاق تي ٿينديون هيون. گڏجاڻيون ته هر هفتي سلسليوار ٿينديون هيون پر ١٩٧٠ع کان سنگت جو وهنوار، عهديدارن ڪانسواءِ پئي هليو ۽ مختلف دوست گڏجاڻيءَ جون ڪارروايون پيا هلائيندا هئا. اسان شاخ جي چوندن لاءِ سائين رشيد ڀٽيءَ کي گذارش ڪئي ته جيئن ترتيب سان سنگت جي ڪاروبار کي هلائجي. اسان جي هڪ دوست، پرپٺ سائين رشيد ڀٽيءَ جي ذهن ۾ غلط فهميون پيدا ڪيون، ته فلاڻا فلاڻا اوهان جي خلاف ڳالهائن ٿا ۽ چون ٿا ته سنگت تان اوهان جي هڪ هٽي ٽوڙينداسين ۽ انهيءَ سلسلي ۾ رفيق سومري کي ڪراچيءَ جي دوستن خاص طور تي تيار ڪري موڪليو آهي. سنگت مرڪز خلاف به ان وقت مختلف هنڌن تي چُرپُر هلي پئي، سو انهيءَ غلط فهميءَ، دوستن جي منافقيءَ ۽ هڪٻئي تي شڪ جو نتيجو اِهو نڪتو جو چوندن ڪانپوءِ اختلاف ٿيا ۽ سنگت سکر ٻن حصن ۾ ورهائجي وئي. اِها صورتحال ڪجهه عرصو رهي. جنهن بعد وچان ٿي ٿِيان، سياسي ڌر جا ماڻهو سنگت جو ڪاروبار هلائيندا رهيا.

رفيق سومرو، سٺي ليکڪ هئڻ سان گڏ، نهايت بُردبار، سياڻو انسان ۽ مخلص دوست آهي. دوستن لاءِ هُن دل جو دروازو سدائين کُليل رکيو آهي. زندگيءَ جون ڏکيون گهڙيون نهايت صبر، همت ۽ حوصلي سان گذاريون آهن. هِن دردمند انسان جا درد، موجوده حالتن ۾ اجان به وڌي ويا آهن، تڏهن به هُن مايوسي ۽ نااميديءَ کي ويجهو اچڻ نه ڏنو آهي ۽ قدرت جي فيصلي کي قبول ڪندي صبر ۾ پناهه ورتي آهي. مون کي خوشي ۽ فخر آهي ته رفيق سومري جهڙو نيڪدل انسان منهنجو دوست آهي. مون کي ياد ناهي ته هُن ڪنهن به طرح ڪڏهن منهنجي دل رنجائي هجي يا ذهني طور تي مون کي ڪا تڪليف پهچائي هجي. جڏهن ته بظاهر نهايت ويجها نظر ايندڙ دوست، حياتيءَ جي مختلف مرحلن ۾ اهڙي روپ ۾ اُڀري سامهون اچن ٿا جو اکين کي اعتبار ۽ دل کي يقين ئي نه ايندو آهي ته هي ماڻهو ائين به ٿي سگهن ٿا. اهڙين حالتن ۾ وقت جي ضايع ٿيڻ جو افسوس ٿيندو آهي، جيڪو انهن ماڻهن سان دوستيءَ جي نالي ۾ گذاريو آهي. رفيق سومري جي هيل تائينءَ جي سموري حياتي منهنجي سامهون کليل ڪتاب وانگر آهي. هن جي زندگي، اهڙن مايوس دوستن لاءِ روشني آهي، جيڪي ناسازگار سماجي ۽ مالي حالتن کي پنهنجي ناڪاميءَ جو سبب سمجهندا آهن. منهنجي خواهش آهي ته جئين آندري مورس (Andre Mourois) بالزاڪ ۽ وڪٽر هيوگو جون سوانح عمريون لکيون آهن، تيئن مان به رفيق سومري جي جيون ڪهاڻي لکان.

١٠ آگسٽ ١٩٩٤ع

ادل سومرو
واري تڙ، سکر

# ليکڪ سدائين بيچين رهندو آهي

سڀ کان پهرين مان پنهنجي شخصي زندگيءَ جي باري ۾ به لفظ لکندس ته جيئن پڙهندڙن کي ڪهاڻيڪار جي زندگيءَ جو احوال معلوم ٿئي ۽ اهو رڪارڊ تي رهي، ۽ ڪيس ڪهاڻين جي پس منظر کان به ڪجهه واقفيت ٿئي.

مون پنهنجي شخصي زندگيءَ بابت پنهنجي هڪ مضمون ”مان ڇو ٿو لکان“ ۾ ٿورڙن لفظن ۾ گهڻو ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو آهي. اهو منهنجو پهريون مضمون هو ۽ منهنجي پهرئين ڪهاڻين جي مجموعي، انسان جي ڳولا ۾ ڇپيو هو. اُن ۾ ننڍپڻ کان وٺي نوجوانيءَ تائين جي حالتن ۽ لکڻ بابت به ٻڌايو اٿم- ۽ منهنجي ننڍپڻ ۽ جوانيءَ جي جهلڪ، منهنجي هر هڪ ڪهاڻيءَ ۾ به اوهان کي ملندي.

آئون سکر ۾، ١٩٥٦ع ۾. ٻراج روڊ جي هڪ سنهڙي گهٽيءَ ۾ ننهيل گهر ۾ جنم ورتو. مان اڃا اڍائي سالن جو هوس، جو بابا گذاري ويو. منهنجي پياري دوست ادل سومري جي وري امڙ سندس ننڍپڻ ۾ ئي گذاري وئي. منهنجو ننڍپڻ ڏکن جي نذر ٿي ويو ۽ سخت وحشتناڪ ۽ درد ڀرين حالتن هيٺ گذريو. هر طرف کان ڌڪار، نفرت ۽ ملامت ملي، ته ڪنهن هڪ ڪنڊ کان رحم ڀريا هٿ به وڌيل نظر آيا، جن جيئڻ لاءِ اتساهه ڏنو. جيجل امڙ، مون کي پيءُ وانگر پاليو. اسڪول ۾ شايد هڪ مامو ويهاري آيو هو، جنهن ڪري اڄ لکي پڙهي ۽ دل جا سُور ٻين سان ونڊي سگهڻ جي لائق ٿيو آهيان. اسڪول پڙهڻ دوران ئي شادي ٿي وئي- ۽ مون لاءِ مسئلا وڌي ويا. پر مان پنهنجي مثبت سوچ، حوصلي ۽ همت سان، سيني مسئلن ۽ مامرن کي حل به ڪندو رهيس ۽ حالتن سان وڙهندو به رهيس. هونئن ته مان پڙهڻ ۾ ٺيڪ ٺاڪ هئس، پر صحيح معنيٰ ۾ مون کي علم سان شوق ١٩٧٢ع ۾ جاڳيو، جڏهن فرسٽ ايئر ۾ پڙهندو هوس. پنهنجي ماضيءَ کي نظر ۾ رکندي، ٻارن جي آئيندي جو اونو هر وقت لڳل رهندو هو. تنهنڪري مان، انٽر پاس ڪري ڪراچيءَ هليو ويس. تعليم به جاري رکيم ۽ مختلف هنڌن تي نوڪري به ڪندو رهيس. مون ١٩٧٥ع ۾ بي اي جو امتحان سکر مان پاس ڪيو. ايم اي (اڪنامڪس) ١٩٧٧ع ۾ ۽ ايم اي انگريزي ادب ۾

١٩٧٩ع ۾ سکر مان ڪيم. تنهن کان پوءِ نوڪريءَ لاءِ انٽرويوز جو سلسلو شروع ٿي ويو، پر مون گهٽا انٽرويو ڪونہ ڏنا. شايد چار پنج پيرا انٽرويو ڏنم، جن ۾ ليڪچرر شپ، پي سي ايس ۽ سي ايس ايس جا انٽرويو بہ شامل آهن. آگسٽ ١٩٨١ع ۾ پي سي ايس جو امتحان ڏنم ۽ ساڳئي سال جي آڪٽوبر ۾ سي ايس ايس جي امتحان ۾ ويٺس. ۽ ٻئي ڪواليفاءِ ڪيم. سي ايس ايس جي ٽيسٽن دوران ئي ليڪچرر شپ لاءِ انٽرويو ڪال ملي. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن حيدرآباد ۾ انٽرويو ٿيو، ۽ انگريزيءَ ۾ ليڪچرار شپ لاءِ منتخب ٿي ويس. پر جيئن تہ مون ساڳئي وقت سي ايس ايس بہ ڪئي هئي ۽ انڪم ٽيڪس گروپ مليو هو، تنهن ڪري مون انڪم ٽيڪس آفيسر طور ملازمت جوائن ڪئي. ملازمت دوران ايل ايل بي جو امتحان ١٩٩٢ع ۾ پاس ڪيم. پر مون کي اڄ شدت سان احساس ٿي رهيو آهي تہ منهنجي هڪ ليکڪ جي حيثيت ۾ اصل فيلڊ استادي پيشو هو ۽ اتي مان ذهني طرح هتان کان وڌيڪ خوش ۽ مطمئن رهي ٿي سگهيس.

ان کان سواءِ شخصي زندگيءَ جو هڪ ٻيو رخ، گهريلو زندگي بہ آهي. مون ڏاڍي مطمئن گهريلو زندگي گذاري آهي. سماجي ۽ ثقافتي رڪاوٽون، سختيون ۽ آزمائشون پنهنجيءَ جاءِ تي برابر رهيون آهن. مون کي چار ٻار ٿيا، ٻہ پٽ ۽ ٻہ ڌيئر، پر ١٩٩٤ع جي سال مون کان منهنجو نوجوان پيارو پٽ ۽ دوست نديم ڪسي ورتو. ان واقعي سان منهنجي شخصي زندگيءَ ۾ هڪ وڏو خال پيدا ٿي پيو آهي. اڄون هاڻ اڌ رفيق رهيو آهيان، جنهن کي رڳو آئون محسوس ڪري سگهان ٿو. ٻڌائڻ ۽ لکڻ لاءِ ڪيئي جنم گهرجن. ان واقعي متعلق منهنجي مٺڙي دوست طارق عالم بہ هڪ درد ڀريو ڪالم لکيو آهي، جيڪو سيني پڙهيو هوندو. باقي زندگي، شخصيءَ کان وڌيڪ اجتماعي زندگي سمجهي گذارڻي پوندي. هاڻ مون کي ٻين لاءِ جيئڻو آهي. مون زندگيءَ کي تمام ويجهڙائيءَ کان ۽ هر روپ ۾ ڏٺو آهي. منهنجي جهول، سندس هر قسم جي نذرانن سان ڀريل آهي. گل بہ، ڪيڪٽس جا چُڀيندڙ سنها سنها ڪنڊا بہ.

۽ ليکڪ جي بيچينيءَ تہ اڃا تائين دم ناهي ڏنو.

منهنجي ڪهاڻين جي پهرين ڪتاب ”انسان جي ڳولا“ ۾ گهٽيون اهڙيون ڪهاڻيون آهن، جيڪي مون ٧٤-١٩٧٢ع ۾ لکيون، جن مان پندرهن کن

ڪهاڻيون تہ مجموعي ۾ شامل ئي نہ ڪيم. باقي ڪهاڻيون ١٩٧٥ع، ١٩٧٦ع ۽ ١٩٧٧ع ۾ لکيون ويون. ان حساب سان مون سال ٧٤-١٩٧٢ع ۾ تمام گهٽيون ڪهاڻيون لکيون، جيتوڻيڪ اهو منهنجي لکڻ جو ابتدائي دور هو. پر ان وقت لکڻ لاءِ جوش بہ موجود هو، تہ وقت بہ هو. اجا صحيح معنيٰ ۾ نوڪرين ۾ ڪونہ ڦاٿو هوس، پارَ بہ هڪ هئو، پيا مسئلا بہ گهٽ هئا. تنهنڪري وقت ۽ واند ڪائي بہ هئي ۽ زبردست جوش ۽ ولولو بہ موجود هو. بس رڳو لکڻ ۽ پڙهڻ جو جنون هو ۽ انهن سالن ۾ سنڌي رسالا بہ خام هئا ۽ خوب عروج تي هئا. اُن ڪري ڇپيس بہ تمام گهڻو. مٿي ذڪر ڪيل پوين سالن ۾ سراسري طور تي آئون سال ۾ ٻہ يا ٽي ڪهاڻيون ئي لکي سگهيو آهيان ۽ اهائي منهنجي رفتار آهي.

ڪهاڻين جي ڪتاب ”انسان جي ڳولا“ ڇپجڻ کان پوءِ بہ مان لکندو رهيو آهيان، پر سال ۾ وڏ ۾ وڏ ٻہ يا ٽي ڪهاڻيون. انهن مان ڪجهہ نالا موت جو رنگ، هڪ دل- هڪ ديوار، ماڻهو، اٽڪانيڪو من، جسٽيفڪيشن، درد جي دنيا ۽ ويا نہ موٽيا وغيره آهن.

جيئن تہ سنڌي اديب، فل ٽائيم اديب ناهن ۽ سندن گذارو نوڪريءَ تي آهي، تنهنڪري پڙهڻ لاءِ تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ وقت ڪڍي وٺن ٿا، البت پلاننگ سان ۽ مستقل مزاجيءَ سان لکي ڪونہ ٿا سگهن. هونئن بہ شعر جي ڀيٽ ۾ ڪهاڻي لکڻ لاءِ ڪافي وقت کپي. باقي جيڪا هڪ اڌ ڪهاڻي لکجي وڃي ٿي، تہ اها اندر جي آنڌ مانڌ، پنهنجو پاڻ پڇري پنن تي پيٽجي وڃي ٿي. اها سنڌي اديب جي مجبوري آهي. اهوئي سبب آهي تہ ڪهاڻيون تہ اڄڪلهہ ڪافي پيون پڙهڻ لاءِ ملن، پر نئين ٽهيءَ جي سٺن ڪهاڻيڪارن جا نالا، ڪهاڻين جي تعداد جي حساب سان تمام گهٽ آهن. حالانڪ نئين ٽهيءَ جي نوجوان ڪهاڻيڪارن پاڻ خوب ملهايو آهي ۽ ڪافي حد تائين پراڻن ۽ برک ڪهاڻيڪارن جو خال ڀرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪي هينئر يا تہ صفا ڪونہ ٿا لکن يا اليڪٽرانڪ ميڊيا ڪين اٽريڪٽ ڪري پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو آهي.

ٻي ڳالهہ تہ اسان واري نوڪريءَ ۾ ٻين نوڪرين جي ڀيٽ ۾ ڪافي ڪم آفيسر کي پاڻ پنهنجي سر ڪرڻو پوي ٿو، تنهنڪري منهنجون ڪيتريون ئي ڪهاڻيون اڌوريون بريف ڪيس ۾ بند پيون آهن. پر پوءِ بہ ائين ڇٽي

نٿو سگهجي تہ ليکڪ جي اندر جي بيچيني ختم ٿي وئي آهي، اُها تہ شاهہ لطيف جي هيٺئين بيت وانگر پاڻ وڌي وئي آهي.

آتڻ چونم ڪَتِ، تاڻيان تند نہ نڪري،
پاڻ روئي رَتَ، چرخو مون چڪ ڪِئو!

۽ ان جو ثبوت تازي لکيل ڪهاڻي ”پونءِ تري ۾ قاتل پوري چوڪري“ آهي. انشاءَ الله ايندڙ وقت ۾، پڙهندڙن کي منهنجيون ڪوڙ ساريون نيون ڪهاڻيون پڙهڻ لاءِ ملنديون. باقي سيئي ڪهاڻيون معياري يا شاهڪار هجن، اهو ڏاڍو ڏکيو مسئلو آهي ۽ ان جو فيصلو وقت ڪندو آهي يا پڙهندڙ.

۸۰ - ۱۹۷۹ع کان پوءِ مون لکڻ ۾ وقفو انهيءَ ڪري ڏنو، جو تہ جليل جو اثر مون تي تمام گهرو هو. ائين سيني ليکڪن سان ٿيندو آهي. هيمنگوي جي پهرئين ڪتاب "In our time" ۾ شامل سندس سموريون ڪهاڻيون ۽ هڪ اوائلي ناول "Torrents of spring"، هوبهو هڪ مهم جو ۽ شڪار بابت ڪهاڻيون لکندڙ ليکڪ Sherwood Anderson، جي انداز ۾ لکيل هيون، ۽ سندس ڪهاڻيون/ ناول کان متاثر ٿي لکيون ويون هيون (ڏسو ڪتاب "Torrents of spring" جو مهاڳ صفحو 10-11) تنهن هوندي بہ هيمنگوي انهن ڪهاڻين کي رد نہ ڪيو ۽ اجا تائين اُهي سندس اوائلي ادبي سرمايي طور وري وري ڇاپيون وڃن ٿيون ۽ هيمنگوي نوبل پرائيز ملڻ ۽ "A farewell to Arms", "For whome the bell tolls" ۽ "The old man and the sea" جهڙن عظيم ناولن ۽ "The killers" ۽ "Snows of kilmenjaro" جهڙين شاهڪار ڪهاڻين لکڻ جي باوجود انهن کي رد نہ ڪيو. تهڙيءَ ريت مان بہ پنهنجي اوائلي دور وارين ڪهاڻين کي، جيڪي گهڻو تڻو ۱۹۷۲ع کان ۱۹۷٦ع تائين لکيون ويون آهن، اجا بہ پنهنجي ابتدائي ڪوشش سمجهان ٿو. ها، البت ڏهہ پندرهن ڪهاڻيون اهڙيون هيون، جيڪي مختلف رسالن ۾ ڇپيون ضرور، پر انهن کي ڪڏهن بہ مجموعي ۾ شامل ڪرڻ لاءِ حامي نہ ڀريم، ڇو تہ منهنجي خيال ۾ اُهي ايتريون معياري نہ هيون.

ٻي ڳالهہ، جنهن جليل جي اثر کي منهنجين ڪهاڻين ۾ وڌيڪ نمايان ڪيو، سا هئي گهڻو تڻو انهن ئي ليکڪن کي پڙهڻ، جن امر جليل تي اثر ڇڏيو هو، جهڙوڪ هيمنگوي، وليم ساريان، البرٽو موروويا، ارسڪن

ڪالڊويل، ڪرشن چندر وغيره. توهان ڪي وليم سارييان جي ناول ”هيومن ڪاميڊي ۾ جليل وارو چرپٽ بہ ملندو، تہ ڏاند جو ڪردار بہ. مٿين ليکڪن کي پڙهڻ سان اهو اثر اچا وڌيڪ گهرو ٿيو، پوءِ ذهن کي خالي ڪرڻ لاءِ ڪجهہ ڏينهن لاءِ ضروري وقفو ڪرڻو پيو.

مون اندر جي اڌمن کي سڀ کان پهرين ڪهاڻيءَ جو روپ ڏنو، ساڳيءَ ريت شاعري بہ ڪيم. پر مون ڏٺو تہ پنهنجي پياري دوست ادل سومري جي پيٽ ۾ مون کان سٺا شعر نہ پئي جُڙيا ۽ هُن، باوجود ڪيترين ئي ڪهاڻين لکڻ ۽ ڇپجڻ جي شاعري سَٽي تي ڪئي. ان جا گهڻائي سبب ٿي سگهن ٿا.

سڀ کان پهرين ڳالهہ تہ اسان جو ڪلچر ڳوٺاڻو آهي ۽ اهو فطرت جي وڌيڪ ويجهو آهي. اسان جي نج ٻولي بہ اوهان کي ٿرن برن ۽ ٻهراڙين ۾ ملندي. مان چايس ۽ نپنيس شهرن ۾، ٻولي بہ شهرن واري پڙهم ۽ درسي ڪتابن واري سنڌي پڙهيم. ڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ جو ننڍڙي وهيءَ ۾ اڀياس ٿي ڪونہ سگهيو، ڇو جو جڏهن لکڻ شروع ڪيم، تہ اچا مئترڪ مس پاس ڪئي هئم، مشاهدو ۽ تجربو بہ محدود هو. تنهنڪري شاعريءَ واري فيلڊ ڇڏي، ڪهاڻيءَ ۾ هٿ وڌم ۽ ڳڏوڳڏ سنڌي ۽ اردوءَ ۾ موجود ڪافي ڪهاڻين جا ڪتاب بہ پڙهي ورتم. اهڙيءَ طرح ڪهاڻي لکڻ مون لاءِ شاعريءَ جي ڀيٽ ۾ تمام سولي ٿي پئي. ٻي خاص ڳالهہ، جيڪا مون محسوس ڪئي آهي، سا اها آهي تہ شاعريءَ ۾ خيال جي اڏام ۽ ٻوليءَ تي عبور هئڻ گهرجي، جڏهن تہ ڪهاڻيءَ لاءِ مڪمل منصوبي بنديءَ جي ضرورت هوندي آهي، جنهن لاءِ ڪافي وقت ڪڍڻ ضروري آهي.

مون شعوري طور ڪهاڻيءَ جو انتخاب ان ڪري بہ ڪيو، جو شاعري پڌڻ جي شيءِ آهي ۽ ڪهاڻيءَ کي پڙهندڙ گهٽا آهن. تنهنڪري مون ڪهاڻيءَ ۾ پنهنجي بهتر ۽ سڌي سنئين ڪميونيڪيشن سمجهي، جيتوڻيڪ شاعريءَ جو پنهنجو هڪ اعليٰ مقام آهي ۽ جيسين تائين انسان ذات ۾ ذرڙو بہ احساس موجود هوندو، شاعري زنده رهندي.

هر تخليق پاڻ سان پنهنجو فارم (گهاڙيٽو) بہ کنيو ايندي آهي، ۽ انهيءَ ۾ ئي سندس بهترين اظهار جو راز سمايل هوندو آهي. حقيقت ۾ ليکڪ پنهنجي اوسي پاسي ۽ اڄ جي اليڪٽرانڪ ميڊيا واري انقلاب جي دور ۾ جيڪي ڪجهہ ٿيندي ڏسي ٿو، ان جو هو سڌو سنئون اثر وٺي ٿو ۽ ردعمل

طور فوري طور تي ڪجهه نه ڪجهه چوڻ چاهي ٿو. جيئن ته ڪهاڻيءَ لاءِ باقاعدي پلاننگ ڪپي، تنهنڪري ٿرت اظهار لاءِ مون ”هائڪو“ جو سهارو ورتو آهي. ہي ڳالهه ته موضوع به ڪجهه اهڙا سياسي ۽ ہي نوعيت جا ٿين ٿا. جنهن جو هوند ڪهاڻيءَ ۾ اهڙي سهٽي ۽ فناعتي نموني سان اظهار، اڻ ٿيٽي ڳالهه ٿيو پوي.

آئون اڪثر رات جو شاهه لطيف کي پڙهندو رهندو آهيان. شايد اهو لطيف سائينءَ جي لطف جو ڪرشمو ۽ ڪرم آهي، جو مون جهڙو شاعريءَ جي الف ب کان اڻ واقف شخص به، ٻه ٽي هائيڪا لکي ويٺو. جيتوڻيڪ ان ۾ منهنجي شعوري ڪوشش شامل ناهي. شاهه جي شعر وانگر ”ويهان ڪيئن ماٺ ڪري، ايڏو سور سهي“ جڏهن دنيا ۾ لڳ ڪاندارينديڙ واقعا پيش ايندا، ته دانهن ته اوس نڪرندي.

جيستائين ڪميونڪيشن جو سوال آهي، ته اها ته منهنجي ڪن همعصرن ليکڪن، جيڪي پرنٽ ميڊيا کان Switch over ڪري اليڪٽرانڪ ميڊيا ڏانهن ويا آهن، اُنهن جي بيشڪ پرپور ۽ تمام گهڻي آهي، ۽ مون کي ان جو احساس به آهي، پر افسوس هرگز نه. ڇو ته انهن منهنجي حصي جو به لکيو آهي ۽ اهو سندن اسان واري همعصر ٿيڻ تي وڏو احسان آهي. نورالهديٰ شاهه ڪهاڻيون، توڙي ٽي. وي ڊراما ۽ سيريل تمام سٺا لکيا آهن، عورت ليکڪن ۾ سندس درجو ”فرازان ساڳان“ جيڏو اُتانهون آهي. طويل ڊرامي ٽيلي ٿيٽر جو ڏانءُ ته اردو ليکڪن کي به ڪانئس سکڻ کپي. منهنجي خواهش آهي ته نور جهڙي ڏاهي ۽ سڄاڻ ليکڪا، سنڌي ناول کي مالا مال ڪري.

عبدالقادر جوڻيجي، سنڌي ۽ اردو ڊرامي کي هڪ نئون موڙ ڏنو آهي. شوڪت شوري پڻ بهترين ڊراما لکي سنڌي ثقافت کي پيش ڪيو آهي ۽ سماجي اوڻايون ماڻهن جي اڳيان هڪ ڪليل راز وانگر پيش ڪيون آهن. زيب سنڌيءَ پڻ سٺا ڊراما لکي پنهنجي لاءِ هڪ منفرد مقام ٺاهيو آهي. ڪيهر شوڪت پڻ سٺا ڊراما لکيا آهن. هن ڪهاڻيون به سٺيون ۽ منفرد لکيون آهن. جيتوڻيڪ سندس ڪهاڻين جو تعداد مون وانگر گهٽ آهي. پر ان سان ڪوبه فرق نه ٿو پوي. ٿورڙيون پر سُٺيون ڪهاڻيون، ان خال کي پورو ڪري ڇڏين ٿيون. جمال ابڙي ۽ آسا نند مامتوراڻي جو مثال اسان جي

سامهون آهي.

رزاق ڳهٽو لکيو آهي ۽ ڏرتيءَ جو قرض خوب چڪايو اٿائين، ۽ سئين ۽ من ۾ چپيندڙ ڪهاڻين سان سنڌي ادب ۾ واڌارو ڪيو اٿائين. هُن هڪ صديون پراڻي ۽ عام موضوع تي سگهاري انداز ۾ ڊرامو "جياپو" لکي، نه فقط سنڌي سماج جي ضمير کي ڍونڊاڙيو آهي، پر اسان جهڙن گهڻن غافل ليکڪن جون به اکيون کولي ڇڏيون آهن.

ان ڪان سواءِ، جيئن مٿي لکي چڪو آهيان، ته اسين فل ٽائيم اديب ناهيون ۽ جئين ته اسان واري ڪاتي ۾ آفيسر کي پاڻ ڏينهن رات ڪم ڪرڻو پوي ٿو. روز روز جون بدليون، ڪڏهن نواب شاهه، ڪڏهن ڪراچي يا حيدرآباد، ته ڪڏهن وري سکر. ايڏي هڻ هٽان ۽ مٿان وري گهرجون مصروفيتون، ٻارن جي تعليم جو اونو ۽ مطالعي لاءِ به ڪجهه وقت ڪيڻ. انهن سببن ڪري تي وي لاءِ ڪجهه لکي ڪونه سگهيس. ان سان ليکڪ جي حيثيت تي ڪو فرق ڪونه ٿو پوي. ان ڳالهه جو فيصلو وقت ۽ تاريخ ڪندا آهن، جڏهن اڳتي هلي غير جانبدارانه ادبي چنڊ ڇاڻ ٿيندي آهي.

ارڙهين صديءَ جي انگريزي ناول جو مثال اسان جي سامهون آهي. چارلس ڊڪنس جا ناول ۽ ڪهاڻيون، پنهنجي دور ۾ تمام گهڻا مقبول ٿيا. هن جي زندگي ڏکن سان ڀريل هئي ۽ هن ناولن ۾ هنياوَ جي ڀڙاس به خوب ڪڍي، ۽ انسان جي نفيس ۽ نازڪ جذبن جي خوب اپٽار ڪئي. ڇڻ ته هن ڪهاڻيءَ ۾ دل ۽ دل ۾ ڌڙڪن ۽ ڪردارن ۾ روح وجهي ڇڏيو. پر سندس همعصر ناول نگار وليم ميڪ پيس ٿئڪري مٿاهين (Elite) طبقي جي اخلاقي ڪمزورين تي خوب ذهانت ڀريي ۽ ٺٺدي انداز ۾ تنقيد ٿي ڪئي، جيئن سندس جڳ مشهور ناول "Vanity fair" مان ظاهر آهي. پر اڄ، نقاد ڊڪنس جي ناولن کي وڌاءُ (Caricature) جو نالو ڏين ٿا ۽ ٿئڪري کي تمام وڏو ۽ ذهين ناول نگار تسليم ڪن ٿا. ساڳيو مثال نسيم کرل جي ڪهاڻين جو به آهي، جيڪي وقت گذرڻ سان وڏيڪ مچتا ماٺي رهيون آهن.

ان ڳالهه جو پڻ اعتراف اٿم ته اڃا ٽائين ڀرپور ڪهاڻي نه لکي سگهيو آهيان. مرڻ گهڙيءَ ٽائين اها ڪوشش جاري رکندس ته هڪ اهڙي ڪهاڻي لکان، جنهن کي ٽالسٽاءُ جي "ٻه وال زمين" وانگر ياد ڪيو وڃي.

اها ڳالهه برابر آهي ته منهنجي همعصر ليکڪن/ ليکڪا اليڪٽرانڪ ميڊيا

تي پنهنجي جدا حيثيت مجرائي آهي. پر ساڳئي وقت اسان کي اوتريون شاهڪار ڪهاڻيون گهٽ مليون آهن، جنهن جي شڪايت اڪثر اخبارن ۾ پڙهجي پئي. لڪيل اڪرن کي هڪ وڏي ۽ دستاويزي حيثيت حاصل آهي. اهي صدين تائين سفر ڪندي ٿڪجن نه ٿا ۽ نه ئي وري ماڻهو ڪين وسارين ٿا. وقت سان گڏ رهندو انهن لاءِ تحقيق جا ڪروڙين در ۽ پڙڪيون کُليو پون.

هونئن ڪهاڻيءَ کي به ٽي وي ڊرامي جو ويس پهرائي سگهجي ٿو، جيڪو ٿيندو آيو آهي. جيئن زيب سنڌيءَ، نجم عباسيءَ جي ڪهاڻي ”چوڏو“ کي ڊراما ٽائيز ڪيو هو. بلڪ ڪهاڻين ۽ ناولن تي فلمون به ٺاهيون ويون آهن، جهڙوڪ: بدنام، ڊاڪٽر زواگو، وار اينڊ پيس، اينا ڪيرينا، فار هُوم دَ بيل ٽالس، وورنگ هائيٽس، اوليور ٽوئسٽ، مادام بواري، ڪيڙو عاشق ۽ شيڪسپيئر جا سيئي ڊراما وغيره.

ڪميونڪيشن هونئن ٽي ويءَ تان به بهتر ٿئي ٿي، پر ڏسندڙن جي ذهن تي رکو ايڪٽرن جو اثر پوي ٿو ۽ افسوس ته ڪڏهن ڪڏهن ليکڪ کان وڌيڪ اداڪارن کي وڏي اهميت مليو وڃي، جيڪو تازو ڊراما سيريل جي پڄاڻيءَ تي ٿيل شوز مان ظاهر آهي. بهرحال اليڪٽرانڪ ميڊيا تي ليکڪ جي وڏي سڃاڻ ۽ مشهوري ٿئي ٿي. پر مون کي جيڪا ڳالهه وڻي ٿي، سا آهي ڪهاڻيءَ جو ڏسندڙن تي سڌو سنئون اثر، جيڪو تمام گهڻو پوي ٿو ۽ ڏسندڙن تي اثر انداز ٿئي ٿو. بشرطيڪ پيشڪش چڱي هجي ۽ پروڊيوسر جي محنت به اُن ۾ شامل هجي، نه ته وڏن وڏن ليکڪن جي ڊرامن جو اهو حال ٿيو وڃي، جو سندن اڳين پوين ڊرامن جو تاثر به ختم ٿيو وڃي.

رفيق سومرو، حيدرآباد ١٩٩۴ع

# اڻ ٿانيڪو من (مونو لاگ)

ها سرتي! مون ٻي چيو تہ مان هڪ پرائيويٽ عورت آهيان، سچ پڇين تہ مون جهڙين عورتن لاءِ لفظ پرائيويٽ ڪجهہ مناسب ناهي، ڇاڪاڻ تہ پرائيويٽ سرشتي، اسان جي سڄي پرائيويسي تباہ ڪري ڇڏي آهي. اصل ۾ مان ڇائي ڇم ڪان نوچي ڪونہ آهيان ۽ نہ وري مان هن قصي کي افسانوي رنگ ڏيڻ ڪوشش ڪنديس. نہ ڪنهن مون کي پڇايو ۽ نہ وري ڪنهن زوري ڪئي، جيئن گهڻن قصن- ڪهاڻين ۾ ٿيندو آهي. جيڪڏهن تون مون کي لفظ رنڊيءَ سان سڏ ڪندينءَ، تہ مان بنهہ ڪونہ ڪاوڙبس. ڇا لاءِ تہ منهنجا ڪن ننڍي لاڪون انهيءَ لفظ تي هريل آهن ۽ جيڪڏهن تنهنجو لفظن تي گهڻو ويساهہ نہ هجي تہ، مان اهو چونديس تہ لفظ رنڊي منهنجي لاءِ بي معنا آهي. جيتوڻيڪ ان لفظ جي معنا ۽ مفهوم کي جيئري رکڻ لاءِ وڏيون وڏيون ديوارون ۽ بائونڊريون ڪڙيون ڪيون ويون آهن. ها ڀيڻ، اهو لفظ ان ڪري بہ بي معنا آهي، جو ننڍپڻ ۾ امڙ اهو لفظ نهايت شدمدَ ۽ سُر سان مون تي واپرائيندي هئي.

او ادي! او منهنجي(پوڙهي) هم عمر ساهيڙي! تون مون بابت سڀ ڪجهہ ٻڌڻ لاءِ آخر ايترو بي تاب ڇو آهين، ايڏي اڻ تڻ ڇو آهي تنهنجي اکين ۾. ڇا ڪان تنهنجي من ۾ ايتري هر ڪر ۽ اتاولائي لڪل آهي؟ منهنجي ساٿڻ، اي منهنجي حال ڀائڻ! تون ايڏو اداس ڇو رهندي آهين، ۽ اڪثر(نيٽ) سچ لڻي مهل اڇي ڇو حال ونڊيندي آهين! منهنجيون سموريون اداسيون ڪل ٿي مايوسيون، ميڙي چونڊي پاند ۾ پائي، موتي ويندي آهين. تون ايڏي اونهي ڇو آهين. ڪڏهن ڪجهہ ڪڇندينءَ بہ، ڪن نہ! ڪيستائين، آخر ڪيستائين هيڪلو پوڪيندي رهندينءَ؟ مان ڇاڻان ٿي، تون لڄندينءَ، پر ڪڇندينءَ ڪونہ. پر مان، مان توکي سڀ ڪجهہ ٻڌائينديس. ڪجهہ بہ نہ آليندس.

توکي لڳندو هوندو تہ هن ڪچي ۽ ننڍيءَ ڇت واري گهر ۾ منهنجو ساهہ ٻوساٽبو هوندو. نہ. ائين ناهي. ڪچي ۽ ننڍيءَ ڇت واري گهر ۾ رهندي، مونجهہ بنهہ ڪونہ ٿئي. هري جو وئي آهيان. توکي تہ خبر آهي، تہ مان ڇائي نپني ٿي ڪکاون پکن ۽ جهوپن ۾ آهيان. پر ها، جڏهن بہ وڏيءَ

چت واري ڪوٺيءَ يا پڪيءَ ماڙ تي وڃڻ ٿيندو آهي، تہ مٿي ڪي ڦيري ايندي آهي، دل تيز ڌڙڪندي آهي ۽ روح ڪچو ٿيندو محسوس ڪندي آهيان. سچ پچ تہ ان وقت سهاري جي ضرورت محسوس ڪندي آهيان. جيڪو مون ڪي ڪن پل جو ساٿي، ڏاکڻ چڙهڻ سٽ پيش ڪندو آهي ۽ ياڪر ۾ پيري وٺندو آهي.

اڳين پيري، ٺماڙ هوٽل تي رات ڪيڏي نہ ڏکي گذري هئي، جڏهن سئنيما مان نڪرندي ڌوم سان ٻاهر بيٺل هڪ رڪشا ۾ پاڻ کي اڇلايو هوم. فلم تي مان اڪيلي ويئي هئس ۽ فلم ڦٽڻ مهل، ڪن پل جو ساٿي مون سان گڏ هيو. ڪيڏي نہ بيحيائي هئي سندس اطمينان ۾، جڏهن هو بہ رڪشا ۾ مون سان گڏجي ويٺو هو. مون تڏهن بہ سوچيو هو، ۽ هاڻ بہ سوچيان ٿي، تہ آخر هوٽلن ۽ سئنيمائن ٻاهران ايترا رڪشا (ٽئڪسيون) ڇو ٿيون بيهن. سچ تہ رونق گناهہ جي ڏيءُ آهي. جائز يا نأجائز اهو فيصلو وقت تي ڇڏيل آهي - ۽ مندر ۽ گرجائون هيڪلائيءَ ۽ اداسيءَ کي جنم ڏينديون آهن. چڪلا- جيڪڏهن مون غلط لفظ ڪونہ ڪڍيو آهي تہ- شهر اڏيندا آهن. جپان جو ئي مثال وٺجي. ناگاساڪي ۽ هيروشيما. ٻين مهاڀاري جنگ ۽ نئين سر اڏاوت. تڏهن ئي نہ سماج سڌارڪ تنظيمون هن وقت تائين سمجهي ڪونہ سگهيون آهن، تہ آخر وئشالا شهرن جي وچ ۾ ڪيئن اڏجي ويندا آهن.

سچ، مون ڳالهہ پئي ڪئي هڪ اوکيءَ رات جي، جيڪا بلند عمارت تي گذري. اوکي ان ڪري نٿي چوان، تہ هن ڪن پل جي ساٿيءَ خوب جهنجهوڙيو. مهٽيو، چٽيو، چميو ۽ رانيوٽيو هو. هن جي ان عمل تہ چڻ منهنجي بيجان نروس سسٽم کي بحال ڪيو هو. (خوف ڪي، جيستاين منهنجو خيال آهي، تشدد ئي ختم ڪندو آهي، جيڪو ڪارڻ بڻبو آهي پاڻ تي اعتماد بحال ڪرڻ جو)

ها، تہ حقيقت ۾ ننڍي چت ڪان وڏيءَ چت جي ڪوٺيءَ ڏانهن وڃڻ، منهنجي لاءِ هڪ مسئلو آهي، جيئن تون سوچي رهي آهين. پر وڏيءَ چت ڪان ننڍيءَ چت ڏانهن موٽڻ، هڪ مسئلو نہ، پر ترنجڊي آهي، پيڙا آهي، ڇو تہ سوچن ۽ سپنن جو سنسار، ننڍيءَ چت ۽ پستيءَ سان ڳانڍاپيل آهي. هونئن بہ ذهن هڪ اهڙي مشين آهي، جنهن جو بٽڻ اسان جي پهچ ڪان پري آهي. هلايو تان هلي پوان- بيهاريو تان بس- الائي ڪهڙي ڪيفيت ۾ شاه سائينءَ

هيءَ سٽ خلقي. اصل ۾ سوچ جي ٽائيپ رائيٽر جي فل اسٽاپ واري اسٽروڪ تي، آڱر ڪڏهن به نه ڦٻندي آهي. سدائين ترڪيو وڃي، ڪاما، سيمي ڪولن، ڪولن، پر فل اسٽاپ ڏانهن وڌندي ئي آڱر سلپ ٿيو وڃي. سچو قصور چيچ جو آهي، هونئن به آڱرين ۾ چيچ ڪي ڪهڙي اهميت آهي. فرض ڪريو، جيڪڏهن چيچ نه به هجي ها، ته ڪهڙو فرق پوي ها.

حقيقت ۾، توکي ٻڌائڻ پي چاهيم ته ان راهه تي مان ڪيئن هلي پيس، ۽ لڙهي ويس سوچن جي سيلاب ۾. پر توکي اهو ته ٻڌايم ئي ڪونه ته، مان ڪير آهيان، ڇا آهيان، ڇو هتي نه هجان ها، ته ڪٿي هجان ها. عمر ڇا آهي. بناوٽ ڪيئن آهي. تون چوندينءَ ته اهو سڀ ڪجهه ته مان اڳين سان ڏسي رهي آهيان. تنهنجي گفتگوءَ مان پروڙي ورتو اٿم. پر نه، ائين ڪونهي، اها تنهنجي سادگي آهي. انسان کي ڪنهن جي شڪل تي نه وڃڻ گهرجي. اهو سڀ ڪجهه پلاسٽر ٿيل- اندران ڪچي ڪلر ڪاڏل پٽ جيان آهي. انسان کي ٻئي جي اندر ۾ جهاتي پائڻ گهرجي. جيئن ٺيڪ هن وقت تون ڪري رهي آهين. پر بيهه! مون کي پڪ آهي، تون منهنجي اندر ۾ لهي رهي آهين. تنهنجين نظرن ڪان مون کي ڏچ ٿو ٿئي. مون کي ائين ڇو ڏسي رهي آهين! ترس! مان پاڻيهي، سڀ ڪجهه توکي ٻڌائي رهي آهيان.

تون نه مڙندينءَ! ها ته ٻڌ! بيشڪ منهنجو رنگ سانورو ۽ عمر ٻاويهه سال آهي. مهانڊا ايڏا سهڻا ڪينهن ۽ قد ڪجهه ڊگهو آهي. پر جسم ڪنهن فلمي ڊانسر جيان سڊول، ڪلها لسا ۽ پريل، اُرهه اڀريل، پيٽ ٿورڙو سيٽيل ۽ پولهه جي لوڏ نمايان ۽ دلفريب آهي- ۽ ان ڳالهه جي ڪيترن ئي هڪ رات جي مڙسن خوب ساراهه ڪئي آهي. ياد نٿي! ڪجهه ڏينهن جي ته ڳالهه آهي، ٻن يا ٽن هفتن جي. جڏهن پيراڊائيز اِن ۾، هڪ وڏيري جي پٽ سان رات ڪاٽي هئم. هن هڪ به ٻتي ڪونه وسائي هئي، ۽ شايد در به لاڪ ڪونه ڪيو هئائين. ڏاڍو اٻهرو ٿي لڳو. صفا وات ڀاڻي ڀاڻي ٿي ٿيس. منهنجي لچڪيدار بدن جي ساراهه جا ڍڪ ٿي ڀريائين. اچا ته مون لئا ............. مون کي مٿس رحم آيو هو. ۽ مون سڀ لٽا ..............، هو سن ٿيڻ لڳو هو. مان يقين سان چئي سگهان ٿي، ته اهو سندس پهريون تجربو هو- عمل ۽ تجربي ۾ زمين اسمان جو فرق آهي- منهنجي ريشمي/ مخملي بدن تي نظر پوڻ شرط، هُو ڪنبي ويو هو. ڪيس ڪنهن ڏڪڻيءَ جي مريض جيان ڏڪڻي

وٺي وٺي ۽ سندس ڏند عجيب انداز ۾ ڪڙڪڻ لڳا. ڊسمبر جي سرد رات ۾، پگهر جون بوندون سندس لوندڙين وٽان ٽمي رهيون هيون. ٺيڪ ان وقت در کليو هو، ۽ اسان جهلجي پيا هئاسين. هو ماٺي نه سگهيو هو ۽ مون خوب ماٺيو هو. ڪيس ششدر ڪري، ڏڪندو ڏسي. در کلڻ هن لاءِ عذاب نه- جيستائين مون محسوس ڪيو- پر نجات بڻيو هو. مان نيوڊ هئس، هو ڪپڙن ۾. پر سچ پڇو ته مان ڪپڙن ۾ هئس. ڊڪيل هئس ۽ هو اگهاڙو، ۽ اهڙيءَ ريت، هو هڪ رات جو مڙس، ڪيترن ئي ڏينهن جو مڙس ٿي پيو هو. پڪڙجي جو پيا هئاسين! ۽ جيڪو عمل ڪرڻ وارا هئاسين، اهو به ته زال ۽ مڙس جو عمل آهي. مون کي هڪ سپاهيءَ جي گهر رهايو ويو ۽ هن کي رپورٽ روم ۾. افسوس ته انسان جي تاريخ جي ان عجيب گهڙيءَ جي رپورٽ، ڪاغذن جي ٿهن جي ڪنهن به صفحي تي محفوظ ڪونهي. شايد ورجاءَ سبب معنا وڃائي ويٺي آهي ۽ جيڪڏهن ان ورجاءَ کي آزادي(ڇڙواڳي) نه چئون، ته پيو ڇا چئون.

تون ڪجهه سوچي رهي آهين! بيشڪ سوچڻ به گهرجي، ڇو ته مون جهڙي ٿورڙي پڙهيل عورت اهڙيون ڳالهين ڪيئن ٿي ڪري سگهي. تون شايد وساري رهي آهين، ته مان انگلش ميڊيم اسڪول ۾ پڙهي آهيان. پاس - ناپاس ۽ سرٽيفڪيٽ ڪو مسئلو ڪونهي. مان پاڻ سرٽيفڪيٽ آهيان، تازو ۽ نئون نڪور سرٽيفڪيٽ. مان پاڻ يونيورسٽي آهيان. گورڪيءَ جي يونيورسٽي، مووَ ايبل ۽ ڪنوَر ٽيبل.

تون اهو چوٽي سمجهين، ته هيڪلائي هڪ مسئلو آهي. برابر، هيڪلائي مسئلو آهي، جيڪڏهن تون مستقبل تي سوچين، ايندڙ پنجن منٽن تي. پر مان ڪاميو جي ان خيال سان سهمت آهيان ته تنهائيءَ جي قيد ۾ انسان ڪيئن سال آرام سان گذاري سگهي ٿو- ۽ ڪيس به اچرج ٿيندو، ته هُن، قيد ۾ ڏهه- پندرهن سال ڪيئن ڪٽيا ۽ اهو سڀ ڪجهه هڪ ڪن پل ۾ ڪيئن ٿي ويو- جيڪڏهن هو ماضيءَ تي سوچڻ شروع ڪري، گذريل واقعن ۽ يادگيرين کي دهرائڻ شروع ڪري. ۽ وقت کي اورانگهيندو پوئتي هليو وڃي. بلڪل ائين، جيئن هن ساعت مان ڪري رهي آهيان.

هاڻ پڇندينءَ ته، تو ايترو ڪيئن پڙهيو ۽ هڙو فلسفو ڪنهن کان سکيينءَ. بيشڪ تنهنجو تعجب وقتائتو آهي. ته ٻڌ! مون ڪاميو پڙهيو نه

ڪونهي، پر اهو سڀ ڪجهه هوئي پڌائيندو آهي. ضمير! هو هن ويڙهي ۾ رهندڙ ويجهو مائٽ ٻه ته ٽئي. سندس ڪردار ۾ سياءُ عجيب آهي. آهي ٻه ته اديب. ها، ڪيڏي نه هڪجهڙائي آهي ٻنهي لفظن ۾. سندس اصول ٻه عجيب آهن. عجب جيها ۾ انوکا. سندس گناهه ثواب متعلق ماٿا ماپا ٻه اهي ناهن، جيڪي عام ماڻهن جا هوندا آهن. عام ماڻهو زنا کي گناهه سمجهندي ٻه وري وري پيا ساڳيو ڪم ڪندا، ۽ وري سمورو گناهه، عورت مٿان ٿاڦيندا. هن ڪڏهن ٻه مون کي گناهگار ڪونه ڪوٺيو آهي. بس، جڏهن ٻه ان نقطي تي بحث ڇيڙيندي آهيان، ته هو دور خلائن ۾ پيو گهوريندو. ڪيڏو نه اونهو آهي هو. ڪڏهن ڪڏهن هن سان ويهندي خوف ٿيندو آهي، ڏڪڻي وٺي ويندي آهي، ساهه لڪيءَ ۾ اٽڪي پوندو آهي ۽ پوءِ مون وٽ هڪ ئي رستو هوندو آهي نجات جو. کيس چنبڙي پوڻ. پاڪر ۾ پرڻ ۽ هو ڪنهن بيجان بت جيان ٿڌو ۽ جميل هوندو آهي. اعتبار ڪرين، ته هو پهريون شخص آهي، جنهن کي مون دل ۽ روح (ان ڪان وڌيڪ اثرائتا لفظ نه مون ڪڏهن پڙهيا آهن ۽ نه وري ٻڌا) جي گهراين سان پاڻ ارپڻ چاهيو آهي. ان جي ابتڙ مان ڪڏهن ٻه ڪنهن جي ايترو ويجهو نه وئي آهيان (روحاني طرح- اٽڃاتي چڪ سبب) هن ڪڏهن ٻه مون کي ڇهڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي. جڏهن ته ويڙهي جي پوئين ڇيڙي ۾ رهندڙ، ڏکهي منهن وارو ويجهو مائٽ، ڪيئي ڀيرا اڪيلائيءَ جو فائدو وٺي، اڇي مون کي چنبڙيو آهي. ۽ بدتميزي ڪئي اٿائين. پر مون مزاحمت ۽ ڪرب جي جذبن کي لنوايو ۽ لڪايو آهي، رڳو رحم جي جذبي هيٺ. مون کي سدائين اهڙن نوجوانن تي رحم آيو آهي ۽ رحم جي جذبي هيٺ، مون سدائين پنهنجو روح ۽ ذهن، جسم جي پڃري مان آزاد ڪري، ڪين ڊانچو سونپيو آهي.

پر ان جي برخلاف، ضمير کي چنبڙندي، مون پاڻ کي رحم جوڳو ۽ ويچارو محسوس ڪيو آهي. پر هن وٽ مون لاءِ رحم جو جذبو نه، پر ڪجهه ٻيو هوندو آهي. اهو ڪهڙو جذبو هوندو آهي ، تنهن کي نالو ڏيڻ منهنجي لاءِ تمام ڏکيو آهي. سچ پڇين ته هو البرٽو موراويا جي ناول ”دي وومن آف روم“ جو هيرو آهي. هو ان ناول جو بيچين ڪردار مِينو آهي، جيڪو هڪ سخت قسم جي اندروني ڪيفيت ۽ ڇڪتاڻ جو شڪار آهي ۽ مان خود ”وومن آف روم“ آهيان. ايڊريانا جو ڪردار، منهنجو ئي ڪردار

آهي. ”موراويا“ منهنجي ٺي بيچيني سمائي آهي، ان ڪردار ۾. ايڊريانا، هڪ نَنڍڙي گهر جا سپنا ڏسندڙ ماڊل گرل/ ڪال گرل، ايڊريانا، مون جيان (ضمير ڪي) مينو ڪي پاڻ ارپيندڙ. پر هو اٽٽانيڪو مينو، چپ چپ ۾ خلائن ۾ گهوريندڙ، هڪ سياسي شخص- جنهن لاءِ ساموندڊي طوفان- خوفناڪ آنڌيون ۽ زهريليون هوائون ڪابہ معنا نٿيون رکن- رڳو هڪ سپاهيءَ جي شڪل ڏسي ڊچي ويندڙ. اعتراف ۾ سندس اهو چوڻ: مان غدار آهيان، ڪانئر، گيدي ۽ مورک آهيان. مون سمورا راز ڪولي ڇڏيا، فقط هڪ سپاهيءَ کي ڏسي. جڏهن تہ اڃا قيد بہ نہ ڪيو ويو هوس ۽ نہ ئي وري مون تي سختي ۽ تشدد ڪيو ويو هو. مان پنهنجي عقيدي ۽ ساٿين جو ڏوهي آهيان.

ان ناول جو ترجمو مون کي ضميرئي پڙهايو هو.

ها سکي! منهنجي هڪ خواهش آهي، عام عورتن جيان. پر اها ٻڌي، تون بہ رمارکس نہ پاس ڪرين، خاص زائفن وانگر. پر مون کي خبر آهي تہ تون نہ عام آهين، نہ خاص. تون پيو ڪجهہ آهين. بي نانءَ! منهنجي تمنا آهي تہ ضمير، ڪنهن ڏينهن مون کي منهنجي اصلي روپ ۾ ڏسي، نئهن کان وٺي چوٽيءَ تائين، ڇتائي ڏسي. برابر اها ڳالهہ ولگر آهي، پر ڇا تون انڪار ڪندينءَ، تہ تون پاڻ سالن کان اها خواهش من ۾ سانڍيو اچين، هڪ راز جيان، بيچين ڪندڙ، ننڊ ڦٽائيندڙ.

پوئين سال، مان ضمير جي گهر جي ڪليل هوديءَ ۾ وار ڪولي ويٺي هئس، ساڳي تڙپائيندڙ خواهش من ۾ لڪائي. اوچتو هو اندر گهڙي آيو، خوشيءَ وچان مان اٿي بيٺيس. چانڊوڪيءَ ۾ وهنتل ڪير جهڙي اڇي سنگمرمر جي مجسمي جيان آءُ سندس اڳيان بيٺي هئس. مون ڏانهن ڏسندي، هو اندر هليو ويو، پر مان ويساهہ سان ڇٽي سگهان ٿي تہ هن منهنجي ان روپ کي ٻنهہ ڪونہ ڏٺو. منهنجي خواهش پوري نہ ٿي سگهي. تون پڇندينءَ تہ اهو وري ڪيئن؟ تہ منهنجي اداس دل کان پڇ. دل کي پنهنجي زبان ۽ اظهار آهي. ڪيس پنهنجو لهجو آهي. پر مَن جي جاءِ تي جيڪڏهن ڪو پيو شخص هجي ها، تہ ڳهائي وجهي ها، شيطاني حرڪتن ۽ هوس جي انڌ ۾ انڌين اکين سان، جيئن اڪثر مرد ڪندا آهن.

ڪن پل جا ساٿي ۽ هڪ رات جا مڙس، مون کي رونقن ڏانهن وٺي ايندا هئا. هوٽلون، سئنيمائون، پارڪ، ڪلب، ۽ ڪارين ۾ لمبا چڪر. پر هو مون

ڪي سدائين ويرانين ۾ بلندين ڏانهن ڇڪي ويندو آهي. ڇهه مهينا اڳ هو اروڙ وٺي ويو هو ۽ ڏيکاريا هئائين، مسجدون، مندر، قتل قلعا، ڪنڊر ۽ ڪالڪان جي غار. ڪالڪان جي غار ۾ هو اندر ڇڪي ويو هو. اندر هڪ پڙڪي سان، ٻه چمڙا اڏاميا ۽ پرندڙ ڏيئو وسامي ويو. جيتوڻيڪ خوف ڪان منهنجو ساهه ٽي نڪتو، تڏهن به ڇتو ياد اٿم، ته اڳ ڪڏهن به پاڻ ڪي هن جي ايترو ويجهو محسوس ڪونه ڪيو هوم. ڇڻ هڪبُٽي ۾ سمائجي ويا هئاسين هڪ ٿي ساهه وانگر. خوف پرڪري اڏري ڇڪو هو. هن تيلي ٻاري ڏيئو روشن ڪيو. ڇڻ خوف جا پر ساڙيائين. خوف پرن ڪٽيل پکيءَ جيان، منهنجي وجود جي ڪنڊر تي اچي ڏيکو ڪيو.

ٻي ڀيري، معصوم شاهه جي مناري ڏانهن ڇڪي ويو هو. بلندين ڏانهن. مٿي پهچي، مون دل ڪچي ۽ اوڪارو محسوس ڪيو. مٿي ڪي ڦيري ۽ پانواٽي اچڻ لڳي. مون ان ڳالهه جي سخت ضرورت محسوس ڪئي، ته ڪو پاڪر ۾ ڀري، سهارو ڏئي. پر اُن جي بدران مون کي زوريءَ ڪيس چنبڙڻو پيو. جيڪو هن محسوس ڪيو ۽ مون به. ڪيس پهرين وار ائين چنبڙي هئس، بنا ڪنهن ارادي ۽ خواهش جي. اُن وقت ٻئي ٿڌا يخ هئاسين. عجب مون به ڪاڏو هو ۽ هُن به. مون ڪيس واپس هيٺ لهڻ لاءِ زور ڀريو هو ۽ هن بلندين تان هيٺ ڏسڻ لاءِ اصرار ڪيو هو. مون هيٺ ڏٺو هو. پستين ڏانهن، بلندين ڪان. مٿي، چوٽ چڙهي، پستين جو احساس شدت سان ۽ گهرو ٿيندو آهي. ماٿهو پاڻ ڪي پاتال ۾ ڪرندو، ڏرتيءَ ڏانهن پيهندو محسوس ڪندو آهي. جڏهن مان دل پڪي ڪري، هيٺ ڏسندي رهيس ۽ پستين جو احساس هوريان هوريان جهڪو ٿي ويو، تڏهن هن هيٺ لهڻ لاءِ چيو ۽ مون اُتي ويهڻ جو ضد ڪيو. هميشه لاءِ. پلا بلندين ڪي رسي به ڪو پستين ڏانهن رڙهندو آهي. هن هيٺ لهڻ لاءِ زور ڀريو ۽ مون منٿون ڪيون، اُتي ويهڻ لاءِ، جتي هڪ ڏکي ڇڪتاڻ ۽ جدوجهد ڪان پوءِ پهتي هئس. هڪ لمبو ويران ۽ ٿڪائيندڙ سفر طئي ڪرڻ ڪانپوءِ مون ضمير ڪي سڃاتو هو. ڪيس پاتو هو. پر اسان هيٺ لهي آيا هئاسين تيزيءَ سان، ٻه ٻه ڏاڪا ڪندي، رڙهندي رڙهندي.

ها، سچ مان توکي ٻڌائڻ ٿي گهريو، ته مان ان راهه تي ڪيئن هليس، پر سوچن جي ريگستان ۾ ڀٽڪي ويس. اِهو سچ آهي، ته مون کي هڪ ماءُ به آهي، ڪچيون ڳاريون ڏيندڙ ۽ پيار وچان رنڊي چوندڙ ماءُ. جنهن ڪي هڪ

مڙس بہ آهي، جنهن جا ٻيا ٻار بہ آهن.

سچ پڇين تہ، مون کي چڱيءَ طرح ياد ڪونهي، تہ ڪهڙي سن ۾، ڪڏهن ۽ ڪهڙين حالتن هيٺ، مون اها راهہ اختيار ڪئي. پر پوءِ بہ، ڪنهن بہ عورت تي اهو بهتان نٿو مڙهي سگهجي، تہ هوءَ ڄائي ڄم کان نوچي آهي ۽ ان لاءِ ڪنهن خاص ماڻهوءَ کي ذميدار بہ نٿو ٺهرائي سگهجي. انسان ڪي رڳو ٻين جي ڳالهين تي الزام نہ رکڻ گهرجن. آخر ڪيس پنهنجا بہ تہ ڪلها آهن. هونئن بہ، مان ازل کان ان راهہ تي هلي رهي آهيان. مختلف نالن سان. تنهن ڪري، چڱيءَ طرح ياد ڪونهي تہ ڪڏهن، ڪيئن، ڇو ۽ ڇا لاءِ ..........

هاڻ مون کي اجازت ڏي، تہ منهن تان ميڪ اَپ جا تَهہ لاهيان ۽ سُمهڻ جي تياري ڪريان. رات ڪافي لنگهي وئي آهي. ۽ وري ننڊ لاءِ بہ تہ جدوجهد ڪرڻي آهي. فقط ننڊ! ڇو تہ پوءِ تو ۾ ۽ مون ۾ ڪوبہ فرق نہ رهندو، ڪوبہ ويڇو نہ هوندو ۽ ٻئي هڪ ٻئي ۾ سمائجي ويندين سين، ۽ اهوئي هڪ ذريعو آهي نجات جو، هنن سوچن کان ڇوٽڪاري جو.

”سنگت“ چونڊ ڪهاڻيون ١٩٨١ع

# هڪ دل - هڪ ديوار

اجا اقبال ڪلاس ۾ پنهنجي سجاٽپ ڪرائڻ لاءِ چپ چوريا ئي مَس هئا، تہ هڪ ڇوڪري، هٿ ۾ پرس لوڏيندي اندر گهڙي آئي. اقبال ڇڻ تہ ڇرڪي ويو. ساهہ لڪيءَ ۾ اٽڪي پيس. هُن ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو، تہ هڪ ڏينهن زرينا خوابن جي دنيا مان نڪري اچي اڳيان بيهندي.

هوءَ هوبهو ساڳي هئي. پنج سال ڪيس بدلائي نہ سگهيا هئا. ساڳي چمڪ اکين ۾، ساڳيو بيهڻ جو انداز، ڳالهائڻ جو ڍنگ ساڳيو. ساڳيءَ ريت ٻانهن ۾ اٽڪيل پرس. پنج سال ڪانئس اکين جي چمڪ، بيهڻ جو انداز، ڳالهائڻ جو ڍنگ ۽ مُک تان مُرڪ ڪسي نہ سگهيا هئا. پر ڪجهہ بدليو هو تہ، سندس وار. هن جا وار اڳ جيان نہ هئا. اڳ هوءَ چوٽي ڪندي هئي، پر هينئر اُهي شيڳي ڪٽ هئا.

هوءَ ايڊميشن سلپ ٽيچر جي حوالي ڪري، پنهنجو نالو ۽ ليول ٻڌائڻ ڪانپوءِ. ڪنهن ڏانهن ڏسڻ بنا اڳينءَ قطار ۾ هڪ ڪرسيءَ تي ويهي رهي.

اقبال سوچيو، اهو نظر جو دوکو آهي. مون جهڙا سودائي، هر عورت ۾ پنهنجي زرينا تلاش ڪندا آهن. هو رڄ پنيان ڊوڙندا آهن. پر حقيقت ان جي ابتڙ آهي. اسين خوابن جي دنيا جا رهواسي آهيون. اسان جو ميلاپ خوابن ۾ ئي ممڪن آهي.

ڪيس خيال آيو. پنج سال وڏو عرصو آهي. زرينا جي شادي ٿي ويئي هوندي ۽ هڪ عام عورت جيان، هوءَ بہ حياتيءَ جي جنڊي جان ۾ پايو ويٺي ڏک ڏريندي هوندي.

ڪلاس ختم ٿيو. هو پهريون شخص هو، جيڪو سڀ کان اڳ ٻاهر آيو. هو ان ٻڌ-تر ۾ هو تہ زرينا سان ملي، يا هميشہ لاءِ ڪلاس ۾ اچڻ بند ڪري ڇڏي، ڪانئس دور هليو وڃي. پنهنجن غمن جو پاڇو، هن جي خوشين ڀري زندگيءَ تي پوڻ نہ ڏئي.

پڪ ڪرڻ لاءِ تہ هوءَ واقعي زرينا هئي يا سندس ڪليل اکين جو لڏل ڪو خواب هو، هن نڊيڙن ڏاڪن تان لهندڙ اُن ڇوڪريءَ ڏانهن ڏٺو. خواب تعبير ۾ بدلجي ويس. حقيقت ٻڻجي اچي اڳيان بيٺس. هو وڏيون وکون

ڪٽندو، اچا ڏاڪڻ جا ٻہ ڏاڪا مس لٿو هوندو، تہ پٺيان آواز آيس: اقبال!

هو بيهي رهيو. سندس هڪ پير مٿين ڏاڪي تي ۽ ٻيو هيٺين تي هو. هن اچي ڪلهي تي هٿ رکيس. سندس مٿين ڏاڪي تي رکيل پير هيٺ گهرڪي ويو. زرينا جوهٽ زور سان هيٺ لڙڪي پيو.

"زرينا، اقبال جي احساسن لفظن جو روپ ورتو. سوچيو بہ نہ هوم، تہ زندگيءَ جي رَج ۾ پٽڪندي پٽڪندي ڪڏهن سامهون اچي بيهندينءَ!،

"دنيا اتفاق جي پيداوار آهي اقبال!"

هو ڏاڪڻ لهي، سڙڪ تي هلڻ لڳا. ڪين خبر نہ هئي تہ ڪيڏانهن ٿي ويا. اوچتو فريئر هال جي باغيچي وٽ بيهي رهيا. اندر اچي، پٿر جي ڊيسڪ تي ويهي رهيا.

ويهڻ شرط زرينا پڇيو، "زال ڪيئن ٿي هليئي؟".

"جيئن هر زال ڪي پنهنجي مڙس سان هلڻ گهرجي." اقبال جواب ڏنو.

"شايد تون هن مان خوش ناهين؟"

"مان بلڪل خوش آهيان."

"۽ هوءَ؟"

"خوش ناهي".

"ڇا ڇيئي؟ زرينا اتاولائيءَ مان پڇيو. "هوءَ توکان خوش ناهي؟"

"هوءَ مون کان هر طرح خوش آهي زرينا!"

"تہ پوءِ؟"

"هوءَ بيمار آهي."

زرينا کان ٽڏو شوڪارو نڪري ويو. رنگ ڦٽڻ لڳس." ڇاتيو اٿس؟" پڇيائين.

"سهڪو ۽ دمُ."

زرينا ڪجهہ ساعتن لاءِ چپ هئي ويٺي رهي. ڪنهن اونهي سوچ ۾ ٻڏل. جڻ سندس اڏيل واريءَ جو گهر ڊهي پيو هجي، ۽ هوءَ، پنهنجي ان چريائپ تي حيران هجي.

اقبال، هن جي منهن ۾ چتائي ڏٺو جڻ ماضيءَ جا ڪنڊر ڏسندو هجي. آخر پيرو هن تڏهن ڏٺو هوس، جڏهن هوءَ حيدرآباد وڃڻ کان اڳ وٽس ڪمري ۾ آئي هئي.

سال منٽن ۾ بدلجي ويا. پنج سال ڦري پنج منٽ ٿي پيا.

اقبال هڪ وئشيا جي ڌيءَ جي محبت ۾ گرفتار هو. حسينا، هڪ سهڻي ڇوڪري، خوابن جي اَپسرا، اقبال جن جي گهر ديني تعليم پرائڻ ايندي هئي. اقبال سائنس محبت جو اظهار ڪيو، ته هن ڪيس شاديءَ لاءِ زور ڀريو. اقبال گهر وارن سان اهڙو اظهار ڪيو. سندس ماءُ- پيءُ انڪار ڪري ڇڏيو. اقبال پنهنجيءَ ضد تي اٽل رهيو.

جڏهن هن کي گهر جا ننڍا وڏا سمجهائي سمجهائي ٿڪجي پيا، تڏهن رات جي وقت زرينا سندس ڪوٺيءَ ۾ گهڙي آئي. هن جي خواب خيال ۾ به ڪو نه هو، ته زرينا به وٽس ايندي ۽ ان ضد تان لهڻ لاءِ چوندي، هوءَ سندس پري جي مائٽياڻي هئي.

”توکي ائين ڪرڻ نه کپرجي،“

”ڇا نه ڪرڻ کپرجي؟“ اقبال اٿڻ ٿيندي پڇيو.

”هڪ چالاڪ ۽ خود غرض ڇوڪريءَ لاءِ،“ هن چيو، ”سڄي گهر کي ڏانوان ڏول ڪرڻ ڪٿان جي سياڻپ آهي!“

”اسين هڪٻئي کي چاهيون ٿا.“ اقبال ڪاوڙ لڪائيندي چيو.“

”تنهنجي چاهت هڪ طرفي آهي.“

”غلط.“ اقبال چيو ”هوءَ منهنجي لاءِ جان ڏيئي سگهي ٿي.“

”هوءِ ائين نٿي ڪري سگهي.“

”ڇو؟“ اقبال پڇيو ”ڇو نٿي ڪري سگهي.“

”ڇو ته ڪيس ويهه تولا سون کپي،“ زرينا وراڻيو ”پنجاهه وڳا سبيل، ڏهه جوڙا جوتن جا، ويهه ساڙهيون ۽ ويهه هزار روڪ ڪپن.“

اقبال ڪيس وائڙن وانگر ڏسڻ لڳو. هو ڪجهه به سمجهي نه سگهيو. ”پر اهي شرط ته هن جي ماءُ جا آهن“ هن چيو.

”پر هوءَ،“ زرينا سندس منهن جا تاثرات پڙهندي، پروسي سان چيو، ”توسان ڀڄي به ته سگهي ٿي! توسان ائين ئي تن لٽن ۾ نڪري وڃي به ته سگهي ٿي.“

”مون سائنس اڄ تائين اهڙي ڳالهه نه ڪئي آهي.“

”اها ڳالهه چوڻ جي ناهي،“ هن پنهنجائپ جي احساس ۾ ٻڌل لفظن ۾ چيو ”جڏهن هوءَ پاڻ اها ڳالهه ڪري، تڏهن سمجهه ته هوءَ به توکي چاهي ٿي.“

”پر هوءَ تہ شاديءَ لاءِ زور ڀري رهي آهي.“ هن نماڻائيءَ مان وراڻيو. هو سوچي رهيو هو تہ آخر هن جي ۽ زرينا جي وچ ۾ اهو ڪهڙو رشتو هو، جنهن زرينا کي اهو سڀ ڪجهہ چوڻ لاءَ اتساهيو هو.

”ان لاءِ تہ هن کي محبت نہ، پر سکيو ستابو گهر کپي“، زرينا چيو.

اوچتو خوبصورت حسينا، هڪ سيٺ جي پُٽ سان پرڻجي وئي. هن جو پرڻجڻ ۽ گهر ۾ خوشين جو موٽڻ. اقبال مٽي کي هٿ ڏئي، اڇي ڪٽ تي ليٽيو. ڇڻ شاڪ لڳو هجيس. سندس ماڻهن، موقعي جي نزاڪت کي هٿان وڃائڻ مناسب نہ سمجهيو ۽ هن جي شاديءَ جي چڪر ۾ لڳي ويا. هنن زرينا کي بہ چوڪريءَ (ڪنوار) جي چونڊ لاءِ چيو. ٻين وانگر، زرينا بہ اقبال جي هڪ ماروٽ جي چونڊ ڪئي (جيڪا سندس ساهيڙي پڻ هئي)

حسينا بابت زرينا سان گفتگوءَ ڪان پوءِ، اقبال محسوس ڪيو تہ، هو زرينا کي چاهي ٿو ۽ زرينا بہ کيس چاهي ٿي. ان جو چٽو ثبوت، اقبال جي حسينا سان شادي بابت زرينا جي مخالفت هئي. هن ڪيئي ڀيرا ان خيال کي پنهنجي دل ۽ دماغ مان لوڏي ڪيڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ هو بہ ڪو زرينا کي چاهي ٿو. پر دل، ذهن جو حڪم مڃڻ لاءِ تيار نہ هئي، ۽ هار مڃڻ ۾ جيڪو مزو هو، سو اقبال جي رڳ رڳ ۾ ڪتڪتايون ڪري رهيو هو.

هڪ رات، اقبال دير سان گهر موٽيو. گهر جي گهٽيءَ ڪان وٺي پنهنجي ڪمري تائين پهچندي، هو زرينا جي خيالن ۾ گم هو. ڪمري ۾ پهچي، ڪجهہ گهڙين لاءِ هن سُک جو ساهہ کنيو. پنهنجي هيڪلي ڪمري ۾، هو آرام سان زرينا متعلق سوچي سگهيو ٿي. امالڪ سندس آڱر بجليءَ جي بٽڻ ڏانهن وڌي ويئي. روشني ٿي، تہ ڇرڪ ڀرجي ويس. کٽ تي زرينا سُتل هئي. هن سوچيو، اڄ رات جو زرينا جو لڪي اچي منهنجي ڪمري ۾ سمهڻ، ڇا پيار جو اظهار ناهي؟ روشني ۽ تي زرينا جي اک کلي پيئي. اقبال اکيون مهٽي هر شيءِ جو جائزو ورتو. زرينا آتي هڪدم ڪونيءَ جي ٻتي وسائي ڇڏي. هو پنهنجي ڪمري ۾ نہ هو. لاشعوري طور، هو زرينا جي ڪمري ڏانهن هليو آيو هو.

۽ هوءَ اندوهہ ۾ اچي اقبال جي اڳيان بيٺي. ”تون هن مهل جو منهنجي ڪمري ۾؟“

”ها زرينا،“ اقبال وراڻيو ”اهو مان بہ نٿو ڄاڻان، تہ ڪهڙي طاقت مون کي تنهنجي ڪمري ڏانهن ڇِڪي آئي آهي.“

هو ويٺو رهيو.

” ويهي رهه“

”نه، مون کي هن مهل اويلو تنهنجي روم ۾ اچڻ نه گهربو هو“، اقبال وراڻيو ۽ ٻاهر وڃڻ لڳو.

زرينا اڳيان وڌي سندس راهه روڪي. پڇيائين ”منهنجي چونڊ بابت تنهنجو ڇا خيال آهي.“

دل ۾ آيس، ته چوي ته جڏهن منهنجي دل ۾ واسوڪيو اٿيئي، ته پوءِ پري پڇڻ ۽ پنهنجي وچ ۾ ديوار کڙي ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. پر دل جي ڳالهه دل جي ايوانن ۾ پڙاڏو بڻجي گم ٿي ويئي. هن چيو، ”مان شادي نه ڪندس“.

زرينا جي پيرن هيٺان ڄڻ ڌرتي ڪسڪي ويئي. پاڻ سنڀالي، ٺوڪ پري لهجي ۾ پڇيائين ”حسينا سان به نه؟“

”حسينا منهنجو انتخاب ناهي.“

”ته پوءِ منهنجي چونڊ بابت ڇا سوچيو اٿئي؟“

”مان ماروٽ سان شادي نه ڪندس.“

”ڇو؟“

”مون ڪنهن ٻيءَ کي چاهيو آهي.“

اقبال جواب ڏنو.

”پوءِ ڇا ٿيو.“ هن چيو ”شاديءَ جو محبت سان ڪهڙو ناتو؟“ هن وڌيڪ چيو ”شادي جسمن جي ميلاپ جو نالو آهي ۽ محبت دل جي دل سان شادي ۽ روح جو روح سان وهانءُ آهي.“

اقبال اندر ۾ عشق جو طوفان لڪائي ٻاهرنڪري آيو. هن سوچيو، محبت ۾ ويڇوڙو پيار کي امرتا بخشيندو آهي. هو شاديءَ لاءِ راضي ٿي ويو. زرينا جي خوشيءَ جو ڪو ڇيهه نه هو. آچر تي شادي هئي، پر جمعي ڏينهن زرينا جن کي خط مليو. سندس ننڍو ڀاءُ سخت بيمار هو. صبح جو ڪنهن به ويل ڪين وڃڻو هو.

زرينا رات جي وقت اقبال جي روم ۾ گهڙي آئي. اقبال اٿي، ٻتي ٻارڻ جو سعيو ڪيو، پر زرينا جهليس. شايد پاڻ ۾ اکيون ملائڻ جي سگهه ساري نٿي سگهي. چيائين ”اسان سڀاڻي هليا ويندا سين.“

”مون کي خبر آهي،“ اقبال چيو ”پر تون شاديءَ ۾ شريڪ نه

ٿيندينءَ؟"

"مان مجبور آهيان."

اقبال دل ۾ سوچيو، محبت مجبور آهي، تڏهن ئي تہ محبت آهي.

"پنهنجي هٿن سان مينديءَ بہ نہ لائيندينءَ؟" اقبال پڇيو.

جواب ۾زرينا، اقبال جو هٿ پنهنجن هٿن ۾ ڪٺي ورتو. اقبال بي سڌ ڪيس گهوريندو رهيو. هوءَ ڪجهہ وقت تائين هٿ کي جاچيندي رهي، پوءِ هن جي هٿ کي پنهنجي منهن تائين آندائين. بہ ڪوسا ڪوسا ڳوڙها، اڇي اقبال جي ترِيءَ تي ڪريا. هو ڇرڪي ويو. هٿ ڇڪي ورتائين. چيائين. "روئين ٿي زرينا!"

زرينا ڪو بہ جواب ڪو نہ ڏنو.

"جڏهن اسان جي وچ ۾ ڪو بہ رشتو ناهي،" اقبال چيو "پوءِ هي ڳوڙها ڇا لاءِ؟ ڇا اسان جي وچ ۾ ڪو ڳانڍاپو آهي؟" هن پنهنجي ڳالهہ جاري رکي "تون سياڻي هلي ويندينءَ. منهنجي شادي ٿي ويندي ۽ عام ماڻهوءَ جيان، آءٌ زندگيءَ جي گهاڻي کي گهليندو رهندس. تنهنجي بہ شادي ٿيندي ۽ پوءِ تون بہ هڪ دائري اندر گردش ڪندي رهندينءَ. پوءِ هي ڳوڙها ڇا لاءِ؟"

"تو پڇيو هو نہ، تہ مون کي مينديءَ نہ لائيندينءَ!"

"ها." اقبال جواب ڏنو "چيو هوم."

"اهي ڳوڙها، منهنجي روح جو عرق آهن، جيڪي مون مينديءَ جي جاءِ تي توکي ڏنا".

اقبال هن جو هٿ، پنهنجي هٿ ۾ ورتو. هوءَ هٿ ڇڏائي وڃڻ لڳي، تہ هن چيو "مان شادي نہ ڪندس، زرينا!"

هوءَ بيهي رهي. ڇڻ ڪک ڏنگيس. ٻاهر وڃڻ جو خيال اڏامي ويس. پڇيائين "ڇو؟" ڄڻ خواب ۾ ڳالهايائين.

"جڏهن تون شريڪ ٿيڻ نٿي چاهين،" اقبال چيو "تہ پوءِ مون کي شاديءَ لاءِ زور ڇو ٿي ڀرين؟"

"نہ اقبال نہ." هن منٿ ميڙڪندي چيو "رڳو ان لاءِ تہ مان شريڪ نٿي ٿيان، تون ڪنهن سهاڳڻ کي ڏهاڳڻ نٿو ڪري سگهين."

"توکي شادي ڏسٽي پوندي."

"مان اڪيون ڀوتي بہ تنهنجي شادي ڏسي سگهان ٿي. تنهنجي ڪنوار جا

ماٺا پسي سگهان ٿي. هن جو رسڻ ۽ تنهنجو پرچائڻ ڏسي سگهان ٿي. هي مفاصلو ڪاڀ معنا نٿو رکي."

زرينا سوچيو، پيار ڀ ڇا ته شيءِ آهي. جڏهن ٻن دلين آڏو ڪاڀ ديوار نه هوندي آهي، تڏهن هو پاڻ هڪ ديوار اڏيندا آهن، ۽ پوءِ هڪٻئي کي پرکڻ لاءِ، ان کي نهائڻ جيان پچائي پڪو ڪندا آهن. جيتري ديوار مضبوط، اوتروئي پيار پختو.

اقبال جي دل ۾ آيو، ته وڃي ماءُ- پيءُ کي چئي ڏئي، ته مان ماروٽ سان شادي نه ڪندس. مان زرينا جو ٿي چڪو آهيان. هو لاشعوري طور تي اٿي بيٺو. هوءَ ڪيس چنبڙي پيئي ۽ ٻاهر وڃڻ کان روکي ڇڏيائين

اقبال سوچيو، مار! ته هيءَ چاٺي ٿي، ته منهنجي من ۾ چاهي!

"واعدو ڪر، ته پنهنجو فيصلو نه بدلائيندين!" زرينا چيو.

"ڪوشش ڪندس."

"ڪوشش نه." زرينا چيو "وچن ڏي!"

اقبال ڀ وکون پوئتي هٽي بيٺو. منهن ڦيري ڇڏيائين. ڪجهه ساعتون سوچ ۾ ٻڏي ويو. دل ۾ پڪو فيصلو ڪيائين، ته ٻتي ٻاري، آبي- آمان کي ڏيکاريان ته ڏسو! مان ماروٽ کي نه، پر زرينا کي چاهيان ٿو. ان جو ثبوت، زرينا جي هن مهل مون وٽ موجودگي آهي. هن جاڳوڙها شاهد آهن، ته هوءَ ڀ مون کي چاهي ٿي. هن جي ضد تي شادي ڪرڻ، ان ڳالهه جو چٽو ثبوت آهي، ته مون کي ڀ ساٽس پيار آهي. تڏهن ئي ته هوءَ منهنجي زندگيءَ جو فيصلو ڪري رهي آهي. هن هٽ وڌائي،ٻتي ٻاري ڇڏي. زرينا پاڻ کي اقبال جي ايڏو ويجهو ڏسي، ڊڄي ويئي. هوءَ در ڏانهن وڌڻ لڳي. اقبال ڀ وکون اڳتي وڌيو. هن چاهيو، ته سندس راهه جهلي روکي ۽ چوي ته، اچ ته اسين هميشه لاءِ هڪ ٻئي جا ٿي وڃون. هي هتراڏو مفاصلا ختم ڪري، هڪ ٿيون. پنهنجي راهه ۾ پاڻ ڪڙي ڪيل ديوار ڀيڃي پور ڪيون. دل ۾ آيس، پنهنجي سوچ کي عملي شڪل ڏئي ۽ وڃي زرينا کي روکي، ۽ پيءُ ماءُ کي سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏي. پر ان کان اڳ جو هو ائين ڪري سگهي، زرينا ڪمري کان ٻاهر وڃي چڪي هئي.

ٻئي ڏينهن، هو حيدرآباد هليا ويا. ويندي وقت زرينا ڀ سٽون لکيل، هڪ خط ڇڏي وئي هئي.

وقت تير ٻڌجي ڪمان جي گرفت مان نڪري ويو. هن جي شادي ٿي

وئي. پُٽ به چايس ڪلارڪي مليس، جوٽس ساندهه بيمار رهڻ لڳي. ساهه کڻڻ ۾ تڪليف ٿي محسوس ڪيائين.

اقبال زندگيءَ جي بيٺل ڦيري کان گهٻرائجي، ڪلارڪي ڇڏي، سکر کان ڪراچيءَ هليو آيو. هڪ پرائيويٽ اداري ۾ سٺي پگهار تي نوڪري مليس. انگريزي سکڻ جو شوق، کيس آميرڪن سينٽر ڇڪي آيو، جتي ماضيءَ جي ورجاءَ لاءِ زرينا خوابن جي دُنيا مان نڪري اچي آڏو بيٺي هُئس.

مغرب جي وات ۾ قاتل سج آخري هڏڪين ۾ هو. سندس آخري ڪرڻا فريئر هال جي مُناري واري چوٽيءَ تي بيٺل بادنما ڪڪڙ تي پئجي، چوڌطرف ڦهلجي ٿي ويا.

اقبال هن جي منهن ۾ چتائي ڏٺو پڇيائين: ’ڪيئن آهين‘

’جيئري‌آهيان.‘

’تنهنجو مڙس؟‘

’آخري هڏڪين ۾.‘

’هو ڪير آهي؟‘

’شهر جو وڏو سيٺ - پوڙهوغفور.‘

اقبال لرزي ويو.

’ڇا تو اِها شادي پنهنجي مرضيءَ سان ڪئي؟‘

’اَبي - امڙ جي رضا سان- ڪين تي هزار هرماهه ملندا آهن.‘

’تون ايتري بي حس ڇو آهين زرينا؟‘

’حساس هئڻ سبب.‘

’تون بزدل آهين - ڪاوورڊ!‘

’لفظ جيئڻ ڏو اٿئي اقبال؟‘ زرينا پڇيو.

’هائو‘

’سمجهي سگهيو آهين اِن لفظ کي؟‘

’تنهنجي حالت ڏسي!، صبر جي واڳ اقبال جي هٿان ڇڏائجي ويئي.

’ڇا پنهنجي حال تي شرمسار آهين؟‘

’بيشڪ.‘

’تنهنجو پيار بابت ڇا نظريو آهي؟‘ زرينا پڇيو ۽ محسوس ڪيائين، ته پنج سال اڳ به هن اقبال سان ان مسئلي تي ڳالهايو هو، ۽ پڪ هُئس، ته اقبال جو جواب اڄ به ساڳيو ئي هوندو. ڪيس خبر هئي، ته اقبال بيحد

ڪي ان ڳالهه جو ترَ جيترو بہ افسوس ۽ ارمان ناهي، تہ اسان گڏجي نہ سگھياسين. هڪ ٻي نہ سگھياسين. اسين اڄ بہ هڪ ٻئي سان گڏ آهيون. مون هن کي ڪڏهن بہ وساريو ناهي. اصل هيئين سِٽ وانگر هن جو عڪس سدائين اکڙين ۾ رهيو آهي:

سڄڻ ساعت هڪڙي جي ٿئي اکئيون ڌار
تہ ڪر سڀ ڇمار، ڏئوسين نہ ڪڏهين.

مون، هن کي ڪن لاءِ بہ ڌار نہ ڪيو آهي. هوءَ مونسان منهنجي پاڇيَ وانگر سدائين ساڻ رهي آهي. ۽ مونکي پڪ آهي تہ هن بہ مون کي وساريو ناهي. ان جو ثبوت اهو آهي، تہ هوءَ منهنجي لاءِ هڪ هڪ ڪان پڇندي رهندي آهي.

منهنجا مائٽ ۽ زال، هن جي باري ۾ اڪثر ڳالهيون ٻڌائيندا رهندا آهن. هوءَ منهنجو تمام گهڻو پڇندي رهندي آهي. ان ڳالهہ جي ڪيس تمام گهڻي خوشي ٿي آهي، تہ مان سٺي نوڪريءَ ۾ آهيان. مڃي مانيءَ لائق آهيان ۽ گهڻن مسئلن کان آجو آهيان. هن کي ان ڳالهہ جي بہ ڏاڍي خوشي ۽ اطمينان آهي، تہ منهنجي ۽ منهنجي زال جي وچ ۾ تمام سٺي انڊر اسٽئنڊنگ (هم خيالي) آهي. هوءَ چوندي آهي، تہ شادي رڳو ٻن وجودن جي ساٿ جو نالو ناهي، پر پوري پوري هم خيالي ۽ هڪ ٻئي کي سمجھڻ جو ٻيو نالو آهي. هوءَ منهنجي ننڍي پٽ جو تمام گهڻو پڇندي رهندي آهي. ۽ اُن کي ڏسڻ لاءِ تمام اُتاولي ۽ بيچين رهندي آهي، ڇو تہ ڪيس پڪ آهي تہ منهنجو ننڍو پٽ هوبهو مون وانگر هوندو، ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ اُهو اُن عمر جو آهي، جنهن عمر ۾ منهنجي هن سان پهرين ملاقات ٿي هئي. ان مان ثابت آهي، تہ هوءَ مون کي، منهنجي پيار ۽ منهنجي پهرين ملاقات کي، دل جي پٽيءَ تان ميساري نہ سگھي آهي. ۽ آءُ پڻ تمام خوش آهيان، ڇاڪاڻ تہ هوءَ خوش آهي.

اسان جيتوڻيڪ پوڙها تہ ڪونہ ٿيا آهيون، پر عمر جي لحاظ کان ڪافي وڏا ٿي چڪا آهيون ۽ حياتيءَ جي ٽيهاڪي جي پوئين حصي ۾ آهيون. ۽ بيشڪ اسان جو پيار اڃا زنده آهي، ۽ هاڻ تہ پاڻ وڌيڪ جوان ۽ سگهارو ٿي ويو آهي. شايد سياڻن سچ ئي چيو آهي، تہ اصل زندگيءَ جي شروعات چاليهن ورهين جي عمر کان پوءِ ئي ٿيندي آهي.

(تماهي مهراڻ ١٩٨٢ع)

# موت جو رنگ

هن تائيم ڏنو. رات جا ست ٿيا هئا. هن مهل تائين ڪل ٻه تارون آيون هيون. ٽيلهو چنڊي، هن ٻئي تارون وري پڙهيون. سندس منهن تي نه ڏک جي ريکا هئي، ۽ نه وري خوشيءَ جو تاثر. هڪ تار شاديءَ جي ڪوٽ هئي ۽ ٻي موت جي خبر.

هن لاءِ اهڙي قسم جون تارون، ڪائين ڳالهه ڪونه هئي. اها هن جي ڊيوٽي هئي. سندس ڪم ئي هو تارون پهچائڻ. هو ويهن سالن جو، قداور نوجوان هو. نهايت ئي گنڀير ۽ حساس. ڪجهه سوچي، هن ٽيلهو هڪ پاسي ڦٽو ڪيو، ۽ ٻئي تارون لفافن ۾ بند ڪري، خاڪي ڪوٽ جي کيسي ۾ وڌيون. ٻاهر نڪري، گيٽ وٽ بيٺل سائيڪل جي گدي چنڊي، هن پيڊل تي پير رکيو. چاڙهي هئڻ سبب کيس چڱو زور لڳائڻو پيو. ٻئي تارون بئريج ڪالونيءَ جون هيون. هو آهستي آهستي اوڏانهن وڃڻ لڳو.

هو ان ڇڪتاڻ ۾ هو، ته ڪهڙي تار پهرين پهچائي، موت جي يا خوشيءَ جي. پر گهڻي ڪشمڪش کان پوءِ به ڪو فيصلو ڪري نه سگهيو. هن جو هٿ امالڪ سندس کيسي تائين ويو ۽ موت جي خبر وارو لفافو سندس هٿ ۾ هو. بيشڪ اهو گهر ڏگ ۾ پوندو، ڇڻ فيصلو ڪري ورتائين، ته پهريائين موت جي خبر پچائي ۽ پنهنجا پلءُ آجا ڪري.

در تي پهچي، هن ڪوارٽر نمبر ڏنو ۽ لفافو ڪڍي، ان تي لکيل گهر نمبر ڏسي پڪ ڪيائين.لانگ مٿائي، سائيڪل تان لٿو. سائيڪل بيهاري، جئن ئي ڪڙو ڪڙڪائڻ لاءِ اڳتي وڌيو، ته ڪن تي دهل جو دهڪو پيس ۽ ان سان گڏ عورتن جو ڪورَس جي انداز ۾ گيت ڳائڻ. هن جو ڪڙي ڏانهن وڌيل هٿ، ڪجهه گهڙين لاءِ هوا ۾ اٽڪي بيٺو ۽ پوءِ نِستي لام جيان، زور سان هيٺ لڙڪي پيو. گهر ۾ شاديءَ جو ڇهڇٽو ۽ دهل دماما لڳا پيا هئا. اهڙيءَ ويل موت جي خبر ٻڌائڻ! هن سوچيو ۽ ڪوبه فيصلو ڪري نه سگهيو. محسوس ڪيائين، ته هو ماڻهو نه، پر موت جو فرشتو ملڪ الموت هو، جيڪو ڏک جي احساس کان وانجهيل آهي. جنهن جو خوشيءَ سان ڪوبه سٻنڌ ناهي. جيڪو موت جو داروغو آهي يا مشيني پرزو. کيس نه خوشيءَ جي لهر محسوس ٿئي ٿي ۽ نه وري درد جي ست اُيري ٿي. هن وٽ

لڙڪ ۾ مُرڪ لفظن جي ڪابہ معنا ڪانهي، ڪوبہ مفهوم ناهي.

دل ۾ آيس، تہ سائيڪل تي پير رکي پڇي وڃي. ان منحوس خبر جو، گهر جي خوشين تي پاڇو پوڻ نہ ڏئي. پر هو ائين ڪري نہ سگهيو. بت بڻيو بيٺو رهيو.

هڪ وار وري، سندس هٿ ڪڙي ڏانهن وڌيو، پر اٽڃاٽل خوف ڪان، هڪدم پوئتي موٽي آيو.

سوچيائين، موٽي وڃي اهي لفافا آفيسرن جي منهن تي هڻان. تار جون مشينون پڃي پور ڪيان. نوڪريءَ تان استعيفا ڏيان ۽ دنيا تياڳي ڇڏيان. هن ڪلجڳ مان نجات جو اهوئي هڪ طريقو آهي. اها ئي هڪ واٽ آهي. يا سنڌوءَ ۾ هن منحوس خبر سوڌو ٽپو ڏيان، تہ من اهي موت جا اکر ميٽي سگهان.

هو مئٽرڪ پاس هو. هن کي ان نوڪريءَ کان سخت نفرت هئي. ٻي نوڪريءَ لاءِ گهڻي ئي ڪوشش ڪئي هئائين، پر ناڪام رهيو. لاچار اهائي نوڪري ڪيائين. هن اڳ بہ موت جون خبرون پچايون هيون، پر اڄ جيان، خوشيءَ جي موقعي تي موت جي خبر ڪڏهن ڪين ڏني هئائين. اها پهرين آزمائش ۽ پهريون تجربو هوس. هن نٽي چاهيو، تہ گهر جون مڙئي خوشيون- دهل دماما، ۽ ٺهڪ درد جي هڪ ئي سڏ ڪيڻ ۾ ٻڏي وڃن.

هو در ڪان پرڀرو، ٻڏ- تر ۾ بيٺو رهيو.

اندر صفي ۾ عورتون نچي رهيون هيون. ڳائي رهيون هيون، گهنگهرن جي ڇن ڇن جا آواز، متڙڪو بڻجي، هن جي مغز کي لڳي رهيا هئا.

ڪنهن عورت گيت شروع ڪيو: لونگ ڦوٽا ٿالهيءَ ۾ آءٌ ڪنيو پئي اچان، منصور منهنجي اڳ ۾، آءٌ نچندي اچان ...."

هن جي پيرن هيٺان، ڇڻ ڌرتي ڪسڪي وئي، اکين اڳيان اوندهہ اچي ويس. پٽ کي ٽيڪ ڏيئي، بت بڻيو بيٺو رهيو. ساڳيو نالو "منصور." گهوٽ، جنهن جي شادي هئي، جنهن جي موت جي خبر هو ڏيڻ آيو هو. ملڪ الموت بڻجي، شيطاني بيحيائيءَ سان. ہہ ڳوڙها ڳلن تان ترڪندا، سندس ڪاڏيءَ وٽ ڦهلجي ويا. ان وقت سندس دل ۾ هڪ خواهش ڪر موڙيا، تہ ڪاش مان يوناني ڏند ڪٿا جو ديوتا اپولو هجان ها، ۽ ان ٽرئجڊيءَ جي اڳواٽ خبر رکان ها. جيڪڏهن مان ٽرئجڊيءَ جو خالق هجان ها، تہ هوند اهڙي ٽريجي-ڪاميڊي ٿيڻ نہ ڏيان ها! پر ان ڳالهہ جي احساس، تہ هو تار وارو هو، کيس تصور جي دنيا کان ٻاهر ڪڍي آٽي حقيقت جي ڏند ڪٿا آڏو بيهاريو.

اندر هاڻي ٻيو گيت شروع ٿيو هو. اڪرڻيون منصور جون پرن مشالا،

ڪجل جوڙ بنايو ." ... مون محسوس ڪيو، هاڻ منصور جون اڪيون ٿڌيون هونديون، وساٽيل هونديون، پر هتي عورتن، مائرن- ڀينرن کي ڪير سجهائي، ته لاٽ اکيون، اُجهامي چڪيون آهن، ٿڌيون ٿي ويون آهن. پرڪنهن ۾ ايتري سگهه آهي جو چئي ڏي! ڀين کي حساس بنائڻ وارو، مون تقدير جي مذاق تي چپ جو آهي.

وري تيون گيت هليو: "آءُ منصور جي ماءُ، ڏس ميندي‍ءَ جو رنگ ڪهڙو عجب رنگ آ ...."

مون سوچيو، پر موت جو رنگ به ته عجب رنگ آهي. ميندي ۽ موت، ڪيڏو نه فرق ۽ تضاد آ ٻنهي رنگن ۾. ٻئي ڳاڙها هوندي به متضاد آهن.

هاڻ ٻيو گيت گونجي رهيو هو: "آءُ ادل لَهه لانوان، مومل جي محلات ۾" ڪيس پاسيو، سياڻن سچ چيو آهي، ته ڪڏهن موت سان به لائون لهبيون آهن.

اوچتو درد وچان مون پاڻ کي به موت سان لائون لهندي ۽ سوريءَ تي لڙڪندي محسوس ڪيو.

ڪنهن از غيبي طاقت جي زور تي، هيانو تي پٿر رکي، مون ڪڙو ڪڙڪايو. هڪ ڦيرو، ٻيون ۽ ٽيون، لڳاتار. هو سڄو ڏکي رهيو هو. ڪو اڻ ڄاتل خوف، اندر ئي اندر کائي رهيو هوس.

هينئر اندارن ٻي گيت جو پڙاڏو ٿي آيو: "لهي آءُ لاريءَ مان، لهي آءُ موٽر مان" مون جي اکين اڳيان اسٽيشن ۽ ٽرين جو منظر ڦري ويو، جنهن ۾ منصور جو لاش اچي رهيو هو.

در کي وٺي ٿي. مون جي خالي نگاهن جهاتي پاتي.

زالون گهوٽ جي ماءُ ۽ مائٽياڻين مٿان نوٽ گهوري رهيون هيون. هڪ عورت تڪڙو تڪڙو در ڏانهن وڌي آئي. ڏاڍي سرهي ٿي لڳي. شايد گهوٽ جي ماءُ هئي.

هو هڪدم سائيڪل ڏانهن وڌيو ۽ ڊُڪي جيئن ئي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪيائين، ته پٺيان سڏ ٿيس، "ابا ڇنم".

مون جا قدم ڄمي ويا.

پوڙهي موٽندي چيائين "امان خط ڏيڻو هو." ڪوڙ ڳالهايائين " مون مهل عورت عجب وچان چيو "خير منهنجي منصور جو هوندو."

" هان!" مون ڪان ڇڻ ڇرڪ نڪري ويو. "ها ها، پر خط نه، تار آهي."

”منصور جي آهي نہ!“ عورت اتاولي ٿي چيو ”ڇا لکيو اٿائين. ڪڏهن ٿو اچي. سياڻي سندس شادي آهي، ابا ٻن پوي نوڪري ۾ ٻاهر لڳي حيدرآباد ڪي، شادي اٿس، تڏهن بہ موڪل ڪونہ ٿي مليس.“

هُن تار اکيان وڌائي.

عورت چيو ”ابا پڙهيل آهين نہ، تہ پڙهي ٻڌاءِ.“

هن چوڻ تہ چاهيو ”نہ“ پر وات مان امالڪ ”ها“ نڪري ويس.

هن نہ چاهيندي بہ تار کولي. سندس هٿ ڏڪي رهيا هئا. دل ۾ آيس، تار کي ڦاڙي پرزو پرزو ڪري. ان جو ڪوبہ منحوس اکر سلامت نہ ڇڏي. ۽ ڊوڙي وڃي، ان مائيءَ جي اکين کان گم ٿئي، جيڪي سندس وجود ۾ منصور ڳولي رهيون هيون.

هن ٿڪو ڪيو، ”امڙ، منصور کي سياڻي وٺي ايندا.“

”وٺي ايندا!“ ماءُ ٻڏل دل سان چيو ”ڇا پيو چوين!“

”ها، خيبر ميل ۾. صبوح ساڻ.“

”خيبر ميل ۾ صبوح ساڻ!“ عورت عجب وچان ساڳيا لفظ ورجايا.

”تون سمجهين ڇو نہ ٿي امڙ!“ هن سڏڪو روڪيندي، ۽ منهن ٻئي پاسي ڪندي چيو، ”ڇا سڀ ڪجهہ مون کي ئي ٻڌائڻو آهي!“

ماءُ ذري گهٽ ڪرندي بچي. در جي تاڪ کي ٻيجان هٿن سان جهليندي ۽ ٻئي تاڪ کي ٽيڪ ڏيئي بيهي رهي، ڄڻ سندس جسم حرڪت ڇڏي ڏني هجي.

”هُو حيدرآباد وارن جهيڙن ۾ گذاري ويو.“ هو يڪساهي چوڻ لڳو ”هيءَ تار، آفيس وارن موڪلي آهي. ڪيس خيبر ميل ۾ ڪٽي ايندا.“

اهو چئي، هو تار عورت جي پيرن ۾ ڦٽي ڪري، سائيڪل ۾ هٿ وجهي، ڀڄي نڪتو. ٻي تار پهچائڻ بنا، هو آفيس ڏانهن روانو ٿيو. پڪو فيصلو ڪيائين، تہ آفيس پهچڻ شرط يونيفارم لاهي ڦٽو ڪندو ۽ نوڪريءَ تان استعيفا ڏيندو.

پٺيان هڪ لمبو سڏڪو ٻڌڻ ۾ آيس، جيڪو دهل جي ڌڪي ۾ آهستي آهستي ڌبجي ويو.

(ناول ”هيومن ڪاميڊي“ جي هڪ ڪردار کان متاثر ٿي لکيل.)

”سنگت“ چوند ڪهاڻيون ١٩٨٠ع

# ماٺهو

هو اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ ۾، اسٽريچر تي بيهوش پيو هو. سندس حالت نازڪ هئي. وار رت سان ڀميل، منهن رتو ڇاڻ، اکين جاکپ رت سان ڍڪيل. ڪن رت سان ٿمتار، ڳلن تي هڪ عجيب وارن ڇنبڙيل ۽ ڏاڳي سان ٻڌل ڏاري چمڙي رکيل، جنهن اندران رت جو ڇميل تهه. ران تي پٽي ٻڌل. ڦڪو- هيڊو جسم. لڳندڙ عجيب مخلوق.

ڊاڪٽر، ڪيس رت جون ٿيلهيون چاڙهي رهيا هئا. تمام گهڻو رت وهي ويو هو. هيءَ چوٿين ٿيلهي هئي.

هو جناح اسپتال جو ٻاهريون گيٽ ٽپي، اچي فٽ- پاٿ تي ويهي رهيو. ڪنهن اونهي سوچ ۾ ٻڌل هو. عمر پنجويهن جي لڳ ڀڳ هئس. سڄو منهن پونءِ وهندڙ ڦرڙين ۽ داڻن سان پريل هوس. ڪن وٽ چير پئجي ويا هئس. نڪ سَسِيل ڦوڪٽي وانگر سڄيل هئس. اکيون وڃنس پيون نِنديون ٿينديون ۽ منهن جي سڄندڙ چمڙيءَ سان ڍڪبيون. چپ هنڌان هنڌان ڦاٽل، جن کي رکي رکي زبان سان آلو ٿي ڪيائين. زبان ڄڻ ڳريل گوشت ٽڪر. پيرن جا وار اپا ٿيل. نرڙ ۾ ڳهنج. منهن جي چمڙي، ڪٽان ڪٽان ڪارا ٿيل، ڄڻ ماڻهو نه، پر ديوَ هجي، عجيب مخلوق!

منهن کي ڇڏي، باقي سڄو جسم ٺيڪ هوس. هٿن، پيرن ۽ سيني تي ڪابه ڦرڙي، ڪوبه داڻو ڪونه هوس. رڳو منهن جو نقشو بوائتو بڻجي ويو هوس.

ڊاڪٽرن، چوويهه ڪلاڪ بيڊ تي رکڻ کانپوءِ، ڪيس ڪڍي ٻاهر ڪيو. رپورٽ ۾ ڄاڻايل هو: لا علاج مرض- ڪامياب سرجريءَ لاءِ ٻاهر وڃڻ گهرجي.

ڪجهه گهڙيون سوچ ۾ ٻڌل رهيو. اوچتو هڪدم اٿي بيٺو، ڄڻ ته اٿي بيهڻ، سندس سوچن جو فل اسٽاپ هجي. ڳورن قدمن ۽ ڦرندڙ دماغ سان،

اڇي هڪ هٿ ٻاهران بيٺو.

مهينو اڳ، سندس شادي ٿيڻ واري هئي. هو هڪ ٻئي کي روح جي گهراين مان چاهيندا هئا. ڇوڪريءَ جي مائٽن، کيس سڱ ڏيڻ کان انڪار ڪيو.

ڇوڪريءَ بغاوت ڪئي. فيصلو ڪيائين، ته سول مئريج ڪنداسين.

هو هڪ ڪمرشيل ڊپارٽمينٽ ۾ ڪلارڪ هو. بيمار رهڻ سبب، هفتو کن ڪم تي نه ويو. ڪيڏي ڇڏيائونس.

ڇوڪري، سندس تيزيءَ سان تبديل ٿيندڙ شڪل ڏسي، کيس ڇڏي وئي. پيار مري ويو. بغاوت بغاوت نه ڪئي. سول مئريج لاءِ ڪورٽ ڏانهن ويندڙ واٽ تي واسينگ وڇائجي ويا. پيار جي لاٽ، اونداهي ٻاٽ ۾ موت جي واٽ بنجي وئي. سندس ڊولڻ کيس ڇڏي هلي وئي.

رپورٽ ڪارڊ پڙهندي سوچيائين: ويهه هزار جهاز جو ڪرايو، ٽيهه هزار ٽريٽمينٽ في، ڏهه هزار خرچ پکو: ڪُل سٺ هزار. پر جڏهن بابا ڪوئلي جي کاڻ ۾ دبجي مُئو هو، ته سندس معاوضو فقط پنج هزار رپيا ڏنو ويو هو. انسان جي پنهنجي قيمت فقط پنج هزار، پر سرجري في سٺ هزار! واه ڙي زندگي! واه ڙي زمانا!

- ۽ سائنسي ترقي، سوچيائين، نقلي انسان جي قيمت هڪ لک ڊالر، مصنوعي عورت جي قيمت ٻه لک ڊالر. پر سماج ۾ عورت جي قيمت فقط پنج رپيا.

گذريل سڄي مهيني کان، هن پنهنجي شڪل ڪو نه ڏٺي هئي. فقط درد جون اُيرندڙ لهرون ئي محسوس ڪيون هئائين. سندس دل ۾ پنهنجي صورت ڏسڻ جي خواهش ڪر موڙيا. رڳ رڳ ۾ عجيب ڪتڪائي محسوس ڪيائين. کيس بنهه خبر ڪانه هئي، ته هو ڪيترو بدصورت هو. هن ڏسڻ تي چاهيو، ته سندس شڪل ۾ آخر ڪهڙي ڳالهه هئي، جنهن لاءِ، سندس ڊولڻ کيس ڇڏي هلي وئي.

چوڏس ڏسي پڪ ڪيائين، ته کيس ڪوبه نه پيو ڏسي، پوءِ ڳورن قدمن سان دُڪان اندر گهڙي ويو. روپيو ڪڍي، دڪاندار کي ڏنائين ۽ هڪ سستي قسم جو آئينو گهريائينس. دڪاندار واڻڙن وانگر ڏسڻ لڳس، ۽ جڏهن آرسيءَ جو ٻڌائين، ته ڇڻ پنڊ پهڻ تي ويو. سندس خاموشي چئي رهي هئي: ڇا اجا به ڪا شيءِ رهيل اٿئي، جيڪا ڏسڻ پيو چاهين؟

دڪاندار جي اچرج، پنهنجي پاڻ کي ڏسڻ جي تجسس ۾ اُڻ تُڻ کي اڃا تيز ڪري ڇڏيس.

آرسي ور ۾ لڪائي، ڪالا پل جي پڳل پت ٽپي، اڇي زنگ لڳل ريل جي پٽڙين جي وچ ۾ ويهي رهيو. ٻن سليپرن جي وچ ۾، پٿرن وٽ پيل بليڊ سوڌي سيفٽي ڏنائين. هن اها ڪٽي ورتي. ڏسي، وري ڦٽو ڪيائين.

اوچتو تيزيءَ سان سندس هٿ ور ڏانهن وڌي ويو. آرسي ڪڍي هڪدم منهن آڏو جهليائين. چرڪ نڪري ويس. هڪدم پوٺتي ڏنائين، لڳس، ته ڪو ديو يا راڪاس اڇي ڀنيان بيٺو هجي. هو ڏڪڻ لڳو.

حياتيءَ ۾ پهريون ڀيرو، پاڻ کي هيڪلو ۽ بيوس محسوس ڪيائين. زندگيءَ جا پنجويهه سال، اکين آڏو ڦري آيس: هو ڪيڏو نه سهڻو هو. پاڙي ۾، خاندان ۾، اسڪول ۾ ۽ آفيس ۾ ڪوبه هن جهڙو سهڻو ڪونه هو. گول منهن، چيرويون اکيون، جاڙيون ڀروون، ڀريل گلابي ڳل، ڊگهو ڪنڊائتو نڪ. سنهڙا چپ ۽ لسا جائيتا ڏند ۽ پشم جهڙا نرم ۽ ڪڪاوار.

هن دل جهلي، هڪ وار وري آرسيءَ ۾ پنهنجي شڪل ڏٺي. پنهنجي ههڙي حال، ڪوجهي ڪال، ڪنهن سان اورڻ جي ضرورت جي شدت محسوس ڪيائين. پر ڀري ڀري تائين، سواءِ موترن، ۽ ريل جي ڌڙ جي شنشنگ جي آوازن جي، ڪيس ڪو به نظر نه آيو. پاڻ سان ڳالهايائين، 'مان سرجري ڪرائيندس.'

'پر تنهنجو ته سڄو ٻوٿ ئي ڦرڙين جو غدود ٿي ويو آهي' پاڻ کي پاڻ جواب ڏنائين.

'منهنجو ٻيو جسم ته ٺيڪ ٺاڪ آهي نه.' چيائين 'مان ران تان ماس لاهرائي به، ٻوٿ جي سرجري ڪرائيندس'

'ڀاهر ويندين،؟' اندران آواز آيس. 'سٺ هزار اٿئي؟'

'مان ڪمائيندس' چيائين.

'مري ويندين، ته به نه ڪمائي سگهندين'. پاڻهي وراڻيائين.

پڇيائين 'ڇو؟'

جواب مليس 'ڇو ته تنهنجي خود پنهنجي قيمت پنج هزار به ناهي.'

ڪا مهل ائين ئي آرسيءَ ۾ ڇتائي ڏسندو رهيو. دماغ ڦرندو محسوس ڪيائين. اکين آڏو ترورا نچڻ لڳس. اوچتو هٿ وڌائي، بليڊ کڻي ورتائين، ڇڻ

فيصلو ڪري ورتائين.

آرسي ٻنهي گوڏن ڀر اٿڪائي، ڏاڍي احتياط سان ڀھريان پنهنجي ڦرڙين سان ڀريل ٻوٽ جي ڪل لاهڻ شروع ڪيائين. پونءِ ڳاڏڙ رت ٻڙڪا ڏيئي، سندس ڳچيءَ ۽ سيني تي ڦهلجي ويو. ايذاءَ سبب ڏرڙي نڪري ويس. هن ٻنهي ڳٽن وٽان، هلڪي هلڪي ڪل لاٿي ۽ پوءِ پنهنجي نرم نرم ران تان ڪل جا ٻه سنهڙا ۽ ڪوسا ڪوسا تهه لاهي، پنهنجي ٻوٽ تي چبڙائي ڇڏيا، ۽ پاسي تي پيل پراڻو ڏاڳو پنهنجي منهن تي رکيل چمڙيءَ ۽ ڳچيءَ جي آسپاس ويڙهي ڇڏيائين. ران وٽان رڳ وڍجڻ سبب، رت ٽيندڙيون ڪري وهي هليو. ان ڪان اڳ جو هو ٻوڙي وجي ڪو ڪپڙي ٽڪر ڪٽي ۽ ران کي ٻڌي، بيهوش ٿي ڪري پيو.

ماڻهن ڪيس اهڙيءَ حالت ۾ جناح اسپتال پڄايو.

اخبارن لکيو: ”اهو انسان جي تاريخ جو عجيب ڪيس آهي.“

(ماهوار سهڻي ١٩٧٨ع)

# جسٽيفڪيشن

ڍماڙيءَ وانگر اڄ جڏهن اک کلي، ته گهر جو ڪچو اڱڻ گپ ۾ گپچيل ڏٺم. مند مَٽ سبب، اک به دير سان کلي هئي. ساڍا ست ٿيا هئا، ۽ هي وقت هو اسڪول پهچڻ جو. ٽپ ڏيئي اٿي ويٺم. جيڪڏهن اهو صبح غير معمولي نه هجي ها، ۽ مينهن ۽ گپ-گِچ جو بهانو نه هجي ها، ته شايد، منهن تي به لپون پاڻيءَ جون هڻي، پاٽل قميص سان ٺي منهن اُگهي، لٽا مٽائي، اڌ ڳابرو ڦٽي ڏيئي، هڪ اڇاٽري نظر آئيني ۾ وجهي، ليٽڙو پائي، به ٽي گراهه مانيءَ جا جهڙا تهڙا هڻي، ليٽرين جي خيال کي اسڪول تائين مٽائي، ڏو گهر کان نڪري وڃان ها، ۽ پنيان امڙ ۽ زال جا لفظ پڙاڏو بڻجي اچي ڪنن سان ٽڪرائجن ها ”الله واهي- رب نگهبان!“- في امان الله-“ ۽ گهر کان نڪرڻ شرط واقفن جي قطار. ڪنهن کي سلام، ڪنهن کي هٿ جو اشارو، ڪنهن تي ڪل پوڳ جو فقرو ڪسڻ، ۽ ڪٿان وري جملو وصول ڪرڻ، جڻ ته ڪلهوڪي اوڌر ملندي هجي. ٻڳهيءَ ۾ سوار شاگرديائڻين جي نظرن کان بچندو، هيڏي هوڏي تڪيندو، جڻ ته ڪين ڏٺو ٿي نه هجي، تڪڙيون تڪڙيون ٻرانگهون ڪندو، اڳتي وڌندو آهيان. پنڌ هلڻ تي سوچڻ، معاشي حالتن جي ڏہڻ ۾ ڦاسي پوڻ، ۽ وري استاد جي عظمت ۽ احترام تي غور ڪرڻ، گڏ گڏ ٿيڻ ۽ گهٽتائيءَ جو احساس مٽائڻ. پر وري ساڳيو خيال اچڻ، ته آخر استاد وٽ ايترا محدود وسيلا ڇو آهن. سندس حالت ايتري ڪريل ڇو آهي. سندس عظمت رڳو لفظن جي ڪنڌين سان ڇو ڏڪي ويئي آهي.

اسڪول ليٽ پڄڻ، استادن توڙي ٻارن جي نظرن جا گهاوَ. پابند نه هجڻ جي احساس هيٺ دٻجڻ، پر وري سڀ ڪجهه وساري، ڦڪي ڪل ڪلي، استادن سان ملڻ، شاگردن جي سلام جو جواب ورائڻ. گهران ساڻ آندل ڪتاب لوڏيندي آفيس ۾ گهڙڻ. مسٽررول تي صحيح وجهڻ ۽ پوءِ وري لنوائي اچي ڪامن روم ۾ ويهي، نويڪلائيءَ سان ڪتاب پڙهڻ جي ڪوشش. ڪنهن ماستر جو اوچتو نازل ٿيڻ، حال احوال ڏيڻ، ساڳيا جملا دهرائڻ، وري ڪتاب ۾ اکيون اٽڪائڻ. نڪاءَ مٿان وري انگيجمينٽ رجسٽر جو ٿهڪو، صحيح ڪري، ڪتاب الماڙيءَ ۾ اڇلائي، ڪلاس ڏانهن ڊوڙڻ. اچا ڏهه منٽ

ئي مس پڙهائيا، تہ گهنڊ جو ٽن ٽن ٿيڻ. شروع ۾ تہ گهنڊ وڄڻ شرط ڪتاب ٿيي نڪري ايندو هوس، پر وري آهستي آهستي گهنڊ جي پرواهہ نہ ڪرڻ، جو ڪجهہ سبق سان ٺهڪي اچي، ٻارن آڏو پيش ڪرڻ. نتيجي ۾ ٻاهر استاد جو ظاهر ٿيڻ، ذهن جو منتشر ٿيڻ، استادن کي ساري چئي، ٻاهر نڪرڻ. استاد جي شڪايت تہ: ”اڄ پيريڊ تہ ورتو اٿئي ڪٿي ڪَنٽينيو ڪر.“ ”نہ سائين! منهنجو فلاڻي ڪلاس ۾ پيرڊ آهي“. چئي ٻاهر نڪرڻ. وڏن ڪلاسن ۾ پڙهائيندي تہ دل ٻہ ٿئي. باقي ننڍن ڪلاسن جي گوڙ گهمسان ۾ تہ اصل ننڊ ڪنيو ويندي، اوٻاسيون پيون ايندي يون. مڙئي منهن تہ ڏيٺو آهي ۽ پوءِ وري سمورو خفت ماسترياڻين سان بحث ڪري لاهڻ. دل پيئي چاهيندي، تہ هو بہ علم، ادب، ٻولي ۽ سياست تي ڳالهايائين. پر هو ڳالهائينديون فلم، ڊرامي ۽ ايڪٽنگ تي، ۽ پوءِ هرو پرو، نہ چاهيندي بہ ان ٽاپڪ تي ڳالهائڻ. ۽ ڪڏهن تہ ڪا ٽي وي سيريل يا ڊراما سيريز رکو ان ڪري ڏسندو آهيان، تہ متان سَياڻي ڪا ماسترياڻي سيريل بابت پڇي وجهي ۽ مان ننهن ڪار ڪري، منهن پيلو ڪري نہ ويهي رهان.

”ماڻهو سڀ نہ سهڻا، پڪي مڙيئي نہ هنج“ جيان، هنج پري پڄندا آهن ۽ ڪانوَ ويجهو ايندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن هنج جواعتراف ڪرڻ تہ، ”تون سٺو آهين، وٺندڙ آهين“. بس ڳالهہ ڳڙ. اڳتي ڪجهہ بہ نہ. پلا سٺائيءَ کي چو نہ پنهنجو ڪجي؟ ان ڪري جو سٺائي ڪنگالپڻي سان لاڳاپيل آهي. وٽس غمن لاءِ بيحد احترام ۽ درد لاءِ گهري جڳهہ آهي. جيئڻ گل ڪنڊن سان ڳانڊاپيل آهن. رسڪ ئي رسڪ، جوکو ئي جوکو. ڪير هٿ لائيندو اهڙي گل کي. بس ڏسڻ ئي ڪافي آهي. هرويرو ڇُهي پنهنجي پارس بدن کي لوهو ڇو ڪجي!

پر شڪر جو رات مينهن وٺو ۽ گجي گجي وٺو. خوب ٻاهہ ڪڍيائين ۽ نتيجي ۾ دير سان اٿڻ لاءِ جسٽيفڪيشن مليو، پررات ڪيئن گذري، ڇا لطف ماٺيوسين! ذهن تي زور ڏيڻ ڪانپوءِ خبر پوڻ، تہ دير سان اٿڻ، تہ فطري ۽ سپاويڪ هو. رات تہ ڪٽون اندر ڪرڻ، تيز سيرڻ ۽ ٻارن کي هتان ڪٿي هتي نيڻ ۾ گذري. ڊيوٽيءَ جي معمول واري احساس جو نہ چاهيندي بہ اسڪول ڏانهن ڇڪجڻ. گوڏي جيڏو پاڻي، چپل هٿ ۾، ور ڪنجيل. شپڪ شپڪ اسڪول وڃي رهيو آهيان. دوستن جو پڇڻ، اشاري سان جواب ڏيڻ، جنهن

جي معنيٰ تہ: ”زندگيءَ جي گاڏي کي گھلي رهيو آهيان. في الحال مرڻ نہ ٿو چاهيان، جو گھر ويهي رهان.“

اڌ پنڌ تي پهچي سوچڻ،: اڄ نيرن ڏاڍي لذيذ هئي. شل رب گھر واريءَ کي ساجهہ ڏئي، تہ روز اهڙي نيرن ڪرائي. ڇا ڪاڏو هئم اڄ؟ ها، دال جي پليٽ ۽ ٻہ مانيون. دال! دال بہ ڪڏهن لذيذ ٿي آهي. پلا هونئن صبوح سان، ڪڪڙ جي ٻوڙ سان بہ اڌ مانيءَ کان وڌيڪ ڪونہ هلندو آهي؟ ذهن تي زور ڏيڻ سان خبر پئي تہ، ماني لذيذ ڪونہ هئي. پر سموري لذت، سڪون، آرام ۽ بي فڪريءَ سان ماني کائڻ ۾ هئي.

اسڪول پهچڻ. پابند نہ هجڻ جي احساس جو اڀرڻ-لهڻ. پر ڪلاسن ۾ پوري اٽينڊنس نہ ڏسي، سرهو ٿيڻ، لک لائق مينهن جا، جنهن جسٽيفڪيشن عطا ڪيو. ”حقيقت ۾ ماڻهوءَ کي ڪپي بہ جسٽيفڪيشن. بس پوءِ جيئڻ ڏکيو ناهي.“

اڄ ڪنهن بہ ٽيچر کي ڪلاس جي پرواہ ناهي.

(ماهوار آديون ١٩٨٢ع)

# درد جي دنيا

پروف ڏسندي ڏسندي، هن مون ڏانهن ڏٺو. ڪيس چتائي ڏٺم. اٽڪل سٺ ورهين جيءَ چار جو پوڙهو، ويڪري ڇاتي، ايا ڪلها، موڪرو منهن، بدن ۾ سگهارو ۽ اڇي پنيي ڏاڙهي.

پروف ميز تي اڇلي، اکيون مهٽيائين. ڪجهه دير اکيون ہوتي ڇڏيائين. اکيون کولي سگريٽ دکايائين. ہہ ٽي ڊگها ڪش هڻڻ ڪانپوءِ پڇيائين:

"پارٽ ٽائيم پروف ريڊر آهين؟"

"ها" جواب ڏنومانس.

"گهڻا ڪلاڪ روز؟"

"جيستائين اکين سات ڏنو."

"جا؟"

"جيسين اکين آدو ترورا نہ چانئبا، تيسين پروف ڏسندو رهندس."

"۽ اهي ترورا ڪهڙيءَ دير ۾ نچڻ شروع ڪندا؟"

"وڌ ۾ وڌ ٽن ڪلاڪن ۾."

مون ڏانهن چتائي ڏٺائين. چڻ ماضيءَ جي اونهي کوهہ ۾ ٽپو ڏنائين. منهن مونڏانهن، پر ذهن غير حاضر هوس. هڪدم منهن ڦيرائي ڇڏيائين. چڻ ٿڪل مسافر اڌ پنڌ تان موٽيو هجي.

بيزاريءَ مان چيائين "پروف ريڊر ۽ ڪمپازيٽر جا ستارا هميشه گردش ۾ هوندا آهن."

وراڻيم "پر پروف ريڊر ۽ ڪمپازيٽر پاڻ ۾ دوست نہ ٿيندا آهن."

ڏاڍو ٺاهوڪو جواب ڏنائين. چيائين "حقيقت ۾ ٻنهي جا ستارا هڪٻئي سان ٽڪرائجي ويندا آهن."

هڪ دفعو وري پروف ڏسڻ ۾ گم ٿي ويو. پروفن تي ڇڪيل آڏين سڌين ليڪن سندس پريشان ذهن جي نمائندگي ٿي ڪئي.

پڇيائين "ڪهڙو ڏيندئي؟"

"ٽي سؤ."

"ٽي سؤ رپيا پارٽ ٽائير" چيائين "پنج سؤ روپيا فل ٽائيم، اٺ ڪلاڪ

ڊيوٽي. پلس تي ڪلاڪ بيگر واه ڙي زمانا!"

سڙڪ تان لنگهندڙ هڪ جيپ ۾ لڳل لائوڊ مان ڪجهه نعرن جا آواز آيا. هن انهن ڏانهن ڪوبه ڌيان نه ڏنو. چڻ لنوائيندو هجي. شايد اهي ساڳيا نعرا گذريل سڄي مهيني کان ٻڌندو رهيو هو يا وري انهن سان ڪا يادگيري وابسته هئس. منهن ۾ پيل گهنج گهرا ٿي ويس.

انهن نعرن کان لنوائڻ لاءِ وٽس هڪ ئي هٿيار هو، ۽ اهو شايد سندس گهڻو ڳالهائڻ هو.

"ڪم ڪهڙو ڪندو آهين؟" پڇيائين.

"هڪ رسالي ۾ ڪم ڪندو آهيان." ڪوڙ ڳالهايم.

"نالو؟"

"ڪاڪ محل!"

"تون ايڏانهن ڪيئن پڳين؟"

"مڙيئي سنگت جي مهرباني آهي."

"ڪوڙ!"

"نه سائين!"

"پلا اتي ڪم ڪهڙو ڪرين؟"

"ڪڏهن پروف ڏسان، ته ڪڏهن هڪ اڌ مضمون جو ترجمو ڪيان."

"ساڳيو ڪوڙ!"

"ڪيئن پلا؟"

"خبر اٿئي ته ان رسالي کي هر ماه ڪهڙي جا اشتهار ملندا آهن؟"

"اٽڪل ويهن هزارين جا."

"پوءِ توکي آفيس ۾ ڪيئن گهڙڻ ڏيندا!"

"سنگت ۾."

"وري اهائي ڳالهه!"

"سائين سچ ٿو ڳالهايان."

"پلا ڪجهه ان رسالي لاءِ لکيو به اٿئي؟"

"ڪڏهن به نه،" وراڻيم "پر اها پي ڳالهه آهي، ته ڪڏهن ڪڏهن ڪا ڪهاڻي ڏيندو آهيان. اها به ان شرط تي ته بنا ڪنهن پوسٽ مارٽم جي ڇپين."

”پوءِ ڪھڙو اجورو ملندو اٿئي؟“

”ڪڏھن ڪڏھن ھڪ ڪامپليمينٽري ڪاپي.“

”ڪوڙ ئي ڪوڙ!“

مان ڦڪي کِل کليس. ٿهڪ نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو. پڇيم ”تہ توھان جي ليکي مان ڪوڙ ٿو ڳالھايان؟“

”بلڪل.“

”ثبوت؟“

”تنھنجو ھڪ ڪنگلي اداري ۾ پروف ريڊر ھجڻ.“

ھڪ پيرو وري ساڳي جيپ لنگھي. نعرا ۽ رڙيون. گوڙ مچي ويو. ھن جي مُنھن ۾ گھنڊ پئجي ويو. اکيون جيري وانگي ڳاڙھيون ٿي ويس. نڪ ڦنڊجي ويس. ڪاوڙ مان چپ ڦڙڪڻ لڳس. ڏند پيڪوڙجي ويس. پانيم تہ کيس سياست کان سخت نفرت ھئي. سگريٽ جا ڏگھا ڏگھا ۽ لاڳيتا ڪش ھڻندي چيائين ”پيلي سچ ٻڌاءِ ڪھڙو ڪم ڪندو آھين؟“

جڻ تہ ان سوال جو جواب، ھن جي پريشانين جو بچاءُ بند ھو. جيڪڏھن جواب نہ ڏيان تہ ھوند بند ٻجي پئي ۽ ھو پريشانين جي وير ۾ لڙھي وڃي. جواب ڏيڻ ضروري نہ سمجھيم، تہ بہ ڪوڙ ڳالھيم. چيم ”اسڪول ۾ ماستر آھيان.“

”ھاڻي آيو آھين سڌ تي!“

”اھو وري ڪيئن؟“

”ڳالھہ پڌري پٽ آھي.“ چيائين ”ڪراچي جي ديو شھر ۾ ڪوبہ پارٽ ٽائيم تي جيئرو رھي نٿو سگھي.“

دل ۾ آيم، تہ ٻڌايانس، تہ مان ھن برز باڪاس شھر ۾ پارٽ ٽائيم تي جيئرو آھيان. پر ذھن جي ڪمانڊ، دل جي احساس کي دٻائي ڇڏيو. سندس سادگيءَ تي کِل بہ آئي تہ رحم بہ.

ھڪ اسٽيٽسٽڪس جي پروف جي اونڌي ڇپيل سگما کي سڌو ڪندي چيائين، ”ڪھڙي اسڪول ۾؟“

”ايوب خان ميموريل اسڪول ۾.“

”اھو وري ڪھڙي ھنڌ آھي؟“

”گاڏي کاتي پراڻي رام باغ ۾.“

”پرائمري يا سيڪنڊري؟“

”سيڪنڊري.“

”اڄ اسڪول ويو هئين؟“

”نہ.“

”ڇو؟“

”موڪلون آهن.“

”ڇاجيون موڪلون؟“

”اليڪشن جون.“

منهن ۾ ساڳيو ڳهنڀ پيُجي ويس. رڳون ڇڪجي ويس. ان مان پڪ ٿي وئي تہ ڪيس سياست ڪان سخت نفرت هئي ۽ ان نفرت جو تعلق ضرور ڪنهن دل ڏڪوئيندڙ واقعي سان هو.

هڪدم پاڻ سنڀالي ورتائين. پڇيائين ”پر ماسترن جي اليڪشن جي دور ۾ هنگامي ڊيوٽي هنئي اٿائون!“

”ان لسٽ ۾ منهنجو نالو ڪونهي.“

”ڇو؟“

”ان لاءِ جو ..........“ مون ڪان جواب نہ ٿيو. منجهي پيس.

پاڻ جواب ڏنائين. چيائين ”ان لاءِ جو ماستر آهين ئي ڪونہ!“

منهنجين ڪوڙين ڳالهين جو هو ڪنهن ماهر سرجن جيان پوسٽ مارٽم ڪندو رهيو ۽ ائين ڪرڻ سان سندس غم هلڪو ٿي ٿيو. هو ڳالهائڻ جي موڊ ۾ هو ۽ مون وٽ سواءِ سياست جي ڳالهائڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ هو. اليڪشن جو زمانو ويجهڙائيءَ ۾ ختم ٿيو هو. ماڻهن ڳالهائڻ شروع ڪيو هو. هر ڪو پنهنجي راءِ جي اظهار لاءِ آتو هو. مان سياست تي ڳالهائڻ ڪان نٽائي رهيو هوس، ڇاڪاڻ تہ مون اها ڳالهہ ڪرڻ نٿي چاهي، جنهن سان هن جي دل ڏکي.

نئون ڪوڙ ڳالهايم. چيم ”مان حقيقت ۾ ايئرپورٽ تي هڪ فارورڊنگ ڪليئرنگ ڪمپنيءَ جو ايجنٽ آهيان.“

”پگهار گهٽي؟“

”هڪ هزار“

”ڪوڙمٿان ڪوڙ!“

”اصل نہ.“
”ءِ ھيو ڇا ڪندو آھين؟“
”پارٽ ٽائيم تي پروف ريڊر“
”ءِ ھيو؟“
”ھي ڪم ڪرڻ جي ضرورت ئي ناھي.“ چيم ”ڪل ملائي تيرھن سو ڪندو آھيان.“
”ھڪ ڪوڙ کي نڀائڻ لاءِ سؤ ڪوڙ ڳاھيندين!“
”ھرگز نہ!“
”پلا اڄ مال ڪليئر ڪرائڻ ڇو نہ ويو آھين؟ مسٽر ڪليئرنگ فارورڊنگ ايجنٽ!“
”اڄ ايئرپورٽ تان جلوس نڪرڻو آھي.“
”نوڪريءَ جو جلوس سان ڪھڙو واسطو؟“
”ساھہ سڀ کي پيارو آھي.“
”ءِ پيٽ؟“ چيائين ”تون وقت گذارڻ لاءِ ھرو ڀرو ڪوڙ ٿو ڳالھائين.“
”ثبوت؟“
”تنھنجو قيوم آباد ڪان ھيستائين پنڌ اچڻ!“
مان ھن جي ڪھري ءِ سخت لھجي مان تنگ اچي ويس. ھن جي سوال مٿان سوال مون کي ڪيترائي ڪوڙ ڳالھائڻ تي مجبور ڪيو ھو، فقط ان ڪري ڪوڙ ٿي ڳالھيم، ڇاڪاڻ تہ ھو ڳالھائڻ جي موڊ ۾ ھو ءِ مونوٽ ڳالھائڻ لاءِ ڪجھہ بہ نہ ھو.
”تنھنجن سوالن جي پرمار منھنجو مٿو ڦيري ڇڏيو آھي.“ منھنجو لھجو سخت ٿي ويو. بيزاريءَ وچان چيم ”تنھنجي آڏي پڇا مون کي مجبور ٿي ڪري تہ مان ڪوڙ ڳالھايان.“
بس ايترو چوڻ ھو، ڄڻ ھماليہ رجي پيو. ہہ ڳوڙھا ڳلن تان ترڪندا، سندس ميڄن وٽ ڦھلجي ويا. منھنجي سخت لھجي، ھن جي دل پيچي ڇڏي. مان ڪيس غور سان ڏسڻ لڳس. دير تائين بُت بڻيو ويٺو رھيو. اوچتو بت ۾ حرڪت آئي. سڄ ڏيئي ٻانھن ڪان جھليائين. مان وائڙو ٿي ويس. وايون بتال ٿي ويون، اڪيون ڦاڙي ڏسندو رھيس. ھن جي گرفت ۾ محبت نہ ھئي، نفرت نہ ھئي. پنھنجائپ نہ ھئي تہ ڌاريائپ بہ نہ ھئي. ھن جي گرفت ۾ ڪا ڳالھہ

هئي، جنهن مون کي بدحواس ڪري ڇڏيو ۽ اها هئي ندامت ۽ افسوس. هن گرفت نہ ڇڏي، ۽ مون ڇڏائڻ جي ڪوشش بہ نہ ڪئي. عجيب لطف هو ان گرفت ۾.

"مون کي معاف ڪر." گرفت ڍري ڪندي چيائين "مون توکي رنجايو آهي."

"اهڙي ڪابہ ڳالهہ ناهي." مون سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺڻ جي ڪوشش ڪئي.

هن هٿ پوئتي ڇڪي ورتو. منهن ڦيري ڇڏيائين. سندس اکين مان ڳوڙهن جي لار، ڪنهن آلي ڪپڙي مان تمندڙ پاڻيءَ جي ڦڙ ڦڙ وانگر جاري هئي.

دل ڏري پئي، تہ بدن مان سيسڙاٽ نڪتو، جنهن ٿڌي ساهہ جي شڪل ورتي ۽ هوا ۾ ڦهلجي ويو. چيم "مان پنهنجي ڪئي تي پشيمان آهيان."

"مون کي معاف ڪر!" چيائين "مون تنهنجي دل آزاري ڪئي آهي."

"مون اوهان کي ڏکويو آهي." سندس ٻانهن پنهنجي هٿ ۾ سوگهي ڪندي چيم، "مون هجت ڪئي هئي."

"مون کي معاف ڪج." ساڳيو جملو ورجايائين. چيائين "حقيقت ۾ منهنجي دل درد جي شدت سبب ويهي رهي هئي. ان ڪري مون ڳالهائي، دل جي غار مٿان سسيفس جي پٿر جو بار گهٽائڻ ٿي چاهيو."

مان ڪن لاءِ گنگ ٿي ويس. چاهيندي بہ ڳالهائي نہ سگهيس. چيم "مون کي پنهنجو پٽ سمجهي منهنجي خطا معاف ڪيو!"

مونڏانهن غور سان ڏٺائين. ڏسندي ڏسندي، لاشعوري طور تي ٻڪ وڌائين. سندس اکيون تانڊن جيان ٻري رهيون هيون.

"ڇا توهان کي پٽ ڪونهي؟"

"هو" خلا ۾ گهوريندي، چيائين "پر هفتو اڳ تائين."

"جي!"

"ها. هو نہ فقط منهنجو پٽ هو،" چيائين "پر ميڊيڪل جو شاگرد پڻ هو."

"پر ڪيس ٿيو ڇا."

"هو منهنجو ڪرنگهو هو" منهنجو سوال اڻ ٻڌو ڪندي چيائين،

”منهنجو ڪرنگهو ڀڳي پيو. مان بي سهارو آهيان، لاچار آهيان.“

”ڇا هن توهان کي ڇڏي ڏنو آهي؟“

”نہ.“

”تہ ڇا ڪنهن ايڪسيڊنٽ ۾ گذاري ويو؟“

”نہ.“ هن ان موضوع تي ڳالهائڻ نٿي چاهيو. درد جي شدت سبب ٿڪجي اٿيو. چڻ تہ دل جي منهن تي رکيل سسيفس واري ڇپ ڪٽي پري ٿڌو ڪيائين. چيائين ”هو تازن هنگامن ۾ مري ويو.“

”ڪٿي؟“

”مليرِ ۾!“

درد جي اُپريل سَٽ کي هلڪو ڪرڻ لاءِ ڪرسيءَ جي ٽيڪ تي مٿو لڳائيندي، هٿ ڍڳها ڪيائين.

سندس هٿ مان هڪ مروڙيل سروڙيل ڪاغذ ٽڪر ڇڏائجي اچي ميز تي ڪريو. هن جون اکيون ڇت ۾ ڪتل هيون.

مان ڪاغذ جي ٽڪر کي هٿ جي ترئِ سان سڌو ڪري پڙهڻ لڳس. جنهن ۾ لکيل هو: ”هن ليٽر ذريعي آفيس جي هر ملازم کي آگاه ٿو ڪجي تہ شهر ۾ ڪرفيوءَ جي باوجود هو پنهنجي نوڪريءَ تي معمول مطابق حاضر رهن. ٻيءَ صورت ۾ کين نوڪريءَ مان ڪڍيو ويندو.“

(ماهوار هلچل ۱۹۷۷ع)

# پوڻ ٽري ۾ قاتل پوري ڇوڪري

پينرو! اچو تہ آئون اوهان کي پنهنجي آتمر- ڪٿا ٻڌايان.
مان خليل جبران جي منڙي وطن لبنان جي سهڻي، من- موهيندڙ ۽ حُور- پرين جي شهر بيروت جي رهواسڻ آهيان. ڪالهہ تائين، مون پنهنجي حياتيءَ جا ٻارنهن سال ڌرتيءَ جي پيٽ (انڊر- گرائونڊ بيسمينٽ) ۾ گذاريا. پنهنجي ننڍپڻ ۽ ٻالڪپڻ جا ٻارنهن سال، معصوم، ڪومل، نرم ۽ نازڪ جذبن سان ٽمٽار، نفيس ۽ خوبصورت خيالن ۽ حسرتن پريل ٻارنهن سال، پوڻ ٽري ۾ نهايت وحشتناڪ ڪيفيت ۾ گذارڻا پيا. منهنجو هڪ هڪ ڏينهن ڊپ، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ ۾ اذيتن جي اولڙي ۽ پيڙائن جي پهري ۾ گذريو آهي. ۽ اهڙيءَ ريت مون پورا چار هزار ٽي سؤ اسي ڏينهن هڪ غار جهڙي اونداهيءَ ڪوٺيءَ ۾ ڪاٽيا آهن.
منهنجي منڙي وطن جي ايفرو ڊائيٽ جهڙي سهڻي شهر جي گهرن، گهٽين، رستن، گهٽن-گهيڙن، چوواٽن، سڙڪن، پلين، ۽ مسجدن جي منارن، گنبذن، گرجائن، فيڪٽرين جي چمنين، هوائي اڏن، باغن، کيتين- پوکن، وڻن- ٽڻن، ٻوٽن- ٻوڙن، ساوڪ- سبزن، پٽن- تارين- ڪنڌن- ڪرڙن، فضا، هوا، پاڻي توڙي اتي- ان، ماني، تڪيءَ، ٿانون- ٿپن ۽ شراب جي بوتلن مان پڻ خوف، وحشت، دهشت ۽ هراس ٽي بکيو ۽ ٽميو.
چوڌس ۽ چوڦير، سرهاڻ، لالاڻ ۽ چانڊاڻ، ۽ زندگيءَ جي چُر پُر بدران بم، ٺڪاءَ، سر ڌڙن کان ڌار، ڪٽيل عضوا سڙڪن تي ڦهليل، چوڌس نفرت، ڪروڌ، پيڙا، عذاب ۽ بي- يقينيءَ جو واسو هو. آئيندو اڻچٽو. حال- بدحال، وک وک وبال، منهن ملال ۽ ڪوجهو ڪال، بي عزتي، شرمندگي، ندامت، ملامت ۽ ٻڌ- تر جا من ۾ چيندڙ گهاءَ. هر ويل الڪا، اڌما، وياڪلتا ۽ ٽٽل، ڀڳل پور ٽيل پروسا.
ننڍپڻ ننڊ ۾ چرڪ پريندي ۽ ٻالڪپڻ، ٺڪاون ۽ گولين جي وسڪارن ۾ گذري ويو.
منهنجو اسڪول: ڌرتي ماءُ جي هنج. منهنجي عبادت: ڌرتيءَ جي سيني تي سيس نمائڻ.

پينر، منهنجي چيڙن ڪي خليل جبران واريون دعائون به ياد رهي نه سگهيون ۽ خوف ۽ ڌمڪاءَ وچان، سڀ ڪجهه وسري ويو.

منهنجا رانديڪا: مائوزر، ڪلاشنڪوف، بندوقون، رائفلون ۽ بم گولا بڻجي پيا.

منهنجي دعا: رڳو سانت، امن ۽ مڪمل ماٺ.

منهنجي خواهش: جهٽ- ڪن جو پيار، سڪ ۽ سڪ.

منهنجي تڙپ: بمن بارودن، گولن جي ٺڪاون، ڌمڪاريل ۽ ڏڪاريل ماحول جي وحشت کان ٻاهر نڪرڻ.

منهنجي تمنا: کليل فضا ۾ تازي، صاف، سڳنڌ ڀريل ۽ مٽيءَ سان مهڪيل هوا ۾ ساهه کڻڻ.

منهنجي آس: جيئري- قبر مان ٻاهر نڪران، وشال وايو منڊل ۾ کليل نيري آسمان ۾ ڪڙيل چنڊ ۽ ٽمڪندڙ، جهرمر تارا ڏسان. بس رڳو هڪڙو پل، هڪڙي ساعت کليل فضا ۾ آزاد ماحول ۾ ساهه کڻان.

پينرو، اڄ آئون اوهان کي ٻڌايان پئي ته منهنجي لاءِ لفظ دوست/ ساهيڙي بي معني ڇو آهي، ڇو ته مون وٽ ڪابه جيڏي سرتي حال اورڻ ۽ دل جو بار هلڪو ڪرڻ لاءِ موجود ڪونه هئي.

توهان کي اچرج ونندو ته آئون جنگ بنديءَ وارن ڏينهن ۾ وقفن ۾ ٻاهر ڇو نه ٿي آيس. توهان جو تجسس ۽ اچرج پنهنجي جاءِ تي صحيح آهي، ڇو ته اهو سياويڪ آهي ته هر انسان ٻاهرين دنيا ڏانهن نڪرڻ چاهيندو آهي. ڪيس هڪجهڙائي، موت جهڙو ڏيک ڏيندي آهي ۽ زندگي مئل لڳندي آهي. پر آئون ڇا ڪريان، ڪيئي ڀيرا جنگ بندي ٿي ۽ ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪيم، پر ظالم وحشي هڪدم انسانيت جا سڀ ليڪا لتاڙي، جنگ بنديءَ جي خلاف ورزي ڪندي، بم ۽ بارود جو بي دريغ وسڪارو ڪندا رهيا آهن. ڪالهه جيئن ئي ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪيم، ته هڪ مارٽر جو گولو ٺڪاءَ ڪري اچي جاءِ جي اڱڻ ۾ ڪريو ۽ آئون هيسيل ۽ گهبرايل ڊوڙندي، ٿڪل ۽ ٿڙندڙ ٿاٻڙندڙ ڳورن قدمن سان اچي تهه خاني ۾ ڪريس.

ائين ڪالهه به ڪيو هوم، ٺيڪ ائين ئي ٽيون ڏينهن به ٿيو هو ۽ سال اڳ به، ۽ اهو سڀ ڪجهه گذريل ١٢ سالن کان ٿئي پيو. انهن بارودي برساتن سبب اسان جي سڄي جاءِ ذري گهٽ ڪنڊر بڻجي وئي آهي. رڳو

ڪالهه ئي منهنجي پاڙي واري گهٽيءَ ۾ وحشي ڪتن جي بارودي بوڇاڙ سبب ست جايون ڪري زمين دوز ٿي ويون هيون ۽ منهنجا ڪيترائي پاڙيسري جيئري سرن ۽ پٿرن جي ڍير هيٺان دٻجي مري ويا. سندن ڪوڪون اڄا تائين منهنجي ڪنن ۾ پڙجن پيون ۽ اهڙين حالتن ۾ اهڙي وحشتناڪ ماحول ۾ پلا آئون ڪيئن ٿي ٻاهر نڪري سگهيس. تنهن ڪري ئي مون پاڻ کي تهه خاني ۾ بند ڪري ڇڏيو هو. ڇو ته حالتن مون کي اونداهيءَ ڪوٺيءَ ۾ رهڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو هو.

جنگ بندي واري وقفي ۽ انهيءَ سڄي عرصي ۾ بابا اسان جي کاڌ-خوراڪ لاءِ پاڻ بچائي، لڪندو ڇپندو، ٻاهر نڪري ويندو هو ۽ کاڌي پيتي جون شيون هٿ ڪري ايندو هو ۽ وحشي ڪتن جي ظلم ۽ بربريت جو نشانو ٿيندڙ معصوم جانين جون ڪهاڻيون ٻڌائيندو هو. ته اڄ وحشين هڪ معصوم ٻار جي پيٽ ۾ سنگين ٽنبي ڇڏي. اڄ هڪ ڏينهن ۾ هڪ هزار موٽرون ساڙيون ويون، ٻن ٽن ۾ ته ماڻهو به ويٺل هئا. هڪ هوٽل کي بم جو نشانو بڻايو ويو ۽ اهو هوٽل مردن، عورتن ۽ ٻارن سميت باهه جي شعلن جي لپيٽ ۾ اچي ويو. سرتيون مون باهه جا شعلا به ڏٺا آهن ته ايمبولينس جا سائرن ۽ فائر برگيڊ جي گاڏين جا آواز به ٻڌا آهن، ته ماڻهن جون ڪوڪون ۽ ڪيهان ۽ گهٽين ۾ ڀڄندڙ ۽ ٿڙندڙ ٿاٻڙندڙ قدمن جا آواز به. ۽ اهي سڀئي ڳالهيون ۽ خوف ۽ ڌمڪاءَ هئا، جن مون کي انداهي ڪوٺيءَ ۾ رهڻ تي مجبور ٿي ڪيو- ڇو ته اها منهنجي پناهه گاهه هئي. اُتي رت جي راند نه پر موت جهڙي ماٺ هئي ۽ اهڙيءَ طرح اسين جيون جي جنگ ۾ جنبيل هئاسين. پنهنجو وجود بچائڻ لاءِ، انهيءَ آسري ۾ ته ڪو اهڙو ڏينهن به ايندو، جڏهن اسين ٻاهر نڪري آزاد فضا ۾ سُک جو ساهه کڻي سگهنداسين.

اديون، مون کي ماءُ پيءُ چوندا هئا ته، هلو ته جهٽ ڪن ٻاهر هلي تازي هوا ۾ ساهه کڻون، ڇو ته اگهڻ ۾ چنڊ ڪڙيو آهي. پر آئون خوف جي پاڇي ۾ پلجندڙ، ٻاهر نڪرڻ جي ڪٿي ٿي سگهه ساري سگهيس. ڪجهه سال اڳ هڪ رات جڏهن جهٽ ڪن لاءِ ٺڪاون جا آواز بند ٿيا، ته مان همت ڪري ٻاهر نڪري آيس. بس منهنجي ٻاهر نڪرڻ جي دير هئي، اوچتو هڪ گولي ٺڪاءُ ڪري منهنجي لونڊڙيءَ پرسان زوڪاٽ ڪندي لنگهي وئي. پوءِ ته مون کي ڊپ ورائي ويو ۽ آئون وري ڪڏهن به ٻاهر نڪرڻ جي همت ساري

چڙهي. خوف، غير يقينيءَ ۽ اچرج وچان چپ ئي نتا چرن. زبان ئي نتي اٿلي، نڪي ٿو وات وري. لفظ اٽڪي ٿا بيهن نڙ گهٽ جي ناليءَ ۾.

ڪليل ۽ آزاد فضا ۾ ساهه کڻندي ڊپ ٿو ٿئي. يقين ئي نٿو اچي ته ائين ئي آزاد فضا ۾ متي منهن ڪري ڦهليل وشال آڪاس کي سدائين ڏسڻ جي اجازت هوندي!

آسمان کي ڏسندي ڏج ٿو وڃي، ته ڪٿي آسمان ڪري ته نه پوندو، ۽ صاف، سڳنڌ ۽ سرهاڻ ڀريل، بارود کان پاڪ هوا جو اعتبار ئي نٿو اچي، ته ڪو سدائين ائين ئي رهندو. خوف ۽ اميد جي ڇتي، ڇوليون هڻندڙ لهر، منهنجي رڳ رڳ ۾ پيهي وئي آهي ۽ حواسن تي اٽڃاتل خوف جا ڪارا ڪڪر ڇانيل آهن. آئون انهن خوفناڪ خيالن سبب، گهبرائجي، واپس تهه خاني ۾ گهڙي آئي آهيان. ننيڙي ابهم ٻارءَ کان زوردار رڙ نڪتي آهي. هو پنهنجي پتڪڙن هٿن سان، منهنجي ڇاتيءَ سان چنبڙي بيو آهي. هو پڻ، ان پوسٽ، وحشت، نفرت، ڪاوڙ ۽ ڪروڌ واري گهٽيل ماحول ۽ وايو منڊل ڏانهن واپس ورڻ لاءِ تيار ناهي. هن پڻ، اونداهي ماحول ڏانهن ڌڪيل ٻارن، پيرن ۽ ماءُ پيءُ جي عذاب ۽ پيڙا کي شدت سان محسوس ڪيو آهي.

هن جي ان اوچتي، هنيانءُ ڏاريندڙ رڙ ۽ روڄ جي ڪري مان وري غار (تهه خاني) مان ٻاهر نڪتي آهيان، جو ته هن ابهم به سچ ۽ سوجهرو ڏسي ورتو آهي. بارود جي دونهين کان پاڪ فضا ۽ سڳنڌ ڀري هوا کي پنهنجي ساهه ۾ لنگهندي ۽ هيٺ ڦڦڙن جي اونهين نالين ۾ لهندي محسوس ڪيو آهي. جهومندڙ، ڳائيندڙ ۽ منڙا گيت آلاپيندڙ هوا جي سريلي ۽ مترنم آواز کي ڪنايو (ٻڌو) آهي. ڇتي اس ۽ روشن ڏينهن کي اک سان ڏٺو آهي ۽ ان جي گداز گرمي پنهنجي بدن ۾ محسوس ڪئي آهي، جو ته سرد ۽ ڳڱاٽيل برفخاني جهڙي ڪمري (تهه خاني)، اسان وانگر، هن جي بدن کي پڻ، ڏري گهٽ سيءَ ۾ ساڙي ڇڏيو هو. مون سان گڏ، هي ننڍڙو ابهم پڻ، واپس پونءِ تري ۾ وڃڻ لاءِ ڪنهن به طرح تيار ناهي، جو ته اسان ڏسي ورتي آهي، چنڊ جي چانڊاڻ ۽ چانڊوڪي، تارن جي ٽمر- ٽمر، اڀرندڙ سج جي سونهري ڪرڻن جي جهرمر ۽ لالائي، گلاب جي گل جي لازوال خوشبوءِ- ۽ موتئي جي مهڪ به هاڻ اسان کان ڳجهي ناهي. زمين جي فرش تي وڇايل، سائي اڪين ٽاريندڙ غلاف (ڇبر- سائي گاهه) تي به پنهنجا پير پساري ڏٺا

آهن. آبشار جو شوردار ۽ وڻندڙ آواز بہ ٻڌو آهي، تہ مُنهن تي پوندڙ ڦينگن جي ٿڌڙي ۽ نازڪ ڇهاءُ جو ساءُ بہ ورتو آهي. هي ننڍڙو ابهم گلڙو پڻ مون وانگر مٿل زندگيءَ ڏانهن وڃڻ لاءِ بنهہ راضي ناهي، ڇو تہ هن بہ زندگيءَ جو وهڪرو، وهندڙ چشما، ڪرندڙ آبشار، ٽهلندڙ ٿڌڙي هير ۽ چانديءَ جهڙي چانڊوڪي ڏسي ورتي آهي. مون کي دنيا جي ڪابہ طاقت، هاڻي انهيءَ گهٽيل ۽ سلهہ ورتل ماحول ڏانهن واپس ڌڪي نٿي سگهي، ڇا لاءِ تہ هاڻي مون ۾ همت، حوصلو ۽ جرئت اچي وئي آهي. خوابن جي تعبير، سپنن جي ساڀيا ۽ سوڀ نصيب ٿي آهي. سونهن، ساڃهہ، سُرت، سگهہ، آسرو ۽ ايمان، نئون جذبو ۽ ولولو ملي ويو آهي- ۽ مون پنهنجي وڏڙن جي سيني ۾ سانديل صديون پراڻي آس ۽ ارمانن جو پڙلاءُ پڻ ٻڌي ورتو آهي، ۽ نجات جي روشن راهہ ڳولي لڌي آهي.

اجهو سج کني ڪڍي آهي. چوڌس، چوڌار سوجهرو ئي سوجهرو آهي، ۽ مون اونداهي تهہ خاني جي در کي هميشہ لاءِ ٻاهران ڪرف هڻي ڇڏيو آهي.

# وبا نہ موتیا

هڪ لاش، هڪ سرد جسم، دالان ۾ کٽ تي رکيل، ڳهري ماٺ جي سفيد چادر ۾ ويڙهيل. ٣٠ سالن جو هڪ ڳڀرو جوان، سهڻو، قدآور، پڙهيل ڳڙهيل، ٻچن جو اڪيلو سهارو، پيار ڪندڙ مڙس، شفيق پيءُ، دوستن جهڙو ڀاءُ، ماءُ جو لال. کٽ تي پيو پيو سُڪي هڏن جو پڃرو ٿي، دم نائين.

چوڌاري روڄ، رانيا ۽ راڙو، سڏڪا، سٺڪا، ماتام، هنيانءُ وڍيندڙ پار. وڍ وجهندڙ ڪوڪون ۽ دانهون، دل اڇلون ڏئي ڄڻ ٻاهر اچي ڪرندي. ٻارن جو آهون، بيوس ماٿهو، بي آسري بيواهہ زال، يتيم ٻار، مٿي اگهاڙيون مايون، پيرين اگهاڙا ٻار، وڪريل وار، اُجڙيل گهر، ويران پاڙو، هوا اُداس، اُداس شام، آسمان شانت، ڪارو ڪارو نيار.

ترس ڪائيندڙ نظرون جو ڦير، رحم ڀريون نگاهون. اکين ۾ اُٿل، نيڻ نيسارا، جهڙو پاڻي نڪ مان تهڙو آب اکين مان. ڄڻ سمونڊ پيو ڇلڪي. بند پيا ڦاٽن. چوڌس ٻوڏ. ڪٿ گونگو پاڻي، تہ ڪٿ ڇلندڙ ڇوليون. آب ئي آب، پاڻي ئي پاڻي.

ترس ڪائيندڙ مايون، پاڄهہ ڀريا هٿ. ۽ درد ڀريل ۽ تسليءَ وارا لفظ:

صبر.

توبهہ.

زاري.

اللهمعافي.

هاءِ.

اَبوءِ.

اَوءِ.

آلا!

او ادي!

او ڀيڻ!

او آئي!

او جيجان!
اواورڻ!
او امڙ!
صبر پٽ!
صبر ڌيءَ!
ڏاها ٿيو!
توبهه ڪيو.
مالڪ جي مرضي.
سندس شيءِ هئي، ڪيس پرتو.
عقل ڌيءَ!
هوش ڪر ياءُ! هوش بابا هوش.
ڪجهه به نه ڪٿي ويو.
اِنا للهِ واِنَا اِلَيه رَاجِعُونَ.
راڄ برتو رب کي.
ويا نه مونيا. مسافر هُن ماڳ جا.
ال.....لا.

اَيام ٻار جا ڪومل هٿ، امالڪ ٿڌي- ڳڳَ جسم ڏانهن وڌندڙ، ننڍڙين پتڪڙين آڱرين سان بي جان پير جي چيچ کي قابو ڪرڻ جي اجائي ڪوشش، ناڪام سعيو. پيار چڻ ننڍڙن هٿڙن ۾ اوتجي آيو هجي. ڏکها ٿڌا ساهه. نڪ جو سُڪو. ٻار معصوم. روئڻ پٽڻ جي سبب کان بيخبر. روح جي راز کان بينياز. يتيمي حال ۽ آئيندي جي اونن جي ڪا سمڪ ڪانه. ڪير يتيم ٿيو. ڪير بيواهه- ڪير شينهن ڪلهي تان ڌڪو ڪائي اونهيءَ کڏ ۾ ڪريو ۽ ڪنهن جي مٿي تان شفقت جي چادر بي رحم وقت جي تيز طوفان هميشه لاءِ هٽائي ڇڏي.

لاش ڏوليءَ ۾ پيو. ڏولي مقام ڏانهن هلي. هزارين ڪلها مُٽيا. ”لٽو تو مٿاءِ، سندو مٺيءَ مامرو.“

بس رهجي ويل يادن جا رڳاٽي منظر:
- ڪهر جي ٻاهران کهٽيءَ ۾ پيل ڏولي:
- بيواهه جو وار پٽي روئڻ،

- ۽ هڪ ٿڌو جسم ڪٽ تي رکيل.

ڳالهه ڪا گهڻي پراڻي ڪانهي. ڏينهن ڪلهوڪو، سال ١٩٥٨ع. لاش هو بابل سائينءَ جو، ۽ يتيم هوس آئون.

(ناويلا مان ٽُڪر)

## ● انسان جي ڳولا

يورپ، آمريڪا ۽ روس ۾ ادبي دنيا ۾ نالو ڪڍڻ لاءِ وڏي جاکوڙ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ اُتي ان دور جي اڳ ۾ موجود مڃيل اديبن ۽ برک نقادن جي موجودگيءَ ۾ ايري اچڻ ڪا معمولي ڳالهہ ڪانهي. سمرسيٽ ماهم ۽ ارڪسن ڪالڊويل جهڙا جڳ مشهور اديب بہ ستن - اٺن سالن تائين ڇپجي نہ سگهيا. جيستائين ڪين غير ملڪي رسالن جاءِ نہ ڏني.

پر هت اسانوت حالت ابتڙ آهي. تنقيد ڪونهي. مشهور ٿيڻ ۽ نالو ڪڍڻ سولي ڳالهہ آهي. تنهن ڪري مان پاڻ متعلق ڪنهن بہ خوشفهميءَ ۾ مبتلا ناهيان. مان اجا سکي رهيو آهيان.

هن ڪتاب ۾ ۱۹۷۳ع کانوني هيلتائين لکيل ڪهاڻين مان (۱۵) چونڊ ڪهاڻيون ۽ هڪ مضمون ڏنل آهي.

ٻن ڪهاڻين "هاليووڊ جو ايڪٽر" ۽ "ڇڪتاڻ" کي ڇڏي، باقي سڀ ڪهاڻيون مختلف رسالن ۾ ڇپيل آهن. جهڙوڪ: سوجهرو، نئون نياپو، نئين دنيا، برسات، نئين ٿهي، ڪتابي سلسلو اندلٽ، هلچل، منصور ۽ هلال پاڪستان.

مضمون "مان ڇوٿو لکان" بہ سال اڳ هڪ اڙدو رسالي لاءِ سنڌيءَ ۾ لکيو هوم، جنهن کي پيڻ فهميده رياض اردوءَ ۾ ترجمو ڪيو هو، پر ڪن مجبورين سبب اهو رسالو ڇپجي نہ سگهيو، تنهن ڪري هتي ڏئي رهيو آهيان.

رفيق سومرو

(پهرئين ڇاپي جا بہ اکر)

## مهاڳ:
### جيڪو اصل ۾ اُمهاڳ آهي.

ڪنهن بہ ڪتاب جو مهاڳ گهڻو ڪري ٽن قسمن جا ماڻهو لکندا آهن. مصنف جا دوست، رٽائر ڪيل اديب، ۽ نقاد. مصنف جي دوست طرفان لکيل مهاڳ ۾ مصنف جي رازن تان پڙدو کنيو ويندو آهي، ۽ پڙهندڙن کي مصنف جي مخفي زندگيءَ سان روشناس ڪرايو ويندوآهي. مثال طور، فاضل مصنف ننڍپڻ ۾ ڪهڙي رنگ جي نڪر پائيندو هو. اسڪول ۾ ماستر هٿان مار کائيندو هو، يا نہ. بيحد جذباتي هئڻ سبب هن گهڻا دفعا عشق ڪيو، ۽ هر دفعي عشق ۾ ناڪام ٿيڻ ڪانپوءِ خودڪشيءَ جو پروگرام ٺاهيندو رهيو. پر خودڪشي ڪرڻ کان اڳ ڪنهن ٻي محبوبا سان ملندو رهيو. اهڙي طرح فاضل مصنف جي زندگيءَ کي موڙ ملندو رهيو، ۽ هن آخرڪار سنڌي ادب کي نئون موڙ ڏنو، وغيره. گذريل ويهن سالن ۾ سنڌي ادب کي ايترا تہ موڙ مليا آهن، جو سمورو سنڌي ادب مڙي ويو آهي. هينئر پڪ سان لکي نٿو سگهجي تہ سنڌي ادب ڪڏهن ۽ ڪيتري عرصي لاءِ سڌي سنوت ۾ هلندو رهيو هو. گهٽ ۾ گهٽ اسان تہ سنڌي ادب کي فقط موڙ کائيندي ڏٺو آهي.

مان رفيق سومري جو دوست نہ آهيان. اسين پاڻ ۾ ڪڏهن بہ نہ مليا آهيون. تنهن ڪري خدا ٿو ڄاڻي تہ مونکي رفيق سومري جي مخفي زندگيءَ جي باري ۾ ڪا خبر ڪونهي. مونکي خبر ڪونهي تہ هن زندگيءَ ۾ ڪڏهن، ڇو ۽ گهڻا دفعا عشق ڪيو آهي. هن جي زندگيءَ کي ڪڏهن موڙ مليو ۽ ان موڙسبب هن سنڌي ادب کي ڪيئن موڙ ڏنو.

رٽائر ڪيل اديب طرفان لکيل مهاڳ ۾ ڪتاب جي مصنف بابت گهٽ ۽ خود رٽائر ڪيل اديب بابت وڌيڪ مواد هوندو آهي. رٽائر ڪيل اديب پنهنجي دور کي سنڌي ادب جو سونهري دور سڏيندو آهي، ۽ ان ڪانپوءِ ڪيس سنڌي ادب ۾ اونده نظر ايندي آهي. رٽائر ڪرڻ ڪانپوءِ اديب ٻين مصنفن جي ڪتابن جا مهاڳ لکي خوش ٿيندو آهي. اهڙن مهاڳن ۾ رٽائر ڪيل اديب، ڪتاب جي مصنف کي آئيندي جي اميد سڏيندو آهي، ۽ اڳتي هلي

مصنف لاءِ پنهنجي جاءِ والارڻ جي پيشنگوئي ڪندو آهي. اهڙي طرح سموري مهاڳ ۾ رٽائر ڪيل اديب ڪتاب جي مصنف کي چيلو ۽ پاڻ کي گرو يا واد گرو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اسانجو سنڌي اديب عالم شباب ۾ تن سبين ڪري ادب تان رٽائر ڪندو آهي. ڏهه-ٻارهن افسانا لکڻ کانپوءِ هو پاڻ کي ادب تي اٿارٽي سمجهڻ لڳندو آهي، ۽ وڌيڪ ڪجهه لکڻ مناسب نه سمجهندو آهي. هو ڏهن- ٻارهن افسانن سان ادب جو سمورو سمنڊ جهاڳي ويندو آهي. ٻيو سبب. اديب کي حڪي موجاري نوڪري ملي ويندي آهي. اسانجي معاشري ۾ ماڻهو آزاديءَ سان چوري ڪري سگهي ٿو. آزاديءَ سان ڌاڙا هڻي سگهي ٿو. آزاديءَ سان خون ڪري ۽ ڪرائي سگهي ٿو. آزاديءَ سان سمگلنگ ڪري سگهي ٿو. آزاديءَ سان عصمت فروشي ۽ جوا جا اڏا هلائي سگهيٿو. پر، آزاديءَ سان لکي نٿو سگهي. لکڻ سبب جان جو جوکو ۽ نوڪريءَ لاءِ رولو پيدا ٿي پوندو آهي. عالم شباب ۾ ادب لاءِ مرڻ کا مبارڪ ڳالهه ڪونهي. تنهن ڪري اسين عالم شباب ۾ ادب تان رٽائر ڪندا آهيون، ۽ ڪباب کائيندا آهيون. باقي رهي شاديءَ جي ڳالهه! اول ته سنڌي اديب جي شادي ڏاڍي چڪتاڻ ۽ ڪشمڪش کانپوءِ ٿيندي آهي. سنڌي اديب جيڪڏهن افسانا نگار آهي، پوءِ سمجهو ته چڻ اشتهاري ملزم آهي. مونکي خبر ڪونهي ته رفيق سومري جي شادي ٿيل آهي، يا نه. هڪ اشتهاري ملزم جي حيثيت ۾ رفيق جي شادي نه ٿيندي. ۽ جيڪڏهن ستارن جي گردش سبب رفيق شادي ڪيل آهي، ته پوءِ سندس زندگي نه فقط عبرتناڪ بلڪ وحشتناڪ گذرندي هوندي. تخليق جو عمل غم، تڪليف، اضطراب ۽ بيچينيءَ مان جنم وٺندوآهي. زال ازدواجي اصولن پٽاندڙ رفيق حيات هوندي آهي، هوءَ رفيق افسانا نگاري ٿيڻ پسند نه ڪندي آهي. هوءَ خوشيءَ جي تلاش ۾ اشتهاري ملزم جي اصلاح ڪندي آهي. ۽ ڪيس ادب کان پري رکڻ جي ڪوشش ڪندي آهي، ۽ ان ڪوشش ۾ ڪامياب ٿيندي آهي.

اهڙي صورتحال ۾ اديب ويچارو عالم شباب ۾ شادي ڪرڻ کان پوءِ ادب تان هٿ کڻندو آهي، ۽ پوءِ پيندين، ڪرپلن ۽ واڱڻن جا تازا اگهه ياد ڪندو آهي. مون سان اهڙي ڪابه ويڌن ناهي، تنهن هوندي به رفيق جي ڪتاب لاءِ مهاڳ لکڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان.

نقاد ويچارا جيئن ته ڪوبه تخليقي ڪم ڪري نه سگهندا آهن. تنهن

ڪري تخليقي ادب تي تنقيد ڪرڻ جوبار پنهنجن ڪلهن تي کڻندا آهن. هو تنقيد ڪرڻ ڪانسواءِ مختلف ادبي سرٽيفڪيٽ به ورهائيندا آهن. مثال طور، فلاڻو اديب ٻوليءَ جو شهنشاهه آهي. فلاڻو اديب تشبيهن جو وزيراعظم آهي. فلاڻو ليکڪ استعارن جو پرڏيهي وزير آهي، مونکي خبر ڪونهي تہ رفيق سومرو نقادن کان ڪجهہ سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي، يا نہ. ان سلسلي ۾ مان رفيق سومري کي بد دعا ڏيندس تہ خدا کيس نقادن کان پنهنجي پناهه ۾ رکي، ۽ کيس يڪسوئي ۽ ڀرپور اپياس سان لکڻ جي توفيق عطا ڪري.

شروعات ۾ عرض ڪيو اٿم، تہ ٽن قسمن جا ماڻهو ڪنهن ڪتاب جو مهاڳ لکندا آهن. مصنف جا دوست، رٽائر ڪيل اديب ۽ نقاد. مان رفيق سومري جو لفظي معنيٰ مطابق دوست نہ آهيان. مان رٽائر ٿيل اديب بہ ناهيان، ۽ خوش قسمتيءَ سان نقاد بہ ناهيان، پر تنهن هوندي بہ رفيق سومري جي ڪتاب لاءِ مهاڳ لکي رهيو آهيان. مان رفيق جي ڪتاب لاءِ جيڪي ڪجهہ لکي رهيو آهيان، سو مهاڳ نہ آهي. جڏهن ڪهاڻي لکي نہ سگهبي آهي، تڏهن اَڪهاڻي لکبي آهي. ۽ جڏهن مهاڳ لکي نہ سگهيو آهي، تڏهن اَمهاڳ لکبو آهي. روايتن پٺاندڙ مهاڳ ۾ ليکڪ جي ساراهہ جا ڍڪ ڀريا ويندا آهن. پر مان جيئن تہ مهاڳ نہ، پر اَمهاڳ لکي رهيو آهيان، تنهن ڪري ساراهہ بدران رفيق جي اوڻائين جو ذڪر ڪندس. گڻن بدران اوگڻ ڪيندس. تعريف بجاءِ رفيق جي گلا ڪندس.

رفيق سومري جي اوڻاين جي شروعات ڪريانٿو، سندس پابنديءَ سان لکڻ جي ڏوهہ سان! رفيق پابنديءَ سان لکي رهيو آهي. لاڳيتو لکي رهيو آهي. اها سندس وڏي ۾ وڏي اوڻائي آهي. اسين سنڌي ڪوبہ ڪم پابنديءَ سان نہ ڪندا آهيون، ۽ رفتار ۾ ڪميءَ کي مات ڪندا آهيون، پر رفيق سومرو روايتن کان باغي آهي. هو مسلسل لکي رهيو آهي، ۽ ويچاريءَ ڪميءَ جو ڪم خراب ڪري رهيو آهي. ادب کي نئون موڙ ڏيڻ لاءِ رفيق کي ان علت کان آجو ٿيڻو پوندو. سال ۾ هڪ افسانو لکڻ ڪافي آهي. سال ۾ جڏهن هڪ افسانو لکبو آهي، تڏهن اهو افسانو نقادن ۽ رٽائر ڪيل اديبن کان لازمي طرح شاهڪار افساني جي سند حاصل ڪري وٺندو آهي، ۽ اهو هڪ افسانو سنڌي ادب کي نئون موڙ بخشيندو آهي.

مون غور سان رفيق سومري جا افسانا پڙهيا آهن. هو مونکي ٻوليءَ جو شهنشاهہ تہ چڙيو، ٻوليءَ جو مختيار ڪار بہ محسوس نہ ٿيو آهي. سندس ٻولي سادي، سلوڻي، عام ماڻهن جي ٻولي آهي. اديبن جي ٻولي نہ آهي. اها سندس پيو نمبر خامي آهي. سنڌي ادب ۾ عوام جي نہ، بلڪ خواص جي ٻولي لکبي آهي، جيڪا ڪڏهن بہ روزمره جي گفتگوءَ ۾ ڪتب نہ ايندي آهي. رفيق پنهجن افسانن ۾ عام رواجي ٻولي استعمال ڪئي آهي. جيڪا روزمره جي زندگيءَ ۾ استعمال ٿيندي آهي. سندس ان خطا کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي.

اهي افسانا (ڪهاڻيون) جن جا ڪردار انڌا، ٻوڙا ۽ گونگا هوندا اهن، ۽ ڏاڍن ذريعي مصنف جي آڱرين سان ٻڌل هوندا آهن، ۽ سندس اشارن تي هلندا آهن، سي افسانا سنڌي ادب ۾ اهميت واري جاءِ والاريندا آهن. رفيق جي ڪهاڻين جا ڪردار خودسر، خودمختيار ۽ جيئرا جاڳندا آهن. هنن کي ڳالهائڻ لاءِ پنهنجي ٻولي، پنهنجو لهجو ۽ پنهنجو انداز آهي. هن ڪتاب ۾ شامل افسانن ۾ رفيق جي تخليق ڪيل ڪردارن ڳالهايو آهي. خوب ڳالهايو آهي. هن ڪردارن جي اوسر لاءِ ڪامينٽريءَ کان ڪم نہ ورتو آهي. ليڪڪ افساني جي ڪردارن بابت جيستائين رننگ ڪامينٽري نہ ڏيندو، تيستائين سندس افساني کي سنڌي ادب ۾ سنجيدگيءَ سان قبول نہ ڪيو ويندو. ان لحاظ کان عمر قريشي پاڪستان جو بهترين افسانا نگار آهي. هن پنهنجي ڪامينٽريءَ ۾ حنيف محمد جي هڪ هڪ حرڪت کي ڪمال جي فنڪاريءَ سان بيان ڪيو آهي. حنيف هيٺر بيٽ مٿي ڪئي آهي. سندس کاٻو پير اڳتي وڌيو آهي. هن جو ڪنڌ ساڄي ڪلهي ڏانهن جهڪي ويو آهي. هو تيزيءَ سان ايندڙ بال کي غور سان ڏسي رهيو آهي. بال حنيف کان اڌ وال ڪن اورتي ڪريو آهي. حنيف کاٻو پير اڳتي ڪري بال کي بيٽ سان ڏڪ هنيو آهي. چونڪو. سڄو اسٽيڊيم تاڙين سان گونجي رهيو آهي. رفيق جي ڪهاڻين ۾ مونکي ان قسم جي ڪامينٽري نظر نہ آئي آهي. اها رفيق جي سنگين غلطي آهي.

رفيق وٽ جذبي جي سچائي آهي. موجوده دور ۾ جذبي جي سچائيءَ جو قدر نہ ڪيو ويندو آهي. سماجي، سياسي ۽ معاشرتي افراتفريءَ سبب جيڪو ذهن معاشري جي تاريخ مرتب ڪري رهيو آهي، رفيق ان ذهن کي قلمبند

ڪيو آهي. ان قسم جي حرڪت ادب ۾ ڪارگر نہ ٿيندي آهي. ان قسم جي حرڪت ڪي ادب ۾ نعري بازي سڏيو ويندو آهي. رفيق جي ڪهاڻين جا ڪردار پريشان، توائي، ضدي، لاپرواه، باغي ۽ ڏکي آهن. اهڙن ڪردارن جي ترجمانيءَ کي سنڌي ادب ۾ نعريبازي سڏيو ويندو آهي. اهڙن ڪردارن جي عڪاسي دنيا جي ٻي ڪنهن ٻوليءَ جي ادب ۾ ڪري سگهجي ٿي، پر سنڌي ادب ۾ هرگز نہ. اهو سونهري اصول آهي. رفيق سومري ان سونهري اصول جي خلاف ورزي ڪئي آهي.

رفيق سومري جي انيڪ اوٺاين جي وڏيڪ ڪوجنا مان مناسب نٿو سمجهان. اوهين سندس افسانا پڙهڻ شروع ڪيو. ۽ سندس اوٺاين کي هڪ هڪ ڪري محسوس ڪندا وڃو.

مهاڳ جي نالي ۾ جيڪي ڪجهہ لکيو اٿم، سو مهاڳ ناهي، لفظي معنيٰ مطابق مان رفيق جو سنگتي ناهيان، رٽائر ٿيل اديب بہ نہ آهيان، ۽ خدا جي فضل، ڪرم، ۽ رحم سان نقاد بہ ناهيان، تنهن ڪري رفيق جي ڪتاب لاءِ مهاڳ بدران اَمهاڳ لکي ويو آهيان.

امر جليل
۲۰ سيپٽمبر، ۱۹۷۷ع
پيپلز اوپن يونيورسٽي،
اسلام آباد

”عورت ۽ اشتهار“ ۽ ”عورت ۽ پيار“ ڪهاڻين ۾ ڪهاڻيڪار عورت جي نفسيات کي تمام نازڪ نموني ۾ ڇٽيو آهي. سنجيده موضوع واريون اهي ٻئي ڪهاڻيون تمام وسيع ڪينواس رکن ٿيون. پهرين ڪهاڻيءَ ۾ ٻن عورتن جي نفسيات کي ڏيکاريو ويو آهي، جيڪي فطري انساني محبت ۽ چاهت جي بجاءِ ڏن دولت سان پيار ڪن ٿيون ۽ اشتهار بڻجن ٿيون، جيتوڻيڪ هنن مان هڪ شريف گهراڻي جي شادي شده عورت آهي ۽ ٻي پرائيويٽ عورت. ٻيءَ ڪهاڻيءَ ۾ ڪهاڻيڪار هڪ تمام نازڪ ۽ غير معمولي نفسياتي موضوع کي کنيو آهي. عورت جي نفسيات بابت انهيءَ ڪهاڻيءَ کي هڪ "Case-Study" ڪوٺي سگهجي ٿو.

رفيق سومري جي هن ڪهاڻين جي مجموعي ۾ هونءَ ته ١٦ ڪهاڻيون شامل آهن، جن مان ڪن جو ذڪر مٿي ڪري چڪو آهيان، باقي رهيل ڪهاڻين مان مکيه ڪهاڻي: ”انسان جي ڳولا“ جو ذڪر خاص طرح سان ڪرڻ ٿو گهران، ڇو ته هيءَ ڪهاڻي پنهنجي پلاٽ خواه موضوع جي لحاظ کان هڪ منفرد ڪهاڻي آهي.

ويهين صديءَ جي انسان ايتري ته سائنسي ترقي ڪئي آهي. جو هو ڌاتي پولار ۾ ميزائيل ۽ راڪيٽ به موڪلي ٿو ۽ ٻين گرهن جي کوجنا به شروع ڪري ڏني اٿس. پر اهي ميزائيل ۽ راڪيٽ رڳو ٻين گرهن جي کوجنا لاءِ ڪونه ٺاهيا ويا آهن، بلڪ دنيا جا ترقي يافته ملڪ انهن جي ذريعي هڪ ٻئي تي برتري پڻ حاصل ڪرڻ گهرن ٿا. انهن ملڪن جي وچ ۾ وڌندڙ رقابت جي ڪري عالمي جنگ جو خطرو پڻ وڌندو پيو وڃي. ڪهاڻيڪار، حرصي انسان جي انهيءَ ترقيءَ تي طنز ڪندي ان تصوراتي حقيقت کي پيش ڪيو آهي ته جيڪڏهن مريخ جا انسان ترقيءَ جون ارتقائي منزلون طئي ڪرڻ کان پوءِ ڌرتيءَ تي حملو ڪري ڏين ته پوءِ ڇا ٿيندو!؟

ڌرتيءَ جو عام انسان انهن ڪائناتي (Cosmic) مسئلن تي به سوچي ٿو.

”اها ڪهڙي جنگ هوندي؟“ پڇيائين ”ان جو نالو ڇا هوندو؟“

”اها ٽين عالمگير ۽ يونيورسل جنگ هوندي“ چيومانس ”جيڪا نظام شمسيءَ جي ٽن گرهن ڌرتي، چنڊ ۽ مريخ جي وچ ۾ لڳندي“

هن ڪي ڪنبڻي وٺي وئي. ساهه روڪي ڇڏيائين. پوءِ لڏندڙ ۽ ڳورن

هَن مڪالمي نويسيءَ ۾ جان وجهي ڇڏي ۽ ان کي عام گفتگوءَ جي ويجهو آڻي ڇڏيو. جن بہ لڳاتار ان قسم جي اسلوب ۾ ڪهاڻيون لکيون، تن جي نثر کي آسانيءَ سان سڃاڻي سگهجي ٿو. رفيق جون اڪثر ڪهاڻيون انهيءَ اسلوب ۾ لکيون ويون آهن، جيتوڻيڪ ويجهڙائيءَ ۾ لکيل سندس هڪ ڪهاڻي"منهنجي دل مصر جا اهرام" ۾ سندس اسلوب بدليل آهي. تنهن جو هڪ سبب اهو آهي تہ اسلوب جو دارومدار مواد (Content) ۽ موضوع (Theme) تي هوندو آهي ۽ ان ڏس ۾ رفيق سومرو Rigid ڪونهي.

انساني امنگن ۽ جذبن کي سچائيءَ سان پيش ڪندڙ ۽ روشنيءَ جا خواب ڏسندڙ هن نوجوان ليکڪ، اڻ ٿڪ محنت سان پنهنجين صلاحيتن کي وڌايو ۽ ظاهر ڪيو آهي. رفيق، جيڪو ادبي کيتر ۾ اڃا نئون آهي، سنڌي ادب کي سٺيون ڪهاڻيون ڏنيون آهن ۽ اميد ڪجي ٿي تہ اڳتي هلي هي نوجوان ليکڪ، پنهنجي لاءِ هڪ منفرد مقام پيدا ڪندو.

ممتاز مهر
ڪراچي
۴ جون، ۱۹۷۷ع

ڇڏيو. اظهار لاءِ گهڻين ئي شين کي ذريعو بڻائڻ جي ڪوشش ڪيم، پر سڀ بي سود. نيٺ لکڻ کي ئي مون پنهنجي اظهار جو ذريعو بنايو.

مٿيون اهي سڀ ڳالهيون آهن، جن مون ۾ لکڻ لاءِ اتساهه پيدا ڪيو.

ادب جو سڌو سنئون زندگيءَ سان ناتو آهي. جيڪو ادب تفريح لاءِ لکيو ويندو آهي، ان ادب جو زندگيءَ جي ڪوڙين، مٺين حقيقتن ۽ اڻ ڪٿندڙ مسئلن سان ڪو به واسطو نه آهي. ادب (جنهن دور ۾ اهو لکيو ويو هجي ٿو) ان دور جي تاريخ هوندو آهي. زندگي تمام وسيع آهي، زندگي سمنڊ آهي ۽ اديب وڻجارو (۽ هڪ وڻجاري لاءِ سڄي سمنڊ جا موتي ڪڍي، اچي ڪناري تي رکڻ تمام مشڪل آهي). اديب جو ڪم سمنڊ جي تري ۾ پيهي وڃڻ ۽ موتي ڪڍي اچي ماڻهن جي آڏو رکڻ. سمنڊ زندگي آهي ۽ موتي سچائيءَ جي علامت سمنڊ ۾ پيهي وڃڻ مان مراد، زندگيءَ جو گهرو مشاهدو آهي- ۽ پوءِ هيرا يا ڪنڪر. جيڪي به کيس لڀن، انهن کي ماڻهن جي آڏو رکڻ. اها آهي حقيقت پسند، ترقي پسند ۽ جيئري جاڳندي ادب جي وصف.

مان انڪري لکانٿو، جو مونکي لکڻ کان روڪيو ويو هو. شروع شروع ۾ جڏهن مان لکڻ شروع ڪيو، تڏهن امڙ مٺڙا مٺڙا پاراتا ڏنا. زال خفا ٿيڻ لڳي. مائٽ ناراض ٿي ويا، چيائون: اسان جا عيب ٿو اگهاڙي، نشانبر ڇورو.

زال چيو: ڪهاڻيون لکي لکي اجايو ڇريو ٿي ويندين، ۽ رهندو پنهنجو نور چٽ ڪندين.

امڙ چيو: ڪهاڻيون سودائي لکندا آهن. منهنجي خيال ۾ تنهنجي دماغ جي رڳ ٽٽي ويئي آهي.

لکڻ جو ڏانءُ، مون ۾ ڪونهي. ڏات مون کان رٺل آهي. جيڪو ڪجهه سماج ڏنو آهي، اهولکت جي صورت ۾ کيس موٽائڻ چاهيانٿو. لکڻ کي پروفيشن (روزگار) بنائڻ گهٽ ۾ گهٽ سنڌي ليکڪ لاءِ ته ناممڪن آهي. هتي لکڻ جو شمار مشغلي يا وندر ۾ ڪيو ويندو آهي. ليکڪ لاءِ فقط لکڻ ئي سڀ ڪجهه ناهي، پر پنهنجو وجود برقرار رکڻ لاءِ کيس پاڻ پتوڙڻو پوندو آهي، ۽ کيس پنهنجي ڳچيءَ ۾ نوڪريءَ جو ڳٽ وجهڻو پوندو آهي. لکڻ ۽ نوڪري ڪرڻ، هتي به متضاد شيون تصور ڪيون وينديون آهن. جيڪو حقيقتون قلمبند ڪرڻ چاهيندو آهي، ان جي نوڪري خطري ۾ پئجي ويندي آهي. جيڪو نوڪري ڪندو آهي، ان لاءِ لکڻ هماليه تان ٽپو ڏيڻ مثل

هوندو آهي. بچي وڃڻ جي صورت ۾ ڪيس جلاوطن ٿيڻو پوندو آهي.

مان ان ڪري لکندو آهيان، جو ان جي ضرورت محسوس ڪندو آهيان. اندر جي اٿ تٿ، ۽ سماج طرفان ملندڙ تجربن کي ورقن تي پيٽڻ چاهيندو آهيان. ائين نہ ڪيان، ۽ چپ رهان، تہ جيڪر جگر مان جوالا وهي نڪري. دماغ ۾ ٽڪر ٿي پئي.

مان آزاديءَ سان لکڻ جو قائل آهيان. جيڪي مشاهدا يا تجربا ملندا آهن، انهن کي پنهنجي ذهن ذاتي منتقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. سماج طرفان ملندڙ خيرات کين لکت ۾ موٽائي ڏيندو آهيان.

لکڻ لاءِ بہ جنم گهرجن. هڪ جنم مشاهدي ۽ اڀياس لاءِ، ۽ ٻيو جنم انهن کي قلمبند ڪرڻ لاءِ.

آگسٽ ١٩٧٥ع

ڪورنگي ١، ڪراچي

# لاش ۽ سمنڊ

پرهه ڦٽيءَ جو وقت هو، مان اجا ننڊ ۾ الوٽ ڪونگهرا هڻي رهيو هوس، جو منهنجو ننڍو ڀاءُ سهڪندو، ڌاهڙندو، منهنجي ڪمري ۾آيو. منهنجي منهن تان سَوَڙ لاهيندي چيائين، ”ادا، نانا مري ويو.“

ڇرڪ ڀري اٿي ويٺس. اکيون مهٽيندي، مٿو کنهندي، ڇڻ ته مٿي ۾ جوئن چڪ پائي رهيون هيون. ڀڻ ڀڻ ڪندي چيم، ”نانا مري ويو؟“

”ها.“

”ڪڏهن؟“

”ڏهه منٽ اڳ.“

”ڪٿي دم ڏنائين؟ ماما ننڍي، ماما وڏي يا الله جي گهر يعني مسجد ۾ ؟“

”ننڍي ماما جي گهر.“

اسان جو گهر چاڪيواڙي ۾ بس اسٽاپ جي پرسان هو، ۽ منهنجي ننڍي مامي جمن جي جاءِ شير شاهه روڊ تي مولا مدد هوٽل جي پرسان، لاسين جي پاڙي ۾ هئي. منهنجي وڏي مامي مجيد جو گهر ملير ۾ هو.

هنڌ مان اٿي آرس ڀڳم. پيرن ۾ جوتو پائيندي، پٺن تي هلندي ڪمري کان ٻاهر نڪري آيس. گهر ۾ سواءِ ننڍي ڀاءُ جي، ڪنهن ٻي ڪي نه ڏسي، ڪائنس پڇيم، ”امان جن ڪاڏي ويا؟“

”اهي سڀ اوڏانهن هليا ويا.“

”ٻوءِ؟“ ننڍي ڀاءُ نوروءَ کان پڇيم، ”هلئون؟“

”ماما جمن ٻه ڪم توهان تي رکيا آهن.“

نوروءَ دڪدائڪ لهجي ۾ چيو. چاڪاڻ ته هو نانا جو لاڏلو هو.

”پهريون اهو ته توهان ماما مجيد کي فون ڪري، ڪيس نانا جي موت جي خبر ڏيو، ۽ ٻيو اهو ته توهان شير شاهه پاڙي واري ملان کي جيڪو مڙدا وهنجاريندو آهي، ساڻ وٺي اتي پهچو. ته جيئن نانا جي ڪفن دفن جو بندوبست ڪري سگهجي.“

مان گهر مان نڪري، سامهون واري ريسٽورنٽ ۾ گهڙيم، هوٽل ۾ دخل تي ويٺل مئنيجر کان فون ڪرڻ جي اجازت گهريم، ۽ ڪيس ٻڌايم، ”منهنجو

پوڙهو نانو ملان حاجي مري ويو آهي. ان جي موت جو اطلاع مامي مجيد کي ڏيڻو آهي."

مئنيجر اجازت ڏني. رسيور کڻي ڪن سان لائي، ڊائل ڦيرائي، نمبر ملايم. هوڏانهن ماما جو آواز آيو "هيلو- توهان ڪير صاحب ڳالهائي رهيا آهيو؟"

"توهانجو نالو عبدالمجيد خان آهي نه؟"

"ها، مون کي مجيد چوندا آهن." ماما کنگهندي، نڙي صاف ڪندي، وڏي آواز ۾ چيو، "پر توهان ڪير صاحب ڳالهائي رهيا آهيو. توهانجي تعريف."

"مان غفور صاحب ڳالهائي رهيو آهيان." ڪيس ٻڌايم، "تعجب جي ڪا ڳالهہ ڪونهي، مان غفور پٽ حضور بخش، يعني توهانجو ڀاڻيجو ڳالهائي رهيوآهيان."

"چورا ٽڪون ٽي ٽانوري ڏوڏيءَ جون." ڪانئس ٺهڪ نڪري ويو، پر يڪدم گنڀير ٿي ويو. ڇاڪاڻ تہ هو پل ۾ مون کي صاحب ڪوٺي ويو هو ۽ پريشانيءَ ۾ مون پاڻ کي صاحب ڪوٺيو هو، پر ان جي ابتڙ جيڪڏهن هو منهنجي سامهون هجي ها، تہ صاحب تہ پري رهيو، پر چوري ڪانسواءِ ڳالهائي ئي نہ ها. چيائين، "اڙي چورا! توتي صبح مردان جي لعنت هجي، چو اڇي ٻاڪ ڦٽيءَ سان نند ڦٽائي اٿئي، ماٺين مري وئي آهي ڇا؟"

"منهنجي ماءُ، يعني توهانجي ڀيڻ سڳوري تہ ثابت- سالم ۽ جيئري آهي." ڪيس طنز ڀري لهجي ۾ ٻڌايم، "پر توهانجو والد بزرگوار مرهيات "ملان حاجي صاحب" الله کي پيارو ٿي ويو."

"الله کي پيارو ٿي ويو، يعني مري ويو." خوشيءَ- ڳاڍڙ اڇرج وچاڻ چيائين، "انالله و انا اليه راجعون."

وراڻيم، "شل شيطان ابليس جا ڪن ٻوڙا هجن."

چيائين، "تون وڃي ملان ڦلان کي وٺي اچ، تہ ڪفن دفن جو بندوبست ڪري. مان اجهو ٿو اچان."

منهنجو وڏو مامو مجيد ننڍي لاءِ چولا ۽ پاڄڙ وڪڻندو هو، ۽ ان ڪان پوءِ ليٿ مشين جو ڪم سکيو، مستري ٿيو، ۽ ان کان پرءِ فورمين، ۽ هاڻي پنهنجو هڪ وڏو ڪارخانو کوليو اٿائين. هنجي پنهنجي پيءُ يعني ملان حاجي

عمر وڏي ۽ ان چوري جي نندي ڪري. پيٺسان جڏهن ڪان وٺي مڙدن وهنجارڻ جي ميدان ۾ لٿو آهي، تڏهن ڪان گهر ۾ ڪٽونرا، ڊِلا، مَٽَ، هرڪ جو لٽو، ڪٽون- جنهن تي مرحوم سمهندا هئا- رليون، ويهاڻا، سوڙيون، گل ٽيڪس جون چادرون، انٽرنيشنل لڪس جون چڪيون، ٽوپيون، ڊبل گهوڙا بوسڪي جا پٽڪا ۽ لنگيون- جيڪي پناڻ پڏندا آهن- شيروانيون، گيٽلا، لانگ بوٽ- جيڪي مرحوم پوليس وارن جي گهران ملندا آهن- پاندان، پيڪدان، سبيل لٽا- جيڪي مرحوم مرد يا عورتون آئيندي لاءِ ٺاهي رکنديون هيون، پر پائڻ ڪان اڳ ئي مري ويندون هيون، ڪنهن ڪنوار جو ڏاج، جيڪامائٽن جي زوري شادي ڪرائڻ تي آپگهات ڪندي هئي. مثل عورتن ڪي سندس زال وهنجاريندي هئي. اهي سڀ شيون گهر ۾ اچڻ بند ٿي ويون آهن. خدا شل جهنم ۾ جاءِ ڏي ان خبيث جونيئر ملان محبوب کي، جنهن مون جهڙي سينئر ملان جي پيٽ تي لت ڏني آهي.

سچ تہ ناني مرهيات جون اهي سيپئي ڳالهيون سچيون هيون. چاڪاڻ تہ هنن جي گهر جي هر ڪنڊ ۾ پيڪدان پيو هوندو هو. ٽيل تي چانديءَ جو ٺهيل پاندان، ڏيڪاو لاءِ رکيل هوندو هون. گهر ۾ اٺ مارڪ صابڻ جي بجاءِ انٽرنيشنل لڪس سان ڪپڙا ڌوئيندا هئا ۽ ان لڪس صابڻ جي ميري، پر خوشبودار پاڻيءَ سان، ناليءَ ڪتا پوٽ ڌوئيندا هئا، ۽ پير ۾ رهندڙ مڪراٺين جي زالن کي صابڻ نہ هئڻ ڪري، مٿي ۾ چيڙهہ پئجي ويندو هو ۽ سندن ٻارن جي بدن تي مٿيءَ جا چوڏا ڄمي ويندا هئا.

هرڪ جو لٽو مسڪينن کي سستي اگهہ تي وڪڻندا ۽ انهن تي پنهنجو ٺورو جتائيندا هئا. ڪنوارن جو ڏاج وغيره سندس نندي پٽ جمن جون ڏيٽرون پائينديون هيون، ۽ جيئن تہ مفت جو مال قاضيءَ کي حلال. وانگر وٽن مڙدن جو مال جام هو، ان ڪري پاڻ ڏينهن ۾ ٻہ دفعا لٽا مٽائيندو هو، ۽ سندس پوٽيون ڏينهن ۾ ٽي دفعا پوشاڪ مٽائينديون هيون، يعني صبح جو لباس، منجهند جو لباس، ۽ شام جو لباس. ڪٽون مسافر خاني وارن کي اڌ بها ۾ وڪڻندو هو. مڙدن جون لٽل شيروانيون پاڻ پائيندو هو. لانگ بوٽ الله جي نالي ۾ ڏئي ڇڏيندو هو، نڪر جا ڪٽونرا يعني بدنا مسجد ۾ رکندوهو، ۽ چانديءَ ۽ پتل جا بدنا گهر ۾ ڪتب آڻيندو هو. ڊبل گهوڙو بوسڪيءَ جي پٽڪن مان، پنهنجي پاليل پولي کي پاجامو ڪڙتو ۽ جوڪر ڇاپ ٽوپ

ٺهرائي ڏيندو هو. جڏهن غريب مڪرانين جاٻار لڱين اگهاڙا سيءَ ۾ ڏڪندي ڏڪندي ۽ تڙپندي تڙپندي دم ڏيندا هئا.

جنهن ڏينهن ناني ”ملان حاجي“ کي ڪوبہ داءُ نہ لڳندو هو، جنهن کي وهنجارڻو پوي، ۽ ڪيس مال غنيمت حاصل ٿئي، تنهن ڏينهن صبح جو ننڊ مان اٿي تسبيءَ جي داڻن کي ڏاڍو ڪاريگريءَ سان ڦيرائي، چوندو هو، ”گبر مار .... گبر مار ... ....“

پر جڏهن سندس آلاپ تي ڪوبہ گبر ۽ آسودو ماڻهو نہ مرندو هو، ۽ منجهند ٿي ويندي هئي، تڏهن چوندو هو. ”ڏينهن نہ ڪار .........“

پر جڏهن اجا بہ ڪو گبر، يعني وڏو ماڻهو سندس آلاپ جو شڪار نہ ٿيندو هو، تڏهن نراسائي سندس وجود تي ڇانئجي ويندي هئي ۽ پوءِ هن جي ڏڪندڙ چپن مان، جهيڻي آواز ۾ هي لفظ نڪرندا هئا، ”جهڙو تهڙو ڪار .... جهڙو تهڙو ڪار ....“

مون کي هن جي هڪ وصيت چڱيءَ طرح ياد آهي، هن چيو هو تہ ”جيڪڏهن مان محبوب کان اڳ ۾ مران، تہ منهنجي مڙهہ کي ملان محبوب کي هٿ لائڻ نہ ڏجو.“

۽ اڄ ڪيس سندس دشمن، يعني ملان محبوب جو هٿ نصيب ٿيڻو هو. هن جي مڙهہ کي ملان محبوب کي ئي وهنجارڻو هو.

رڪشا مولا مدد هوٽل جي پرسان لاٿو. ملان جو گهر هوٽل جي پرواري گهٽيءَ ۾ هو. مان ملان جي گهر جو ڪڙو کڙڪايو. ملان محبوب ٻاهر نڪتو. پڇيائين، ”خير تہ آهي؟“

”خير وري ڪهڙو آهي. اڄ سڄو خاندان ئي يتيم ٿي ويو آهي.“ ڪيس ڪلائيندي ۽ مسڪو هڻندي چيم، ”منهنجو نانو ملان حاجي مري ويو، هاڻي ڪو ڪفن دفن جو بندوبست ڪر ملان محبوب صاحب!“

ملان مون سان گڏ مامي جمن جي گهر آيو. لاش کي هيٺين جاءِ جي وراندي ۾ رکيو ويو هو. ڪفن جي ماپ ورتي وئي، ڪفن سبيو ويو. ٺڪر جا دلا ۽ ڪئونرا اچي ويا. ملان جي ويجهو ويهندي چيم، ”مڙهہ کي وهنجار ملان، متان لاش ڏپ نہ هٽي وڃي.“

”ٽڙ جو سئو روپيو ٿيندو، جيڪڏهن رقم ڏيڻ لاءِ تيار آهيو تہ شروع ڪيان؟“

”پئسا پنهنجي مرضيءَ مطابق ڏبا آهن ملان.“ جمن لاچاري ڏيکاريندي چيو، ”هيءَ خير ۽ ثواب جو ڪم آهي، هن ۾ لوڀ ۽ لالچ نهي نٿو.“

”لوڀ ۽ لالچ نهي نٿو. ۽ جڏهن پٺهي لوڀ ۽ لالچ ۾ اچي، اڄ ڪان ڇهه سال اڳ، منهنجي مرحوم پيءُ ڪي وهنجارڻ لاءِ پنجاهه رپيا گهريا هئا. ۽ جڏهن اجا مان ان ڏنڏي ڪان اڻ واقف ۽ بيگانو هوس.“ ملان چوهه چنبڊيندي چيو، ”تڏهن تہ اجا سستائپ جو زمانو هو. تڏهن جو پنجاهه، اڄ جي ٻن سو روپين جي برابر هو- گهٽڻ ايلازن ۽ منٿن جي باوجود بہ پٺهين پنجاهه روپين ڪان گهٽ هڪ ڪوڏي بہ ڪونہ ورتي هئي.“

”نيڪ آهي توکي سؤ رپيا ملندا، هاڻي چڏاءِ دير نہ ڪر.“ مامي جمن چيو.

لاش کي وهنجاري سهنجاري ڏوليءَ ۾ رکيو ويو، ۽ ڏوليءَ کي پير واري مسجد ۾ جنازي نماز لاءِ رکيو ويو. چيم، ”چڏاءِ دير نہ ڪر ملان جلدي نماز پڙهاءِ، تہ لاش کي ڌرتيءَ جي حوالي ڪيو وڃي.“

”جنازي نماز جا پندرهن روپيا ٿيندا، مرضي هجي تہ پڙهايان؟“

”توکي اڳ ۾ ئي هڪ سئو روپيا ڏئي چڪا آهيون، وڌيڪ ڪو نہ ملندئي.“ مامي جمن چيو، ”پيٽيان ثواب جي ڪم ۾ بہ لوڀ نٿو ڇڏين. ملان آهين ڪن چور؟“

” ۽ جڏهن پٺهين، منهنجي پيءُ جي جنازي نماز جا ڏهہ روپيا ورتا هئا، تڏهن پٺهين چور، نہ تہ ڇا مور هو؟“ ملان مٺ جيڏي ڏاڙهيءَ کي ڪنهندي چيو.

چيم، ”هلو جنازي نماز ڪانسواءِ ئي تا لاش کي پوري اچئون.“

”بڪواس بند ڪر ڪرتيلَا!“ مامي مجيد چڙٻ ڏيئي، مونکي چپ ڪرائي ڇڏيو. جڻ ملان محبوب يعني بزنيس مين جي ڳالهہ سمجهي ورتي هئائين، چو تہ هو پاڻ بہ واپاري هو. چيائين، ”نيڪ آهي، جيترا گهرندين، ملندئي، هاڻي شروع ڪر جنازي نماز.“

جنازي نماز ڪان پوءِ ڏوليءَ کي قبرستان ۾ آندو ويو. قبر کوٽيندڙ چيو، ”پنجاهہ رپيا ٿيندوَ قبر کوٽائي جا.“

”نيڪ آهي.“ مامي مجيد اسان جي مداخلت ڪان اڳ ۾ئي پنجاهہ روپيا گورڪن جي ترِيءَ تي رکندي چيو، ”هاڻي سگها ٿيو. لاش کي قبر ۾ لاهيو

تہ هلون. ڏينهن تپي ويو آهي.“

هئي ڏينهن تي اسان سڄي خاندان سوڌا قبرستان پڳاسين. ڏٺوسين، اسان جي ناني جي قبر کوٽي پئي هئي. پانءِ تہ تازي کوٽيل هئي. قبر جي مٿي کان لڳل نالي جي تختي بہ غائب هئي، جيئن ناني جي هستي هن دنيا مان غائب ٿي وئي هئي، ۽ سندس لاش پڻ غائب هو. ڪجهہ پريرو هڪ ڍڳهي قد وارو قبر کوٽيندڙ بيٺو هو. چتائي ڏٺم. هو ڪالهوڪو گورڪن نہ، پر ڪو ٻيو هو. هو هڪ ماڻهوءَ سان ناني جي کوٽيل قبر بابت قيمت تي ڳالهائي رهيو هو. هن اها ساڳي قبر، ان ماڻهوءَ کي سٺ روپين ۾ وڪڻي ڇڏي.

مون سندس ويجهو وڃي، پڇيو ”هي منهنجي ناني جي قبر آهي، هن کي ڪنهن کوٽيو؟ منهنجي ناني جو لاش ڪٿي آهي؟“

”اڙي وري هيءَ قبر اسان کوٽي آهي نہ. اسان کي ڪهڙو خبر تنهنجي ناني واني جو، ونج ونج پنهنجو ڪم ڪَرُو.“

”هتي منهنجي ناني سڳوري جو لاش پوريل هو. اسان کي فقط لاش کپي، قبر نہ کپي. توکي اسان جي ناني جو لاش اسانجي حوالي ڪرڻو پوندو.“

ڪيس ڳچيءَ ۾ هٿ وجهندي چيم. هن مونکي زور سان ڌڪوڏنو. ڌو وڃي قبر ۾ ڪريس.

”اڙي وري ٻاهر نڪر نِي ....“ هن ڪن کان جهلي مونکي ٻاهر ڇڪيندي چيو، ”هي قبر سٺ روپيا جو آهي. توکي قبر ۾ سمهڻ جو شوق آهي تہ سٺ روپيا ڏئي ڇڏ.“

ناني حاجيءَ جو سڄو خاندان منهنجي چوڌاري ڦري آيو، ۽ مونکي ٽنگو ٽالي ڪري قبر مان ٻاهر ڪڍيائون.

ماما مجيد گورڪن جي ترِيءَ تي ٻہ ڏهين ڏهين جاساوا نوٽ رکندي چيو. ”اسان کي فقط اهو ٻڌاءِ تہ اسان جي بابي جو لاش ڪاڏي ويو؟“

”لاش، اهو لاش تان کي سنڌي سمنڊ ۾ ملدو.“ هن ڏند شيڪيندي چيو، ”رات جي تاريڪيءَ ۾ هتان هر لاش قبر مان نڪري، سمنڊ ڏانهن ڀڄي ويندو آئي.“

”سمنڊ ڏانهن ڀڄي ويندو آهي!“ مون کان ڇرڪ نڪري ويو.

۽ مون پاڻ کي سنڌي سمنڊ ۾ غوطا کائيندو محسوس ڪيو.

(ماهوار سوجهرو، ١٩٧٤ع)

# هڪ رات ۾ ٽي خواب

”رات خواب ڏٺو اٿم.“

”خوابن تي اعتبار نہ ڪندي ڪر منهنجي ماءُ.“

”بس ڪرمٺا ايمان وِيا.“

”مان بي ايمان ناهيان.“

”تہ پوءِ تون ڇا آهين؟“

”مان ماڻهون آهيان. انسان آهيان ۽ توکي خبر هئڻ گهرجي تہ انسان اشرف المخلوقات ٿيندو آهي، ۽ ان سان گڏ تنهنجو پٽ پڻ آهيان.“

”پر مون ڪٿي ٿي چيو تہ تون گڏهہ آهين.“

”ڪابہ ماءُ پنهنجي جائي کي گڏهہ نہ چوندي، ها البت نندي ٻار جي چيڪن ۽ گڏهہ جي هينگن ۾ ڪو گهڻو فرق ڪو نہ ٿيندو آهي.“

”چڱو هاڻي بڪ بڪ ڇڏ ۽ منهنجي ڳالهہ غور سان ٻڌ. مون رات ٽي خواب لڌا آهن.“

”خواب ڏٺا اٿئي، ڪو قاروني خزانو تہ ڪونہ لڌو اٿئي، جو ڪٿي مٿوئي ڪائي وئي آهين.“

”ڀلا ٻڌاءِ تہ تو بہ ڪڏهن ڪو خواب لڌو آهي؟“

”لکين خواب لڌا اٿم. خوابن ۾ ڪڏهن پاڻ کي جڳ مشهور اسمگلر ڏٺو اٿم. ڪڏهن پاڻ کي سنڌجي مشهور ڌاڙيل جي روپ ۾ ڏٺو اٿم. ڪڏهن جوڳي، ڪڏهن ڏوبي ۽ ڪڏهن پاڻ کي پائلٽ جي روپ ۾، پنهنجي دشمن ملڪ تي بم ڪيرائيندي ۽ پوئين پير ڀڄندي ڏٺو اٿم.“

”مون خانداني خوابن جي ڳالهہ پئي ڪئي- مهنجو مطلب آهي تہ تو ڪڏهن ڪنهن مٺ مائٽ کي خواب ۾ بہ ڏٺو آهي؟“

”خوابن جي ڪابہ سرحد نہ ٿيندي آهي منهنجي ماءُ.“

”چڱو هاڻي اجائي لباڙ ڇڏ ۽ منهنجي ڳالهہ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. پهرين خواب ۾ ڏسان ٿي تہ، ماروئڙن جي معصوم ڏيءُ مري وئي آهي.“

”خواب ۾ ٻوڏ آئي هئي ڇا؟“

”نہ. ڏٺم تہ هڪ راڪاس برڙ باڪاس سندس نڙيءَ تي ننهن ڏئي ماري وڌو.“

”چئبو تہ تنهنجو پهريون خواب راڪاسن برڙ باڪاسن جي دنيا تي ٻڌل آهي؟“

”ها- ڪٿي ائين ئي سمجهہ.“

”منهنجو راڪاسن ۾ اعتقاد ڪونهي. منهنجو مطلب آهي تہ مان جنن ڀوتن کي نہ مڃيندو آهيان.“

”تون ڪميونسٽ آهين.“

”۽ تون منهنجي ماءُ آهين.“

”چڱو هاڻي ٻي خواب جي ڪهاڻي ٻڌ.“

”اهوبہ جنن جي دنيا جو آهي ڇا؟“

”نہ.“

”پرين جو؟“

”نہ.“

”راڪيٽن، جهازن، بمن ۽ ميزائلن جو؟“

”جنگ جا خواب تون ڏسندو آهين منهنجا ڇريا پٽ.“

”پلا آفريڪا جي نيگرن جو؟“

”مون کي آفريڪا جي نيگرن ۽ جنن ڀوتن ۾ ڪنهن بہ قسم جو فرق نظر نہ ايندو آهي.“

”پلا عربن جو؟“

”نہ، توکي پهريان ئي ٻڌائي ڇڏيو اٿم، تہ مان خانداني ۽ لوڪل خواب ڏسندي آهيان، منهنجي خوابن جو بين الاقواميت سان ڪوبہ واسطو ناهي.“

”پر اهو ڇو ٿي وسارين منهنجي جيجل امڙ، تہ اڄ جو شهري نہ فقط هڪ شهر يا ملڪ جو شهري آهي، پران سان گڏو گڏ، هو دنيا جو بہ هڪ شهري آهي.“

”بند ڪر پنهنجي بڪواس، منهنجا موڳا اٺ پٽ! ڪتاب پڙهي پڙهي تون ڪريڪ ٿي پيو آهين.“

”منهنجا ڪن تنهنجي لڏل خواب ٻڌڻ لاءِ آتا آهن امڙ.“

”ٻئي خواب ۾ ڏٺو اٿم، تہ تنهنجي مرحوم پڦي، ڪيس ڪلمي جو ثواب

هجي، منهنجي ڪٽ جي پرسان بيٺي آهي. هوءَ مون کي هڪ چٺي ڏئي ٿي ۽ چوي ٿي تہ هيءَ پٺهن جي نوڪري لاءِ آهي.”
”نوڪري نہ ملندي امان!“
”ڇو؟“
”ڇاڪاڻ تہ ملڪ ۾ نوڪريون وڏي ويون آهن.“
”تون هڏ حرام آهين- نڪمو ۽ گيدي آهين.“
”پر پٽ تہ تنهنجوئي آهيان نہ.“
”ڇگو هاٿي نٽ نخرا ۽ مشڪري ڇڏ. ۽ منهنجي تين ۽ آخري خواب جو قصو ٻڌ. تين خواب ۾ مرحوم پٺهين کي ڏٺو اٿم.“
”قربانيءَ بابت تہ ناهي؟“
”نہ، هر گز نہ.“
”بابي کي مئي تہ ٻارنهن سال گذري ويا آهن، پر تو ان بابت رڳو هڪڙوئي خواب ڇو لڌو آهي؟“
”خواب ۾ تہ پٺهين کي اڳ بہ ڏٺو اٿم، پر هن پيري سخت ناراض هو.“
”ڇا پي چيائين؟“
”چيائين پي .. ها چيائين پي تہ پُٺهن جي وڏن ۽ ھِپي ڪٽ وارن رکڻ ۽ مڇن ڪوڙائڻ ڪري، گهر کي نحوست واسينگن وانگر وڪوڙي ويئي آتو.“
”نحوست ۽ وارن سان. ڇرڇا ڇڏ منهنجي جانب امڙ. خوابن جي ڳالهہ ڪر، ها ۽ ٻيو ڇا پي چيائين؟“
”وڌيڪ چيائين تہ، پٽ کي جهلي ڇڏ. تہ ڏاريا ڪتاب پڙهڻ ۽ ڪهاڻيون لکڻ ڇڏي ڏي، نہ تہ ڀونچال اچي ويندو.“
”ڀونچال ۽ ڪتابن پڙهڻ سان؟“
”ها، ۽ چيائين پي تہ، ملڪ ۾ ڏڪر بہ ڏارين ڪتابن پڙهڻ سان آيو آهي.“
”ڏڪر بہ ڪتابن پڙهڻ سان آيو آهي؟“
”ها، ۽ چيائين پي تہ ٻوڏ بہ انهيءَ سبب آئي هئي.“
”ٻوڏ، ڏڪر، نحوست ۽ ڀونچال سڀ ڪتابن پڙهڻ ۽ لکڻ سان آيا آهن؟ وڌيڪ ڇا چيائين؟“
”۽ ها، چيائين پي تہ پٽ کي چئہ تہ سُوٽ يعني پتلون پائڻ ڇڏي ڏي.“

”پتلون پائڻ بہ ڇڏي ڏيان! پر بابا پاڻ تہ سڄي عمر سوٽ ئي پائيندو هو؟“

”ها پائيندو هو، پر رات عربن واري الفي ۾ مٿي تي سفيد رومال ٻڌل هوس.“

”هاڻي پاتائين تہ چا ٿيو، جيئري تہ خوب عيش ڪيائين نہ!“

”ها، پر هاڻي خوب پڇتائي پيو.“

”امان، مون ڏانهن ڏس. تو اهو سڀ ڪجهہ خواب ۾ ڏٺو آهي نہ؟“

”ها.“

”ڀلا جنهن وقت تو خواب ٿي لڌو، ان وقت تنهنجون اکيون ڪليل هيون؟“

”نہ. موئا تاڪي ڦاٽئي، تون مون تي شڪ ڪري، هرو ڀرو ڇو ٿو پاڻ پٽائين.“

”پر مون تہ ڪڏهن بہ خواب ڪونہ ڏٺو آهي؟“

”تون ننڊ جي گوري (Mandrex) کائي سمهندو آهين. هڪ دفعو مون ڊاڪٽر کي ٻڌايو هو تہ سڄي رات نيٺين ننڊ نٿي اچيم ۽ سڄي رات خواب ڏسندي گذرندي آهي. تڏهن موئي ڊاڪٽر مونکي بہ اها ساڳي گوري ڏني هئي ۽ مان سڄي رات ۾ هڪ بہ خواب ڏسي نہ سگهي هئس.“

”امان“.

”جيءَ“ دوا پيتي اٿئي؟“

”ها.“

”۽ ان سان گڏ ڊاڪٽر واري ڏنل گوري بہ کاڌي اٿئي؟“

”ها. ۽ هاڻ ٿوري فرحت بہ محسوس ڪري رهي آهيان. پر تون اهڙا ڏکائيندڙ ۽ چسا سوال ڇو ٿو ڪرين؟“

”اَمان، افسوس جو تون اڄ رات خواب ڏسي نہ سگهندينءَ.“

”ڇو؟“

”اهو ان ڪري، جو جيڪا گورين واري پڙي توکي ڊاڪٽر ڏني هئي، ان مان اهي گوريون ڪڍي، ان جي جاءِ تي پڙيءَ ۾ مينڊريڪس جون گوريون وجهي ڇڏيون هئم.“

(ماهوار سوجهرو ۱۹۷۳ع)

# ٽُٽل آرزو، چڙيل تمنا

ايم بي بي ايس پاس ڪرڻ ۽ هائوس جاب ختم ڪرڻ ڪانپوءِ، جڏهن مون کي سِوِل اسپتال ۾، ميڊيڪل آفيسر ڪري رکيائون، ۽ جڏهن مون چارج ورتي، تڏهن منهنجي اسسٽنٽ امجد چيو، "اڄ ته توکي اسپتال جي خاص شيءِ ڏيکاريان!"

"ڪا انگريز نرس هٿ ڪئي اٿئي ڇا؟"

"اون هون."

"ته پوءِ؟"

"هڪ ڪاتياواڙڻ نرس، يعني ڪنوڻ." دل تي هٿ رکندي چيائين، "جنهن مريضن سان گڏ، ڊاڪٽرن جا به لاهه ڪڍي ڇڏيا آهن. ڏسنديس ته اسٽيٿسڪوپ وات ۾ وجهي چوپڻ لڳندين."

"واهيات نه ٿي مسٽر امجد." ڏاڍر ڪندي چيم، "اسان کي فرضن کي پني ڏئي، خود غرض نه ٿيڻ گهرجي."

"فرض ۽ مرض جي چڪر ۾ نه پئو نوجوان ڊاڪٽر."

هو مون سان گهرن دوستن وانگر ڳالهائڻ لڳو. چيائين، "نوجوان آهين، جيئن چاهيندين تيئن ٿي ٿيندو. اهڙو قيمتي موقعو وري هٿ ڪونه ايندئي."

چيم، "نه مڙنديون؟"

چيائين، "ڪوڙوئي ڪونه تو لڳي."

"هل تنهنجوئي پت گهاتو." اکيون سندس اکين سان ملائيندي چيم، "پر نرس ته منهنجي آفيس ۾ به اچي سگهي ٿي؟"

"مٿس اٿر ويهارڻ لاءِ، ته تون آنيسٽ ۽ متقي آهين." شرارتي انداز ۾ چيائين، "آول توکي سڄي اسپتال گهمٽي پوندي."

هن در جو طاق کوليو. مان ٻاهر نڪري آيس. امجد در جو طاق ڇڏي ڏنو. هڪ زوردار کڙڪو ٿيو، ۽ دروازو بند ٿي ويو. امجد مونسان گڏو گڏ هلڻ لڳو. اسان وارڊ نمبر پنجين جي دروازي وٽ اچي بيٺاسين. امجد دروازو کوليو مان اندر گهڙيس. ڏٺم، رخسانا هڪ مريض جي وات مان ٿرماميٽر ڪڍي، سندس بخار چيڪ ڪيو- ۽ تنهن کان پوءِ مريض جي پلنگ جي مٿي

ڪان لڳل چارٽ تي، ڪجهه لکيو. رخسانا کي نرس جو يونيفارم پهريل ڏسي، مون ڪان ذري گهٽ چرڪ نڪري ويو. اڪيون مهٽي، هڪ دفعو وري کيس چتائي ڏٺم. هوءَ رخسانا ئي هئي. منهنجي آرزو، منهنجي زندگي.

امجد منهنجي ڪلهي کي ٿپڪي ڏيندي چيو، "ڏس! ٿي وئين نه ديوانو، رڳو ڏسڻ سان. ميان چيم نٿي، ته وات ۾ آگرين بجاءِ اسٽيٿسڪوپ وجهي چوپڻ لڳندين."

"تون وارڊ نمبر ون ڏانهن هليو وڃ، مسٽر امجد." کيس حڪم ڏيندي چيم، "اهو منهنجو حڪم سمجهه."

"اجا ته ابتدا آهي نوجوان!" چيڙائيندي چيائين، " پر خيال رکجانءِ، ڪٿي ولين (بدمعاش) سمجهي، ڊسچارج نه ڪرائجانءِ. ميان ٻچڙايوال آهيانءِ، ڪٿي منهنجا ٻچا نه رولين؟" هو هليو ويو.

مون کي انهن سالن جي ڏکهي ۽ ايذائيندڙ عرصي کان پوءِ، ائين اوچتو ڏسي ڪانئس چرڪ نڪري ويو. هڪ هنڌ ٻت وانگر ڄمي وئي. سندس هٿ چارٽ واري لوهي فريم ۾ ڄمي ويا. منهن جو رنگ هيڊو ٿي ويس. مان وڌي وڃي سندس سامهون بيٺس، ۽ مريض واري لوهي پلنگ جي ريلينگ کي ٽيڪ ڏيئي بيهي رهيس.

هن جي هٿ مان لوهو فريم ڇڏائجي ويو. ايذاءَ ڳاڙڙ اچرج وچان چيائين، "توهان ...." هوءَ جملو پورو ڪري نه سگهي.

"توهان نه، پر تون چئه رخسانا." ماضيءَ جي قبرستان ۾ دفن ٿيل يادن کي کوٽيندي چيم، "مان اڪيلو آهيان، رخسانا. مون پنهنجي قسمت جي ڪاتبن، يعني ملائڪن کي پاڻ مان لوڌي ڪڍيو آهي. مان پنهنجي تقدير جو ڪاتب پاڻ آهيان."

"مون کي معاف ڪجانءِ، مجيد." درد ۾ ٻڏل سڏڪو روڪيندي چيائين، "حالتن مون کي نرس بڻائي ڇڏيو آهي. وقت سان گڏ منهنجو اعتقاد، مقدر تان به کڄي ويو آهي."

"حالتن کان منهن موڙڻ سان نه، پر حالتن سان منهن مقابل ٿي، زندگي جي لاچار، اڻ چرندڙ، غير لچڪيدار ۽ بيٺل گاڏيءَ کي منزل ڏانهن ڌڪي سگهبو آهي، رخسانا!" کيس گهوريندي چيم.

چيائين، "منهنجي حصي ۾ سڄي جڳ جي ناڪامين جو ڍير آيو آهي، مجيد"

وراڻيم ”تنهنجو خوشحال، ۽ پنهنجو بدحال ۽ مفلس ماضي وساريو ناهي، رخسانا!“

ماضيءَ جي زخم تان ايئن ڇوڏو لهندو ڏسي، ڪانئس ڇرڪ نڪري ويو. ساهه رڪجي ويس. ڳالهائڻ چاهيندي به ڳالهائي نه سگهي. مُنهون ڦيڪوڙجي ويس. چپ خشڪ هئڻ جي باوجود به، هڪ ٻئي سان ڀچجي ويس. پاڻ تي جبر ڪندي چيائين، ”مان هن وقت سخت پريشان آهيان، مسٽر مجيد.“

”ڪاڏي وئي تنهنجي اها چنچلتا.“ ماضيءَ جا ڪنڊر ڪوٽيندي چيم، ”مون کي پريشان ڪندڙ، سودائن جي سيج تي سمهاريندڙ رخسانا، اڄ ڇو تون پاڻ کي پريشان ڪري رهي آهين؟“

هوءَ گنگ ٿي وئي، اکيون فرش تي ڄمائي ڇڏيائين. اسان جي تلخ ۽ ڪڙي گفتگوءَ، ڄڻ ته مريضن جي زخمن جا ٽانڪا اڌيڙي ڇڏيا. هر هڪ مريض جون نگاهون اسان تي ڪتل هيون. زنده دل رخسانا، جنهن جو ڳالهائڻ مريضن لاءِ اڌ زندگي هئي، ان کي ايئن گنگ بيٺو ڏسي، سڀني مريضن جون وايون بتال ٿي ويون. گونگو، ٻوڙو ماحول ڏسي، سانت جو سينو چيريندي چيم ”منهنجي ڪيڏ اڄ رخسانا!“

دروازي وٽ بيهي، دروازي جي هڪ تاڪ کي ٽيسٽائين جهلي بيٺم، جيستائين در پٽي ٻاهر ورانڊي ۾ آئي. در کي ڇڏي رخسانا سان گڏ گڏ هلڻ لڳس. هن پنهنجي مٿي تان، نرسن جي يونيفارم واري سفيد ٽوپي لاهي، سفيد اسڪرٽ جي کيسي ۾ وجهي ڇڏي. سندس مٿو ڀڳهر ۾ شل هو. ڀڳهر جون بوندون، سندس لونڊڙين وٽان ٽمڻ لڳيون. پنهنجي کيسي مان رومال ڪڍي، کيس ڏيندي چيم، ”ڀڳهر اگهي ڇڏ رخسانا!“

هن بنا ڳالهائڻ جي، منهنجي هٿ مان رومال ورتي، لونڊڙين وٽان ٽمندڙ ڀگهر اگهي ڇڏيو. ورانڊي جي وچ تي پهچي، جتان وڃڻ لاءِ مين گيٽ (مکيہ دروازو) هو، چيم، ”ڪيفي هلئون، يا آفيس؟“

”آفيس“ ٻڏندڙ آواز ۾ چيائين.

آفيس جي در وٽ پهچي، در کوليم. هوءَ اندر هلي ويئي. ان ڪانپوءِ مان اندر داخل ٿيس. هوءَ بت جيان بيٺي رهي. ڪرسيءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيم، ”ويهي رهه رخسانا!“ هوءَ ويهي رهي.

مون گهنٽيءَ جو بٽڻ دٻايو. پٽيوالو ڊوڙندو آهيو. چيائين: ”حڪم ڪيو صاحب!“

چيم، ”سامهون واري ڪيفي مان، ڪجهه ڪيڪ بسڪوٽ ۽ چانهه ڪٽائي اچ.“

”حاضر سائين!“ پٽيوالي وراڻيو. ۽ هو هوٽل ڏانهن هليو ويو.

مان پنهنجو مٿو، ڪرسيءَ جي ٽيڪ سان لڳائي، اکيون پوري ڇڏيون. اکين بند ڪرڻ شرط، اڻ سال اڳ جون ڳالهيون منهنجي ڪنن ۾ پڙاڏو ڪرڻ لڳيون، ۽ اڻ سان اڳ جا ڏڪوئيندڙ منظر، منهنجي دماغ جي پردي تي واسو ڪري ويا.

جڏهن مان انٽر سائنس ۾ پڙهندوهوس، رخسانا پڻ مون سان گڏ پڙهندي هئي. اسان ڪلاسميٽ، يعني هم ڪلاس هئاسين. منهنجو رخسانا سان پيار هو. رخسانا منهنجي زندگي، منهنجي آرزو، منهنجي تمنا هئي. پر ان ڳالهه جو اظهار مون ڪڏهن به رخسانا سان ڪونه ڪيو هو.

مون ڪي اها به خبر ڪو نه هئي ته رخسانا کي مون سان پيار

هيو يا نه، پر ايترو ضرور سمجهيو هوم ته هن به مون کي چاهيو هو. ان جو ثبوت اهو هو، جو هوءَ پيرڊ ختم ٿيڻ ڪان پوءِ، ڪاليج جي ننڍڙي ڪينٽن ۾ مون سان گڏ ويهي، زندگيءَ جي هر پهلوءَ تي بحث ڪندي هئي. اسان جي بحث جو خاص پهلو، طبقاتي ڇڪتاڻ هوندو هو. هوءَ طبقاتي ڪشمش ۾، ڪابه دلچسپي ڪونه وٺندي هئي. هوءَ مٿئين ۽ پيڙيندڙ طبقي جي نمائندگي ڪندي هئي، ۽ مان هيٺين ۽ پيڙجندڙ طبقي جو، ڪٽر حامي هوس. هن جو ڪلاڪن جا ڪلاڪ مون سان گهارڻ، ان ڳالهه جي علامت هئي، ته هن به مون کي چاهيو هو. پر تنهن هوندي به، هن پنهنجي پيار جو، مون سان ڪڏهن به اظهار ڪونه ڪيو هو. اتفاق سان هڪ ڏينهن هن کي خبر پئجي ويئي، ته منهنجي ماءُ سندن گهر ۾ نوڪرياڻي آهي- بابا جي نوجوانيءَ ۾ وفات ڪان پوءِ، امان منهنجي تعليم جاري رکڻ لاءِ نوڪري ڪئي هئي.

رخسانا شهر جي هڪ مشهور بزنيس مين ۽ مل مالڪ ڪاٺياواڙي سيٺ هارون جي ڌيءُ هئي. جڏهن رخسانا کي اها خبر پيئي، ته منهنجي ماءُ، سندن گهر ۾ نوڪرياڻي آهي ته. ان ڏينهن کان پوءِ هن مون سان ملڻ ڇڏي ڏنو. سماجي ننڍ- وڏائي اسان ٻن پيار ڀرين دلين آڏو ڀهاڙ بنجي بيهي رهي.

بحث دوران، هڪ دفعي مون کيس چيو هو، ”رخسانا-مان هڪ نه هڪ

ڏينهن، ضرور ڊاڪٽر ٿيندس."

۽ هن نفرت وچان وراڻيو هو، "مان اڳڪٽي ٿي ڪيان، ته تون هڪ خسيس نوڪرياڻيءَ جو پٽ، ڪڏهن به ڊاڪٽر يا وڏو ماڻهو ٿي نه سگهندين."

۽ اوچتو هڪ ڏينهن، امان اها المناڪ ۽ هنياءَ ڏاريندڙ خبر ٻڌائي هئي، ته رخسانه رحيم انجنيئر سان پرڻجي وئي.

"سائين، چانهه!" پٽيوالي جي اوچتي آواز، خيالن جي زنجير کي ٽوڙي، ڪڙي ڪڙي ڪري وڌو. چرڪ نڪري ويو. چيم، "هان! ها-ها رکي ڇڏ"

هو چانهه، ڪيڪ ۽ بسڪوٽ جي پليٽ، ميز تي رکي، پٺيءَ پير ٻاهر نڪري ويو. بلڪل ائين، جيئن ڪنهن پير جي درگاهه يا وڏيري جي اوطاق مان ٻاهر نڪربو آهي، ته جيئن وڏيري يا پير ڏي پٺ نه ٿئي.

سانت جو سينو چيريندي چيم، "رخسانا، چانهه."

"هان!!" ڪانئس به چرڪ نڪري ويو، هٻڪندي ۽ پاڻ سنڀاليندي چيائين، "ها، پيان ٿي." هوءَ هميشه جيان، چاهيندي به، چانهه پيئڻ کان انڪار ڪري نه سگهي.

چيم، "تنهنجي اڳڪٽيءَ جي بلڪل خلاف. مان ڊاڪٽر ٿي ويو آهيان، رخسانا!"

چيائين- "حالتن پنهنجي گهاٽي ۾ مون کي پيڙي ڇڏيو آهي، مجيد."

"اڄ مان ڊاڪٽر آهيان." کيس ٽوڪيندي چيم "هاڻي مان نه چاهيندي به توکي پنهنجو ڪري سگهان ٿو. اڄ وقت توکي مون وٽ نرس جي روپ ۾ وٺي آيو آهي."

"ماضيءَ جي کنڊرن کي نه کوٽ، مجيد." سڏڪندي چيائين، "مون کي معاف ڪر، مون کي معاف ڪر."

"پل کوٽجڻ ڏي ان ماضيءَ کي. جڏهن حالتون تنهنجي فائدي ۾ ۽ منهنجي خلاف هيون." ڦاٽ ڪائيندي چيم، "اڄ مان تنهنجي گهر ۾ ڪم ڪندڙ- هڪ خسيس نوڪرياڻيءَ جو پٽ ناهيان، رخسانا! اڄ مان، توجهڙيون اٺ رخسانا حاصل ڪري سگهان ٿو."

"مون کي شوٽ ڪري ڇڏ، مجيد-" جهڄندي چيائين، " مون کي جيئڻ جو ڪوبه حق ڪونهي. مان تنهنجي پيار جي قاتل آهيان. مان تنهنجي گنهگار آهيان."

”تون پوءِ بہ منھنجي آهين، رخسانا.“ سندس هٿ پنھنجي هٿ ۾ وٺندي چيم، ”وقت جي وهي ويل وير بہ اسان کي هڪ ٻئي کان جدا ڪري نہ سگهي آهي.“

”نہ نہ، مان بيوفا آهيان مجيد.“ قاتل اکين سان ڏسندي چيائين، ”اهو چاڻندي بہ، تہ مان توکي نٿي چاهيان، تون مون کي پنھنجو ڪرڻ لاءِ تيار آهين! تون پاڻ کي دوکو ڏئي رهيو آهين.“

چيم، ”فقط موت ئي اسان کي، هڪ ٻئي کان جدا ڪري سگهي ٿو، رخسانا!“

هن چانهہ جو آخري ڍڪ پيئندي، خالي ڪوپ ميز تي رکندي، مون ڏانهن ڏٺو. ڪيس چتائي ڏٺم. هوءَ مون سان نظرون ملائي نہ سگهي، ڪنڌ جهڪي ويس.

مون ڳالهايو. چيم، ”تو رحيم انجنيئر کي چاهيو هونہ، رخسانا!“

چيائين، ”منھنجي چاهڻ ۽ نہ چاهڻ مان ڇا ورندو. مان رحيم کي ضرور چاهيو هو، پر هن مون کي ڪڏهن بہ ڪونہ چاهيو هو.“

”تہ پوءِ تون هن سان ڀڳي ڇو هئين؟“ پڇيم.

”چاهت انڌي ٿيندي آهي مجيد!“ ٿڌو ساهہ کڻندي چيائين، ”پر وقت ۽ حالتن جو چاهت سان ڪوبہ سنگم ناهي.“

”هن توکي ڇو ڇڏي ڏنو، رخسانا؟“ڪانئس پڇيم ”ڇا تنھنجي محبت هڪ طرفي هئي؟“

”اسان جي سماج ۾ هن وقت تائين، شاديون فقط جسمن جون ٿينديون رهيون آهن،“ نظرون بچائيندي، چيائين، ”حقيقت ۾ شادي جسمن جي ميلاپ جي نہ. پر طبيعت جي، ذهنيت ۽ خيالن جي ميلاپ جي هئڻ گهرجي.“

”اهو منھنجي سوال جو جواب ناهي، رخسانا!“ چيم، ”تو آخر هن کي ڇو ڇڏيو؟ ڇا توکي هن سان پيار نہ هو؟“

”جيتوڻيڪ هن مون کي پنھنجي دل مان ڪڍي ڇڏيو آهي. پر مان هُن جي ياد کي پنھنجي دل مان نڪرڻ نہ ڏينديس“ گنڀير ٿيندي چيائين، ”هن مون کي ان ڪري ڇڏي ڏنو، ڇاڪاڻ تہ مان هن سان ٻچي نڪتي هيس.“

چيم ”ٻچڻ مهڻو ناهي، رخسانا.“

”هن جو خيال هو، تہ مان، ڪنهن بہ وقت، ڪنهن ٻئي سان بہ ڀڄي

وچي سگهان ٿي.“ چيائين.

چيم، ”هن ڪي توسان محبت نہ هئي، رخسانا!“

”پر مان هن ڪي اجا تائين وساريو ناهي“ چيائين.

اهو ٻڌي، منهنجي دماغ مان نڪاو نڪري ويا. پل ۾ پريشانيون، واچوڙن وانگر وڪوڙي ويون. ڪرسيءَ تان اٿي، هيڏي هوڏي ڦرڻ لڳس. پريشاني لڪائڻ خاطر، آفيس جي پوئين پاسي ٽڪرن ڏانهن ڪلندڙ، شيشي جي دريءَ وٽ وڃي بيٺس.

هوءَ مهنجي پريشانيءَ جو مطلب سمجهي وئي. چاهيندي بہ، نظرون ملائي نہ سگهي. ڪنڌ جهڪي ويس. آڱر جي ننهن سان، ميز جي ڪاٺ کي کرچيندي چيائين، ”انن سالن جو ڏکهو عرصو ڪٿي هئين؟“

”مان انهن انن سالن جي ڏکهي ۽ ايذائيندڙ عرصي ۾، توکي ۽ تنهنجي ياد کي پل لاءِ بہ دل مان ڪڍي نہ سگهيو آهيان“.

”سنڌ ۾ داخلا نہ ملڻ ڪري، مون سنڌ ڇڏي، ملڪ جي هڪ ڏورانهين ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا ورتي، پر اتان جون خوبصورت عورتون، بلند عمارتون ۽ حسين واديون بہ تنهنجي ياد، منهنجي دل مان ڪڍي نہ سگهيون.“ مان چوندو رهيس، ”چئہ رخسانا، چا اهي اٺ سال، تو منهنجي اوسيئڙي ۾ نہ گذاريا آهن؟ چا تون انن سالن جي ڏکهي عرصي ۾، پنهنجي دل مان گهڙي لاءِ بہ منهنجي ياد کي ڪڍي سگهين آهين؟ تو مون کي چاهيو هو رخسانا! اظهار ڪرڻ ۽ نہ ڪرڻ سان، ڪوبہ فرق نٿو پئي. پيار اظهار جو محتاج نہ ٿيندو آهي.“

”چا تو بہ ڪڏهن مون کي چاهيو هو؟“ پڇيائين.

”چاهت اظهار جي بکي ناهي، رخسانا!“ چيم، ”تون منهنجي زندگي آهين.“

چيائين، ”مرد عورت جي جذبن کي سمجهي نٿا سگهن، مجيد.“

چيم ”مون تنهنجي جذبن کي سمجهيو هو. منهنجو توسان پيار جو اظهار نہ ڪرڻ، ان ڳالهہ جي علامت آهي.“

”چيائين، ”چا، سچ پچ تو مونکي چاهيو هو؟“

”تو مون کي اٺ سال اڳ بہ چاهيو هو، ۽ هاڻي بہ چاهين ٿي رخسانا.“

چيم، ”تنهنجي چوڻ يا نہ چوڻ سان ڪوبہ فرق نہ پوندو.“

هن کو بہ جواب نہ ڏنو. ڪنڌ مٽي ڪندي، هڪ دفعو مون ڏانهن گھوري ڏٺائين. نظرون مليون، تہ هن ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. ڪرسيءَ تان اٿندي، منهن ڦيري پاسي ڪندي چيائين "مان پنجن منٽن ۾ اچان ٿي."

چيم "مان اٺ صديون پيون انتظار ڪندس، رخسانا!"

هوءَ هلي وئي. هن جي وڃڻ ڪان پوءِ، پٽيوالو آيو. مون کي شڪي نگاهن سان ڏسندي، ٽانو ڪٽي، ٻاهر هليو ويو.

سوچيم: پٽيوالو، اسان ڊاڪٽرن جي مرض کي سمجهي ويو آهي. هونئن بہ ڪنهن نرس جو، ڪنهن آفيسر سان گڏ، گهڻو وقت اڪيلائيءَ ۾ ويهڻ ڪکنڊڙ ۽ چرڪائيندڙ آهي. ڪجھہ دير ڪانپوءِ ،رخسانہ موٽي آئي. سندس هٿ ۾ هڪ ڪاغذ هيو، جيڪو ويڙهيل سيڙهيل هو. هوءَ اڳ ڪان ڪجھہ مطمئن هئي. ڪرسيءَ تي ويهندي، ۽ ڪاغذ مون ڏانهن وڌائيندي، چيائين "هيءَ منهنجي Resignation استعيفا آهي."

مون ڪان چرڪ نڪري ويو. پاڻ سنڀاليندي چيم "استعيفا منهنجي طرفان ڏنل، ڪا پيار جي نشاني ناهي، جيڪا موٽائي ڏين، رخسانا!"

هوءَ منهنجو مطلب سمجهي نہ سگهي. چيائين "تنهنجي سامهون رهي، مان رحيم جي ياد، پنهنجي دل جي پٽيءَ تان ميسارڻ نٿي چاهيان."

"تون منهنجي آهين، رخسانا" چيم "تنهنجي دل جي پٽي، منهنجي پيار جي ڪارين يادن سان ليڪيل آهي."

روئاڙيندڙ مرڪ سان چيائين "تون شادي جو نٿو ڪرين چريا؟"

چيم "منهنجي شادي توسان ٿي چڪي آهي."

چيائين "مان تنهنجي ٿي نٿي سگهان امجد. اڄ وقت ۽ حالتون منهنجي خلاف آهن."

وراڻيم "اسان جو پيار زمان ۽ مڪان جي پابندين ڪان آجو آهي. مان توکي پنهنجو ڪندس. اسان کي دنيا جي ڪابہ طاقت، جدا نٿي ڪري سگهي."

"سمجھہ کان ڪم وٺ."

مان بيهوش ناهيان."

"تون اهو چاهيندي بہ مون کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ تيار آهين؟ تہ

"مان گهران پيگل عورت آهيان."

”تون جهڙي به آهين، منهنجي آهين.“

”مان هڪ نڪرايل عورت آهيان، مجيد.“

”تون مون لاءِ مريم وانگر آهين.“

”تنهنجا مائٽ ڇا سوچيندا؟

”منهنجي ماءُ توهان وٽ نوڪري ڪري چڪي آهي.“ چيم، ”اها ئي ڳالهه آهي، ته اڄ حالتون هن جي فائدي ۾ ۽ تنهنجي خلاف آهن. پر تڏهن به تون منهنجي اجڙيل زندگيءَ جو هڪ حصو آهين.“

هوءَ اٿي بيٺي، دروازي ڏانهن رخ ڪندي چيائين، ”مون کي وساري ڇڏ مجيد. مان تنهنجي ڪڏهن به ٿي نه سگهنديس.“

مان به اٿي بيٺس. ڪيس هٿ کان جهليم. هوءَ هٿ ڇڏائي، آفيس کان ٻاهر نڪري آئي. چيم، ”تون منهنجو وجود آهين، رخسانا! تون مون کان ڌار رهي نٿي سگهين.“

هوءَ مون ڏانهن ڏسڻ بنا، هلندي رهي. مان سندس پويان پويان هلندو رهيس.

هوءَ نيڏي ڏاڪڻ جي ٿلهي تي پهچي، بيهي رهي. اوچتو مون ڏانهن ڏٺائين. اکين سان اکيون مليون، ته ڦٽڪي اٿيم. ڦٽڪندڙ آواز ۾ چيم ”رخسانا .....“ هن جي اکين ۾ ٻوڏ ڏسي، جملو پورو ڪري نه سگهيم.

پاڻ سنڀاليندي چيم، ”تون منهنجي دل جي، ويران تاج محل ۾ آباد آهين. تنهنجي جسماني طرح وڇڙڻ سان، منهنجي دل جي وستيءَ ۾، آباد ٿيل رخسانا، مون کان جدا ٿي نٿي سگهي.“

”تو سان اڄ جون گهاريل ڪجهه گهڙيون، مان ڪڏهن به وساري نه سگهنديس.“ سڏڪن ۾ ٻڏل آواز ۾ چيائين.

پوءِ، هوءَ مون کان هٿ ڇڏائي، نيڏي ڏاڪڻ جا ٻه ٻه ڏاڪا ڪري لهي، الائي ڪيڏانهن هلي وئي.

(ماهوار سوجهرو ۱۹۱۴ع)

# جنت جو دستاويز

امان اڱڻ ۾، ٿلهه جي پرسان پيل آرام ڪرسيءَ تي ويٺي هئي. سندس هٿ ۾ ڪو روماني، يعني فلمي رسالو هو. ڊڪي وچي سندس قدمن ۾ ڪريس. هوءَ واٺڙي تي وئي، واڇ گودو هٽي ويس ۽ هٿ مان رسالو ڇڏائجي ويس. مون پنهنجون اکيون سندس پيرن تي، ڪنهن شيشي جي بلورن وانگر رکي ڇڏيون. منهنجو مطلب سمجهي وئي. منهن مان مامتا ليئا پائڻ لڳيس. سندس چهرو ڪنهن اٿمي خوشيءَ وچان ٻهڪي اٿيو- سندس سڄ جهڙو روشن ۽ رونق ڀريل چهرو ڏسي، ڪن لاءِ منهنجي ذهن مان سعدي ۽ شيڪسپيئر جا خيال زورڪاٺ ڪندا اڏامي ويا.

چيم، "ٻاتا جو بهترين جوتو لاهي ڇڏ، منهنجي امڙ. مان تنهنجن پيرن تي نيڻ نمائڻ چاهيان ٿو!"

"خير ته آهي!" امان مشڪندي چيو، "اڄ الائي ايڏي چاپلوسي ۽ چلولائي ڇو تي ڪئي وڃي؟"

"مون کي پنهنجن پيرن تي نيڻ نمائڻ ڏي جيجل!" سندس پيرن مان ٻاتا جو رهڙائي جوتو لاهيندي چيم، "مون کي سڀ ڪان اتم شيءِ چمڻ ڏي. منهنجي جيجل ماءُ!"

"پير ۽ اتم شيءِ!" اچرج ڪائيندي چيائين، "پنهنجو نڪ پري ڪر مٺا، منهنجي پيرن ۾ سخت نزلو اٿئي- متان بدبوءِ کان نڪ نه سڙي وڃئي."

"مون کي گنهگار نه ڪر، منهنجي ماءُ!" سندس ڏيپيل پير چمندي، چيم، "مون کي دوزخ جي دونهين کان بچاءِ. مون کي پنهنجا داڦوڙي جهڙا پير چمڻ ڏي!"

"هون!، سمجهيم!" ڪنڌ کي ڏاکهي جي ڪنڌ وانگر لوڏيندي چيائين، "ڪو پئسا کٽا اٿئي!"

"اون هون!" چيم، "مون کي غلط نه سمجهه، منهنجي ماءُ. مون کي غلط سمجهي، منهنجي گناهن جي لسٽ ۾، هڪ ٻئي وڏيڪ گناهه جو واڌارو نه ڪر!"

"ڪو ولايت وڃڻ جو فيصلو ڪيو اٿئي!" منهن تي مرڪ آڻيندي چيائين،

”تہ پوءِ ان ۾ چاپلوسيءَ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي. مان تہ پاڻ ان ڳالهہ ۾ اشد راضي آهيان. هاٽي ٽي تي فون ڪڙڪائي پٺهين کي پاسپورٽ لاءِ چوان!“

”توکي چا ٿي ويو آهي امان؟“ ڏاڏر ڪندي چيم، ”ڪالهہ تائين تہ مون کي ڳِدو بندر موڪلڻ جو پرچار ڪري رهي هئينءَ“ چيم ”پر هاڻي تہ تنهنجي حالت گدو بندر موڪلڻ کان بہ وڌيڪ رحم جوڳي آهي! تون منهنجو مطلب چو نٿي سمجهين؟“

”اوهہ، سمجهيم سمجهيم!!“ ذهن تي زور ڏيندي چيائين، ”تون مرسڊيز ڪار وٺي ڏيڻ لاءِ چوڻ چاهين ٿو نہ؟ تہ پوءِ ان ۾ پريشاني جي ڪهڙي ڳالهہ آهي. تازو اسمگل ٿيل ڪپڙي تي، پٺهين کي جيڪي پنج لک رپيا بچيا آهن، تن مان توکي مرسڊيز ڪار وٺي ڏيندا سين. بس نہ، ڳالهہ بہ ايتري، جنهن لاءِ پيرن جا مُريا ٿي سڃائي ڇڏيا اٿئي!“

”ڊونڊ تي اڇلاءِ مرسڊيز کي.“ مٽي کي هٿ ڏيندي ۽ پاڻ کي صوفي جي ڪشن تي اڇلائيندي چيم، ”باهہ ڏئي ساڙ پاسپورٽ کي ....، جهنم ۾ ڦٽو ڪر ولايت کي .... مون کي ڪجهہ بہ نہ گهرجي ....، پر ....!“

”ائين چئہ نہ، تہ وڌيڪ پڙهڻ کان ہرو ٿو چڙهئي!“ امان چوهہ چنڊيندي چيو، ”هاٽي ٽي تي پٺهين کي فون ڪڙڪايان، تہ ڏس پنهنجي سڪيلڊي جا ڪرتوت، پڙهڻ کان اصل آڱوٺو ڪڍي ويٺو اٿئي. ۽ پڻ اهو آرڊر تي ڏيانس، تہ توکي پنج ايڪڙ زمين ۽ هڪ ڏاندن جو جوڙو وٺي ڏي- تو جهڙو سڪيلڊو هر ڪاهي تہ خبر پويس- هونهہ! چٽ چا چاٽي ڪٽڪ جي مانيءَ مان.“ امان وڏي تقرير ڪندي چيو.

”مائرون تہ پٽن کي بخت ۽ تخت ماڻن جون دعائون ڪنديون آهن!“ سندس پيرن جي آڱرين مان ٽڪاو ڪڍندي چيم، ”پر تون ڪهڙي ماءُ آهين! جو پنهنجي پٽ کي پنهنجن پيرن چمڻ جو اعزاز بہ نٿي بخشين!؟“

امان جي ڪاوڙ ڪافور ٿي وئي ۽ منهن گلاب جي گل وانگر ٽڙي پيس. چيائين، ”پهريون چو نہ ٻڌايئي تہ ماساتِهن جي محبت ۾ من ملول ۽ اندر اڌ پيو ٿئيئي؟“

”مان ماسات جي ميڪ اپ ۽ ڪلف لڳل ٻُڪرم جهڙي صورت جو پاڇو ڏسڻ بہ پسند نہ ڪندو آهيان!“ ماسات منڙي ذات، يعني شب رات ۾، اوندهہ جهڙي ذات کان جند ڇڏائيندي چيم، ”منهنجو مطلب سليس ۽ سوليءَ

سنڌيءَ ۾، بنا گرامر جي سمجهي وڃ، منڙي امڙ!“
”اڇا!“ وڏو ٺهڪ ڏيندي چيائين، ”تہ پڪ پوءِ هن اينگلو- پاڪستاني ڊانسر، رٽرن انگلينڊ مس افشان تي عاشق ٿي پيو آهين، جيڪا پنجابي گانن ڳائڻ ۽ سيڪسي ڊانس ڪرڻ ۾ پڙ آهي!“
”نہ .... نہ! مان افشان تي عاشق نہ ٿيو آهيان ۽ نہ ئي ڪنهن ٻيءَ ڇوڪريءَ مون کي محبت جي ماڻن سان ماليخوليا ۾ مبتلا ڪيو آهي.“
پنهنجي سٽڻ جي ور مان ٻن ربين وارو اسٽامپ ڪڍي، سندس اڳيان وڌائيندي چيم، ”پر مونکي جنت جو دستاويز لکرائڻو آهي، اَمان! مان جيئري ئي پنهنجي لاءِ جنت رِزَرْو ڪرائڻ چاهيان ٿو!“ مان چوندو رهيس- ”متان تون اڳئين جهان ۾، يعني قيامت ڏينهن، جنت جي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ کان انڪار ڪرين!“
امان بدبودار پيرن ۾ پيل باٽا جي رٻڙائي چپل سان، ڪنهن عالمي فلائنگ ڪڪ چيمپين جيان ڪراٽي واري ڪڪ وهائي ڪڍي، ۽ مان چوٽاڪ ٿي، ڏووجي فرش تي ڪريس ۽ ڪنهن هارايل رانديگر وانگر، پنهنجي ڪٽيل حريف کي ڏسڻ لڳس. جيجل، جنت جي دستاويز لکي ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

(ماهوار سوجهرو ۱۹۷۳ع)

# يادون ۽ هيڪلائي

هڪ نوجوان ريل جي بندن جي وچ مان وڃي رهيو هو. هن جو ڪنڌ هيٺ جهڪيل، اکيون ڏرا ڏنل، وار وکريل ۽ اٿيا، ڏاڙهي وڌيل، ڪپڙا ميرا ۽ گهنجيل هئا. عمر پنجويهه سال کن مس هئس، پر ڳلن ۾ کپ پئجي ويا هئس. ٿڪل وک ۽ ڳورن قدمن سان، سوچ ۾ ٻڏل هلندو رهيو.

ڪاٺ جي هڪ هڪ سليپر اورانگهڻ سان ڄڻ ماضيءَ جي هڪ هڪ ياد کي اورانگهيندو، پوئتي هليو ويو.

ڪيس ياد آيو: چار سال اڳ هن جي تصويرن جي نمائش، معصوم شاهه لائبريريءَ ۾ ٿي هئي. هو لائبريريءَ جي ٻاهرين دروازي وٽ بيٺو هو. نمائش ڏسڻ لاءِ ايندڙ پنهنجي شاگرد دوستن ۽ استادن جي آجيان ڪري رهيو هو. هال ۾ تصويرون ڏيکاريندي ۽ وضاحت ڪندي، سندس نظرون، هر هر ٻاهرين در ڏانهن هليون ٿي ويون، جتي اتڪي، سمنڊ جي هڪ نااميد ڇوليءَ وانگر موٽي ٿي آيون. هن کي ڪنهن جي ڳولا هئي. شايد هو پنهنجي چٽرن جي پس منظر کي ڳولي رهيو هو، جيئري جاڳندي تصوير جو منتظر هو. لائبريريءَ جي گهڙيال ١٢ گهنڊ وڄايا. نمائش جو ٽائيم ختم ٿي ويو. وري شام جو ڇئين لڳي کان ائين لڳي تائين نمائش جو ٽائيم هو. شام جو ساڳيءَ ريت، هو پنهنجن دوستن، شاگردن، استادن ۽ وڪيلن کي تصويرون ڏيکاري رهيو هو. پر سندس نظرون ساڳيءَ ريت لائبريريءَ جي ٻاهرين گيٽ تائين وڃي، ڪنهن زخمي پکيءَ وانگر ليٽڙيون کائينديون، ٽڙپنديون، ڦٿڪنديون موٽي ٿي آيون. اتڪل ستين وڳي، شهناز هٿ ۾ پرس لوڏيندي، وارن جي لٽ کي، هٿ سان منهن تان هٽائيندي، اندر گهڙي. جمال سندس آجيان ڪندي ان ڪنڊ ڏانهن وٺي ويو. جتي هڪ ويهن سالن جي خوبصورت، سهڻي من موهڻي ڇوڪريءَ جو چٽر ٽنگيل هو.

شهناز پرس لوڏيندي، ڀرپائين ان چٽر کي غور سان ڏٺو ۽ پوءِ جمال ڏانهن منهن ڪندي، نهايت رازداريءَ مان چيائين: "جمال ائين ٿو لڳي، ڄڻ هيءَ تصوير منهنجي آهي!"

"منهنجو بہ اهوئي خيال آهي" جمال وراڻيو.

پر اها تصوير ڪنهن ٻي ڇوڪريءَ جي به ٿي سگهي ٿي.“
”ڇا ائين ٿي سگهي ٿو؟“
”ها“ شهناز وراڻيو ”هيءَ تصوير، منهنجي وڏي ڀيڻ ريحانه جي آهي. هوءَ ۽ مان ٻئي جاڙيون ڀينر آهيون. هوءَ مونکان فقط پنج منٽ وڏي آهي،“ هوءَ خوف وچان ڏڪي رهي هئي، چيائين ”اسان ٻنهي جي شڪل ۾ رتيءَ جو به فرق ڪونهي.“
”ان ۾ مسڪين آرٽسٽ جو ڪهڙو ڏوهه!“ جمال چيو. شهناز ڀهريائين شڪي نگاهن سان جمال ڏانهن ڏٺو، ۽ پوءِ چتر جي هيٺان، آرٽسٽ جو نالو ڏسي ڏڪي وئي. تصوير هيٺان سنهڙن اکرن ۾ لکيل هو ”ٻيجل.“
جڏهن شهناز جو اچرج ۽ ڪاوڙ نوا نوي ڊگري فهرنهائيٽ تي پهتي، تڏهن سندس هٿ مان صبر جو پاند، ڪنهن بي وفا طوطي وانگر اڏامي ويو. ڦاٽ ڪاڏائين. چيائين ”بليڪ ميل ڪرڻ جو سٺو طريقو آهي!“
”آرٽسٽ جي آتما ڪي گار نه ڏي شهناز“ جمال چيو.
”سائنس فنڪارن جو به ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو آهي.“ ساڳي لهجي ۾ چيائين، ”اڄ جا فنڪار، فنڪار گهٽ ۽ سياستدان ۽ بليڪ ميلر وڌيڪ آهن.“
”فنڪارن کي سياسي گند جي ڍير ۾ اڇلڻ جو توکي ڪو به حق ڪونهي!“
هو ڪنڌ وٺان هئي، ڏکڻ واري پٽ تي ٽنگيل چترن وٽ اچي بيٺا.
شهناز چيو ”اهو آرٽسٽ، ان تصوير ذريعي، نه صرف مونکي بليڪ ميل ڪري سگهي ٿو، پر منهنجي ڀيڻ کي پڻ.“
”چترڪار جي نيڪ جذبن تي ڪاري رنگ جو برش نه ڦيراءِ، شهناز!“
سندس گلابي رنگ نيرو ٿي ويو. چيائين ”مان ڪنهن به اهڙي مصور کي اهو حق نه ڏينديس، ته هو منهنجي تصوير ٺاهي، جنهن کي نه مان سڃاڻان ۽ نه وري هو مونکي سڃاڻي.“
”اهو اتفاق به ٿي سگهي ٿو شهناز!“ جمال چيو ”ٿي سگهي ٿو چتر ڪار جي ذهن ۾ ويٺل اپسرا بلڪل تو جهڙي هجي!“
”هن چترڪار ضرور اسان ٻنهي ڀينرن مان ڪنهن هڪ کي ڪٿي نه ڪٿي ڏٺو هوندو!“
”ٿي سگهي ٿو!“

”تون هن چترڪار کي سڃاڻين؟“
”ڪنهن کي؟“ جمال اچرج وچان پڇيو.
”جنهن جون هي تصويرون آهن.“
”ها، هو مري ويو آهي،“ جمال وراڻيو ”هيءَ سنڌ آهي. هتي فنڪار جيئري ئي مري ويندا آهن. جيڪڏهن، هن جيئري هوندي به مثل فنڪار جي چترن جي نمائش جو ذمو مان نه کڻان ها، ته پوءِ شايد پنج هزار سالن کانپوءِ، سندس چتر موهن جي دڙي وانگر، ڪنهن کوٽيل دڙي مان لڀن ها. مان روايت کي ٽوڙيو آهي. مان هن جي چترن جي نمائش ڪئي آهي.“
هن جي سمجهه ۾ ڪجهه به نه آيو. چيائين ”تنهنجي معنيٰ ته جيئرو آهي.“
”ها، جيئرو هوندي به مري ويو آهي.“
”مان هن تي ڪيس ڪنديس!“ چيائين.
جڏهن صبر جو بند، تربيلا بند وانگر پڃي پيو، ته جمال چئي ويٺو ”تنهنجو ڏوهي تنهنجي سامهون آهي، شهناز! ٻڌاءِ ڪهڙي سزا تجويز ڪئي اٿئي مون لاءِ؟“
”تون....!“
”ها. اهو مان ئي آهيان!“
”ءِ هو بيجل؟“
”اهو منهنجي فنڪار جو نالو آهي!“
”چئبو ته بيجل تخلص اٿئي؟“
”ها!“
هن کي ڪنبٽي وٺي وئي. خوشيءَ وچان سڄي ڏڪي رهي هئي.
لائبريريءَ جي گهڙيال آٺ گهنڊ وڄايا. سڀ ماڻهو ٻاهر نڪرڻ لڳا. هو ٻئي به هليا ويا.
هو هلندو رهيو. سوچ ۾ ٻڏل. ڪيس ياد آيو:
ڪاليج جي ڪاريڊور ۾ سندس شهناز سان ملاقات. شهناز ويجهو ايندي چيو هو ”اچو مسٽر بيجل عظيم چترڪار!“
”مونکي روئارڻ جي اجائي ڪوشش نه ڪر شهناز!“ جمال وراڻيو هو ”جنهن وقت مان کلڻ چاهيندو آهيان ته روئي پوندو آهيان.“

”مونکي تنهنجا چتر پسند آهن!“

”هن وقت مان خوشيءَ سان روئي سگهانٿو!“

”روئڻ جي عمر گذري ويئي.“ شهناز چيو هو.

”تون پليل آهين شهناز!“ جمال چيو هو ”اڄ ڪان مان پنهنجي خزان جي پهرين ڏاڪي تي پير رکيو آهي.“

هن جمال ڪي چتائي ڏٺو. ڪجهه چوڻ چاهيائين، پر چئي نه سگهي، ته چيائين. ”مونکي تنهنجا چتر پسند آهن“

”مان تنهنجي تصوير ميساري ڇڏيندس شهناز!“ جمال چيو هو.

”تون منهنجي تصوير ميسارڻ جو حق نٿو رکين،“ شهناز چيو هو ”۽ نه وري اهو حق ٿو رکين، ته منهنجي موجوده تصوير بجاءِ، منهنجي مستقبل جي تصوير ٺاهين!“

”هاڻي مان نه چاهيندي به ڪلي سگهانٿو!“

”تون فطري طرح مزاح پسند آهين. تڏهن ته منهنجي اصلي چتر بجاءِ، ايندڙ ويهن سالن ۾ ٿيندڙ پوڙهي شهناز جي تصوير ٺاهي اٿئي.“

”تون پنهنجي مستقبل سميت مونکي قبول آهين شهناز!“

”چيم نه ته تون مزاح پسند آهين،“ چيائين ”تنهنجي لاءِ کل، ٻين لاءِ عذاب.“

”مان فطري طور غم پسند آهيان،“ جمال چيو هو ”مونوٽ غمن جا هماليه آهن.“

”تون مزاح پسند آهين،“ چيو هئائين ”تنهنجو هڪ هڪ چتر ٺهڪن جو ايٽم بم آهي.“

”معاف ڪجانءِ. منهنجي خيال ۾، منهنجيون تصويرون ڏسڻ بجاءِ، تون ڪا مشڪريءَ واري انگريزي فلم ڏسي آئي آهين.“ هن چيو هو ”جهڙوڪ ڪريزي بواءِ ائنڊ د فني گرل.“

”بلڪل غلط!“

”ته پوءِ پڪ دائم علي داڦوڙي جون تصويرون ڏسي آئي آهين، جن کي ڊگري ڪاليج ۾ نمائش لاءِ ٽنگيو ويو هو. جن جو عنوان هو ”عورتن جو عالمي سال ۽ مڙدن جون مجبوريون!“

چيو هئائين ”ڳالهه ٺٺائڻ جو ماهر آهين!“

"ٿئنڪ يو!" جمال وراڻيو هو.

هن هڪ دفعو ڏاڍي پيار وچان جمال ڏانهن نهاريو هو. پوءِ چيو هئائين "تو منهنجي تصوير چو ٺاهي آهي. سو مان سمجهي وئي آهيان."

"ڇا سمجهي وئي آهين؟"

"منهنجي تصوير ٺاهڻ جو مقصد!"

"ڪهڙو مقصد؟"

"اها چتر تو ان لاءِ ٺاهي آهي، تہ جيئن مان خريد ڪيان، ۽ ان جي معاوضي سان تنهنجي معاشي حالت سڌري سگهي."

هن جي پيرن هيٺان ڌرتي کسڪي وئي. هو پولار ۾ اٽڪي پيو هو. روئڻ چاهيو هئائين، تہ ڪلي وينو هو. چيو هئائين، "پر اها تصوير تون هرگز خريدي نٿي سگهين!"

"چو؟" هن پڇيو هو "مونوٽ پئسا آهن. ڪار آهي. بلڊنگ آهي. مان سڀ ڪجهہ خريدي سگهان ٿي"

"چو تہ نمائش ۾ ٽنگيل تنهنجو چتر. اهو واحد چتر آهي" جنهن تي لکيل آهي "وڪري لاءِ ناهي."

"چو؟"

"دل جاگير ناهي، جيڪا خريد ڪري سگهجي، شهناز!"

"پوءِ ابتن سبتن پاتل ليڪن واري تصوير خريد ڪرڻ مان فائدو!"

"مونکي خبر آهي تہ تون ڪامرس جي شاگردياڻي آهين" جمال چيو هو "۽ ڏسڻ کي حاصل ڪرڻ تي ترجيح ڏيندي آهين"

ڪجهہ دير لاءِ ڪنهن بہ نہ ڳالهايو هو.

جمال ڳالهايو هو. چيو هئائين "ڇنبو تہ توکي آرٽ سان پيار ناهي؟"

"آهي. تڏهن تہ تنهنجا چتر پسند آهن."

"توکي زندگيءَ جو ڪهڙو پهلو پسند آهي؟"

"ڇا مطلب؟"

"جيڪڏهن زندگيءَ جي چتر کي ٻن حصن ۾ ورهائجي، يعني هڪ طرف غم، درد ۽ پيڙا ۽ ٻي طرف خوشي، ڪل ۽ راحتون، تہ تون ڪهڙو حصو پسند ڪندينءَ؟"

"مان خوشيءَ راحتن کي غم تي ترجيح ڏيندس!" شهناز وراڻيو هو.

هلندي هلندي، هو ٻيهي رهيو. وڏي آواز سان پنهنجي پاڻ کي چيائين ”راحتن ۽ خوشين جي تمنا ڪرڻ ۽ حاصل ڪرڻ ۾ زمين آسمان جو فرق آهي!“

هن سوچيو: شهناز کي خوشيءَ، راحتن ۽ زندگيءَ جي سهڻي پهلوءَ سان پيار هو. پر ڪيس اها ڄاڻ ڪانه هئي، ته اهڙي زندگي حاصل ڪيئن ڪجي. هڪ اهڙي سماج ۾، جتي ماڻهو پاڻ کي غير محفوظ، اٽڪائيڪو ۽ ڏاريو محسوس ڪندو هجي، هو زندگيءَ جي سهڻي، خوشين ۽ راحتن سان ڀرپور رخ کي ڪيئن حاصل ڪري سگهندو. اها خود- فريبي آهي. مان پاڻ کي دوکي ۾ نه رکندس. زندگيءَ جو اهو رخ فقط تصور ۾ ئي پسي سگهجي ٿو، جو ته ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوبه شعوري طورتي تيار نه آهي. مان خيالن ۾ زندگيءَ جي اهڙي رخ کي ڏسڻ بجاءِ، غمن جي حقيقتن سان پيار ڪندو آهيان. مان ٻين وانگر خواب نه لهندس. مان غم- پسند آهيان. پيسيمسٽ آهيان. مان تصوراتي آپٽيمزم جو دشمن آهيان، تنهن ڪري نه مان آپٽيمسٽ آهيان ۽ نه پيسيمسٽ. مان حقيقت پسند آهيان، ۽ منهنجو ڏک، درد ۽ پيڙا، زندگيءَ جون ڪڙيون حقيقتون آهن.

هو هلندو رهيو.

هن سوچيو: شهناز کي مونسان پيار نه هو. هن کي آرٽ سان به پيار نه هو. ڇا آرٽ جو ٻيو نالو زندگي ناهي؟ ڇا ڏک ۽ درد به آرٽ آهي؟ هن جي ذهنيت ڪمرشل هئي- هوءَ فقط پسند ڪندي هئي، حاصل ڪرڻ جي جستجوهن ۾ ڪونه هئي. پيار قرباني گهرندو آهي. زندگيءَ جي سهڻي رخ حاصل ڪرڻ لاءِ قرباني گهرجي. چاهڻ ۽ حاصل ڪرڻ ۾ فرق آهي.

هن سوچيو: ”مان هڪ چتر ٺاهيندس. هڪ اهڙي تصوير، جنهن ۾ ٻيڙيءَ جي تري ۾ ٽنگ هوندو. مغرب طرف لهندڙ سج جا پاڇا، ڇتي سمنڊ جي ڇولين سان ملي، ماحول کي خوفناڪ بنائيندا. ٻيڙي پاڻيءَ سان ڀرجي ويندي. ڇا ناکئي کي خبر هئي، ته ٻيڙيءَ ۾ ٽنگ آهي. ڇا اهو سڀ ڪجهه هن پاڻ ڪيو هو. اهو زندگيءَ جو هڪ رخ آهي. ڇا زندگيءَ جو ٻيو رخ ڪونهي؟“

”مان هڪ ٻي تصوير به ٺاهيندس. جنهن ۾ هڪ لمبو ريگستان هوندو. ان ۾ هڪ ماڻهو پاڻيءَ جي ڳولا ۾ ڊڪندو نظر ايندو. سندس چئني طرفن واري هوندي. هو ٿڪندو، رڙهندو، ٿاٻڙندو اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪندو.

اڄ اجهائڻ لاءِ پاٽيءَ جي ڳولا ڪندو. منزل جي ڳولا ڪيس اڳتي ڏڪيندي. جا اها زندگيءَ جي ڳولا آهي؟ ڇا هو رڳ ۾ رلڻ جو پاڻ ذميدار آهي؟ ڇا هن پاٽيهي زندگيءَ جو اهو رخ اختيار ڪيو آهي؟ ڇا هن کي ان راهه ڏانهن ڌڪڻ لاءِ سڀ ذميدار ناهن؟ يا هو اڻڄاڻائيءَ ۾ رڻ ڏانهن نڪري آيو آهي؟"

هو هلندو رهيو. سوچ ۾ ٻڏل، ڪنڌ هيٺ، ماحول کان بيخبر.

هو ۽ شهناز هم ڪلاس هئا. هو انٽر تائين ڪامرس جو شاگرد هو. پر هن جي فنڪار ۽ سندس حالتن ڪيس ڪامرس جي تعليم وٺڻ کان روڪي ڇڏيو. هوءَ به سال سندس ڪلاس ۾ پڙهي هئي. هن کي خبر ڪانه هئي، ته جمال آرٽسٽ آهي. چترڪار آهي. انٽر ڪامرس ۾ جڏهن هو ٽرڊ ڪلاس ۾ پاس ٿيو هو ۽ شهناز فرسٽ آئي هئي، تڏهن هن ڪامرس پڙهڻ ڇڏي ڏني. هن فائن آرٽ ۾ داخلا ورتي هئي. ڪامرس جمال جي نصيب وانگر ڪائنس رٺل هئي، جڏهن سندس متن- مائٽن کي خبر پئي، ته جمال چتر ٺاهيندو آهي. تڏهن ڪيس خوب ڇنڀيو هيائون. چيو هيائون: "آرٽ به ڪو سبجيڪٽ آهي. سائنس پڙهه يا ڪامرس. ٽائيپ سک، شارٽ هينڊ سک، ڊپلوما ڪر." سندس دوست گلاب، ڪيس نشاط سئنيما جا پوسٽر ٺاهڻ جي صلاح ڏني هئي. هن جي اندر ۾ فنڪار رت جا ڳوڙها ڳاڙيا هئا. هن ڪجهه به نه چيو هو. دوست چيو هوس: "تنهنجي پوڙهي ماءُ سڄي عمر پورهيا ڪري پاليو اٿئي. تون هڪ سٺو آرٽسٽ آهين. نشاط جا پوسٽر ٺاهي خوب پئسا ڪماءِ."

ڪاٺ جي هڪ هڪ سليپر اورانگهڻ سان گڏ، هو ماضيءَ جي هڪ هڪ ياد کي اورانگهيندو پوئتي ويندو رهيو.

ڪيس ياد آيو: ڪلاس شروع ٿيڻ کان اڳ هو زندگي ۽ آرٽ جي مسئلن تي ڳالهائيندا هئا. "مان توکي چاهيو آهي وڃائڻ لاءِ." جمال چيو هو، "مان توکي حاصل ڪري نه سگهندس."

"مونکي چاهيو اٿئي، ته پوءِ وڃائڻ جو تو چاهين؟" شهناز پڇيو هو.

"ان ڪري جو مان توکي حاصل ڪري نه سگهندس."

"ڇئبو ته توکي مونسان پيار ناهي؟"

"اسانجو پيار سماج لاءِ ڪابه اهميت نٿو رکي."

"پر اسانجو سماج سان ڪهڙو واسطو؟"

"سماجي ننڍ- وڏائي، توکي هيٺ لهڻ نه ڏيندي، ۽ مونکي مٿي ايرڻ نه ڏيندي." (هو شهر جي هڪ وڏي بزنيس مين جي ڌيءَ هئي.)

هن ڪانئس پڇيو هو، "شهناز! جيڪڏهن اسان هڪٻئي جا ٿي نه سگهون، ته پوءِ تون ڇا ڪندينءَ؟"

"مان خودڪشي ڪنديس."

"تون هميشه دل سان سوچيو آهي شهناز" هن چيو هو، "دل جي سوچ وقتي ٿيندي آهي."

"منهنجي چاهت تي شڪ نه ڪر"، چيو هئائين "مان تنهنجي آهيان، تنهنجي رهنديس."

"تون ذهني طور تي مونکي سمجهي نه سگهي آهين."

"مونکي فقط ايتري خبر آهي، ته مان توکي دل جي گهراين سان چاهيان ٿي."

"پر مان مفلس ۽ ڪنگال آهيان."

"اهو اسانجو مسئلو ناهي."

"وقت ۽ حالتون، اهو مسئلو اسانجي دلين آڏو معصوم شاهه جي مناري وانگر ڪڙو ڪري ڇڏينديون."

"اسانجي چاهت زمان ۽ مڪان جي پابندين کان آجي آهي."

"تون خوش فهمين جو شڪار آهين، تون حقيقتن کان منهن موڙي رهي آهين."

"تون بزدل آهين. گيدي آهين."

"جيڪڏهن حقيقت جو پيو نالو بزدلي آهي، ته پوءِ مونکي پنهنجي بزدليءَ جو اعتراف آهي."

"تنهنجن خيالن ۽ چترن ۾ زمين آسمان جو فرق آهي!"

"تون منهنجين تصويرن کي، پنهنجي نظريي جي فوٽ پٽيءَ سان ماپيندي آهين."

"تون فطري طور مزاح پسند آهين. چاهت کي گهڙيءَ جو چرچو سمجهندو آهين. تو ڪڏهن به سنجيده ٿيڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي."

"اهو تنهنجي نظر جو دوکو آهي شهناز!"

"تون پنهنجي چترن ۾ هميشه گهرا ۽ شوخ رنگ استعمال ڪندو آهين.

تون مزاح پسند آهين."

"منهنجي تصويرن جو پس منظر هميشه ڦڪو هوندو آهي." هن چيو هو "مون هميشه زندگيءَ کي ٻن رخن کان ڏٺو آهي. منهنجو ڦڪا ۽ گهاٽا رنگ استعمال ڪرڻ ان ڳالهه جي علامت آهي."

هولاجواب ٿي وئي هئي، ته ڳالهه مٽائي، پڇيو هئائين "ڀلا تو فائن آرٽ ڪرڻ جو ڇو سوچيو آهي؟"

"امڙ جي ڏکن ۽ پنهنجي مفلسيءَ ۾ اضافي ڪرڻ لاءِ!"

ڪجهه دير چپ رهڻ کانپوءِ، جمال چيو هو "مونکي او- هينريءَ جي هڪ سٽ ورجائڻ ڏي؟"

"نه- هر گز نه"

"ڇو؟"

"پوءِ تون ساخنخ (سارتر) کان وٺي. ويندي ارسطوءَ تائين پهچندين."

"نه" جمال وراڻيو هو "مان او- هينريءَ وٽان موتي سڏو تو وٽ ايندس."

شهناز کان ٺهڪ نڪري ويو هو. جيڪوسندس اجازتنامو هو.

جمال او- هينريءَ جي سٽ دهرائيندي چيو هو "او- هينريءَ لکيو آهي، ته جيڪڏهن ڪو شخص، پنهنجي فن سان محبت ڪري ٿو، ته پوءِ هن لاءِ سخت محنت ۽ تڪليفون ڪابه معنيٰ نٿيون رکن."

چيو هئائين "نه جمال، جڏهن ڪو شخص محبت ڪندو آهي، ته پوءِ هن لاءِ ڏک ۽ ڏولاوا ڪابه معنيٰ نه رکندا آهن".

جمال کي سندس جملو وڻيو هو.

پوءِ اوچتوئي اوچتو شهناز ڪاليج مان گم ٿي وئي.

ڪالهه ڪيس شهناز جو خط مليو هو.

هن لکيو هو:

"تو سچ چيو هو جمال، ته مان تنهنجي ٿي نه سگهنديس! مان هيٺ لهي نه سگهنديس ۽ تون مٿي ايري نه سگهندين. پر مان هتي هڪ لفظ جو واڌارو ڪنديس ته، ته تون مٿي ايري نه سگهندين ۽ مان چاهڻ جي باوجود هيٺ نه لهنديس. مونکي پنهنجو آئيڊيل ملي ويو آهي."

هو هلندو رهيو.

”عورت تون بيوفا آهين“ هن ڏاڍيان رڙ ڪئي، ”تنهنجو آئيڊيل دولت آهي.“ هو پنهنجي رڙ سان پاڻ ڪنبي ويو.

هن سوچيو: ”هن مونکي ڪڏهن به نه چاهيو هو.منهنجي چاهت هڪ-طرفي هئي. هن مونکي سمجهڻ جي ڪڏهن به ڪوشش نه ڪئي هئي. هن زندگيءَ کي مٿان ڏٺو هو، ۽ مان هيٺان ڏسڻ جي غلطي ڪئي هئي. هن مونسان گڏ بيهي ڪڏهن به زندگيءَ لاءِ نه سوچيو هو.“

ڪيس ياد آيو شهناز جو جملو: ”مان خودڪشي ڪنديس، پر ڪنهن به ٻئي سان شادي نه ڪنديس.“

”ڪيڏانهن ويا تنهنجا وچن؟“ هن وڏي آواز سان ڳالهايو ۽ پوءِ پاڻ ئي پاڻ کي جواب ڏنائين، ”هن خودڪشي نه ڪئي آهي، پر مان آپگهات ڪندس. ڪيس ثابت ڪري ڏيکاريندس، ته مان هن کي چاهيو هو، پاڻ وڃائڻ لاءِ.“

”نه .... نه .... مان خودڪشي نه ڪندس. مان جيئرو رهندس. هن کي ثابت ڪري ڏيکاريندس، ته فقط مون ئي ڪيس چاهيو هو، چاهيانٿو ۽ چاهيندو رهندس. هن کي، هڪ نه هڪ ڏينهن ان ڳالهه جو اعتراف ڪرڻو پوندو. پر مونکي مرڻ گهرجي. مون سڀ ڪجهه وڃايو آهي. اهو چاهيندي به، ته هوءَ منهنجي ٿي نه سگهندي، مون ڪيس چاهيو هو.“

هو هلندو رهيو، اڪيلي وڙندو رهيو. سوچيندو رهيو.

”مان تصويرون ٺاهيندس. هڪ چتر، جنهن ۾ هڪ ماڻهو شاٽ گن کڻي، لونڊڙي وٽ رکي ٿو ۽ پوءِ پيرجي آڱوٺي سان ٽريگر کي دٻائي ٿو ۽ زندگيءَ جو انت آڻي ٿو. پاڻ کي وڃائي ٿو.“

”نه نه، اهو زندگيءَ جو هڪڙو رخ آهي. مان ساڳي ماڻهوءَ جي هڪ ٻي تصوير به ٺاهيندس. جنهن ۾ هو سمنڊ جي ڪناري تي ويٺو آهي. هن جي ڪلهي تي وائلن آهي، ۽ هوريان هوريان ساز ڇيڙي رهيو آهي. هو چاهي ٿو، ته خوشيءَ جا گيت ڳائي، پر سندس وائلن جي سرن مان درد جا گيت اڀرن ٿا. ڇو ته هو هيڪلو آهي، سندس زندگي هيڪل- وياڪل آهي.“

مان هڪ ٻي ماڻهوءَ جي تصوير به ٺاهيندس، جيڪو پيانو تي گيت ڳائي ٿو. ڪنهن کي وڃائڻ لاءِ، پاڻ کي پائڻ لاءِ، پر هو پاڻ کي حاصل ڪري نٿو سگهي، ڇو ته ڪنهن جي ياد ۾ پاڻ کي وڃائي ويٺو آهي، ۽ پاڻ کي

وڃائڻ جي موٽ ۾، ڪيس ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيو آهي.

ان ساڳي شخص جي ٻي تصوير بہ هوندي. جنهن ۾ هو ريل جي پٽڙيءَ تي، ٽرين هيٺان ڪنڌ ڏئي، آپگهات ڪندو، ۽ هن جي سسي هڪ بند وٽ، ۽ ڌڙ ٻئي بند وٽ نظر ايندو.

اهي سڀ زندگيءَ جي ساڳي رخ جون تصويرون آهن. ٻيو رخ ڪين حاصل ناهي. ٻي رخ جو چتر ڪڍڻ خوشفهمي ٿيندي.

هن سوچيو: ”مان خودڪشي ڪندس. موت جو عزرائيل ۽ روح وارونظريو بلڪل غلط آهي. موت غير معمولي هئڻ گهرجي.

نہ نہ، مونکي جيئرو رهڻ گهرجي، اهو ڏسڻ لاءِ تہ هوءَ اعتراف ڪري، پوءِ اهو ڇو نہ ڪراڙپ ۾ئي ڪري. مان جيئرو هوندس، تہ سڀ ڪجهہ اکين سان ڏسي سگهندس ۽ مان ثابت ڪندس، تہ مون هن کي چاهيو هو، وڃائڻ لاءِ. منهنجو روحانيت ۾ اعتقاد ڪونهي، مان ٻئي جنم ۾ موٽي نہ ايندس. پر منهنجيون يادون مري نہ سگهنديون، انهن کي ڪوبہ قبر ۾ دفن ڪري نہ سگهندو. اهي پڙاڏا آهن، پڙلاءَ آهن، انسان جي درد ۽ پيڙا جا،

هو هلندو رهيو، اڪتي وڌندو رهيو، سوچيندو رهيو. درد جو نشتر دل ۾ آرپار لهي ويس، تہ پاڻ کي چيائين ”مان ڪيس خوشيون ماڻڻ نہ ڏيندس. مرندس، ڪنڊي ٻڻجي، هن جي روح جي ڪليءَ ۾ اٽڪي پوندس، چڀندو رهندس. هن جي وجود تي سرطان جي وائرس وانگر ڇانئجي ويندس. فالج ٻڻجي سندس جسم بي جان ڪري ڇڏيندس. وڄ وانگر ڪيس ساڙي ڀسم ڪري ڇڏيندس.“

گهڙيءَ ۾ فيصلا ڪندو ۽ ڍاهيندو رهيو.

ريل جي سليپرن مان گڙنگ، گڙنگ جا آواز پيدا ٿيا. پريان ٽرين اچي رهي هئي.

هن زور سان رڙ ڪئي: ”مان آپگهات ڪندس.“

آواز وڌندا ويا- ٽرين اڳتي وڌندي آئي.

”مان خود ڪشي ڪندس،“ هن سوچيو. ”ڪيس ثابت ڪري ڏيکاريندس، تہ مون هن کي چاهيو هو.“

ٽرين راڪاس وانگر اڳتي ڌوڪيندي آئي.

”نہ نہ، مونکي جيئرو رهڻ گهرجي.“ هن سوچيو. آخري دفعو هن جي

دل ۾ شهناز کي ڏسڻ جي خواهش ڪر موڙيا.
ريل جا سليپر لڏڻ لڳا. ڌرتي ڌڏڻ لڳي.
”نہ نہ، هرگز نہ.“ هن رڙ ڪئي، ”هن منهنجي دل ڀڳي آهي. هاڻي مونکي هن کي ڏسڻ جو ڪو بہ حق ڪونهي، مونکي مرڻ گهرجي.“ هن فيصلو ڪري ورتو.
آواز وڌي ويا. ترين راڪاس وانگر اچي مٿس ڪڙڪي. هن ڪنن تي هٿ رکيا. اکيون بند ڪري ڇڏيائين. مٽيءَ جو واچوڙو، ڪيس ورائي ويو.
هڪ زبردست ٺڪاءُ ٿيو- هن محسوس ڪيو، ريل ڪيس چيرينديِ، ڦاڙيندي، عضوو عضوو الڳ ڪندي، ڳيا ڳيا ڪندي، اڳتي وڌندي وئي. آخري ٺڪاءُ سان سندس ڪرنگهو ڀڄي ڀور ٿي ويو.
هو پنهنجي جسم جا ٽڪر ميڙي، گڏ ڪري، سِسي ڳنڍي اٿي بيٺو. ڀرياڻين پنهنجو پاڻ کي ڏٺائين، ۽ پوءِ ترين کي.
ترين پرڻين بند تان واساما ڪائيندي، پري گهٽو پري نڪري چڪي هئي.

(ماهوار نئون نياپو ١٩٧٦ع)

# ايلفيءَ جي شام

ايلفيءَ تي ڪلها گس ڪا نئين ڳالهہ ناهي. هڪ شام جو ايلفيءَ تي گهمندي گهمندي، منهنجو ڪلهو هڪ همراه جي ڪلهي سان گسي ويو. جنهن وقت اسانجي ڪلهن جو ٽڪر ٿيو. ان وقت، مون هن جي ڪلهي ڪان ٿورو هيٺ ٻانهن واري جاءِ تي خال محسوس ڪيو.جنهن خال جي جاءِ قميص جي ٻانهن والاري چڙهي هئي. قميص جي ٻانهن سندس هٿ جو چنبو ائين لڪائي ڇڏيو هو جيئن ڪنگرو پنهنجو ٻچو، پنهنجي پيٽ واري چور ٿيلهيءَ ۾ لڪائي.

منهنجي ڪلهي لڳڻ سبب هو ٻاهہ وانگر تپي ويو. اصل ڳاڙهو ٿي ويو. سندس اها حالت ڏسي، معافي گهرڻ ئي مناسب سمجهيم.

چيومانس "معاف ڪجانءِ، سائين!"

"معاف ڪيانءِ!" هن بگهڙ وانگر گجگوڙ ڪئي.

"مون کي سخت افسوس آهي."

"شرم نٿو اچيئي!" جوش وچان سندس اکين جا ڏوڏا ٻاهر نڪرڻ لڳا.

"شرم ۽ افسوس ۾ ڌرتيءَ- آسمان جو فرق آهي."

"تہ پوءِ اهو ڪيئن وساري ويٺين، تہ مذڪر ۽ مؤنث ۾ بہ ڪو فرق آهي!"سندس ڳاڙهو منهن، ڪارو ٿي ويو. سندس ڪاوڙ سانڊي وانگر پنهنجو رنگ مٽائي ورتو.

"ڇا مطلب؟"

"ڇا تو مون کي عورت سمجهي ڌاڪي واٽي ڪلهو نہ هنيو هو؟"چيلهہ تائين لڙڪندڙ فيشن ايبل ۽ عورتن وانگر ڪليل، پنهنجن وڏن وارن ڏانهن اشارو ڪندي چيائين.

سندس ڪاوڙ ٽيون دفعو رنگ مٽايو ۽ هن جا وار ڪاوڙ وچان، سهڙ جي سوئن وانگر اڀا ٿي ويا.

"معاف ڪجانءِ! شايد تنهنجو دماغي توازن ٺيڪ ڪونهي."ڪانئس جند ڇڏائيندي چيم "منهنجي خيال ۾ تون گدو بندر ڪان فرار ٿيل مخلوق مان آهين."

”تون وري کهڙي چنڊ جي مخلوق آهين. اپالو جا پوٽا ۽ سويوز جا ڏوهٽا!“

سندس ڪاوڙ چنڊ کي ڇهي ورتو. ڪاوڙ وچان هن جي هڪ اک چنڊ وانگر چمڪڻ لڳي، ۽ ٻي اُجهامندڙ ڏيئي وانگر ٽمڪڻ لڳي.

مون لاءِ هن عجيب مخلوق مان جند ڇڏائڻ ڏکي ٿي پئي. مان چپ چاپ کيس گهوريندو رهيس.

چيائين ”منهنجا وڏا وار ڏسي ڇوڪري سمجهي، تو مون کي هاسڪار ٽونڻ هڻئين هئي. ايئن نه؟“

مون سندس مٿي کي چٽائي ڏٺو. هن جي مٿي تي وارن بدران، عورتن جي وارن جهڙي نقلي وِگ چڙهيل هئي. جنهن جي مٿي سرڪي وڃڻ سبب، نرڙ وٽان سندس اڇي ٽڪڻ نظر اچي رهي هئي.

چيائين ”مون سان ڪو به اک ملائي نه سگهندو آهي.“

اهو ڏسي منهنجيون اکيون ڦاٽي ويون، ته هن جي ساڄي اک پٿر جي هئي، جيڪا ڪاوڙ سبب ذري گهٽ ڪرڻ تي هئي.

”تو مون کي کلهو هنيو آهي. مان تنهنجي ٻتيهي ٻيجي ڇڏيندس.“ ذري گهٽ ڏند ڪرٽيندي چيائين.

مون ڏانهنس غور سان ڏٺو. هن جي ٻتيهي ئي نقلي يعني چن جي ڏندن جي هئي. جيڪا سندس ڪاوڙ وچان ڏندڪرٽڻ سبب، پٽڙيءَ تان لهي چڪي هئي.

چيائين ”مان سڄي هٿ جو ٽونشو هٽي، تنهنجو نڪ ڦيهي وجهندس“ هاٿي هن جي منهن جو رنگ ساڻو ٿي ويو هو. هو مون کي ماٺهوءَ بدران، چوواٽي تي موٽرن ۽ بسين وغيره جي اچ وڃ کي بتيءَ جي رنگن سان هلائيندڙ سِگنل نظر اچڻ لڳو. جيڪو هر منٽ ڪان پوءِ پنهنجو رنگ بدلائيندو آهي.

ان خبيث شيطان مان جان ڇڏائڻ ڏکي ٿي پئي. مون ڪان رهيو نه ٿيو. ان ڪان اڳ جو هو ٽونشو هٽي منهنجو نڪ چٽي وجهي، مون سندس سڄي ٻانهن ۾ چنبو وجهندي، هڪ زوردار جِڪ ڏني. هن جي قميص جي ٻانهن منهنجي هٿ ۾ هئي. هو ساڄي ٻانهن ڪان وانجهيل، يعني لولو هو.

هن پنهنجي کٻي ٻانهن ايلڦيءَ واي فٽپاٿ جي ڪناري تي ٽنگيل رسيءَ ۾ ڪپائي ڇڏي [جيڪا ماٺهن کي فٽپاٿ تي هلڻ لاءِ علامت طور، ٽرئفڪ پوليس

طرفان تنگي ويئي هئي.]

چيائين ”مان فلائنگ ڪڪ هٽي تنهنجو ڦقڙ ڦيهي وجهندس.“

جيئن ئي هن فلائنگ ڪڪ هڻڻ لاءِ، پنهنجي ساڄي ٽنگ مٿي ڪئي. ڏو وجي سڙڪ تي ڪريو. ڪرڻ شرط سندس ڪاٻي ٽنگ جيڪا نقلي هئي ۽ ڪاٺ جي ٺهيل هئي، سا سندس ران کان جدا ٿي، وڃي پري ڪري.

پريان بيٺل جن ماڻهن اهو لڪاءُ ڏٺو ٿي، سي اڳتي وڌي آيا ۽ هن جي چوگرد هڪ دائرو ٺاهي بيهي رهيا. انبوهه ۾ بيٺل گهڻن ماڻهن سندس گفتگو ٻڌي هئي. ڪي مشڪي رهيا هئا ۽ ڪي وري اڇرج ڳاڏڙ افسوس جا شوڪارا پري رهيا هئا.

بيٺلن مان هڪ ڇٽي هن جي نقلي ٽنگ کٽي، سندس ران وٽ ٻڌي ڇڏي. ٻئي سهارو ڏئي کيس اٿاريو.

اٿڻ شرط چيائين ”مان هڪ اهڙي کاتي ۾ ملازم آهيان، جيڪو تو جهڙن ماڻهن جي اعمالن جو رڪارڊ تيار ڪندو آهي ۽ اهو رڪارڊ تنهن جي تقدير بہ ٿي سگهي ٿو.“

پوءِهو ڪنڊو، گنجو، ڪاڻو، لولو ۽ لنگڙو، خردجال جهڙي مخلوق، منڊڪائيندو منڊڪائيندو، ايلفيءَ جي پاڇن ۾ گم ٿي ويو.

(منصور پبليڪيشن ١٩٧٥ع)

# چڪتاڻ

پارنهن فوٽن جي همچورس ڪمري ۾، زيبي ۽ مراد ڪٽ تي ستل هئا. زيبيءَ ڪي ململ جو سنهڙو چولو اوڍيل هو ۽ مراد ڪي انگوڇو ڍڪيل. رات وهامڻ واري هئي. زيبيءَ ننڊئي ننڊ ۾ ڇنگهه ورائي، مراد جي جسم کي واڪونءَ وانگي پنهنجي گرفت ۾ سوگهو ڪيو.

اوچتو هڪ زبردست رڙ ٿي. واڪونءَ پنهنجي گرفت ڇڏي ڏني. رڙ تي مراد جي اک کلي پئي.

هڪ ٻيرو وري هيانءَ ڏاريندڙ رڙ ٿي. رڙ جو آواز پڙاڏو ٻڌجي، مراد جي ڪنن مان پار ٿيندو، سندس حواسن تي ڇائنجي ويو. هو اٿي ويٺو. پنهنجيون ٻانهون زيبيءَ جي ڪنڌ ۾ وجهي، ڪيس ڇڪي ڇاتيءَ سان لاتائين. زيبيءَ ٽيون ڀيرو، اجا به وڌيڪ خوفناڪ آواز ۾ رڙ ڪئي. رڙ، خوف جي گولي ٻڌجي سانت جو سينو چيريندي، مراد جي وجود ۾ پيهي وئي. هو هڪ زور دار ڌڪي سان، بل ڪائي وچي ڪٽ کان هيٺ ڪريو. زيبيءَ اونداهي ڪمري ۾، ماحول کان بيخبر ۽ بدحواس، پنهنجي بدن کي هٿن سان ڍڪڻ جو سعيو ڪندي، ڄڻ ته پنهنجي مڙس جي اڳيان نه، پر ڪنهن غير مرد جي آڏو بيوس ٻڌجي بيٺي هجي، پٽ ڏانهن منهن ڪري مراد کي پٺي ڏئي بيهي رهي. خوف ڪرنٽ جي لهر ٻڌجي، هن جي.رڳ رڳ ۽ لونءَ لونءَ ۾ گهڙي ويو. سڄي ٿڙڪڻ لڳي. هاڻ هن پنهنجي بدن کي ڍڪڻ جي اجائي ڪوشش ڇڏي ڏني. ڇاتين تي رکيل ٻئي هٿ کڻي، منهن هٿن سان ڍڪي ڇڏيائين، ڄڻ ته اٺ پکيءَ وانگر پاڻ کي لڪائي ڇڏيائين، ۽ پنهنجي پر ۾ پاڻ کي محفوظ سمجهڻ لڳي. اوچتوئي اوچتو خوف ۽ شرم جي احساس چور ٻڌجي، هن جي سنگمرمر جهڙي جسم تي سرڪندي سرڪندي، پنهنجي گرفت مضبوط ڪري ڇڏي. سڌڪي سيسڙاٽ جو روپ ورتو. اک ڇنڀ ۾ ٻوٽ تي رکيل هٿ، ڪار اسڪرين وائيپر جيان، هيٺ وڌي ويا. هڪ زوردار جهٽڪي سان پنهنجو سڄو بدن ڇنڊي ورتائين. هٿ هيٺ ورڻ شرط، اکين ڪمري جو جائزو ورتو. ڪيس پنهنجي حال تي رحم آيو. ڪمرو اونده جو ٻيٽ ٿي لڳو. هن ڪن لاءِ سک جو ساهه ڪنيو. زندگيءَ جي ويهن سالن ۾، هن

ڪڏهن ﭔ پنهنجو پاڻ کي ايڏو بيوس ۽ شرمسار محسوس ڪونہ ڪيو هو. شرم ۽ پشيمانيءَ جو سبب رڳو خوف هو. هاڻي هن پاڻ کي ڍڪڻ جي ڪوشش نہ ڪئي، پڪ ۾ منهن ﭔ ڪونہ لڪاياڻين. بس هٿن جون تربون پٽ تي چنبڙائي، هيسيل هرڻيءَ وانگر ويٺي رهي.

مراد کٽ جي ٻانهيءَ کي جهلي، گوڏن ڀر اٿي ويٺو. ڪوٺيءَ ۾ گگهه اوندهه هئي. ٿڙندو، ٿاٻڙندو، ٻارن جيان ٻانبڙا پائيندو، ڪيسيون ڏيندو اڳتي وڌڻ لڳو. کٽ جي چوگرد ڪيترائي چڪر ڏنائين. پر زيبيءَ کي ڇهڻ ۾ ناڪام رهيو. ڪجهہ دير تڪ ٻڌي، اوندهہ جي سمنڊ ۾ گُهوريندو رهيو. هٿ پنڊ تي، ڪيس تڪڙن تڪڙن ۽ ڊگهن ڊگهن ساهن جو آواز ڪن پيو. هڪساهيءَ اڳتي وڌي ويو. مراد جي ڇهڻ شرط، زيبي گوڏن ڀر ڪري پيئي. هيانو ڏاريندڙ چيٽ ڪيائين، ۽ ٽونٽين ڀر اڳتي گسڪڻ لڳي. گسڪڻ جو آواز خوف جو ڪوه ڪاف ﭔجي، مراد جي ذهن تي ڇانئجي ويو.

مراد ڪڏهن ﭔ پاڻ کي ايڏو بيوس ۽ مجبور محسوس ڪونہ ڪيو هو، جيترو اڄ تي ڪيائين.

”ڳالهہ ڇاهي؟“ ڏڪندڙ آواز، گوليءَ جي ٺڪاءَ وانگر مراد جي وات مان نڪري، خاموش ويو منڊل جي نڙگهٽ ۾ لهي ويو. ڄڻ ڪنهن از غيبي طاقت هن جي وات جي ٽريگر تي آڱر رکي هجي.

”تو مون کي ڇهيو آهي“ زيبيءَ جي وات مان آواز بدران، ڄڻ خوف جو بم گولو نڪتو.

”چرياڻپ ڇڏ!“ تڏو ساهہ کڻڻ جو آواز.

”تون رزاق آهين!“ ساڳي رڙ.

”ڇا....؟“

”ها ها، تو منهنجو هنيانءَ تي ڪڍيو.“

”هيانءَ، ڪنهنجو هيانءَ؟“

”منهنجو،“ زيبيءَ جا حواس خطا هئا. چيائين ”تون رزاق جو بد روح آهين!“

”هوش ڪر زيبي!“

”مان بيهوش ناهيان!“ ساڳي رڙ ڪيائين. چيائين ”تون رزاق جو لاش آهين.“

”لاش!“

”ها، ۽ مون کان بدلو وٺڻ آيو آهين.“

”بدلو!“

”ها، پر توکي مون کونه ماريو هو.“

”مان مئل ناهيان“ اچرج خوف جي جڳهه ورتي. هن وراڻيو ”آءٌ جيئرو آهيان.“

”اهو تنهنجو ٻيو جنم آهي“ هوءَ ٿڙڪي رهي هئي. ”پر توکي مون ته ڪونه ماريو هو.“ هوءَ ٻيءَ ڪنڌ ڏانهن سرڪي وئي.

”خواب لڌو اٿئي؟“

”ها، ۽ جڏهن ڇرڪ ڀري اٿيم، ته توکي پرسان سمهيل پاتم.“

”جي!“ هن کان ذري گهٽ ڇرڪ نڪري ويو ”پر مان ته توسان گڏ اڄ ٻه ئي ستل هوس!“

”ها، تون مونکي مارڻ آيو هئين.“

”توکي ڇا ٿي ويو آهي، زيبي!“

”اهوئي ساڳيو آواز! ڇٻو ته اجا جيئرو آهين!“

”پر مان مئو ڪڏهن هوس؟“

”تون مري ويو هئين. توکي پوري آيا هئا.“

”جي!“

”ها تو زهر کاڌو هو.“

”مان ته ڪڏهن به زهر ڪونه کاڌو آهي.“

”تو زهر کاڌو هو. تون مئل آهين.“ زيبيءَ کان درڙي نڪري ويئي، چيائين ”تون بدروح آهين. تنهنجو آواز ولهه جهڙو آهي. تنهنجي شڪل مڙدن جي شڪل آهي.“

”مان ڪڏهن به آپگهات لاءِ زهر ڪونه کاڌو آهي،“ هن رڙ ڪئي. هوءَ ڪرڙيءَ وانگر ڦتڪي اٿي. ”پر مان ته توکي زهر ڪونه ڏنو هو. ........“

ته پوءِ ڪنهن ڏنو هو“ هن گجگوڙ ڪيو. خوف ۽ اچرج جي جاءِ ڪاوڙ ورتي.

”الائي!“

”سچ ٻڌاءِ!“

"مونکي ناهي خبر" هوءَ ٻي ڪنڌ ڏانهن وڌي وئي.
"توکي خبر آهي!"
"ناهي" پَوءَ وچان زيبيءَ کان چيٽ نڪري وئي.
مراد ٽپ ڏيئي ڪيس وارن کان سوگهو ڪيو.
"الاڙي گهوڙا ڙي ....،" ڪانئس دانهن نڪري ويئي. "مان توکي زهر کونہ ڏنو هو. کونہ ڏنو هو."
"سچ ٻڌاءِ" مراد جا ٻئي هٿ زيبيءَ جي ڳچيءَ ۾ هئا.
"تون ساھہ ڪيڍندين!" هن محسوس ڪيو تہ اهو بدروح ڪيس ماريندو. پنهنجود بدلو چڪائيندو.
"نہ ڪيندوسانءِ"
"ها، مان ئي توکي زهر ڏنو هو"
"چو؟" هن جون اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون. سندس هٿن جي گرفت اجا مضبوط ٿي وئي.
"آ .... آ .... نہ" زيبيءَ کان دانهن نڪري وئي.
"ٻڌاءِ، چو؟" هن گرفت ڍري ڪندي چيو.
"مونکي توکان نفرت هئي. مان ٻي شادي ڪرڻ ٿي چاهي."
"چا لاءِ؟"
"منهنجو تومان پيٽ پرجي ويو هو."
"هون" نفرت وچان، هن ڪيس پيٽ واري لت وهائي ڪڍي. هوءِ ڪري پيئي.
هن اٿاري ٻيهاريس. ڳچيءَ مان هٿ ڪڍي ڇڏيائينس.
سج اڀري آيو هو. روشنيءَ جا ڪرڻا، در جي چيرن مان ڇڻندا، اندر اچي رهيا هئا. زيبيءَ ڏڪي وچي، ڪٽ تان چادر کڻئي ۽ اک ڇنڀ ۾ سڄي بدن کي ويڙهي ڇڏيائين. پوءِ وراندي ڏانهن کلندڙ، در ڏانهن وڌڻ لڳي. هو سندس راھہ روڪڻ لاءِ، در کي ٽيڪ ڏيئي بيهي رهيو. هوءَ روح تائين ڪنبي وئي. وني رڙ ڪيائين. "مراد بچاءِ، مونکي بچاءِ!"
هو اهڙو چپ جهڙي پٿ.
"بچاءِ مونکي هن بد روح کان بچاءِ!"
هن نہ ڳالهايو.

”هي جن آهي!“
ساڳي ماٺ.
”هي مڪروه روح آهي. مڙدو آهي، رزاق جي ڪوپڙي آهي“ هوءَ اڳتي وڌي آئي.
هن نفرت وچان، پيهر ڪيس پيٽ واري لت وهائي ڪڍي.
هوءَ وچي ڪٽ جي پيرسان ڪري. ساڳي رڙ ڪيائين ”هي رزاق جو روح آهي. مون هن کي زهر ڏنو هو. مونکي هن ڳورپٽ جي چنبي مان ڇڏاءِ، مراد!“
هو چپ
”ڪاڏي وئين مراد! مون ته توکي حاصل ڪرڻ لاءِ، هن کي زهر ڏنو هو.“
ساڳي سانت.
هوءَ پنهنجي سموري سگهه گڏ ڪري، اڳتي وڌي آئي، ۽ در وٽ بيٺل همراهه جي هٿ ۾ چڪ وڌائين. سور جي سٽ نه سهي همراهه ڪري پيو.
اوچتو زوردار ڪڙڪي سان در کلي ويو.
سج جي روشني هن جي اکين ۾ گهڙي وئي. جهٽ ڪن اکيون مهٽيندا رهيا. پوءِ جڏهن زيبيءَ اکين تان هٿ هٽايو. ته ڪانئس ڇرڪ نڪري ويو. ذري گهٽ ڪرندي بچي.”مراد تون!“
”ها، مان!“ هن ڪاوڙ ۽ پشيمانيءَ وچان جواب ڏنو. چو ته ويڙهه سبب سندس انگوڇو لهي ويو هو. اڳتي وڌي وچي، ڪٽ تان اجرڪ کنيائين ۽ پاڻ کي ڍڪي ڇڏيائين.
”پر هو لاش، بدروح .....!“ هن پنهنجا لفظ وات ۾ ئي ڇپاڙي ڇڏيا ۽ ٻاهر نڪري وئي.
اندر ڪوٺيءَ ۾ ليٽيل مراد، پنهنجي ساڃي ڀانهن، مٿي هيٺان ڏيئي سوچي رهيو هو. ڪجهه دير اڳ، جيڪو وهيو واپريو هو، ان جي ڪيس ٻنهه اميد ڪانه هئي. اهو سڀ ڪجهه پوڳ، چرچو ڪونه هو. هو زيبيءَ کي پوڄڻ جي حد تائين چاهيندو هو. ٻه مهينا اڳ هن زيبيءَ سان شادي ڪئي هئي. رزاق ٻه سال اڳ مري ويو هو. هو زيبيءَ جو اڳيون مڙس هو. پر اهاخبر اڄ پئي، ته رزاق پنهجي موت نه مئو، پر زهر ڏيئي ماريو ويو هو. هن جو زيبيءَ تان

اعتبار ڪڇي ويو. پيار نفرت ۾ بدلجي ويو. هو بدظن ٿي پيو. چڙ، پشيمانيءَ ڪرب جا گڏيل سڏيل جذبا هن جي منهن تي ايري آيا.

کيس ياد آيو: شاديءَ جي ٽين ڏينهن ڪانپوءِ، زيبيءَ ننڊ ۾ ورڙهڻ شروع ڪيو هو. هن ڪيترا ڀيرا اڳ بہ بي خياليءَ ۾ رزاق جو نالو ورتو هو. اڪثر ننڊ مان ڇرڪ ڀري اٿي پوندي هئي، ۽ چوندي هئي، مون ڪونہ ماريو آهي. مون هن کي زهر ڪونہ ڏنو آهي..... ننڊ ۾ ورڙندي چوندي هئي، جنَّ، مڙدو، ڪوپڙي، ڳورپٽ، بدروح، بچايو، بچايو.... ۽ اٿي ويهي رهندي هئي. پر مراد جي گهورڻ تي، هوءَ پاڻ سنڀالي وٺندي هئي ۽ ڳالهہ ٽارائي ڇڏيندي هئي.

تڏهن مراد ڪجهہ بہ سمجهي نہ سگهندو هو.

زيبيءَ پہ سال اڳ پنهنجي مڙس رزاق کي زهر ڏيئي ماري ڇڏيو. ان ڏوهہ ۾ سندس متضاد طبيعت جو وڏو دخل هو. رزاق جو موت فطري سمجهيو ويو. هن مراد سان شادي ڪري ورتي. ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ، هن جو ڏوهہ سندس نفسيات تي ڇانئجي ويو. هوءَ پاڻ کي ڏوهي سمجهڻ لڳي. کيس انديشو هو، تہ ڪٿ نہ ڪٿ ڏينهن سندس راز کلي پوندو.

اڄ جيڪو وهيو واپريو هو. تنهن مراد جي زندگي زهر ڪري ڇڏي. هو ٽپ ڏيئي اٿيو. الماڙيءَ مان سٽن ٽڪاون وارو چاقو ڪڍيائين. آڱر سان چاقوءَ جي ڦر جي تکاڻ جاچيائين. چاقو تمام تکو هو. سندس دل ۾ ڪيئي خيال آيا ۽ سمنڊ جي ڇوليءَ وانگي موٽي ويا. هن زيبيءَ کي کهڻ جو پڪو پهہ ڪيو. محسوس ڪيائين، تہ زيبي کيس ڇڪ پائي رهي آهي. چاقوءَ جي مٺ هٿ ۾ مضبوط ڪري، هٿ کي هوا ۾ اڇل ڏنائين. کيس لڳو، تہ زيبي مري وئي، هن جي نڙ گهٽ مان رت ٽيندبيون ڪري وهي هليو آهي. هو پوئتي هٽي ويو. ڇڻ رت جي ڇنڊڻ کان پاڻ بچائيندو هجي ۽ ڪنهن خونخوار بگهڙ وانگر مثل شڪار تي وري الر ڪندو هجي. چاقو ور ۾ رکي ڇڏيائين.

رنڌڻي ۾ ويٺل زيبي، سخت ڇڪتاڻ ۾ مبتلا هئي. گهر جي هر ڪنڊ مان کيس رزاق جي سڙيل لاش جي ڌپ ٿي آئي. پنهنجي پاڇي کي رزاق جو روح ٿي سمجهيائين. ڪوٺيءَ ۾، غلسخانيءَ ۽ رنڌڻي ۾ کيس رزاق جو وجود محسوس ٿي ٿيو. هِل ڦڙڪا ڏيندي لنگهي وئي. ان جو پاڇو فرش تي پيو. هن سمجهيو تہ بدروح اچي ويو. ڪانءُ ڪان ڪان ڪندو اچي پٽ تي وينو، تہ هن پٽر وهائي ڪڍيس، ڪانءُ اڏري ويو. کيس ڀاسيو، تہ ڪانءُ

رزاق جو روح هو ۽ سندس راز ظاهر ڪري رهيو هو. اوچتو هڪ جهرڪي اچي اڳيان ويٺس. پانيائين تہ جهرڪي رزاق جو بدروح آهي ۽ سندس هيانءُ ڪيڏانہ آئي آهي. جهرڪي اڏري وئي، تہ ٿڌو ساهہ کنيائين. اوچتو، هن جا ڪن ڪڙا ٿي ويا. کيس لڳو، تہ ڪا شيءِ پنهنجا نرم پير فرش تي ڪپائيندي ڏانهس اچي رهي آهي. ٻاهر ڏٺائين. مٿين ڏاڪڻ تان ٻلي نهي رهي هئي. هوءَ روح تائين ڪنبي وئي. محسوس ڪيائين، تہ بد روح هاڻي ٻلي‌ءَ جو روپ ورتو آهي. ويلڻو کڻي ٻلي‌ءَ کي هنيائين ۽ رنڌڻي جو در بند ڪري ڇڏيائين. اوچتو هڪ زبردست ٺڪاءُ ٿيو. دروازو کلي ويو. هو ٽپ ڏيئي ٻاهر نڪري آئي. هاڻي مڙدي جي بدروح، ڪرڙيءَ جو روپ ورتو ۽ رنڌڻي جي ڇت تي وڃي بيٺو. هشڪر ڏيئي ڪرڙيءَ کي ڀڄائي ڇڏيائين.

اڄ واري ماجرا ڪانپوءِ، هوءَ خوف ۽ پشيمانيءَ جي احساس جي سمنڊ ۾ غوطا کائي رهي هئي. هر شيءِ مان کيس مڙدي جي سڙيل لاش جي ڌپ ٿي آئي. ڪوٺيءَ ۾ سمهيل، سندس مڙس مراد بہ رکي رکي کيس رزاق جو روح ٿي لڳو. هوءَ پشيمان هئي. ڊنل هئي. هيسيل هئي. جنهن راز کي هيترو وقت دل ۾ سانڍي رکيو هئائين، سو سندس بدحواسيءَ ڪري کلي پيو. پاندو ڦاٽي پيو هو. پاڻ ئي مراد کي سيڪجهہ ٻڌايو هئائين. خوف وچان مراد کي رزاق سمجهي، کيس ٻڌايو هئائين تہ هن کيس زهر بہ ڏنو هو. پانيائين تہ پاڻ مراد لاءِ عذاب ٿي پيئي هئي. هن جو ننڊ ۽ آرام حرام ڪيو اٿائين. کيس ڊپ هو، تہ مراد ٿاڻي تي وڃي، اها سڄي واردات پوليس کي ٻڌائيندو. کيس ڦاسي ڏني ويندي. هن مراد کي مارڻ جو فيصلو ڪيو. هڪ ڏوهہ کي لڪائڻ لاءِ ٻيو ڏوهہ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وئي.

هن ننڊ جي گورين واري شيشي ڪيڏي اڳيان رکي. چانهہ جو ڪوپ ڀري، ان ۾ اڌ شيشيءَ جيترين گورين اٿلايائين. چٺي پاسي، تيڏي اک سان ڏٺائين. کيس ڪوبہ ڏسي نٿي سگهيو. چمچو کڻي، چانهہ ملائڻ لڳي. پوءِ ڪوٺيءَ جو جائزو وٺڻ لاءِ اندر وڃڻ لڳي.

مراد محسوس ڪيو، تہ زيبي اڄا جيئري آهي. هوءَ ڏائڻ آهي. هڪ ڏڪ سان نہ مرندي. هن هڪ دفعو وري چاقو ڪيڏي، هٿ ۾ سوگهو ڪيو. ان جي ڦر جي تڪاڻ جاچيائين. چاقو تمام تيز هو. بس هڪ جهٽڪي جي دير هئي، پوءِ آنڊا ٻاهر. چوطرف نگاهہ ڦيرائي ڪمري جو جائزو ورتائين. اڪيون

مراد کان بہ ڇرڪ نڪري ويو. سندس هٿ مان ڪوپ ڇڏائجي وڃي پٽ تي ڪريو. ڪوپ جا ٽِڪَل ٽڪر، چانهہ ۽ اڇ ڳريل ڳوريون فرش تي ڦهلجي ويون.

زيبيءَ جي اک وڃي ڪريل چاقوءَ تي ڪُتي.

۽ مراد جي نظر فرش تي پکڙيل، اڇ ڳريل نندڙ جي ڳورين ني ڄمي وئي.

پنهنجن خيالن کي هڪ ٻئي ۾ ڏسي هو وائڙا ٿي ويا.

هنن هڪ ٻئي جي پريشان ٿيڻ کان پنهنجا پنهنجا منصوبا معلوم ڪيا، ۽ پوءِ خوف، بيوسي ۽ ترس جا گڏيل سڏيل احساس سندن منهن مان بکڻ لڳا.

(۱۹۷۷ع)

# هِز ماسٽرس وائس

مسٽر گوگيا پاشا، پنهنجي پرسنل سيڪريٽري مسٽر ڦتاڪي کي سڏايو.

هو ڏوڙندو اچي اڳيان بيٺس. سڄو سهڪي رهيو هو. سهڪندي سهڪندي چيائين. "حڪم ڪيو صاحب!"

گوگيا پاشا رعبدار نهجي ۾ چيو: "توپاس خبر رسان ايجنسيءَ جي موڪليل تازين خبرن مان. هڪڙي خبر ڇپي آهي. ته تون اسانجو خير خواهه ناهين!"

ڦتاڪو، روح تائين ڪنبي ويو. چيائين "آءِ ايم يور موسٽ اوبيڊئنٽ سرونٽ سر!"

"هاڻي آهين، پر اڳ ڪونه هئين!"

"مان ساڳيو گولو آهيان، سائين!"

"تون تاش جو گولوآهين. تاش جي پتن وانگر هيرا ڦير آهين!"

"مان اوهانجو ساڳيو بندو، عرف ڳندو يعني خادم آهيان!"

"تون اسان لاءِ گولي جي بجاءِ، ٻم گولو ثابت ٿيو آهين!"

مسٽر ڦتاڪي پنهنجي گول مول پيٽ تي هٿ ڦيريو. پوءِ پيرن کان وٺي نڪ تائين پنهنجي ساءِ جائزو ورتائين. جڏهن پڪ ٿيس، ته هو ٻم گولو ناهي. ۽ جڏهن ڪيس اها ڳالهه ذهن تي تري آئي ته هو رڪارڊ تي ڇپيل تصوير واري ان ڪتي مثل آهي، جنهنجو ڪن پنهنجي مالڪ جي لائوڊ مان اينڊز سندس آواز ڏانهن ڪتل آهي، ۽ هو ڪنهن حڪم جي انتظار ۾ آهي. تڏهن وراڻيائين. "توپاس کان غلطي ٿي وئي آهي، سائين! منهنجي خيال ۾ اها ٽيلي پرنٽر جي غلطي آهي ڇاڪاڻ ته ٽيلي پرنٽر به مون وانگر ٻين جي آڱرين جي اشارن تي ڪم ڪندو آهي."

"توپاس کان غلطي ٿي وئي آهي؟" گوگيا پاشا گجگوڙ ڪيو.

"ها سائين! منهنجي خيال ۾ اها خبر ابتي ڇپجي وئي آهي. ڦتاڪي انديشو ظاهر ڪيو.

"توپاس ڪڏهن به ابتي خبر ڏيئي نٿي سگهي ڦتاڪا!"

"سائين! منهنجي خيال ۾ اها خبر هيئن هوندي، ته مان اوهانجو خيرخواهه آهيان."

"مان شاگردن جي سوچ جو رخ اوهان ڏانهن موڙي ڇڏيو آهي، باس!"

"تو اناج وڏيڪ اپائڻ جي بہ مخالفت ڪئي هئي؟"

"مان پهريون شخص آهيان، جنهن اناج پاليسيءَ جو ڊرافٽ تيار ڪيو هو سائين!"

گوگيا پاشا آپي کان نڪري ويو. ميز تي ڌماڪيدار مڪ وهائيندي چيائين "تون ڄاڻين ٿو، هٿوڙي ۽ لوهر پاليسيءَ جو بہ مخالف هئين؟"

ڦتاڪي وراڻيو "مان توهانجي حڪم تي، ڪيترين ئي لوهار شاپن جو پيڙهہ جو پٿر رکيو آهي. مان غدار تي نٿو سگهان."

"تو آئيني جي بہ مخالفت ڪئي هئي!"

"۽ مان پهريون شخص آهيان، جنهن آئيني ۾ پنهنجي اصلي شڪل ڏسڻ کان، ماڻهن کي رَوڪيو هو".

"۽ اسان جڏهن هڪ انجمن کي پيٽ سمجهيو، تو تڏهن بہ مخالفت ڪئي."

"اهو منهنجو اڳين جنم هوندو، منهنجا مالڪ!"

"تون پاڙيسري ملڪ جي شين واپرائڻ ۽ درآمد برآمد جي آزاد پاليسيءَ جي بہ مخالفت ڪئي هئي!"

"مان...."

"ها، ۽ پاڙيسرين ڏانهن اچ وڃ واري منصوبي جو پڻ مخالف هئين."

"سائين مان پهريون شخص هوس، جنهن ڪاهي پاسي وارن جي مخالفت ۾ بيان ڏنو هو!" ڦتاڪي ذري گهٽ رئندي چيو.

"خبردار!" گوگيا پاشا هڪ دفعو وري ميز تي مڪ وهائي ڪڍي- ڦتاڪو دهلجي ويو.

"سچ ٻڌاءِ، تو اسانجي مخالفت ڪئي هئي!" گوگيا پاشا پڇيو.

"ها، سائين!"

"تون پڙهيل لکيل جاهلن کي بہ اسانجي خلاف پڙڪايو هو؟"

ها، پر توهان وٽ اچڻ کانپوءِ منهنجو رويو بيو هو، سائين!"

"بڪواس بند ڪر" گوگيا پاشا هڪ دفعو وري گجيو.

"حاضر مالڪ!"

"تون اسانجو خيرخواه نہ، پر غدار آهين!"

”مان اوهانجو بٽلر آهيان!“

”تون عوام ۽ چونڊيل نمائندن جو دشمن ثابت ٿيو آهين.“

”اڳ توهان جو غدار هوس، ۽ هاڻي ملڪ جو غدار آهيان!“

”بڪواس بند ڪر، ۽ هڪدم ٻاهر نڪري وڃ“ گوگيا پاشا، هٿ ۾ ڏنڊي ڪٽندي ۽ اٿندي چيو، ”توکي پرسنل سيڪريٽريءَ جي پوسٽ تان خارج ڪجي ٿو. توکي جيل اماڻڻ ۽ جلاوطن ڪرڻ بدران، ڇڙ واڳ ڇڏجي ٿو. هاڻي اسان شاگرد ليڊر مان ڦيرائي، تنهنجي پوزيشن ڇڙيا گهرجي پولڙي جهڙي ڪري ڇڏي آهي!“

ڦٽاڪو هيسل هرڻيءَ وانگر ڇال ڏئي، ٻاهر نڪري آيو.

هڪدم محسوس ڪيائين، ته هو رڪارڊ تي ڇاپيل، لائوڊ جي منهن وٽ ڪن لڳائي، پنهنجي مالڪ جي حڪم جو منتظر ڪتو ناهي، پر ڏوهيءَ جو ڪتو آهي.

# پدم پتي

پدم پتيءَ ريل جي گاڏي جي دريءَ مان منهن ڪڍي، گاڏي جي در وٽ بيٺل داڦوڙي کان پڇيو، ”توکي پڪ آهي داڦوڙا، ته هيءَ ريل سکر ويندي؟“

”هائو.“ دڦوڙي وراڻيو.

”ڪيئن؟“

”ڇاڪاڻ ته گاڏيءَ جي انجڻ جو رخ سکر ڏانهن آهي.“

”۽ جيڪڏهن انجڻ ابتو هلڻ شروع ڪيو ته پوءِ؟“

”پوءِ اسان سکر بدران گهوٽڪي وڃي نڪرنداسين.“

پدم پتي. ٽپ ڏيئي پليٽ فارم تي لٿو. در وٽ بيٺل داڦوڙي جي ويجهو ’يندي چيائين، ”ڪنهن کان پڇي ٿو اچان ته هيءَ ريل ڪاڏي ويندي.“

”متان بيوقوف ٿيو آهين!“

”ڇو؟“

”اسان وٽ هڪ راز آهي.“

”ڪهڙو؟“

”گهر هلي ٻڌائيندو مانءَ.“

”اوهون، هتي ٻڌاءِ.“

”ڇگو ريل هلي ته پوءِ ٻڌايانءِ ٿو.“

پدم پتي ريل جي دريءَ مان بل ڏيئي مٿي چڙهي آيو. هو ريل هلڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو، هو راز ٻڌڻ لاءِ بيتاب هو.

هڪ زوردار لوڏي کان پوءِ ريل هلڻ لڳي. ريل هلندي ڏسي، پدم پتيءَ پڇيو، ”هاڻي ٻڌاءِ داڦوڙا ته ريل جو رخ ڪيڏانهن آهي.“

”سکر ڏانهن،“ داڦوڙي گدگد ٿيندي چيو.

”۽ پنهنجي اسڪول جو رخ؟“

”جيڏانهن اسان جي پٺ آهي.“

”۽ اسانجو رُخ؟“

”دوزخ ڏانهن،“ داڦوڙي چڙ مان چيو.

داڦوڙو گهڻي پچ پچان کان لنوائيندو هو. اسڪول کان فقط ان ڪري

ڦندو هو، جو استاد ڪانئس سوال ڦندو هو.

”تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين.“ پدم پتيءَ ڪيس چيڙائيندي چيو، ”دوزخ اسڪول آهي ۽ سائين موريل شيطان. اسڪول جو رخ سائين موريل جي گهر طرف آهي ۽ سائينءَ جو رخ اسانجي گهرن ڏانهن.“

هن ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو. ريل روڪڻ واري ڳاڙهي رنگ جي هينڊل کي هٿ لائيندي چيائين، ”آهستي ڳالهاءِ. خبر نٿي، اسان زائفاتي گاڏي ۾ سوارآهيون؟“

”اسان زائفاتي گاڏي ۾ ڇو چڙهيا آهيون؟“ پدم پتي سوال ڪيو.

”ان ڪري جواسانوٽ هڪ راز آهي.“

اهو ٻڌي، پدم پتيءَ کي راز واري ڳالهه ياد اچي وئي. پڇيائين، ”هاڻي ٻڌاءِ اهو ڪهڙو راز آهي؟“

داڦوڙي پنهنجو وات، پدم پتيءَ جي ڪن جي ويجهو ڪندي چيو ”اهو راز فقط هڪ شرط تي ٻڌائيندو سانءِ.“

”ڪهڙي شرط تي؟“

”وعدو ڪر ته اهو راز ڪنهن کي به نه ٻڌائيندين.“

”نه ٻڌائيندس.“

”پڪ؟“

”پڪ.“

”راز جي ڳالهه اها آهي“ داڦوڙي ڪيس ڊيڄاريندي، ٿڙڪائيندي ۽ پنهنجو بدلو وٺندي وراڻيو، ”ته اسان بنا ٽڪيٽ سفر ڪري رهيا آهيون.“

پدم پتي ڪڪو وڪو ٿي ويو. مٿانئس داڦوڙي جو رعب ويهجي ويو. نماڻي لهجي ۾ پڇيائين، ”ڇا سڀئي عورتون بنا ٽڪيٽ آهن؟“

”الائي!“ داڦوڙي بي نيازيءَ مان وراڻيو، ”پر زائفاتي گاڏي ۾ ٽي ٽي ڪونه ايندو آهي.“

داڦوڙو سري اچي دريءَ وٽ ويٺو. ۽ پدم پتيءَ دريءَ وٽان هٽي ويٺو. هن هڪ دفعو هينڊل کي ڇتائي ڏٺو، ۽پوءِ داڦوڙي کان پڇيائين، ”هي هينڊل ڇا هي؟“

هن وراڻيس، ”اهو هنگامي حالتن ۾ ريل روڪائڻ لاءِ آهي؟“

پدم پتيءَ هينڊل هيٺان لکيل صورتخطي پڙهندي، پنهنجي دلبر دوست

داڦوڙي کان (جيڪو ڪانئس ٻه سال وڏو هو) پڇيو:

”ء هي پنجاهه روپيا ڇا آهي؟“

”هئنڊل ڇڪڻ جو.“

”ء حادثي وقت؟“

”هئينڊل ڇڪڻ خود هڪ قسم جو حادثو آهي“ داڦرڙي ڪيس سمجهائيندي چيو، ”جنهنجو ڏنڊ پنجاهه روپيا آهي. ماڻهو ڇسا ناهن، جو هڪ حادثي جي لاءِ ڇاتي واتي ٻيو حادثو ڪري ويهن.“

عورتون کين گهورڻ لڳيون.

پدم پتي ساڃي در ڏانهن، ۽ داڦوڙو ڪاهي ڏانهن وڌي ويا. هو هڪ ٻئي کي پٺ ڏيئي ٻيهي رهيا ۽ سوچڻ لڳا.

پدم پتي هميشه ماضيءَ تي سوچيندو هو ۽ داڦوڙو مستقبل تي. هنن ڪڏهن ٻه حال تي نه سوچيو هو. هو اڃان حال تي سوچڻ جي عمر ۾ داخل ڪونه ٿيا هئا. هو ٻار هئا. داڦوڙي جي عمر ڏهه سال ۽ پدم پتي جي عمر اٺ سال هئي. هو ٻاڻ ۾ گهاتا سنگتي هئا. هنن حال جي ڦيٿي کي ريل جي پٽڙيءَ تي ڇڙواڳ ڇڏي ڏنو هو. جنهن جي مٿان سندن گاڏو هو. جنهن جي ڪاهي ۽ ساڄي درن تي ٻيهي هو ماضي ۽ مستقبل تي سوچي رهيا هئا. ۽ حال کين ماضي ۽ مستقبل جي هڪ ڏکهي چار ۾ وڪوڙي ڇڏيو هو.

پدم پتي، ماضيءَ جي تهن مٿان تهه ڇڙهيل پهاڙن کي فرهاد وانگر تيڪم سان کوٽيندو رهيو. جيئن جيئن ڪڏ اونهين ٿيندي وئي، تيئن تيئن سندس ماضيءَ جي غدود جهڙي پهاڙ مان ڪير جي لار ٻدران، گندي رت ۽ پوءِ پچڪارا ڏيئي سندس منهن پسائيندي رهي.

اڃان اڍائي- ٽن سالن جو مس هو، ته پڻس مري ويو. هو تڪڙ هو. تڪڙ سندس ذات، خانداني نالو يا تخلص ڪونه هو، ته ٻه ماڻهو ڪيس تڪڙ سڏيندا هئا. هو ٽن پيڙهن ڪانپوءِ ڄائو هو. لفظ تڪڙ سنڌين لاءِ هڪ خطرناڪ وبا مثل آهي. هنن لاءِ تڪڙ منحوس ٻار هوندو آهي. تڪڙ کان ماءُ پيءُ يا وري نانگ (ناناڻن) کي زبردست خطرو هوندو آهي. پيءُ- ماءُ ۽ ناني، مامو- مامي يا ماروٽ- ماسات ڪنهن ٻه وقت مري سگهن ٿا، ڇو ته هنن جي گهر ۾ تڪڙ موجود آهي.

اهڙي صورت ۾ سنڌي ماڻهو پيرن تي پڙ باسيندا آهن ۽ دلين ۾ تڪڙ جي

هن جي ماميءَ اهو لکاءُ ڏسي، سندس معصوم ڳل تي جهنڊڙي بائيندي چيو هو ”مٺا. تاکي ڦاٽئي. پيرن ۾ چانديءَ جا ڪڙا وڏا ماڻءِ تڏهن ٻه نه مڙين ڏاڻڻ. نيٺ پيءُ جو سر ڪنيٺي.“

تڏهن هو ننڍو هو. ڪيس اها خبر ڪانه هئي، ته پيءُ جو سر ڪيٺن ڪٽبو آهي. يا نڪڙ جا ٽيندو آهي.

لاش ڏوليءَ ۾ رکڻ لاءِ جڏهن ٻاهر آندو ويو، تڏهن جيٺن جو غلاف مٽي ڪٽن، مارا چا ڏسن، ته وچايل چوڪري ڏوليءَ ۾ ستي پيٺي هئي.

ماٹس عدت مان نڪري، ڪانياواڙن وٽ ٿانو ٻهاري جي نوڪري ڪئي هئي. هن روايتن کي ٽوڙيو هو. هن ٻي شادي نه ڪئي هئي. هن ٻچن تي ڪڪڙ وانگي آرو ڪرڻ تي چاهيو.

پدم پتي، اجا اڳٺ ٻڌڻ مس سکيو، ته مامس اسڪول داخل ڪيس. اسڪول مان پڇڻ وري سندس دلبر دوست داٿوڙي سيڪاريو هو.

هن کان اڳ ٻه هو ڪيترائي ڀيرا اسڪول کان ڀڳا هٺا. هن کي سائين موريل جي مار چڱي طرح ياد هئي. گذريل دفعي جڏهن هو ڀڳا هٺا، تڏهن هو ڪلاس مان ڪونه ڀڳا هٺا. پر رستي مان ئي ڀڳا هٺا. پدم پتيءَ وٽ ڦي ڪونه هئي ۽ ان سان گڏ سندس يونيفارم تمام ميرو هو. هن کي ڊريس پاتل نه هئي. پر ميرو يونيفارم پائي اسڪول اچڻ جي جهل هئي. هن وٽ فقط هڪ ئي ڊريس هئي، جيڪا هر ڇنڇر جي شام جو ڌوٺاريندو هو ۽ سڄو هفتو پهريندو هو.

ٻئي ڏينهن، جڏهن هو اسڪول آيا هٺا، تڏهن سڀ کان اڳ ۾ هيڊ ماستر اسيمبلي ڪان پوءِ، ڪين اسيمبلي هال ۾ لاڳيتو هڪ ڪلاڪ ڊڪايو هو. ڊڪائڻ ڪان پوءِ، ڪائٺن اسڪول جي اڏجنڊڙ پٽ جي اوساريءَ لاءِ سرون پڻ ڍوٺايون هيون.

جڏهن ڪلاس ۾ پهتا هٺا، تڏهن سائين موريل ڪين ڪڪڙ ٻڻايو هو ۽ سندن آڱرين جا ڏوڏائي ڏوڏا ڪتيا هٺا.

هو ڏانهن ڪاهي در ڏانهن بيٺل داٿوڙو، مستقبل جي واچوڙن ۾ اڏامي رهيو هو، ته گهر وڃي، ڪڪڙ جي ڪڏيءَ مان آنو چورائي (جيڪو ڪڪڙ تازو لاتو هوندو) جادل ڪوري دڪاندار کي وڪڻندس. باقي پئسا امان جي پرس مان ڪڍي، سڌو فلم تي ويندس. اڳتي پدم پتيءَ کي اسڪول مان ڀڄائي

”ٽانڪي روز پريندو آهين ڇا؟“

”ها،“ پدم پٽيءَ ٿڌو ساهه کڻندي چيو، ”ملان عارف جي مار کان سائين موريل جي مار ٺيڪ آهي.“

”ها تون ٺيڪ ٿو چوين.“ داڦوڙي چيو.

”پر جيڪڏهن سائينءَ ويهڻ نه ڏنو ته پوءِ؟“

”سائين توکي ضرور ويهڻ ڏيندو.“

”ڪيئن؟“

”آئينده تو وٽ ڏوتل يونيفارم هوندي.“

”يونيفارم!“

”ها،“ داڦوڙي وراڻيو، ”ءِ في به هوندي.“

”في به هوندي!“ پدم پٽي وائڙو ٿي ويو. پڇيائين. ”هي ڇا ٿو چوين داڦوڙا؟“

”هاڻي تون مار به نه کائيندين ۽ نه وري توکي ڪلاس مان ڪڍي ڇڏيندا.“

”هوش ڪر داڦوڙا،“ پدم پٽيءَ چيو، ”منهنجو پيءُ مري ويو آهي. مڙدا موٽندا ناهن.“

”پر منهنجو بابو ته جيئرو آهي“

”ڇا مطلب؟“

”سياڻي کان بابا جا پئسا لڪائي توکي ڏيندس.“

پدم پٽيءَ کان ٿڌو شوڪارو نڪري ويو. چڻ ڪنهن هانو تي رکيل ڇپ ڪڻي ورتس.

”پر تون پئسا لڪائيندين ڪيئن؟“ پدم پٽيءَ وراڻيو، ”اجايو موچڙا کائيندين بيوقوف.“

”جيئن امان لڪائيندي آهي.“ داڦوڙي چيو.

شهر جي سيني اسڪولن کي موڪل ٿي وئي هئي. هو پوري اسڪول ڇٽڻ واري وقت تي گهر کان اچي نڪتا هئا.

اوچتو پدم پٽيءَ کي ڪا ڳالهه ياد آئي. چيائين ”هڪ ڳالهه ٻڌايانءِ؟“

”ٻڌاءِ،“ داڦوڙي چيو.

”وعدو ڪر ته ڪنهن کي به نه ٻڌائيندين،“

۽ جڏهن بالم بي پرواهہ بڻجي، ڪمري ۾ ڪِهرڻ لڳو، ۽ ڪتابن جو ٿيلهو ڪلهي تان لاهي هٿ ۾ جهليندي، در کي ڌڪي سان کوليندي، ۽ زوم سان اندر گهڙندي، جهونگازيائين:

ڳاڙهي جهنڊي ربل بيهاري ...... تہ اوچتو واڳهہ جهڙي ڦڙتيءَ سان، ڪنهن سندس ڪن کي پڪڙي زور سان مروڙيو، تہ بيت سندس نڙيءَ ۾ ڪوڪڙيءَ وانگر اٽڪي پيو. جان اک کڻي ڏسي، تہ مارَ! سائين موريل ڌوڏا ڦوٽاري سندس سِر تي بيٺو آهي.

ڪائنس سائي جهنڊي صفا وسري ويئي.

ماهوار "برسات" ۱۹۷۷ع

ڪي ڏڪو ڏنائين، هوءَ اندر گهڙي آئي، ۽ مونکي چپ رهڻ لاءِ اشارو ڪندي، پلنگ تي ويهي رهي. مون دروازي جو ڪڙو چاڙهي ڇڏيو.

پڇيم ”ڪير آهين؟“

وراڻيائين ”انسان آهيان، عورت آهيان. ڪا ديون ۽ ڏائڻين جي قصن جي ڏائڻ ناهيان، جو تنهنجو هنياءُ ڪڍي ويندي.“

چيم ”منهنجو هنياءُ اڳوات ئي نڪتل آهي.“

اهو ٻڌي سندس مک تي هڪ اڇٽي، مبهم ۽ هٽراڏو چمڪ پيدا ٿي، ۽ پوءِ اها سڄي چمڪ مڙي سڙي، سندس اکين ۾ ڪني تي وئي. هوءَ ڪا ايڏي سهڻي ڪانه هئي، جو ماڻهوءَ کي هرو ڀرو ڪاڪ جي مومل ياد اچي وڃي، پر ايترو ضرور هو، ته هوءَ پاڻ سان گڏ هڪ عجيب، سمجهه ۾ نه ايندڙ ۽ منجهائيندڙ ڪاڪ ڪٺي آئي هئي. اهو سندس اڻ اطلاعتو، ري سڏيو ۽ بنا ڪنهن ڏيٺ ويٺ جي منهنجي ڪمري ۾ اچڻ هو. هوءَ سانوري رنگ جي پريل ۽ سڊول جسم واري سيڪسي عورت هئي. سندس نڪ ڊگهو ۽ ڪنڊائتو، اکيون چيرويون ۽ ڳل پريل هئا.

”اڳ گهڻين عورتن سان پيار ڪيو اٿئي“ گلابي چپن تي مرڪ آڻيندي، پڇيائين ”ڪن صفا ڀوڪ آهين؟“

”اڳ هڪ اهڙي عورت سان پيار ڪيو اٿم،“ مان عورت جي نفسيات ۽ جنسيات جي گڏيل مشاهدي جو مظاهرو ڪندي چيم ”جيڪا پاڻ چم روڪ جون گوريون استعمال ڪندي آهي، ۽ مونکي فرينچ ليدر استعمال ڪرائيندي آهي.“

هوءَ شرم وچان ڳاڙهي ٿي وئي. دل ۾ آيو ته سندس اهو هٽڙاڏو شرم، هر قيمت تي خريد ڪري وٺان، پر مان ائين ڪري نه سگهيم، ڇو ته هوءَ منهنجي لاءِ هڪ پروليءَ مثل هئي.

”ڇو ٻارن ڪان ڊڄي ٿي ڇا؟“ ڦڪي کل کلندي پڇيائين ”ڪن ماءُ- پيءُ جي عزت جو خيال اٿس؟“

”هوءَ شادي شده آهي،“ طنز ڀري انداز ۾ چيم، ”هوءَ منهنجي زال آهي. پر تون ڪير آهين، ۽ هن مهل جو منهنجي، يعنيٰ هوٽل جي ڪمري ۾ ڇو آئي آهين؟“

”مان نهايت ڏڪايل آهيان.“

”ڪنهن ڪوٺي جي ناچوڪڙ آهين؟“

”نہ!“

”بازيگرن جي ٽوليءَ مان فرار ٿيل، خانہ بدوش نچڻي تہ ناهين؟“

”نہ!“

”ڪنهن نامرد پوڙهي وڏيري جي سريت تہ ناهين؟“

”هرگز نہ!“

”تہ پوءِ پڪ تون جمال ابڙي جي ڪهاڻيءَ واري پيراڻي آهين. تڏهن تہ ڏکايل آهين!“

”بلڪل نہ، “ چيائين ”تنهنجي ڳالهائڻ مان ظاهر آهي. تہ تون زندگيءَ ۾ ڪنهن بہ عورت جو پيار حاصل ڪري نہ سگهيو آهين.“

”ڪابہ عورت مونکي سمجهي نہ سگهندي“ سندس ويجهو ٿيندي چيم ”رات ڪاٿڻ آئي آهين ڇا؟“

”نہ. مونکي غلط نہ سمجهہ!“ وراڻيائين.

چيم ”مان هن وقت تائين، تنهنجو بي وقتو ۽ اڻ اطلاعتو اچڻ جو مطلب سمجهي نہ سگهيو آهيان گمنام عورت!“

”منهنجو نالو حسينا آهي،“ مصنوعي مظلوم عورت وارو پوز ٺاهيندي چيائين ”۽ مان هن سماج جي ستايل آهيان.“

”هن سماج توکي بہ، مون وانگر بي وفائيءَ جو جُلاب ڏنو آهي ڇا؟“ چيم ”يا ڪنهن بليڪ ميل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿئي؟“

”ها، ڪجهہ ائين ئي سمجهہ“ ڏاڍي وڻندڙ ۽ من لڀائيندڙ انداز ۾ چيائين ”مان تنهنجي ڪمري جي سامهون واري ڪمري نمبر ڇوڏهين ۾، هڪ پوڙهيءَ سان گڏ، گذريل ڏهن ڏينهن کان رهيل آهيان.“

”ان لاءِ پنهنجي واقفيت ڪرائڻ ضروري سمجهيئي، ۽ هن محل جو هلي آئينءَ. ائين نہ؟“ پڇيم.

”تون شاعر تہ ناهين؟“ اٿلو سوال ڪيائين.

مان ڏڪي ويس. وراڻيم ”شاعر تہ منهنجو پڙ ڏاڏو همزو خان بہ ڪونہ هو.“

”وڪيل؟“ ٻيو سوال ڪيائين.

مونکي هوءَ عورت گهٽ ۽ جاسوس وڌيڪ ٿي لڳي. پڇيو مانس

ڪندس. صبحاڻي اسان سکر ڇڏي هلنداسين."

"مان ساڳي رات واري ٽائيم تي اسٽيشن تي ايندس. پر ڏس تون اتي ضرور موجود هججانءِ!"

سڄو ڏينهن اڻ تڻ ۾ گذريو.

رات جو ٻارهين بجي اسٽيشن تي پهتس. هوءَ ڪونه هئي. ٻارنهن ٿي ويا. گاڏي اچي وئي، پر حسينا نه آئي. سوداڻن جي صليب تي لڙڪي پيس. دل ترين جي ڦيٿن هيٺان چيپاڄندي محسوس ڪيم. رات جو هڪ ٿي ويو. اسٽيشن تي هڪ بوڪ اسٽال واري، پنهنجي مٿن ڪا لڳل ڪئلينڊر جي تاريخ بدلائي ڇڏي. بلڪل ائين، جيئن ريل پٽڙي بدلائيندي آهي يا انسان پنهنجي تقدير.

ڪمري ۾ موٽي آيس. ائين ٿي ڀاسيو، ڄڻ ريس ڪورس جي ميدان ۾ گهوڙن جي ريس ۾ ڏهه هزار هارايا هجن.

صبح جو پرهه ڦٽيءَ مهل منهنجي ڪمري جو ٻاهريون در کليو. (سوداڻن ۾ مونکان در ڏيڻ به وسري ويو هو) اهائي پوڙهي اندر آئي. چيائين "غضب ٿي ويو."

"ڇو، ڇا ٿيو؟"

"منهنجيءَ ڌيءَ حسينا. سليم سان ڀڄي وئي آهي." مان سليم تي حسينا کي اغوا ڪرڻ جو ڪيس ڪنديس"

"سليم ته حسينا جو ياءُ هيو!"

"اڄوڪي دور ۾ عاشق کي ياءُ ڪوٺڻ ڪا وڏي ڳالهه ناهي،" چيائين "زماني سان گڏ عشق به ترقي ڪئي آهي."

"تون حسينا جي ماءُ ناهين،" ذري گهٽ رڙندي چيم "تون سوداگر آهين!"

"ماءُ تخليق ڪندڙ آهي" وراڻيائين "شايد تون به مون وانگر ڪنهن سوداگر هٿان لٽيل آهين!"

هوءَ هلي وئي.

ٻئي ڏينهن تي، هڪ روزاني اخبار ۾ حسينا جي تصوير سان گڏ بيان آيو: مان مسمات حسينا. عاقل بالغ، وات وڪيل. هوش- عقل سان چوانٿي، ته منهنجي ماءُ هڪ نوجوان کان ڏهه هزار روپيا وٺي، منهنجي شادي ان سان

ڪرڻ ٿي چاهي. پر مان هڪ نوجوان، نالي سليم سان شراع محمديءَ مطابق نڪاح ڪيو آهي ۽ منهنجو پيو ڪو به وارث ڪونهي. تنهن ڪري هي بيان رڪارڊ تي رهي. صحيح مسمات حسينا.

ساڳي اخبار جي ٻئي صفحي تي هڪ ٻيو بيان به هو. جنهن سان گڏ ان عورت جو فوٽو پڻ ڇپيل هو: آءٌ مسمات زيب النساءِ. واسطيدار آفيسرن کي عرض ٿي ڪيان، ته ٻه سال اڳ منهنجي مرضيءَ خلاف، منهنجي پيءُ منهنجي شادي، هڪ دولتمند شرابيءَ سان ڪرائي هئي. جيڪو نامرد هو ۽ ان سان گڏو گڏ سندس دماغي توازن پڻ ٺيڪ ڪونہ هو. نشي ۾ مون کي هڪ سؤ هڪ ڀيرا طلاق ڏئي چڪو آهي. هاڻي مان، هڪ نوجوان نالي شيرعلي سان ڪورٽ سڳوريءَ ۾ شاهدن، وڪيلن جي روبرو نڪاح ڪيو آهي. ۽ منهنجي جاءِ منهنجي ملڪيت آهي، جيڪا مون کي، منهنجي پيءُ ڏاج ۾ ڏني هئي، مون هي مٿيون بيان ان لاءِ ڏنو آهي، تہ مٿان منهنجو اڳوڻوشرابي مڙس، مون تي ڪوڙو ڪيس ڪري يا ملڪيت هٿ ڪرڻ لاءِ ڪوڙو ڪيلم ڪري. هي بيان رڪارڊ تي رکندا.

اهو بيان منهنجي زال زيب النساءِ جو هو.

ماهوار ”برسات“ ١٩٧٦ع

# هالي ووڊ جو ايڪٽر

سڙڪ ٽپي، ڪوارٽر نمبر ۱۱۰ تي پهتاسين. اهو ڏسي اسانجي پيرن هيٺان ڌرتي نڪري وئي، ته سنڌس ٻڌايل ڪوارٽر نمبر هڪ سو ڏهه، جوا ۽ سٽي جو اڏو هو.......

اسان پير ڪالونيءَ جي سڀ کان وڏي، ۽ ڪراچيءَ جي سڀ کان ٿرڊ ڪلاس ريسٽورنٽ نخلستان ۾ اندر گهڙياسين. مان دخل تي ويٺل همراهه کان، هڪ دلال متعلق پڇا ڪئي. هن ٻڌايو. ته اهو دلال اڄ ڪونه آهيو هو. گلاب دروازي جي ڪنڊ ۾رکيل ميز وٽ وينو هو. مان موٽي اچي، گلاب جي ڀر واري ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. ساڄي ميز وٽ هڪ ٻيو شخص به ويٺو هو. هن پنهنجو تعارف انگريزيءَ ۾ ڪرايو. سگريٽ جو هڪ وڏو سوٽو هڻندي، ۽ مون ڏانهن هٿ وڌائيندي، چيائين"منهنجو نالو محمود آهي!"

مون ساڻس هٿ ملايو. گلاب کان ٺهڪ نڪري ويو.

هن جي عمر چاليهن جي لڳ ڀڳ هئي. ڏري گهٽ سڄو مٿو اڇو هوس. اکيون وڏيون، ڪن لڙڪيل ۽ رنگ سانورو ۽ سنڌس ڪپڙا ميرا ۽ مٽيءَ ٿڦيل هئا. هٿن جي ترين تي مٽيءَ جو پلستر چڙهيل هوس. وار مٽيءَ چمڻ سبب ناسي ٿي پيا هئس. سنڌس پيرون جا وار ٽالسٽاءِ وانگر تمام وڏا هئا. ڪيس مڃون ڪونه هيون. تنهن ڪري پيرون کي مروڙيندي، هڪ وار پٽي، ٽيبل تي رکيائين.

گلاب منهن ڇپو ڪندي، ٽڪ ڦٽي ڪئي، چيائين " ڪنو پيٽسان بدون! ڇهن مهينن کان تڙ به ڪونه ڪيو اٿائين."

هن وار کي آڱرين جي چپٽيءَ ۾ ڪٽي ورتو. سنڌس پيرونءَ جو وار، مٽيءَ ۾ ٿڦيل هو. جيڪو وار گهٽ ۽ ڌاڳو وڌيڪ لڳي رهيو هو. چيائين "هي منهنجي پيرون جو وار اهي." اهو سڀ ڪجهه هن ائين ڪيو، جيئن هڪ بازيگر ڪرتب ڏيکارڻ کان اڳ، ميڙ کي منڊڻ لاءِ، حيرت ۽ تجسس پيدا ڪندو آهي.

چيم "مون کي خبر آهي!"

هن وار ڦٽي ڪيو.

گلاب ٿونٽ هٽندي، چيو ”اڙي چريو اٿئي دئوس.پير ڪالونيءَ جي چپ!“

”هي چريو ناهي،“گلاب ڏانهن ڏسندي چيم ”چريو ڪوٺڻ ۽ چريو هجڻ ۾ وڏو فرق آهي.

گلاب ضد تان نہ لٿو، چيائين ”هي چريو آهي، گذريل پنجن سالن کان پير ڪالونيءَ جي فوٽ پاٿين تي رلندو رهيو آهي.“

هن انگريزيءَ ۾ جواب ڏنو. چيائين ”مان چريو ناهيان، مان محمود آهيان!“

مان سندس انگريزي لهجي کان ڏاڍو متاثر ٿيس. هو مختصر ۽ ننڍڙن ننڍڙن جملن ۾ بهترين انگريزي ڳالهائي رهيو هو.

”تون چريو آهين، پاڳل آهين!“ پاڻ کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ. گلاب ڪرسيءَ تان اٿي بيٺو.

وچ ۾ پوندي، چيم ”هي چريو نہ ٿو ٿي سگهي گلاب. هي اسانجي ملڪ جو پاڳل دانشور آهي.“

”دانشور اڳ هوندو،“ گلاب چيو ”هينئر چريو آهي.“

”مان چريو ناهيان!“

”آهين!“

”ناهيان!“

”آهين،“ گلاب بيري کي سڏ ڪندي، چيو ”تون ٿيو لڳل ۽ رجسٽر ٿيل پاڳل آهين!“

بيرو اسانجي ميز آڏو اچي بيٺو.

گلاب بيري کان رازداريءَ وچان پڇيو ”هي چريو آهي نہ!“

”ها سائين،“ بيري وراڻيو ”زماني جي گردش ويچاري کي پاڳل ڪري ڇڏيو آهي.“

محمود کلي وينو. خوشيءَ وچان، ڪيسي مان پائلي ڪڍي، بيري کي ڏنائين بيرو، پائلي ٽيبل تي اڇلائي، رنڊٽي ڏانهن هليو ويو.

گلاب اجا مطمئن نہ ٿيو. هن دخل تي ويٺل همراھ کان پڇيو ”يار هي پاڳل آهي نہ!“

”ها،“ همراھ وراڻيو ”هي پڙهيل لکيل ديوانو آهي.“

هن دفعي محمود نہ ڪليو، ۽ نہ ئي رنو. اکيون چنڀيندي، انگريزيءَ ۾ چيائين
”مان محمود آهيان، ۽ توهان سڀ اياز آهيو.“

بيرو ٽيبل صاف ڪري، چانهہ جو آرڊر وٺي، هليو ويو. هن رڙ ڪري ٻڌايس ”منهنجي لاءِ هوءَ ڪٽي اچجانءِ!“

حيرت وچان پڇيم ”هوءَ ڇا؟“

”هو سمجهي ويو“ جواب ڏنائين.

”اڄ محمود چانهہ پيئاريندو،“ گلاب پوڙن ۾ ”ڇبو ها نہ محمود!“

”ها، اڄ توهان منهنجا مهمان آهيو“ هن وراڻيو ۽ کيسي مان هڪ رپيو چار آنا ڪڍي، ٽيبل تي اڇلايائين.

گلاب پير ڪالونيءَ ۾ رهندو آهي. هو ڪيس گڏريل پنجن سالن کان سڃاڻيندو آهي، پر منهنجي لاءِ محمود هڪ معمو هو.

بيرو چانهہ ڪٽي آيو. هن لاءِ هڪ ننڍي گلاس ۾ سائي چانهہ ڪٽي آيو هو. هن گرم گرم چانهہ جي هڪ سڀ پيري، گلاس جي مٿان ساسر رکي ڇڏي ۽ پوءِ ڏاڍي ڪاريگريءَ سان، پريل گلاس اونڌو ڪيائين. هاڻي ساسر مٿان پريل گلاس اونڌو پيو هو. پر ساسر ۾، چانهہ جو هڪ ٽيپو بہ ڪونہ ڪريو هو.

گلاس مٿان دکيل سگريٽ رکندي، چيائين ”هيءَ ايش ٽري آهي.“

هن جهٽ ڪن لاءِ اکيون پوري ڇڏيون. پوءِ اکيون کوليندي پڇيائين ”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“

”بخشڻ!“ ٻڌايو مانس.

”تنهنجو پيءُ ڇا ڪندو آهي؟“

”هو مري ويو آهي.“

”منهنجو ابو بہ مري ويو آهي.“ ڪلي ويٺو، چيائين ”اسان ٻئي يتيم آهيون.“

”يتيم ٻار ٿيندا آهن!“

”ها، پر مان ڪنوارو يتيم آهيان.“

”تون شادي ڇو نہ ٿو ڪرين؟“

”مان شاديءَ لاءِ صوفيہ لورين کي درخواست موڪلي آهي.“

گلاب کان ٽهڪ نڪري ويو. اهو سوچي هو گد گد ٿيو، تہ هو حق

بجانب آهي.

"صوفيہ لورين تہ ايڪٽرياٽي آهي!"

"ها،" هن ڪيسي مان پيگل ۽ مٽيءَ ٿقيل ڦٽي ڪڍي، وارن کي ايو ڪري چڏيو. پوءِ ڏاڍي بي نيازيءَ مان جواب ڏنائين "پر هوءَ مجي ئي نٿي."

"چو نٿي مجي؟"

"ان لاءِ تہ مان هالي ووڊ جو ايڪٽر آهيان، ۽ هوءَ اٽليءَ جي ايڪٽرياٽي."

هن دفعي گلاب ۽ مان ڪورس جي انداز ۾ کلياسين.

"پلا هالي ووڊ جي اداڪارائن ڏي درخواست چو نٿو موڪلين؟" پڇيومانس

"آهي مونکي پسند ناهن" ڪجھ سوچيندي، چيائين "مونکي روسي ايڪٽرياٽي زهانا بولوتووا پسند آهي، پر بدبخت ٽن پارن جي ماءُ آهي، ۽ ان سان گڏ سائنسدان پڻ."

"پلا ميڊم نورجهان؟"

"ان ڏانهن درخواست موڪلڻ لاءِ، ڪنهن ڪان نوٽ هٿائڻ، فارورڊ يا رڪمنڊ ڪرائڻ جي ضرورت ناهي. هوءَ تيار آهي."

هن سگريٽ ڪٽي ورتو. پڇيائين "توکي دڪيل پاسو وات ۾ وجهي سگريٽ چڪڻ ايندو آهي."

مون ناڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.

هو دڪيل پاسو وات ۾ وجهي سگريٽ چڪڻ لڳو، ۽ نڪ مان دونهون ڪڍي ڏيکاريائين.

هڪ وردي پهريل سپاهي اندر گهڙي آيو. هن پهريون هٿ لوڏي، ڪيس ڪيڪاريو، ۽ پوءِ ميز تان پائلي کٽي، سپاهيءَ ڏانهن اڇلايائين. چيائينس "اچي وٺ پنهنجي خرچي."

سپاهي ڪکو وکو ٿي ويو. پائلي وچي سندس پيرن ۾ ڪري. هن پائلي کٽي ورتي. ريسٽورنٽ ۾ ويٺل سڀ ماڻهو کلڻ لڳا.

محمود چيو "ويچارن جو پگهار تمام ٿورڙو آهي."

سپاهيءَ پائلي واپس اڇليندي، ڦڪي کل کلندي، شرم کي پرچائيندي، ڏند تيڙيندي، چيو "هون! چريو!" ۽ پوءِ ٻاهر نڪري ويو.

هن هڪ دفعو وري ڦٽي ڪٽي وار نرڙ تي ڪيري ڇڏيا. ڦٽي ڪيسي ۾ وجهندي، پڇيائين ”اصل ڪٿان جو آهين؟“

”سکر جو“

”ڌنڌو؟“

”هتي ڪلارڪ آهيان.“

ورائي پڇيم ”تنهنجو ڌنڌو؟“

”مان هالي ووڊ جو ايڪٽر آهيان.“ چيائين ڪجهه دير سوچي پوءِ جواب ڏنائين ”مان سنڌ جو زميندار آهيان. منهنجيون لٽي ۾ زمينون اهن.“

”سائين هي ڪوڙ ٿو ڳالهائي“ بيري خالي ڪوپ کڻندي چيو ”هن جو دماغ ٺيڪ ناهي. سڄو ڏينهن گراهڪن جو مٿو کائيندو آهي.“

هو ڪلي ويٺو.

مون ڪيس چانهه ياد ڏياري. هن چانهه جو اونڌو ٿيل گلاس، ڏاڍي ڪاريگريءَ سان سڌو ڪيو. مونڏانهن گلاس وڌائيندي چيائين ”چانهه اڃا تائين گرم آهي.“ مون هٿ لائي ڏٺو.واقعي گلاس اڃا تائين گرم هو. هن چانهه جو گلاس، هڪ ئي ڍڪ سان خالي ڪري ڇڏيو.

ڪجهه سوچيندي چيائين ”مان مٿميٽڪس ۾ گريجوئيٽ آهيان.“

پڇيومانس ”ته پوءِ ڪا نوڪري ڇو نه ٿو ڪرين؟“

”مان ايئر فورس جو پائلٽ هوس. مون کي ڪڍي ڇڏيائون.“ چيائين ”ڇو ته مان چريو آهيان.“

گلاب پڇيس ”ته ڇا تون پاڻ کي سڌو ۽ سياڻو ٿو سمجهين؟“

”نه نه، مان چريو آهيان چريو، تڏهن ته ماڻهو مونکان سٽي جا نمبر پڇڻ ايندا آهن.“

”سٽي جا نمبر پڇڻ ايندا اٿئي؟“ حيرت مان پڇيم.

”ها!“

”ڇٽبو ته سٽي ۽ جوا جو ماهر آهين!“

”نه نه. مان کين ڪوڙا ۽ غلط نمبر ٻڌائيندو آهيان.“

”ڇٽبو ته دوکو به ڪندو آهين.“

”هرگز نه هو مونکي تنگ ڪندا آهن، ته لکي نمبر ٻڌاءِ“

”۽ تون کين لکي نمبر ٻڌائيندو آهين!“

ھا. نہ ہڏايان تہ مارينڊا بہ آهن."

"تنهنجي معنيٰ تہ ڪوڙو بہ آهين!"

"ها. هو منهنجن غلط ہڏايل نمبرن تي ڪتيندا آهن، ۽ مونکي دش ڪش ڏيندا آهن."

"تو جهڙو پڙهيل لکيل درويش، جيڪڏهن سنڌ جي ڳوٺن ۾ هجي ها، تہ هميشه ذليل ۽ خوار هجي ها!"

"مان سنڌ جو سڀ کان وڏو زميندار آهيان."

"درويش ناهين؟"

"نہ. مان هالي ووڊ جو ايڪٽر بہ آهيان."

"۽ پاڳل بہ آهين! ها نہ؟"

ها، مان پاڻ کي پاڻ چريو ڪيو آهي."

"توکي ائين نہ ڪرڻ گهرجي."

"ڪيئن نہ ڪرڻ گهرجي؟"

"تون پڙهيل لکيل آهين، سياڻو آهين. توکي صحيح ٿيڻ گهرجي!"

"جنهن ڏينهن مان صحيح ٿيندس، ٺيڪ ٿيندس. انهيءَ ڏينهن مري ويندس."

"توکي ڪوشش ڪرڻ گهرجي!"

"مون ڪوشش ڪئي آهي. جڏهن سياڻو ٿيندس، تہ مري ويندس."

چيائين "مونکي زندگيءَ جي عيوض سياڻو ٿيڻ قبول ناهي."

گلاب چيس "توکي شادي ڪرڻ گهرجي!"

هن شيڪسپيئر جي هڪ شعر جو حوالو ڏنو. چيائين "شادي ان سان ڪندس، جيڪا مونکي چاهي."

ڪجهہ دير سوچ ۾ ٻڏي ويو. وري چيائين "پر مان ڏڪاريل آهيان. مونکان هر هڪ کي نفرت آهي."

هڪ فقير اندر گهڙي آيو، ۽ دخل جي ٻر واري ميز وٽ ويهي رهيو. محمود هٿ لوڏي کيس ڪيڪاريو. فقير لنوائي ڇڏيو. هن وري ڪيڪاريس، فقير ڏيان نہ ڏنو. هن زور سان رڙ ڪئي. فقير منهن ٻئي پاسي ڦيري ڇڏيو.

هو ڪلي وينو. چيائين "پينو آهي. جڏهن منهنجي گورنمينٽ ايندي، تہ مان پنڻ تي بندش وجهندس!"

”اسان ڪان ٿهڪ نڪري ويا.“

گلاب ميز تي ٺونٺيون ٽيڪيندي چيو. ”دلال اڄا نہ آيو آهي!“

”اڄ نہ ايندو.“ ٻڌايومانس.

”ڪنهن ٻڌايئي؟“

مون دخل تي ويٺل همراهہ ڏانهن اشارو ڪيو.

”هتي ڪنهن کي ڳولڻ آيا هيؤ؟“ هن پڇيو.

”دلال کي“

”ڇو فليٽ خريد ڪندؤ ڇا؟“

”نہ،“ وراڻيم ”ڪرائي تي ڪوارٽر گهرجي.“

اهو ڪو وڏو مسئلو ناهي!“

مونکان ڇرڪ نڪري ويو. ڄڻ ڪنهن ٺڪ وهائي ڪڍي. چيم ”مان گذريل ٻن سالن کان جاءِ جي ڳولا ۾ آهيان. ڪراچيءَ جو سڀ کان وڏو مسئلو رهائش آهي.“

”مان توکي ٻن شرطن تي ڪوارٽر ڏيڻ لاءِ تيار آهيان.“

گلاب منهن ڇڀو ڪندي چيو، ”هي بيوقوف مٺو خراب ڪندئي!“

”ڪهڙن شرطن تي“ اتاولو ٿي پڇيم.

”پهريون شرط اهو آهي، تہ ڪرايو ٣ سو رپيا مهينو،“ شرارتي اکين سان ڏسندي چيائين ”۽ ڊپازٽ ڇهہ هزار!“

”ڊپازٽ تمام گهڻوآهي“ چيم ”باقي ٣ سؤ ماهوار ڏيڻ لاءِ تيار آهيان.“

”ڄڻ پٽس جي ملڪيت آهي،“ گلاب جڪ کائيندي چيو.

”اون هون، غلط،“ هن وراڻيو ”ملڪيت منهنجي پائرن جي آهي!“

”هاڻي ٻيو شرط ٻڌاءِ“ چيومانس

”ٻيو شرط اهو آهي، تہ جنهن وقت بہ مان حڪم ڪندس“ مرڪندي چيائين. ”توکي پيرين اگهاڙو ٻاهر نڪرڻو پوندو.“

”ڇا مطلب؟“

”جنهن وقت بہ چاهيندس، توکي قبضو ڇڏڻو پوندو!“

”پاڻ سمهي فوٽ پاٿ تي، ۽ آيو آهي جايون ڏيڻ.“ گلاب ڪڪ ٽيندي چيو.

”ان ڪري ئي تہ فوٽ پاٿ تي سمهندو آهيان.“ ڪلي وينو. چيائين ”ڇو

تہ ماٺهو منهنجين جاين تي قبضو ڪندا آهن."

"مونکي ڊپازٽ ڪانسواءِ، تنهنجا ٻئي شرط منظور آهن." چيومانس "پر تون وقت گذارڻ لاءِ اجايو ڏاڙون هڻي رهيو آهين!"

"بلڪل نہ." چيائين "هڪ سو هڪ ڪان وٺي هڪ سؤ ڏهہ نمبر تائين اسانجا ڪوارٽر آهن. تون سڌو وڃي منهنجي پاءِ سان مل."

"ڪوڙ تو ڳالهائي ڏئوس." گلاب چيو.

"هرگز نہ. باءِ گاڊ!" چيائين "ڪوارٽر نمبر هڪ سؤ ڏهہ تي وڃي، منهنجو حوالو ڏيو."

اسان بل ادا ڪيو

مون ساڻس هٿ ملايو. موڪلائيندي چيم، "توکي ٺيڪ ٺيڻ گهرجي، توکي ڪوشش ڪرڻ گهرجي!"

وراتيائين "ٺيڪ ٺيندس، تہ مري ويندس. مونکي زندگي پياري آهي!"

گلاب ساڻس هٿ ڪونہ ملايو. رهندو ٺڪ ڦٽي ڪيائين.

اسان ڪوارٽر نمبر هڪ سو ڏهہ ڏانهن وڃن لاءِ. نخلستان ريسٽورنٽ مان نڪري آياسين.

(١٩٧٧ع)

# منهنجي دل مصر جا اهرامِ

سٽ سال اڳ. مان سورنهن سالن جو هجان. مڇن جي ساول اڃا مس لٿي هئي، پر بالغ هوس. نائين ڪلاس ۾ پڙهندو هجان. ڪلاس مان روز ڀڄان. جواني جوهئي. استاد تي فلڪ نہ آڻيان. واهہ جو زمانو هو.

دنيا جي مسئلن کان بينياز گهمندو وتان، وقت جي پابندي پوڙهن جي وندر سمجهندو هوس. دت ڀارتيءَ جا ناول پڙهي، انهن ۾ پنهنجي شخصيت ڳوليندو هوس. لڳندو هو، تہ مان ئي انهن ناولن جو هيرو آهيان. منهنجي هيروئن ڪٿي هئي. خيالن جي اپسرا ڪهڙي ديس هئي. اها آنڌ مانڌ دل جي ديول جا بنياد لوڏي ڇڏيندي هئي.

اوچتو هڪ ڏينهن ڪراچيءَ جا مهمان اچي سهڙيا. انهن ۾ منهنجي خيالن جي اپسرا بہ شامل هئي. نالو هوس ريحانا. عمر ويهن جي لڳ ڀڳ. اصل صوفيا لورين تي لڳي. مون عمر جي تفاوت کي ڪٿ ۾ نہ آندو. ڪيس پيار ڪرڻ شروع ڪيم ۽ خيالن ئي خيالن ۾ ساڻس ڳالهيون ڪرڻ لڳس. لڳم ،هوءَ بہ مونکي چاهي ٿي. مونڏانهن ڏسندي ئي مرڪي ٿي ڏنائين. چون ٿا هوءَ منهنجي پري جي مائٽياڻي لڳي.

هڪ ڏينهن، ڪٽ تي ويٺي هن چولو ٿي سبيو. مان ان وقت پينگهہ تي لڏي رهيو هوس. هن رکي رکي مونکي ڏسي ٿي ورتو ۽ مرڪي ٿي ڏنائين.

۽ اڄ جڏهن مان ان ڳالهہ تي غور ٿو ڪريان، تہ سمجهانٿو تہ منهنجو پينگهہ ۾ لڏڻ، دراصل پنهنجي پريشاني لڪائڻ هو. حالانڪ ان وقت ڪٽ تي ويهي بہ ڪيس ڏسي ٿي سگهيس. منهنجو پنهنجو گهر هو ۽ هوءَ منهنجي مائٽياڻي. ڪابہ جهل پل ڪانہ هئي. پر پوءِ بہ پيار پينگهي ۾ لڏي، پنهنجي پريشاني لڪائي رهيو هو. سچ پچ مان ان وقت پريشان هوس ۽ اها ڳالهہ ٻڌائيندي، مونکي ڪا بہ پشيماني ڪونہ ٿي ٿئي. چوتہ مان ڪڏهن بہ پينگهہ ۾ لڏڻ جو شوقين ڪونہ رهيو آهيان. ۽ شايد اهو پهريون ئي ڀيرو هو، جڏهن مان پينگهہ تي لڏي رهيو هوس. مونکي اڄ بہ چڱيءَ طرح ياد آهي، تہ ان وقت مان ڪنهن ڏڪڻيءَ جي مريض جيان ڏڪي رهيو هوس. ۽ مون نٿي چاهيو تہ هوءَ مونکي ٿڙڪندو ڏسي، ۽ ان جو سبب پڇي. مون پينگهہ

تي ايتري تہ زور سان تي لوڏا ڪاڏا. جو منهنجا پير وچي جاءِ جي ڇت سان تي لڳا. اهو سڀ ڪجهہ ريحانا جي ڏيان ڇڪائڻ خاطر ٿي تہ هو. پر جڏهن هن مونڏي ڏسي مرڪيو ٿي، تڏهن منهنجو منهن الائي ڇو ازخود ٻئي پاسي ڦري ٿي ويو.

پر اڄ مان بنا ڪنهن هٻڪ جي اهو مڃڻ لاءِ تيار آهيان، تہ مون ۾ هن کي ڏسڻ ۽ ساڻس نيڻ ملائڻ جي سگهہ ڪانہ هئي.

ٻئي ڏينهن، هن ڪونيءَ ۾ ويٺي مشين تي هلائي. همٿ ڪري اندر گهڙي ويس. وچي سندس پر ۾ ويٺم. سوچيو هوم، هوءَ ڏڪي ويندي، مون وانگر ڳالهائي نہ سگهندي، پنهنجي پريشانيءَ کي مشين جي کڙڪي ۾ لڪائڻ جي ڪوشش ڪندي ۽ اکيون جهڪي ويندس. پر ائين نہ ٿيو. هوءَ ساڳي بيپرواهيءَ سان مشين هلائيندي رهي. رکي رکي سندس گلابي مک تي مرڪ پکڙجي ٿي ويئي. اوچتو منهنجي هڪ شيطان ماروٽ، ٻاهران در بند ڪري کڙو چاڙهي ڇڏيو. مونکي ڪنبٽي وٺي وئي. سڄو پگهرجي ويس، در کي ڪافي زور ڏنم. کڙي واري وٺ ۾ هٿ وڌم. در نہ کليو. مون پريشان ٻوٽ سان ريحانا کي ڏٺو.

ساڳي مرڪ منهن تي، بيپرواهہ. چڻ منهنجي ٻاراٽي ڪيفيت تي کلندي هجي. مان ويو تہ پيار جو اظهار ڪرڻ هوس، پر اندر پاڻ کي پشيمانيءَ جي سمنڊ ۾ غوطا کائيندي محسوس ڪيم. هن جي مرڪ ڏسي آٿت آيم.

چيم "ڏس هو ڪيڏي نہ شيطان آهي!"

چيائين "ڊڄين ٿو ڇا؟"

"جي!"

"ڊپ ٿو ٿيئي؟"

"نہ" پريشاني لڪائيندي چيم "پر ڪو ڏسي وٺي تہ ڇا چوندو؟"

جواب ڏنائين "تنهنجي معصوميت تي کلي ويهندو."

سچ تہ مان ان وقت ويچارو ٿي لڳس. هونءَ مون چاهيو ٿي تہ محبت جو اظهار ريحانا ڪري. ان ڪري نہ، تہ اظهار ڪرڻ ۾ منهنجي عزت گهٽ ٿي. پر ان لاءِ تہ مان بدحواس هوس ۽ مون ۾ اظهار جي سگهہ ڪانہ هئي. پيو تہ، ٿي سگهيو ٿي تہ هوءَ ان ڳالهہ تان مڃيان ڪائي. تنهن ڪري مون چاهيو ٿي، تہ هوءَ اڳ ڪري. پر هن اهڙو ڪوبہ اظهار نہ ڪيو.

جيتوڻيڪ مون چاتو ٿي، تہ دنيا جي ڪابہ عورت مڙد ڪان اڳ ۾ اهڙو اظهار نہ ڪندي آهي. پر هن ائين نہ ڪيو، ۽ مان پاڻ ۾ ايتري بہ سگهہ ساري نہ سگهيس، تہ ڪنهن نہ ڪنهن موضوع تي گفتگوئي ڇيڙي سگهان. سانت جو سينو چيري سگهان. حالانڪ منهنجو سئوٽ، هر هفتي هڪ نئين ڇوڪريءَ سان محبت جو اظهار ڪندو هو، ۽ ساڳيا ڊائلاگ ٻڌائي هُن جون دلڙيون ڦري وٺندو هو. مونکي ڏڪٽي وٺي ويئي. اٽڪل هلائي در ڪولي ڇڏيم. پوئتي ڏٺم. ساڳي بيپرواهيءَ سان هوءَ مشين هلائيندي رهي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن خماريل نيڻ کڻي مرڪي تي ڏنائين.

۽ اڄ جڏهن مان ان ڳالهہ تي سوچيان ٿو، تہ مونکي پنهنجي پاڻ تي ڪل ٿي اچي. مان پيار ۽ دولت جي ملي ڀڳت جو مخالف هوس. سبب شايد اهو هو جو شڪل سان ڳڏو ڳڏ ڪيسي جي حالت پڻ رحم جوڳي هئي. مون ڪڏهن بہ ريحانا کي ڪا شيءِ پيش نہ ڪئي. نہ والا، نہ ڪنگڻ، نہ هار ۽ نہ وري نيل پالش. جڏهن تہ منهنجو سئوٽ پنهنجين محبوبڙين کي، خط ۽ ٽيليفون رستي ساڳيا رٽيل ڊائلاگ ٻڌائيندو هو، ۽ سوکڙين کي اظهار جو ذريعو ٻڌائيندو هو. هو وڏو پلستر هو. چڻ تہ جرمن جاسوس راسپوٽين وانگر هپناٽزم جو ماهر هو، جيڪو جنهن بہ عورت کي ڏسندو هو، سا سندس پيرن ۾ اچي پوندي هئي.

هڪ دفعي پيار جي موضوع تي ڳالهائيندي، هن چيو هو 'محبت اظهار جي بکي آهي.'

'ائين هرگز ناهي' مون اختلاف ڪيو هو. 'چاهت، چاهت جي بکي آهي.'

'تون اڃا پار آهين بيوقوف هو چڙي پيو هو.'

'پر جيڪي ڊائلاگ، ڪين ٻڌائي تون پيار جو اظهار ڪندو آهين، اهي تنهنجا پنهنجا تہ ڪونہ هوندا آهن.' چيو هوم 'تہ پوءِ اهي تنهنجي جذبن جي نمائندگي ڪيئن ٿا ڪري سگهن.'

منهنجي ڳالهہ دل سان لڳي هئس. تڏهن ڪڪو وڪو ٿي ويو هو. پر پوءِ پاڻ سنڀاليندي چيو هئائين. 'محبت اظهار جي اڃي آهي. تون اڃان ان عمل مان ناهين گذريو محبت جي فلسفي ۽ عمل ۾ وڏو تضاد آهي. هڪ ڏينهن پاٿيهي مڃيندين، تہ اظهار اڄ جي دور ۾ محبت جي ضرورت آهي.'

تين ڏينهن هو واپس وڃڻ لڳا. منهنجي پيار جي دنيا اجڙڻ لڳي. مان

مصر جي انهن اهرامن مثل هوس، جنهن ۾ بادشاهه هيرن جواهرن سميت پاڻ کي اهڙي نموني دفن ڪرائيندا هئا. جو ڪا به طاقت انهن اهرامن ۾ داخل ٿيڻ جي واٽ لهي نه سگهندي هئي.

منهنجي دل به، اهڙوئي هڪ اهرام هئي، جنهن ۾ منهنجو پيار قيمتي سرمائي جيان دفن هو. ڪنهن به نتي ڄاتو. ريحانا به نه.

اسٽيشن تي، ريل جي گاڏي ۾ دريءَ پرسان ويٺل ريحانا مونڏانهن ڏٺو. سائنس نظر ملائي نه سگهيم. پانيم، ڪجهه چوڻ ٿي چاهيائين. اڳتي وڌي دريءَ جي پرسان بيٺس. سوچيم. مان بزدل آهيان، گيدي ۽ مورک آهيان. مون ۾ اظهار جي سگهه ناهي. پر هن ۾ ارادي جي پختگي آهي. هوءَ اظهار ڪندي. هن جو گهڙيءَ گهڙيءَ گهورڻ. پاڻ هڪ قسم جو اظهار آهي. هوءَ منهنجي مجبوري سمجهي ٿي. مان بدحواس آهيان. پر هوءَ حساس آهي. هوءَ اڪين سان اظهار ڪري ٿي. مون به اکين سان اظهار ڪيو آهي. هن اکين رستي جواب ڏنو آهي. سچ پچ ته اکيون اظهار جو وسيلو آهن.

اوچتو سيٽيءَ جو آواز آيو ۽ سائي جهنڊي لڏڻ لڳي. گاڏي چرڻ لڳي. ان اميد ۾ اڳتي وڌيم، ته هوءَ شايد گاڏي ڇڏڻ کان اڳ يا گاڏي هلندي ئي چئي ڏي، ته مان توکي چاهيانتي، يا مونکي توسان پيار آهي. گاڏي ڏڪو کائي اڳتي وڌڻ لڳي. مان دريءَ جي ويجهو ٿي ويس. گاڏي هلڻ لڳي. مان به ڊڪڻ لڳس. ان کان اڳ جو گاڏي پليٽ فارم ڇڏي، امالڪ هن جو هٿ دريءَ مان ٻاهر نڪتو. ڄڻ موڪلائڻ لاءِ هٿ ملائيندي هجي. منهنجي هٿ، هن جي هٿ کي جهپي ورتو. هن جي هٿ ۾ هڪ لفافو هو. جيڪو هن منهنجي ترئَ تي رکي، منهنجي هٿ کي هڪ سٽ سان بند ڪري ڇڏيو. زري گهٽ ڪرندي بچيس. لفافو کيسي ۾ رکي ڇڏيم.

گهر موٽي آيس، بلڪل بدحواس، موڳو موڳو ٿي لڳس. ڄڻ ڪوريئڙي وانگر پنهنجي اٽيل ڄار ۾ پاڻ ئي ڦاٿو هوس. صفا جهري پيس. گهر ڪائڻ ٿي آيو. ٻه ڳوڙها ڳلن تان ترڪندا، اچي واڇن وٽ ڦهلجي ويا. سچ پڇو ته اهو زندگيءَ ۾ پهريون واقعو هو جو مان رنو هوس. نه ته مائٽن جي موت تي ته منهنجي ڪڏهن اک به آلي ڪانه ٿي هئي. ان وقت مان پنهنجي ڇسائپ ۽ بدحواسيءَ تي ڏاڍو پشيمان هوس.

۽ اڄ جڏهن مان ان واقعي تي سوچيان ٿو، ته مونکي پنهنجي حال تي نه

فقط ڪل ٿي اچي، پر رحم پڻ. اڄ محسوس ٿو ڪيان تہ منهنجي حالت رحم جوڳي تہ ضرور هئي، پر اها ڪيفيت فطري هئي، ميڪ اپ ٿيل نہ هئي.

مان محسوس ٿو ڪيان تہ، اڄ بہ ريحانا جيڪڏهن سامهون اچي، تہ هوند منهنجي ڪيفيت ساڳي ٿي وڃي، ۽ مان هن جي سامهون گنگ ٿي وڃان، ڪنڌ جهڪي وڃي، اکيون ڌرتيءَ ۾ اٽڪي پون، حواس خطا ٿي وڃن، زبان سن ٿي وڃي، بدن ۾ ڏڪڻي پيدا ٿئي ۽ پگهر وهڻ لڳن. جيتوڻيڪ شعوري طرح مان نٿو چاهيان، تہ ائين ٿئي.

۽ اڄ جڏهن مان انهن واقعن تي پشيمان آهيان ۽ سوچيندي سوچيندي، پنهنجي پاڻ تي ڪل ٿي اچي. تڏهن هڪ ڳالهہ ياد پوندي، پنهنجي حالت تي رحم پڻ ٿو اچي. ان وقت منهنجي جاءِ تي جيڪڏهن ڪو ٻيو هجي ها، تہ ان کي بہ پنهنجي اهڙي حالت تي رحم ضرور اچي ها، جڏهن مون ريحانا جو ڏنل لفافو کوليو.

منهنجي اندر پيدا ٿيل مخمور ڪيفيت ۽ لطيف جذبا، ائين نڪري ويا، جيئن ڪنهن برست ٿيل ٽائر مان هوا هڪ ئي ٺڪاءَ سان نڪري وڃي. ڇاڪاڻ تہ ان لفافي ۾ هڪ خط هو، جيڪو مونڏانهن نہ، پر منهنجي سئوٽ ڏانهن لکيل هو.

(ماهوار هلچل ١٩٧٧ع)

# ٻڏل دل جي آس

سڄي ملڪ ۾ ڏهڪاءُ پکڙيل هو. هر هڪ صورت اجهامندڙ ڏيئي مثل هئي. هر معصوم ٻار ڏنل هو. پوڙهن جون تجربيڪار اکيون، ان ڳالهه جي سبب، نتيجي ۽ انجام کان واقف هيون. نوجوانن جا ذهن، ان آفت جي انجام ۽ هاڃيڪار اثرن کي روڪڻ لاءِ خيالي بچاءَ بند ٺاهي رهيا هئا. عورتون هيسيل هرڻين وانگر چال ڏيئي، هڪ ٻئي لاءِ اچرج ۽ خوف جي ڪاڪ اڏي رهيون هيون.

هماليه جي رڄندڙ برف ۽ ساوڻ جي مينهوڳي مند، هرهڪ جون وايون بتال ڪري ڇڏيون. گنگا، جمنا ۽ برهمپترا جي ته خبر ناهي، پر راوي ۽ چناب ته پنهنجي پيٽ جي هڪئي لپيٽ سان رڄ ۾ رليل، اُجايل آسوندن جي تاس جي آس پوري ڪري ڇڏي.

سکر شهر سنڌوءَ جي ڪپ تي آهي. سنڌوءَ جي پاڻيءَ کي، سنڌ جي ٻين علائقن ڏانهن پهچائڻ لاءِ، هتي هڪ بيراج اڏيل آهي. جيڪا انگريز سرڪار پنهنجي ٻينڪي دور ۾ نهرائي هئي.

سنڌو به هماليه جي بلندين تان ڪرندڙ پاڻي، پنهنجي رڳن ۾ ٻوڙندو ڏسي، ٻوڏ ۾ اچي ويو.

سکر شهر جا سڀ ماڻهو گهبرايل هئا ٻوڏ جي ڀؤ کان سڀ مٿانهين جاين ڏانهن لڏي رهيا هئا.

آدم شاهه جي ٽڪري، معصوم شاهه جو منارو، اسلاميه ڪاليج جي بلڊنگ، اپوا ڪلب، ميونسپل اسٽيڊيم ۽ ليوڪس پارڪ ماڻهن سان ڀريل هئا. تنبو ۽ پڪا کوڙيا ويا هئا. هر طرف ٻاڪر ڪتو لڳو پيو هو. جن سڀ کان آخر ۾ پنهنجن اجهن کي الوداع ڪئي، تن کي لاچار مٿانهين علائقي جي فوٽپاٿن تي ئي ويهڻو پيو.

ماڻهن جي حواسن تي پاڻي ڇانئجي ويو هو. ڪائنات دوزخ جي باهه وسري وئي هئي. سندن ذهن ۾ ٻرندڙ دوزخ جي باهه، پاڻيءَ وسائي ڇڏي هئي.

چؤ طرف پاڻي هو. بند ڀڄڻ سبب ڪناري جي ٻنهي پاسن کان پاڻي

گرڙاٽ ڪري وهي رهيو هو. بند هڪ هيٺ لڳي رهيو هو. بند تي ٽريڪٽر، ڪرينون، بلڊوزر ۽ هزارين ماڻهو بيٺا هئا ۽ ڪنڌ بند ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا هئا.

جڏهن بيڙي ڪناري سان لڳي، تڏهن سڪندر ٽڏو ساهہ کڻندي چيو.

”ڏس سکر بچي ويو نہ!“

”ها، شهر بچي ويو ۽ آسپاس ٻڏي وئي!“ چيم.

”ميان سکر آهي پيرن جو آستان!“ چيائين ”هڪ لک پير روهڙيءَ ۾ آهن ۽ سوائي سکر ۾. پير ائين سترو پوڙڻ ڪونہ ڏيندس. جنگ جي ڏينهن ۾ بہ پيرن بم جهپي، سکر ۽ روهڙي بچائي وڌو هو!“

”پر بچل شاهہ جو مقبرو، تہ قبي تائين ٻڏي ويو آهي!“

”تون ان کي ٻڏڻ تو چوين!“

”تہ ڇا پير مقبري سوڌو تري رهيو آهي؟“

”اها آزمائش آهي آزمائش“ چيائين ”اسانجي اعتقاد ۽ ايمان جي پرک جو وقت اچي ويو آهي.“

”اسان ازل کان آزمائش جي صليب تي لٽڪيل آهيون،“ چيم ”پر هن دفعي آزمائش جو صليب مٽلن نہ، پر جيئرن ۽ ٻڏ تر جي ڇڪتاڻ ۾ مبتلا ماڻهن جي ڪلهن تي آهي.“

هو چپ ٿي ويو ۽ پاڻيءَ جي زوردار ڇولين کي ڏسڻ لڳو.

بند بچل شاهہ کان ٻن ميلن جي مفاصلي تي ٽُٽو هو. ۽ بچل شاهہ سکر بئريج جي ساڄي پاسي کان هڪ ميل جي پنڌ تي آهي.

اسان ڪناري جي ساڄي ڪپ تي بيٺل بيڙين مان لهي، ڪاٻي طرف بيٺل بيڙين وٽ پهتاسين.

سڪندر ۽ مان ايم- پي- او ورڪشاپ ۾ ڪلارڪ هئاسين. هنگامي حالتن سبب، اسانجي ڊيوٽي بند تي ڪم ڪندڙ بيڙين تي لڳي هئي. جتي اسانجو ڪم رڳو بيڙين جي حاضري پرڻ هو. حاضريءَ جي لسٽ شام جو چيف جي حوالي ڪري، ڪين پئسا وٺي ڏيندا هئاسين. سڄي سکر جون بيڙيون، اچي بند وٽ گڏ ٿيون هيون. ڪين ڪمائيءَ جو اهڙو عاليشان موقعو اڳ ڪڏهن نصيب نہ ٿيو هو. هو مهاڻا هئا. هنن جا گهر ڪونہ ٻڏا هئا. هنن جا گهر تہ هنن جون بيڙيون هيون. سڄي شهر ۽ ان جي آسپاس ڳوٺن ۾،

غم ۽ غصي جي هڪ لهر ڊوڙي وئي هئي. پر مهاڻن جا پوٺ خوشيءَ وچان ٻهڪي رهيا هئا. ٻوڏ سبب کين جهجهو ٻڌل مال غنيمت هٿ آيو هو.

اسان ڪناري جي ڪاهي طرف ٻيڙي، هڪ ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ويٺاسين.

”ڪنهن وڻ جي ڇانو ۾ هلي بيهجي!“ سڪندر چيو.

”جيئن تنهنجي مرضي.“ وراڻيم.

ٻيڙيوال جا هٿ ونجهه ۾ پختا ٿي ويا. ٻيڙي آهستي آهستي چرڻ لڳي. ڪناري کان ڪجهه پريرو هڪ گهاٽو وڻ هو. ٻيڙي وڻ هيٺان اچي بيٺي. ان وڻ کان سڏ پنڌ تي، هڪ پپو وڻ هو. جنهن جي چوگرد ڪانن جي پٽرن، توهن، ۽ ٻبر ۽ ٽاليهن جي اڌ- سڏن شهتيرن جو ڍير هو. وڻ پاڻيءَ جي سطح کان هڪ فوٽ مٿاچري زمين تي هو. اتي ٻه مينهون، هڪ ڍڳو ۽ هڪ ڪتو ۽ هڪ ماڻهو بيٺا هئا. اهو گهر رات جو بند جي اوچتي ٽٽڻ ۽ پاڻيءَ جي رخ مٽائڻ سبب ڊهي پيو هوندو. ان کان اڳيرو، اهڙا الائي ڪيترا گهر ڊهي پيا هوندا. مال ۽ ڍور ڍڳا مري ويا هوندا ۽ ماڻهو ٻڏي ويا هوندا.

ٻيڙيوال هڪ پراڻو رومال کوليو. ان ۾ پنج مانيون ۽ هڪ تريل وڏي موراڪي مڇي هئي. اسان مانيءَ تي ٽٽي رهيا هئاسين، ته اوچتو هڪ ازغيبي آواز آيو، ”مانيءَ ڀُيو ڏيندؤ؟“

اسان ڪان چرڪ نڪري ويو. سڪندر ٻهرين وڻ هيٺان ٻڌل مينهن کي ڏٺو، پوءِ ڍاند کي ۽ ان ڪانپوءِ وڻ هيٺان بيٺل ماڻهوءَ کي ڏٺو. جڏهن ڪيس پڪ ٿي، ته اهو آواز، مينهن جو ناهي، ڍاند جو به ناهي ۽ ان ماڻهوءَ جو به ناهي، جيڪو هيٺ ڪنڌ ڪيو بيٺو هو، ته سندس تجسس اڃا وڌي ويو.

مون ڪناري ڏانهن ڏٺو. اتي هر ماڻهو ڪنڌ کي بند ڪرڻ لاءِ سر توڙ ڪوشش ڪري رهيو هو. از غيبي آواز متڪو ٻڌجي، منهنجي ميڃالي کي ڇٽي رهيو هو.

مهاڻي هيٺ پاڻيءَ ۾ چتائي ڏٺو. سندس ڪنڌ ڪافي هيٺ جهڪي ويو. چڻ ته ڪانئس ڪنهن بڪايل مڇيءَ مانيءَ ڀُيو گهريو هجي.

اسان تنهي هڪيئي ڏانهن ڏٺو. حيرت اسانجي منهن مان مينهن جي پاڻيءَ وانگر ڦڙو ڦڙو، ٽيپو ٽيپو ٿي ٽپڪي رهي هئي.

اسان ماني کائڻ ۾ جنبجي وياسين. اڃا هڪ گرهه وات ۾ مس وڌوسين، ته هڪ دفعو وري ساڳيو آواز آيو.

”مانيءَ تڪر ڏيندؤ؟ ٻن ڏينهن کان بکايل آهيون.“

”پڪ جن آهي!“ سڪندر چيو.

”ٻوڏ جنن جا گهر ٻه ڀاڻيءَ چڙيا آهن!“ ٻيڙيوال چيو.

”بک راڪاس آهي“ مٺي وڻ ڏانهن ڏسندي چيم، ”جنهنجي جادوءَ جو محور پيٽ آهي.“

اهو آواز مٿان وڻ مان آيو هو. جنهن تي هڪ عورت ويٺي هئي جنهن پنهنجي تازي چاول ٻار ڪي، پنهنجي چيلهه ۾ اجرڪ جو جُهولو ٺاهي، ان ۾ ليٽائي ڇڏيو هو. ان جي پير ۾ هڪ پوڙهو، ٻن ٽارين جي وچ ۾ ٽنگون هيٺ لڙڪايو ويٺو هو.

”توهان وڻ تي ڇو چڙهي ويا آهيو؟“ ڪانئڻ پڇيم.

”جان بچائڻ لاءِ“پوڙهي وراڻيو.

”ڇا توهان کي ٻوڏ جي اڳواٽ خبر ڪونه هئي؟“

”نه!“

”پاڻي اچڻ شرط ڪناري ڏانهن هليا وڃو ها!“

”اسان سان ڳڏ ڍور ڍڳا هئا.“ پوڙهي چيو، ”هتان کان ڪجهه پنڌ تي اسانجي پنج جريب کن زمين آهي، جنهن ۾ فصل تيار بيٺو هو.پاڻي ايترو زور سان ڪاهي آيو، جو اسان گهر جا ٿانو ٺڪر ٻه بچائي نه سگهياسين. سڀ لڙهي ويا. مَنهَن ڪري پيو. هيءَ منهنجي نُنهن آهي. اٺ ڏينهن اڳ هن پير لڌا آهن.“

”۽ تنهنجو پٽ ڪٿي آهي؟“

”هو سامهون منهنجو پٽ بيٺو آهي.“ پوڙهي ٻئي وڻ ڏانهن اشارو ڪندي چيو ”ڏاند ۽ مينهون ٻه پاڻيءَ ۾ آهن. منهنجي پٽ ساري رات پيرن پير بيهي گذاري آهي.“

ٻيڙيوال ٻه مانيون ۽ ڳترو مڇيءَ جو پوڙهي کي ڏنو. پوڙهي ماني وٺندي پڇيو، سرڪار طرفان امدادي ڪيمپ وارا آهيو نه!“

”نه“ ڪيس ٻڌايم ”اسان جو ڪم ٻيڙين جي حاضري پرڻ آهي ۽ ٻيڙين جو ڪم ٻيگل بند لاءِ ماڻهن ۽ سامانِ کي هيڏانهن هوڏانهن پهچائڻ آهي.“

”ٻڌو آهي ته سرڪار امدادي ڪيمپون کوڙيون آهن؟“

”اهي ڪيمپون شهر ۾ آهن،“ ڪيس ٻڌايم ”جن ۾ شهر جي ماڻهن ٻوڏ

جي ڏپ کان پڇي وچي اڳ ۾ ئي پناهہ ورتي آهي."
"۽ ماني پاڻي ڪٿان ملندي؟"
"ڪناري تان"
"اسانکي بہ ملندي؟"
"نہ!"
"ڇو؟"
"ڇو تہ اها ماني ڪنڌ بند ڪرڻ لاءِ، جيلن مان آندل قيدين لاءِ آهي."
"۽ صاحبلوڪن لاءِ؟"
"انهن سان گڏ سرڪاري بورچي، سرڪاري اناج ۽ پاڇيون وغيره سندن ڪيمپن ۾ موجود آهن."

هن ڪناري تي لڱل، آفيسرن جي ڪيمپ ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ سندس ڪنڌ از خود آسمان ڏانهن ڪڇي ويو.

"هيٺ لهي اچو، تہ توهان کي ڪناري تي ڪٺي هلئون." چيومانس.

"منهنجو پٽ ساري رات پيرن پر بيٺو رهيو آهي،" چيائين "مان ان کي ڇڏي هرگز نہ ويندس. مان اباڻا جهوپا نہ ڇڏيندس."

"توهان هيٺ اچو،" چيم "اسان تنهنجي پٽ کي بہ ڪٺي ايندا سين."

"نہ، مان نہ لهندس،" چيائين "هي پاڻي بہ سياڻي لهي ويندو. ان پاڻيءَ کي سياڻي تائين ضرور بند ٽيڻ گهرجي!"

"پاڻي سياڻي تائين بند نہ ٽيندو،" ڪيس ٻڌايم "پاڻي ايندڙ پندرهن ڏينهن تائين نہ لهندو."

پڇيائين، "ڇو؟"

وراڻيومانس "ان ڪري جو توهان ۽ تنهن جو گهر بند جي اندرين پاسي آهي."

"تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين نوجوان!" ڦاٿل اکين سان ڏسندي چيائين "اسانجو گهر بند جي اندر ضرور آهي، پر پاڻي سياڻي تائين لهي ويندو. ان کي ضرور لهڻ گهرجي!"

مون سڪندر ڏانهن ڏٺو، سڪندر ٻيڙيوال ڏانهن ۽ ٻيڙيوال مٽي وڻ تي ويٺل پوڙهي ڏانهن ڏسندي چيو: "منهنجي خيال ۾ پوڙهو پاڳل آهي!"

"ٻوڏ سبب سندس مت ڪسجي وئي آهي!" سڪندر جواب ڏنو.

”نہ، مان پاڳل ناهيان“منهنجي مت ڪسجي نہ ويئي آهي،“ پوڙهي احتجاج ڪيو. چيائين ”پاڳل تہ منهنجو پٽ بہ ناهي. جيڪو راتا لاڪون پاٽيءَ ۾ پيرن پر ويٺو رهيو آهي!“

”تہ پوءِ لهي اچو، تہ توهان ڪي ڪناري تي ڪٽي هلئون.“ چيومانس ”نيٺ وڻ تي ڪيترو وقت ويهندؤ!“

”نہ. اڳ ۾ منهنجي پٽ کي ڪٽي اچو!“

هيڙيوال هيڙيءَ کي اڳتي ڌڪيو.

وڻ هيٺان مينهن ۽ ڍاندن جي وچ ۾ ويٺل همراهہ، اسانجو مقصد سمجهي ويو. اسان کي پنهنجي ويجهو ايندي ڏسي، هڪدم پڇيائين ”ڇو آيا آهيو؟“

”توکي ڪڍڻ!“ هيڙيوال وراڻيس.

”پهچي ويو!“

”ڇو؟“ سڪندر پڇيس.

”مان نہ هلندس.“

”ڇو نہ هلندين؟“پڇيومانس.

”اڳ ۾ منهنجي پوڙهي پيءُ کي ڪٽي اچو!“

”هن جو ضد آهي، تہ اڳ ۾ منهنجو پٽ اچي“

”اڳ ۾ منهنجي پيءُ، زال ۽ پٽ کي ڪٽي اچو!“

”پوڙهو نٿو اچي. ڇا اڳ ۾ تنهنجي زال ۽ پٽ کي ڪٽي اچون؟“

”بڪواس بند ڪر!“

”تون نہ هلندين؟“

”مان نافرمان ناهيان.“

همراهہ هيڙيءَ ۾ چڙهڻ کا نابري واري ڇڏي.

هيڙي موٽي اچي ساڳي هنڌ بيٺي.

پوڙهي وڻ تان ويٺي، پهريان هيڙيءَ ڍانهن ڏٺو ۽ پوءِ نگاهون سندس پٽ ڍانهن ڪجي ويون. پٽ ڍانهن تڪيندي، پڇيائين ”ڇو نہ ڪٽي آيؤ منهنجي پٽ کي؟“

”هو نٿو اچي؟“ڪيس ٻڌايم.

”ڇو نٿو اچي؟“

”چئي ٿو، تہ اڳ ۾ منهنجي پيءُ، زال ۽ ٻار کي ڪٽي اچو.“

"اسان ئي ڪٽي اڳ ۾ ئي تا هلون چاچا!"سندس ننهن، اجرڪ ۾ پيل ٻار کي سوگهو ڪندي چيو.

"نه. ائين هرگز نه ٿيندو"پوڙهي، ننهن کي ڪاوڙ وچان ڏسندي چيو. "اڳ ۾ منهنجي پٽ کي اچڻ گهرجي. هو سڄي رات جاڳندو رهيو آهي. هن جا پير بيٺي بيٺي سڪي ويا آهن."

پوڙهو نه لٿو. مون کي هن جي حال تي ڪل آئي. پر ٻيڙي، پڳل بند واري چوڙ وٽان ڦري، ڪناري جي ساڄي اچي بيٺي.

اسان جي ٻيڙيءَ کان، سڌ پنڌ جي مفاصلي تي، هڪ ماٺهو ٻڏ- تر جي چڪتاڻ ۾، هٿوراڙيون هڻندو، پاڻيءَ جو سينو چيريندو، ڪڏهن ڪڏهن ڪاهي پير سان پاڻيءَ کي پٺتي ڌڪيندو، اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

"هو ڏس!" سڪندر کي ڪلهن کان وٺي ڌونڌاڙيندي چيم "ماڻهو ٻڏي رهيو آهي."

"مون ڏٺو آهي،"هن چيو "هو تارون آهي."

"پر ٿڪل ٿو ڏسجي." ٻيڙيوال چيو، ۽ پوءِ ٻيڙيءَ کي اڳتي وڌايو.

جڏهن ٻيڙي ڪيس ويجهي ٿي، ته هو سٽ ڏيئي، ٻيڙيءَ جي هڪ پاسي کي چنبڙي پيو.

"مٿي هليو آ!" چيم.

"منهنجي لڱن ۾ سگهه ناهي." چيائين، "مون کي مٿي چاڙهيو."

ڪيس مٿي چاڙهيوسين. ٻيڙي تي پهچندي ئي، هو ڏيڊر پر ڪري پيو. ڪيس سڌو ڪري ويهاريوسين. هو وري ڪري پيو. ڪانئس سيسڙاٽ نڪري ويو. چڻ ڪرنگهو پچي پيو هجيس.

"مٿان جاءِ ڪري اٿئي چا؟" سڪندر پڇيس.

"نه." ڪانئس ٿڌو شوڪارو نڪري ويو.

"بجليءَ جو ڪرنٽ لڳو اٿئي چا؟"

"بجلي ۽ ڳوٺن ۾!"مون چيو.

"ڪنهن ماريو اٿئي چا؟"سڪندر پڇيس.

"نه ڪنهن ماريو آهي، نه مٿان جاءِ ڪري آهي، ۽ نه ئي وري بجليءَ جو ڪرنٽ لڳو آهي....." سور وچان ڪانئس دڙڪي نڪري وئي. سڄو اُبو ٿي ويو.

”مون کي نانگ ڏنگيو آهي. ڪاريهر بلا!“ ٻڌايائين. ”نانگ جوزهر منهنجي جسم جي هر حصي تائين ڦهلجي ويو آهي.“

ائين پي پاسيو. چڻ سور ۾ پيڙا سبب، ڪانئس سڀ ڪجهه وسري ويو هجي.

”ڪٿي آهن فرسٽ ايڊ پوسٽ وارا!“ سڪندر چيو. ”جن جو ريڊيو ۽ اخبارن ۾ هَل آهي.“

”امدادي ڪاروائين تي ويل آهن.“ ٻڌايم.

”ڪٿي؟“

”جتي ٻوڏ جو ڪو بہ خطرو ڪونهي.“

”۽ سرڪاري ايمبولينس؟“

”ان تي انجنيئر چڙهي، ٻين بندن جو معائنو ڪرڻ ويا آهن.“

”۽ دوائون؟“

”اهي سڀ ٻوڏ ۾ لڙهي ويون.“

”ابوءِ...“همراهہ جي رڳ رڳ مان نڪاوَ نڪري ويا. هڪ دفعو اُيو تي، وري ليلهر لغڙ وانگر ڪري پيو.

مون رومال ڦاڙي، سندس ران وٽ ٻڌي ڇڏيو. جيئن زهر وڌيڪ مٿي نہ چڙهي. پر زهر همراهہ جي رڳ رڳ ۾ ڪمبائنڪ انجيڪشن وانگر لهي ويو هو.

ڪيس ٻيڙيءَ مان لاهي، ڪپ تي ڪٺي آياسين. همراهہ بيهوش ٿي ويو. مهانوڪيس پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻڻ لڳو.

مون ڊڪي وڃي، هڪ انجنيئر کي ٻڌايو. هن تي منهنجي ڳالهہ جو ڪوبہ اثر نہ ٿيو. چيائين ”ايس- اِي کي ٻڌاءِ!“

مون ايس- اي کي ٻڌايو ۽ ڪانئس جيپ جي گهر ڪيم، تہ جيئن ڏنگيل ماڻهوءَ کي اسپتال پهچائي سگهجي.

هن پهريائين مون ڏانهن غور سان ڏٺو، ۽ پوءِ دڙڪو ڏيندي چيائين، ”اسان جي ڊيوٽي ڪنڌ بند ڪرڻ آهي مسٽر!“ ساڳي لهجي ۾ چيائين، ”اهو ڪم اسان جو ناهي تہ ماڻهن کي پاڻيءَ مان ڪڍي، اسپتال يا ڪيمپن ڏانهن پهچايون!“

”پر سائين هو مري رهيو آهي!“

”اهو اطلاع ٿاڻي تي ڏي.“
”پر هن لاش کڻڻ لاءِ به ته گاڏي گهرجي.“
”ڪلهن تي کڻي وڃوس.“
”اسان ڊيوٽي تي آهيون سائين!“
”پاڻيءَ ۾ اڇلائي ڇڏيوس.“
”هو مسلمان آهي سائين. هن کي پوريو ويندو.“
”هنگامي حالتن ۾ سڀ ڪار آهي.“

مان موٽي آيس. ڏنم ڏنگيل همراهه هڪ دفعو وري اُيو ٿي ويو.

مشڪل سان پٽي هٿ پنهنجن ڪلهن تائين کڻي ويو، ۽ پوءِ هڪ زوردار جهٽڪي سان سندس هٿ هيٺ لڙڪي پيا. ڏڪندڙ چپن سان چيائين. ”منهنجو پٽ... ڪاڏي ويو منهنجو پٽ... منهنجي ڪلهن تان... ٻڏي ويو...“ ان کان اڳ جو جملو پورو ڪري، پٽيءَ پر اڇي زمين تي ڪريو. ۽ سندس جسم ٿڌو ٿي ويو.

هڪ بلڊوزر سڪر مان مٽي کڻڻ لاءِ وڃي رهيو هو. هن جو لاش، اسان ان ۾ رکي ڇڏيو. ۽ ڊرائيور کي ڪنهن ويجهي قبرستان تائين پهچائڻ لاءِ چئي ڇڏيو. ڊرائيور هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.

اسان ٻيڙي ڪاهي، مئل همراهه جي پٽ کي ڳولڻ لاءِ ڪافي اڳتي نڪري وياسين. پر اسان کي لڙهندڙ سامان کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه نظر نه آيو. جڏهن ڪجهه اڳيرو پهتاسين، ته هڪ ڪريل جاءِ نظر آئي. ان جاءِ پرسان هڪ ٻيڙي نظر آئي. ٻيڙيءَ تي به ماڻهو ٻيٺا هئا، انهن مان هڪ جي هٿ ۾ ونجهه هو، ۽ ٻيو منهن مٿو پٽي رهيو هو ۽ گونگا ڳوڙها ڳاڙهي رهيو هو.

پڇومانس ”روئين ڇو ٿو بابلا!“
”غضب ٿي ويو.“ سڏڪندي چيائين.
”ڇا ٿيو؟“
”بغداد ٿي ويو!“
”ڪوپار ٻڏي ويو آهي ڇا؟“
”نه مون سان ويل ٿي ويو!“
”ڳالهه ڇا هي؟“
”منهنجو الهه تلهه ناس ٿي ويو!“

”ڪجهه ٻڌائيندين بہ، ڪن رڳو رڙيون ڪندو رهندين؟“
”منهنجو ڍينگوئي ڍيري ٿي ويو!“
”نيٺ ٿيو ڇا هي؟“
”قرآن مان بہ نہ مڙيا!“
”ڇا مطلب؟“
”منهنجو سڀ ڪجهہ ڪٽي ويا.“
”ڪٿان؟“
”هتان، جاءِ جي ڇت تان.“
”ڇا ڇا هيو؟“
”ڳهن جي هڙ، پٽل، ٽامي ۽ چانديءَ جو سامان،“ سڏڪو روڪيندي ۽ ٿڌو ساهہ کڻندي چيائين، ”چينيءَجو سامان، نياڻيءَ جو ڏاج، سڀ ڪٽي ويا. قرآن مان بہ نہ مڙيا.“
چيم، ”تي سڳهي ٿو تنهنجو سامان لهرن لوڏن سبب، پاڻيءَ ۾ ڪري لڙهي ويو هجي!“
”پر قرآن تہ ساڳي هنڌ پيو آهي؟“
”اهو آهي الله جو شان،“ ڀيڙيوال وراڻيو ”الله چيو آهي، تہ مان پنهنجي قرآن جي پاڻ حفاظت ڪندس.“
”مان ٿاڻي تي رپورٽ لکرائيندس!“
”پوءِ تنهنجي ۽ انجنيئرن جي رپورٽ ۾ ڪوبہ فرق نہ رهندو،“ ڪيس ٻڌايم ”جنهن ۾ هنن لکرايو آهي تہ ڊيزل ۽ پيٽرول سان ڀريل، هزارين ڊرم ٻوڏ سبب لڙهي ويا.“
”تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين نوجوان!“
”ها مان ڪوڙ ٿو ڳالهايان“ چيم ”پر تون سامان چڙي ڪاڏي ويو هئين.“
”پارن ڪي ڀيڙيءَ رستي ڪناري تائين پهچائڻ.“
”پوءِ سامان بہ ساڻ کڻائي وڃي ها!“
”اُن وقت اسان کي ساهہ جي لڳي هئي،“ چيائين ”منهنجو سڀ ڪجهہ لٽجي ويو. مون سان بغداد ٿي ويو.“
ڀيڙي موٽي اچي ڪپ سان لڳي.

پڳل بند جي وٿيءَ وٽان، پاڻيءَ جو وهڪرو جيئن پوءِ تيئن ويو تيز ٿيندو.

بند جي پڳل چيڙي وٽ ڪرينون، بلڊوزر ۽ ٽريڪٽر ڦري رهيا هئا. بلڊوزرن ۽ ٽريڪٽرن ذريعي، آسپاس جي علائقن مان مٽي ڍوئي، بند تي وڇائي ٿي ويئي. بلڊوزر مٽيءَ کي چمائيندا، اڳتي وڌائيندا ٿي ويا، تہ جيئن پڳل وڇوٽيءَ واري وهڪري کي بند ڪري سگهجي. پر پاڻيءَ جو تيز وهڪرو، ڳرڙاٽ ڪندو، تازي پيل مٽيءَ کي پنهنجي وهڪري ۾ ڪنيو ٿي ويو.

بند جي چيڙي وٽ چار پنج ڪيمپون کوڙيل هيون. ان کان پريرو پنج ڇهہ ٻيون ڪيمپون پڻ کوڙيل هيون. ڪيمپون ٻن حصن ۾ ورهايل هيون. پڳل بند جي چيڙي جي پرسان وارين ڪيمپن ۾، پنجاب کان واپڊا جا گهرايل انجنيئر ۽ ماهر ويٺا هئا. ٻئي حصي وارين ڪيمپن ۾ مقامي انجنيئر ۽ آبپاشيءَ جا ماهر ويٺا هئا. جڏهن مقامي ماهر (جيتوڻيڪ هو مقامي نہ هئا، پر مقامي کاتن جا ضرور هئا) هڪ ڏينهن جي مدي ۾ ڪنڌ ٻڌڻ ۾ ناڪام رهيا، تہ پنجاب کان واپڊا جا ماهر گهرايا ويا.

بند تي ماڻهن جو انبوهہ هو. انهن ۾ گهڻو حصو قيدين جو هو، انهن سان گڏ سپاهي ۽ سنتري بہ موجود هئا. ڪجهہ حصو انجنيئرن، ماهرن ۽ سندن عملي جو هو. ڪافي بيروزگار ماڻهن کي ڪنڌ پوڻ سبب روزگار ملي ويو. آسپاس وارن ڳوٺن جا ٻي گهر ٽيل ماڻهو پڻ اچي بند تي ڳاهٽ ٿيا هئا. باقي حصو انهن ماڻهن جو هو، جيڪي ٻوڏ جو نظارو ڏسڻ آيا هئا. بند تي هڪ اليڪٽرڪ جنريٽر پڻ موجود هو، ڪناري سان ٿنيا کوڙي انهن ۾ تارون اٽڪايون ويون هيون. اهو انتظام رات لاءِ هو. قيدي ڏينهن رات ڪم ڪري رهيا هئا.

قيدي ۽ ٻيا مزدور ٻيڙين تي، بند جي پڳل دائري ۾ ڪِلا کوڙي رهيا هئا. چوطرف ڪلا کوڙي، هڪ وڏو جنگلو ٺاهيو ويو هو. جنگلي جي پاسن کان مٽيءَ ڀريل ڳوٿيون رکي رهيا هئا. جنگلي جي اندرين ۽ ٻاهرين پاسن کان ڳوٿين جا ڪوڙ نظر اچي رهيا هئا. جنگلي جي وچ واري خال ۾، بلڊوزرن ۽ ٽريڪٽرن ذريعي مٽي اڇلائي ٿي ويئي. ان وقت جنگلو سرڪس واري موت جي کوهہ جيان لڳي رهيو هو، ۽ ان تي ڪم ڪندڙ سڀ ماڻهوحرفتي بازيگرن وانگر، پنهنجي پنهنجي ڪمال جو مظاهرو ڪري رهيا هئا. پر سڀ کان

حرفتي بازيگر پاڻي لڳي رهيو هو، جنهن سندن سچي محنت ۽ ڪمال تي پاڻي ڦيري ٿي ڇڏيو.

پاڻي ساڳي زور سان جنگلي مان پار ٿي رهيو هو. قيدي ۽ مزدور، نهايت جوش سان نعرا هڻي، ڪناري جي پنهي ڇيڙن وٽان جنگلي ۾ مٽي وجهي رهيا هئا.

سپاهي پاڻيءَ ۾ تري رهيا هئا. پريس فوٽوگرافر فوٽا ڪڍڻ ۾ مشغول هئا. سرڪار جي اطلاعات کاتي طرفان آيل ڪيمره مين، ٻوڏ جي دستاويزي فلم پري رهيا هئا. انهن جي فلم جو ڳچ حصو جنگلي جو پريل هو. جنگلو ڪناري تي بيٺل ماڻهن جي آس ۽ اميد جو محور هو.

ڪناري جي ڀئي ڇيڙي وٽ، ٻه هيليڪاپٽر بازن وانگر لامارا ڏيندا، ڦرانڙاٽ ڪندا هيٺ لٿا. انهن ۾ سرڪاري عملدار هئا. جيڪي ٻوڏ جي صورتحال ڏسڻ آيا هئا. انهن کي ڏسي، قيدين سندن استقبال نعرن سان ڪيو. پاڻيءَ ۾ ترندڙ سپاهين نعرا ٻڌي، ٻهرين قيدين ڏانهن ڏٺو، ۽ پوءِ جڏهن سندن نظرون عملدارن تي پيون، تڏهن گهٽن پاڻيءَ ۾ ٽٻيون هڻي ڇڏيون ۽ ڪي وري ٻيڙين جي اوٽ ۾ لڪي پيا.

بند کي پيڳي اڄ ائون ڏينهن هو. پر پنجاب کان گهرايل آبپاشيءَ جا ماهر به ڪنڊ بند ڪرڻ ۾ ناڪام ويا هئا.

جنهن وقت اسانجي ٻيڙي، مقامي انجينيئرن ۽ ماهرن جي ڪيمپ وٽ اچي بيٺي، تنهن وقت هو پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هئا:

”اسان سان ويساهه گهاتي ٿي آهي.“ منجهانئن هڪ، جنهنجو رنگ سانورو هو تنهن چيو، ”اها اسان سيني جي بي عزتي آهي.“

”پلا هڪ ڏينهن جي مدي ۾، هيڏو سارو پاڻي ڪيئن روڪي سگهبو.“ ٻئي همراهه جنهنجو رنگ گورو هو، تنهن چيو ”بيراج جا سڀ دروازا بند ڪري ته ايڏو پاڻي روڪي ڏيکارين.“

”پر هو ته سٺن ڏينهن ۾ به بند ٻڌي نه سگهيا آهن،“ ٽئين شخص، جنهنجيون مڇيون وڏيون هيون، تنهن چيو.

”اهو اسانجي عزت ۽ ناموس جو سوال آهي.“ چوٿين ماڻهوءَ، جنهن کي پنيي ڏاڙهي هئي، تنهن وراڻيو.

”اسانکي نوڪرين تان استعيفا ڏيڻ گهرجي!“ سانوري شخص چيو.

”نه. اسانکي احتجاج طور ڊگريون واپس ڏيڻ گهرجن!“ گوري انجنيئر

چيو.

”اسانکي بک هڙتال ڪرڻ گهرجي!“ مُڇر چيو.

”اسانکي پڏي مرڻ گهرجي،“ ڏاڙهي واري آفيسر چيو ”هن پوڊ تہ اسانجي عزت ئي ٻوڙي ڇڏي.“

”اڳ تہ ڪڪڙ ۽ پڳل تتر تي مليا ۽ هينئر ........“ گوري چيو.

سانوري شخص سندس ڳالهہ ڪٽيندي چيو ”ٽي- اي- ڊي- اي ۽ اسٽي الائونس سڀ بند!“

”ڪنوينس بہ ڪسي هٽن کي ڏئي ڇڏيائون،“ پنهنجي ڏاڙهيءَ واري چيو ”هن پوڊ تہ مونکي سنهڙو ڪري ڇڏيو.“

”هينئر تہ قيدي بہ اسانجي عزت نٿا ڪن.“ سانوري جواب ڏنو.

”تون قيدين جي ڳالهہ ٿو ڪرين. هاڻي تہ پوڊ جا سٽايل بہ شڪ جي نگاهہ سان ٿا ڏسن.“

”ٿي سگهي ٿو، تہ هن سال مرمت ۽ اڏاوت جا ٺيڪا بہ هٽن کي ئي ڏين!“

”ڇٻو تہ هيءَ پوڊ واري سيزن ڪونہ ڦري.“

”اهڙا حال آهن، تہ پوءِ اينڊز سيزن بہ ڪونہ ڦرندي!“

”اسانکي نوڪريون ڇڏي ٺيڪا ڪٽڻ گهرجن!“

”ڇا اسان اهڙي وقت لاءِ پوڊ جون دعائون گهريون هيون.“

”هن پوڊ تہ رهندو اسانجي ئي ٻيڙي ٻوڙي ڇڏي.“

ڪيمپ کان ٿورو پرڀرو، ٻہ سپاهي پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هئا:

پهرين چيو ”مون تہ گهٽوئي نٿايو، پر زوريءَ منهنجي ڊيوٽي بند تي هنيائون.“

”مونسان بہ ساڳي ڪار ٿي،“ ٻئي جواب ڏنو ”حالانڪ مون ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ بہ پيش ڪيو.“

”شمس آباد واري ٽِڪريءَ جي ٻڙي بہ وئي!“

”ان کان تہ سٺو هو، ڪنهن امدادي ڪيمپ تي رکن ها.“

”۽ هو چرس هلائيندڙن کان اوگڙ بہ ڇٽي!“

”يار فرض ڪر، تون هن وقت هتي نہ هجين ها، تہ ڇا ڪرين ها؟“

”سڀ کان اڳ ۾ پنهنجي حد ۾ بيٺل گاڏين ۽ ريڙهين وارن کان اٺ آنا

في ڳاڙي جي حساب سان اوڳڙ ڪيان ها!"
"۽ ٻيو؟"
"نشاط سئينما تي ٽڪيٽون بليڪ ڪندڙن کان حصو وٺان ها!"
"ٻيو؟"
"علو مڪراڻيءَ کان، جيڪو راڪيٽ ۽ مينڊريڪس جون گوريون وڪڻندو آهي، حصو وٺان ها!"
"بس؟"
"نہ. سعيد واري اڏي تان بہ ڪافي ملي ها!"
"اُتي ڪھڙيون رنان هلنديون آهن؟"
"ڇهہ!"
"۽ ٻيو ڪنهن کان اوڳڙ ڪرين ها؟"
"ڳنڍي ڇوڙن کان، پر يار هاڻي تہ اهي بہ عيش ۾ هوندا!"
"۽ پوءِ؟"
"مڪڻي جي هوٽل ۾ اسو ڪاوان ها" ڀھرين وراڻيو "۽ رات جو نشاط سئينما جي باڪس ۾، ڳبو سان گڏ پنجابي فلم ڏسان ها!"
"چڱبو تہ هتي نہ هجين ها، تہ عيش ۾ هجين ها؟"
"ها مڙيئي شيدي ياشا جو ڪرم آهي." ڀھرين چيو، ۽ پڇيائين "۽ تنهن جي ڊيوٽي ڪٿي هوندي آهي؟"
"مان ريلوي پوليس ۾ آهيان" ٻئي جواب ڏنو.
"ڪمائي اٿئي؟"
"ها، قلندر جي مهر سان سو- ڏيڍ روز ملي ويندو آهي. نہ تہ ڏيڍ سو ڀڳهار تہ سگريٽن لاءِ بہ ٿوري آهي."
"واه بابلا واه!"
"يلا تنهنجو ٻوڏ متعلق ڪھڙو خيال آهي؟" ٻئي سپاهيءَ پڇيو.
"ٻوڏ ۽ جنگ ٻئي سئيون ڳالهيون آهن." ڀھرين وراڻيو "ٻنهي ۾ خوب ڪمائي سگهجي ٿو، پر جيڪڏهن ڊيوٽي ٻڳل بند ۽ جنگ جي محاذ تي نہ لڳي."
"۽ هتي بند تي تہ ماني بہ قيدين واري ٿا ڏين."
"ها، منهنجي تہ هڪڙي ئي ڏينهن ۾ صحت ڊائون ٿي ويئي آهي."

”وڏيڪ الائي گهٽا ڏينهن پوڳڻو پوندو!“

”مونکي تہ ڪنڌ بند تيڻ جا آثارئي نظر نٿا اچن.“

”هيءَ ڊيوٽي گهٽ ۽ ٽريننگ وڏيڪ تي لڳي!“

”شڪر ڪر تہ اسان بنڌن ڍوئڻ ڪان بچي وياسين!“

”ها مڙيئي ورديءَ جي مهرباني آهي.“

”هيءَ ٻوڏ تہ اسان لاءِ بہ تباهي ڪٺي آئي.“

”ها“ ٻهرين وراڻيو ”اڄ تہ جهٽ ڪن پاڻيءَ ۾ تري وئون.“

”ها،“ ٻئي وراڻيو ”هاڻي ان ڪانسواءِ ٻيو چاروئي ڪهڙو آهي. اسانکي ضرور ترڻ گهرجي.“

پڳل بند جي وٿيءَ مان پاڻي وهندو رهيو. قيدي ۽ مزدور جنگلي جي چوڌاري بيٺا هٺا. بند تي ڪرينون، ٽريڪٽر ۽ بلڊوزر ڦري رهيا هٺا. بند جي ٻنهي پاسن ٻيڙين جون قطارون هيون.

ٻيڙي آهستي آهستي چرڻ لڳي. مون سڪندر ڏانهن ڏٺو، سڪندر ٻيڙيوال ڏانهن ۽ ٻيڙيوال وري سج ڏانهن. سج جو گولو آسمان جي وچ تي بيٺو هو. ڏينهن ڪافي گرم ٿي ويو هو. اسان مان ڪنهن بہ نہ ڳالهايو.

جڏهن اسانجي ٻيڙي پنجاب ڪان گهرايل آبپاشيءَ جي ماهرن جي ڪيمپ جي پرسان اچي بيٺي، تڏهن اسانجي ڪنن تي هنن جي گفتگوءَ جو پڙلاءُ پيو:

”ڪنڌ پٺي اڄ اٺون ڏينهن آهي“ منجهانئن هڪ همراهہ جيڪو سنهڙو هو، تنهن چيو. ”پر بند تيڻ جو اجا ڪو امڪان ڪونهي.“

”ٻهريان تہ ڪنڌ واري تڪر جي ايراضي ڏهہ فوٽ مس هئي“ ٿلهي چيو ”پر هاڻي اٽڪل ستر فوٽ ٿيندي“

”جيستائين پاڻيءَ جو چاڙهہ نہ گهٽبو، تيستائين ڪنڌ بند ڪرڻ جي هر ڪوشش بيڪار آهي“ بندري چيو.

”نيٺ ڇا ڪجي؟“ سنهڙي پڇيو.

”اسانکي جوابداري نہ کڻڻ گهرجي“ بندري چيو.

”پر اسان تي ذميداري ڪٺي ڇڪا آهيون!“

”پاڻيءَ جو ساڳيو چاڙهہ رهيو، تہ رهندو بچيل بند بہ ٻڃي پوندو.“

”پنجاب هجي ها، تہ اسانکي ايتري دير نہ ٿئي ها!“

” ها، اتان جي ملٽري بہ اسانجو ساٿ ڏئي ها!“

” پر هي ڪنڌ اسان ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ ٻڌي نٿو سگهي.“

” برابر برابر، پنجاب جا سڀ ڪنڌ بہ اسان ئي بند ڪيا آهن.“

” پنجاب جو پاڻي تہ سنڌ ڏانهن وهائي، ڪنڌ بند ڪياسين“ سنهڙي چيو ” پر هي پاڻي ڪيڏانهن وهايون؟“

” سمنڊ ڏانهن!“

” بيوقوف!“

” ڇو؟“

” هي ڪنڌ بيراج جي ٻاهرين پاسي آهي.“

” جيڪڏهن اندرين پاسي هجي ها، تہ پوءِ ڇا ڪيون ها؟“

” بيراج جا دروازا کولي، پاڻي وهائي ڇڏيون ها!“

” هاڻي ڪنڌ بند ڪرڻ جي ڪهڙي صورت آهي؟“

” هڪڙي صورت آهي!“

” ڪهڙي؟“

” پاڻيءَ جو چاڙهہ گهٽجي. پوءِ آرام سان بند ٻڌي سگهنداسين.“

” پاڻي اٽڪل گهٽ ميلن ۾ پکڙجي ويو هوندو؟“ بندري پڇيو.

ٿلهي جواب ڏنو ” پنجاهہ چورس ميل ۽ ڊيگهہ ۾ ٻہ سؤ ميل.“

” رک مولا تي، پاڻي سياٽي تائين ضرور بند تي ويندو!“

” مونکي تہ اهڙو ڪوبہ آثار نٿو نظر اچي!“ ٿلهي مايوس لهجي ۾ چيو.

” قلندر سٽائي ڪندو“ سنهڙي چيو ” ڪنڌ بند ٿيڻ جي ٻي ڏينهن تي قلندر تي ڌمال هڻنداسون.“

” ها، ۽ داتا تي ويهين مڻين جي ديگ بہ لاهينداسون“ بندري وراڻيو.

” جيڪڏهن اسان بند ٻڌڻ ۾ ڪامياب ٿياسين، تہ سرڪار نامدار انعامن ۽ اڪرامن سان ضرور نوازيندي“

” ها، ڇونہ“ بندري چيو ” هيڏو وڏو ڪارنامو فقط اسان ئي انجام ڏيئي سگهون ٿا.“

” ڪنڌ بند ڪرڻ کان اڳ“ سنهڙي چيو ” اسان کي پاڻيءَ جو وهڪرو ۽ چاڙهہ ضرور ڏسڻ گهرجي!“

” ضرورضرور،“

”پهريائين سکر بيراج تان پاڻيءَ جو وهڪرو ڏسنداسين، ۽ پوءِ روهڙيءَ جو.“

”واهہ جي اتڪل آ، قسم آهي داتا جو.“

”ٺيڪ آهي، اٿو هلو ....“

”هلو....“

پاڻيءَ جي هڪ زوردار ڇوليءَ ٻيڙيءَ کي لوڏي ڇڏيو. ڌري گهڻ هڪٻئي جي مٿان ڪرندي بچياسين.“

چيم ”هي پاڻي بند نہ ٿيندو.“

”هي ماهر ضرور بند ڪندا.“ سڪندر وراڻيو.

”پاڻي هتي ڪي ڪٽ پر نہ آڻيندو.“

”مون زندگيءَ ۾ پهريون دفعو ٻوڏ ڏٺي آهي“ سڪندر چيو ”تو اڳ ٻوڏ ڏٺي هئي؟“

”اڳ ٻڌندا هئاسين، هاڻي اکين سان ڏٺي آهي“ چيم ”مون زندگيءَ ۾ ٻہ دفعا جنگ ۽ انجا اگرا نتيجا ڏٺا آهن، پرٻوڏ بہ گهٽ تباهڪن ناهي.“

”نيٺ هي ڪنڌ بند ڪيئن ٿيندو؟“ ٻيڙيوال پڇيو.

وراڻيم ”پاڻيءَ جي زور گهٽجڻ ڪانپوءِ، ان کي آرام سان بند ڪري سگهجي ٿو.“

”تو ڪڏهن تباهڪن طوفان ڏٺو آهي؟“ سڪندر پڇيو.

”نہ!“

”يلازلزلو؟“

”نہ. مان زندگيءَ ۾ فقط ٻہ جنگيون ۽ هيءَ ٻوڏ اکين سان ڏٺيون آهن“ وراڻيم. ”موهن جو دڙو ۽ اروڙ جا ڪنڊر سنڌوءَ جي اٿل جون علامتون آهن.“

”توکي جنگ کان نفرت آهي؟“ سڪندر پڇيو.

”هر امن پسند شخص جنگ کان نفرت ڪندو آهي.“ وراڻيم.

”جنگ گهڻن قسمن جي ٿيندي آهي؟“

”جنگ جا ڪيترائي قسم ۽ مقصد هوندا آهن“ کيس ٻڌايم ”هڪ جنگ هر ملڪ جي اندر مظلوم، ظالم جي خلاف ڪندا آهي، اها سندن جدوجهد آهي. اها سندن غلاميءَ جي خلاف جنگ آهي. مان ان جنگ يا حملي جو سخت مخالف آهيان، جيڪو هڪ ملڪ طرفان ٻئي ملڪ کي ڦٻائڻ يا غلام

بنائڻ لاءِ ڪيو ويندو آهي، اها جنگ اڳرائيءَ جو نتيجو ٿيندي آهي.“

”ءِ زلزلي کان به نفرت اٿئي؟“

”ڪوبه انسان اهو ڪيئن برداشت ڪري سگهندو،“ چيم ”ته ڪوئلي جي کاڻ ۾ ڪم ڪندڙ هزارين ماڻهو، زلزلي سبب کاڻ ۾ دٻجي رک ٿي وڃن.“

”توکي طوفان کان نفرت آهي؟“

”ها“

”ءِ ٻوڏ کان؟“

”سخت.“

”ٻلا ٻوڏ ڇو ايندي آهي؟“

”جڏهن انسان خوش هوندا آهن“ چيم ”تڏهن درياهه شاهه کان اهو برداشت نه ٿيندو آهي ۽ ائين ٻوڏ اچي ويندي آهي.“

”مونکي سڀ کان وڌيڪ نفرت ٻوڏ سان آهي.“ سڪندر ٻڌايو.

هڪ زوردار لهر وري ٻيڙيءَ کي لوڏي ڇڏيو.

ٻه قيدي اسانجي ٻيڙيءَ ڏانهن وڌي آيا. هنن کي پيرن ۾ ڪڙا ۽ ٻيڙيون پيل هيون. منجهانئن هڪ، ٻيڙيءَ جي ڇت جي پاسي واري ڪانيءَ ۾ هٿ کپائيندي چيو ”پاڻي ملندو.“

”ٻيڙيءَ واري ڪيس پاڻيءَ جو گلاس ڀري ڏنو. جيڪو هن پيتو. ٻيڙيءَ واري ٻيو گلاس سندس ساٿيءَ کي ڏنو. هن به پيتو.

ڪانئڻ پڇيم ”توهان ڪهڙي جيل ۾ سزا ڪاٽي رهيا آهيو؟“

”مان سينٽرل جيل مان آيل آهيان“ پهرين قيديءَ جواب ڏنو. چيائين ”هي منهنجو پڳ مٽ يار آهي. هي ڊسٽرڪٽ جيل ۾ سزا ڪاٽي رهيو آهي.“

”ڪهڙي ڏوهه ۾ سزا ڪاٽي رهيا آهيو“

”خون جي.“

سڪندر ڪن لاءِ ڌلجي ويو. ساهه وچڙي پيس. مشڪل سان پاڻ سنڀاليائين.

پڇيائين ”ٻئي ساڳي ڪيس ۾ قاتل آهيو؟“

”نه“ ٻئي قيديءَ وراڻيو ”اسان ٻئي جٽ آهيون. وچڙي پنج سال ٿيا هئا. هاڻي ملياسين ته به هن بدبخت ٻوڏ ۾.“

پهرين قيديءَ چيو ”اسان صبح کان بڪايل آهيون.“

ٻئي چيو ”ان کان سنو تہ لاڪپ ۾ هئاسين. ڇٽن جي دال ۽ اوٻاريل چانور تہ ملندا هئا.“

”توهان پنهنجي جمعدار کي ٻڌايو“ چيو مان.

”هن جي آگوٺي کي سور. کين انجنيئرن جي اوبر سوبر ملي ٿي.“

”خالي پيٽ تي ڪم ڪرائيندا،“ ٻئي چيو ”تہ پوءِ ايندڙ مهيني تائين بند ٻڌجي ڪونہ سگهبن.“

”هن ڪم جي عيوض، توهان کي ڪهڙو اجورو ڏيندا.“

”ٻہ ٽي مهينا سزا گهٽائيندا.“

”اڳ ڪڏهن ٻوڏ ڏٺي اٿو؟“

”ها، ٻہ دفعا.“

”هاڻي ۽ اڳ جي ٻوڏ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟“

”جيڪو تو ۾ ۽ اسان ۾ آهي.“

”ڇا مطلب؟“

”اڳ جڏهن ٻوڏ آئي هئي، تڏهن اسان آزاد هئاسين،“ پهرين چيو ”اڄ وانگر قيدي نہ هئاسين.“

ٻئي جواب ڏنو ”بند ٻڌڻ لاءِ اڳي بہ ڪم ڪيو هيوسين ۽ هاڻي بہ. اڳي آزاد هئاسين، اڄ قيدي آهيون.

مان جهڄي پس. روح تائين وڍجي پيس. سائن اکيون ملائي نہ سگهير. ساهہ سڏڪو ٻڌجي، نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو.

سڪندر ورائي پڇين ”اڳ ۽ هاڻي جي ٻوڏ ۾ ڪو فرق ضرور هوندو؟“

پهرين جواب ڏنس ”اڳ بہ ڳوٺ ٻڏا هئا ۽ هاڻي بہ ڳوٺ ئي ٻڏا آهن. شهرن ۾ فقط امدادي ڪيمپون لڳنديون آهن.“

سنتريءَ کين ڏنڊيءَ جي اشاري سان سڏ ڪيو. هو هليا ويا.

بند تي ٽيڪٽر، بلڊوزر، ڪرينون ۽ رولر ڦري رهيا هئا، ۽ ٺاهيل جنگلي ۾ مٽي اڇلائي رهيا هئا. پاڻي پنهنجي لپيٽ سان مٽي ڪنيون ٿي ويو. ڪنڌ ٻئي اج اٿون ڏينهن هو. پنجاب کان گهرايل ماهر بہ بند ٻڌڻ ۾ ناڪام رهيا هئا.

پاڻي ساڳي زور سان گرڙاٽ ڪندو، ڪاٺ جي ڪوڙيل ڪلن سان وچڙندو، ڪلا اکيڙيندو اڳتي ڌوڪيندو ٿي ويو.

اسانجي ڊيوٽي ختم ٿي وئي. اسانکي ورڪشاپ واپس گهرايو ويو. بند جي پڳل چيڙي ڪانوني، سکر بيراج تائين ماٺهو هئا. ٻوڏ جا ستايل، بي گهر، خالي پيٽ سان. هٿن ۾ وٽيون، امداد لاءِ واجهائيندڙ. سڪٽيون اکيون، هر ايندڙ ويندڙ موٽر ۾ ڪتل. پنهنجي گهرن جي ڪنڊرن کي ڏسي، امالڪ اکيون آسمان ڏانهن کڄي ويندڙ.

شهر بچي ويو. ٻوڏ جو خطرو ٽري ويو. مٿانهين علائقي ۾ امدادي ڪيمپن ۾ پناهہ وٺندڙ سيئي شهري پنهنجي پنهنجي گهرن ڏانهن واپس موٽي رهيا هئا. ۽ ٻوڏ جا ستايل، خالي ٿيندڙ ڪيمپن ۾ پناهہ وٺڻ لاءِ، قافلن جي صورت ۾ وجي رهيا هئا.

(آگم پبليڪيشن "انڊلٽ" ١٩٧٦ع)

# ذيان طلب

اسان يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندا آهيون. هو ۽ مان ٻئي گهاٽا يار آهيون. هڪٻئي سان ڏاڍا هجائتا آهيون. اسانجي دوستي مثالي آهي.

"هان وٺ" ڏانهس ڪاغذ جو ٽڪرو وڌائيندي چيم.

"ڇاهي؟" اڄوڪي اخبار جون خاص خاص خبرون پڙهندي پڇيائين. مون ڏانهن ڏسڻ بنا چيائين "ٽيبل تي رکي ڇڏ!"

"تار آهي."

"ڪٿان آئي آهي؟" هن اخبار جو ورق اٿلايو، ۽ ايڊيٽوريل" پڙهڻ لڳو.

"گهران" مون تار ٽيبل تي رکي ڇڏي.

"ڪنهن جي؟" هن وري ورق اٿلايو ۽ "ڪارٽون" ڏسڻ لڳو.

"تنهنجي، " مون تار مٿان هٿ رکي ڇڏيو.

"ڪنهن موڪلي آهي؟" هو ڪارٽون ڇڏي، سلسليوار "ادبي ڪالم" پڙهڻ لڳو.

"پٽهين" مون تار ڪٽي ورتي.

ڪنهنجي نالي آهي؟" هاڻي هو قطعو پڙهي رهيو هو.

"تنهنجي." مون تار ٻيهر ٽيبل تي رکي ڇڏي.

"ڪڏهن رواني ڪئي اٿئون؟" هاڻي هن جون اکيون اشتهار واري ڪالم تي هيون.

"ٽيون ڏينهن." مون تار ڪٽي ورتي.

"۽ پهتي ڪڏهن آهي" هو "اکه پار" جو ڪالم ڏسڻ لڳو.

"اڄ" مان تار کولي پڙهڻ لڳس.

"گهٽي لڳي؟" هاڻي هو "اسانجي ٽپال" پڙهڻ لڳو.

"هڪ لڳي." مون تار ويڙهي ته ڪئي.

"ڪهڙي تاريخ روانو ٿي آهي؟" هاڻي هن جون اکيون ٻئي خط ۾ "ڪوهستان سان قهر" تي ڪتل هيون.

"٣٠ هين مارچ" مان تار تي لکيل ائڊريس ڏسڻ لڳس.

"۽ اڄ ڪهڙي تاريخ آهي؟"

هاڻي هن جي نظر ٽئين نمبر خط ”ڪراچيءَ جي گٽرن تان ڍڪڻ ڇو ٿا اڏرن؟“ تي هئي.

”پهرين اپريل“ مون گوڏو گوڏي تي چاڙهي ڇڏيو.

”تار آهي يا خط؟“ هاڻي هن جي نظر عينڪ جي شيشي مان پار ٿي ”حبيب بئنڪ جي بيمثال اسڪيم“ تي ڄمي وئي.

”تار“ مون مٿي ڪي هٿ ڏنو.

”پوءِ دير سان پهچڻ جو مقصد؟“ هينئر سندس اک نيلام واري سرخيءَ تي هئي.

”الائي!“ مون ڪرسيءَ جي پٺ سان ٽيڪ ڏئي ڇڏي.

”تو پڙهي آهي؟“ هينئر سندس نظرون ”جايون خالي آهن“ تي هيون.

”ها!“ مون تار ميز تي رکي ڇڏي.

”ڇا لکيو اٿائين؟“ هاڻي هن جون اکيون ”ٽينڊر نوٽيس“ تي هيون.

”لکيو اٿائين، تنهنجي پيءُ پڄي وئي!“ هينئر سندس اکيون ڏيان طلب“ واري ڪالم تي ڪتل هيون.

”اها ڪا نئين ڳالهه ناهي!“ هينئر هن جون اکيون مون ۾ ڪپيل هيون.

مون ڏانهس تار وڌائي. هن مونڏانهن اخبار.

اخبار جي ڏيان طلب واري ڪالم ۾ سندس پيءُ جو بيان هو. جنهن گهران ڀڄي، پسند مطابق وچي سِوِل مئرج ڪئي هئي ۽ اخبار ذريعي ان جي پڌرائي ڪئي هئي.

”پر اهو ڪيئن ٿيو.“

”ڇا مطلب؟“

”اها تار تہ منهنجو اپريل فول ملهائڻ جي سلسلي ۾ توسان هڪ چرچو هو!“

(هلالِ پاڪستان ادبي صفحو ۱۹۷۸ع)

# انسان جي ڳولا

پدم پتي منهنجو ماروٽ آهي. هو نهايت ذهين ۽ ڳالهين جو ڳهير آهي. هو انگريزي اسڪول سينٽ ميريءَ ۾ مئٽرڪ ۾ پڙهندو آهي. اڄڪلهه اسڪول کان گهٽ پڇندو آهي. عمر چوڏهن سال مس اٿس، پر ڪيس سڄي دنيا جو اونو آهي. اخبار نهايت پابنديءَ سان پڙهندو آهي. هن وليم سيرويان جو ”هيومن ڪاميڊي“ پڙهيو آهي. هن هيمنگوي جو ”آفيئرويل ٽوآرمس“ پڙهيو آهي. اڄڪلهه ليوٽالسٽائي جي جڳ مشهور ڪتاب ”وار اينڊ پيس“ پڙهڻ جي چڪر ۾ آهي. جيتوڻيڪ هن فرينڊ شپ هائوس ۾ ان دنيا جي سڀ کان ٿلهي ناول تي ٺهيل فلم به ڏٺي آهي. پر هو اڃا مطمئن ناهي. ڪيس شڪايت آهي، ته اهو ناول لائبريريءَ ۾ ڇو ڪونهي.

ڪالهه رات مون وٽ آيو.

سوچير، هرويرو مٿو ڪائيندو. ادب تي ڳالهائيندو. سوال پڇندو. پوءِ سوئر ۽ ڪتن جي ويڙهه تي لکڻ جي صلاح ڏيندو. سنڌي راندين تي ڪهاڻيون لکڻ لاءِ چوندو.

پر هن ادب تي ڪونه ڳالهايو. هن لکڻ لاءِ ڪوبه موضوع ڪونه ٻڌايو. عجيب ڳالهه ٻڌايائين. چيائين ”وائيڪنگ مريخ تي پهچي ويو آهي.“

”مون کي خبر آهي پدم پتي!“ ”پر تون ايڏو گهبرايل ڇو آهين؟“

هو عجيب موضوع کڻي آيو هو. مان ٽيرس ۾ پٽجي ويس. چيائين ”هو مريخ تي انسان جي ڳولا ڪندو.“

”مون کي اها به خبر آهي.“

”توکي ڪيئن خبر پيئي؟“

”اخبارنمان.“

”مان اخبارن جي خبرن کا گهبرائيندو آهيان.“هو سچو ڏکي رهيو هو.

”ڇو“

”انهيءَ ڏينهن اخبار ۾ هڪ خبر پڙهيم“ ٻڌايائين، ”ته چين هڪ اهڙو ميزائيل تيار ڪيو آهي، جيڪو سڌو ماسڪو تي حملو ڪري سگهي ٿو.“

هن جي ڳالهه دل سان لڳي، ته ڪلي وينس. چيم ”اخبارن وارا چرچائي

آهن. هو اخبار کي ڪاميڊي ڊرامي جي اسٽيج طور استعمال ڪندا آهن. توکي گهبرائڻ نہ گهرجي."

"مون کي تہ ٽين مهاياري جنگ جو خطرو آهي،" چيائين "تيون ڏينهن خبر پڙهيم، تہ آمريڪا هڪ اهڙو ميزائيل تيار ڪيو آهي، جيڪو ساڳي وقت چين ۽ روس کي تباهہ ڪري سگهي ٿو."

"آسڪروائيلڊ جو چوڻ آهي، اڄوڪي صحافت، هيڊ منشيءَ جي رپورٽ آهي،" چيم "تون اخبارون ۽ ادب پڙهڻ ڇڏي ڏي. وچي تارزن ۽ حاتم طائي پڙهہ."

"ڪالهہ هڪ خبر پڙهيم. تہ روس هڪ اهڙو جيٽ بردار جهاز ايجاد ڪيو آهي." چيائين "جيڪو سمنڊ جي مٿان پنجاهہ فوٽ مٿي فضا ۾ بيهي سگهي ٿو، ۽ آمريڪي بحري ٻيڙو تباهہ ڪري سگهي ٿو."

"ماڻهن کي ڊيڄارڻ ۽ اخبارن جي سرڪيوليشن وڌائڻ لاءِ، هو اهڙيون خبرون گهڙيندا آهن،" چيم "پر توکي گهبرائڻ نہ گهرجي. توکي هاڪيءَ جي مشق ڪري. اولمپڪ راندين ۾ شامل ٿيڻ کپي!"

پڇيائين "ڇا چين ميزائل تيار نہ ڪيو آهي؟"

وراڻيم "ها"

"ڇا آمريڪا سڀ کان خطرناڪ ۽ جديد قسم جو ڪروز ميزائيل ۽ نيوٽران بم نہ ٺاهيا آهن؟

"برابر!"

"ڇا روس سڀ کان جديد، سمنڊ جي مٿاڇري تي فضا ۾بيهڻ وارو جيٽ بردار جهاز تيار نہ ڪيو آهي؟"

"بيشڪ" وراڻيم "پرسيني ملڪن جو موقف ساڳيو ناهي ۽ هنن ڪڏهن بہ اهوبيان نہ ڏنو آهي، تہ اهي هٿيار هنن هڪٻئي کي تباهہ ڪرڻ لاءِ ٺاهيا آهن."

"ڇا اپالو ۽ سويوز چنڊ تي نہ پهتا آهن؟"

"ارڙهن آنا پڪ پهتا آهن." جواب ڏنومانس "۽ اهو بہ سچ آهي تہ اهي ملڪ هڪ ٻئي کان گوءِ کٽڻ جي چڪرم آهن. پر ٻين ملڪن جا ريڊيو ۽ اخبارون ان ڳالهہ کي وڌاءَ ڏيندا آهن. ڇو تہ اخبار وارن کي ڪابہ دلچسپ خبر ڪونہ ملندي آهي، ۽ ڪين روز روز ڏيان طلب ۽ خونن جون خبرون

ڏيٺيون پونديون آهن.“

”ڇا سويوز- اپالو جو فضائي تجربو ڪوڙ آهي؟“

”هرگز نہ“ وراڻيم ”توکي ادب ۽ آرٽ سان شوق آهي. هرويرو سائنس جي چڪر ۾ نہ پئو.وچي جمناسٽڪ راندين جي مشق ڪر ۽ رومانيہ جو عالمي رڪارڊ ٽوڙ.“

”اخبارون بہ نہ پڙهان؟“

”هرگز نہ“ چيم ”جو تہ اخبار وارن لاءِ اهم خبر اها ناهي، تہ گڏهہ ماڻهوءَ کي اِٽ هنئين، پر هنن لاءِ اهم خبر اها آهي،تہ ماڻهوءَ گڏهہ کي اِٽ هنئين.“

ڪانٽس ٿهڪ نڪري ويو. تڏهن بہ نہ مڙيو. پنهنجي مقصد ڏانهن موٽندي، چيائين ”وائيڪنگ مريخ تي پهچي ويو آهي. اهو مريخ تي انسان جي ڳولا ڪندو.“

”سائنسدانن مريخ تي انسان جو وجود لڌو آهي“ چيومانس ”مون کي اها بہ خبر آهي تہ مريخ جو انسان پٿر کائيندو آهي.“

”اتان جو انسان پٿر کائيندو آهي!“ هن جو منهن عجب جي نشاني تي ويو.

”ها!“

”ڇو؟“

”ڇو تہ هو اڃا زندگيءَ جي ابتدائي مرحلن مان لنگهي رهيو آهي.“

”پلا پٿر کان پوءِ ڇا کائڻ شروع ڪندو؟“

”جڏهن هو ڌرتيءَ جي انسان وانگر، پٿر جي دور ۾ پير پائيندو،“ کيس ٻڌايم، ”تہ هو پن ۽ گاهہ کائڻ شروع ڪندو.“

”پوءِ؟“ هاڻي هن جو ٻوٿ، عجب جي نشانيءَ مان ڦري، سوال جي نشاني تي پيو.

”پوءِ هو شڪار ڪندو،“ چيم ”۽ گوشت کائيندو.“

”گوشت کان پوءِ ڇا کائيندو؟“

”پوءِ هو پوک ڪندو، ۽ ان کائيندو.“

”ان کانپوءِ کهڙو دور ايندو؟“

”ان کان پوءِ مريخ جي انسان جي غلاميءَ جو دور شروع ٿيندو.“

"غلاميءَ جو!" هن کان ڇرڪ نڪري ويو. "اهو وري ڪيئن؟"
"اتان جي مخلوق هڪٻئي کي غلام بنائڻ جي ڪوشش ڪندي."
"ان کان پوءِ؟"
"جاگيرداري ۽ سرداري دور ايندو."
"جاگيرداري ۽ سرداري دور. جيڪو نظام شمسيءَ جي هن گرهه (ڌرتي) تي اڃا تائين موجود آهي؟" پڇيائين.
"ها" وراڻيم،
"مريخ جو انسان ان ساڳي دور ۾ ڇا ڪندو؟"
"ان دور جي پڇاڙيءَ ۾ هو پئسو ايجاد ڪندو."
"۽ پوءِ هو ڌرتيءَ جي انسان جيان، هر شيءِ پئسي سان خريد ڪندو." پڇيائين" ها نه؟"
"ها" وراڻيم "۽ ان کان پوءِ مريخ تي سرمائيداري نظام شروع ٿيندو."
"ڇا ان دور ۾ مريخ تي اديب نه هوندا؟"
"بلڪل هوندا" ٻڌايومانس "اتي ٽالسٽاءِ هوندو. ۽ نئين ڪهاڻيءَ جا ڪهاڻيڪار به هوندا، جن جي ڪهاڻين ۾ ڪردارن بدران ريل جا ڏٻا ڳالهائيندا."
"ڇا آرٽسٽ به هوندا"
"پڪ هوندا" چيم "هتي ليونارڊ ڊاونسي به هوندو، ۽ مونالزا جي مرڪ به."
"۽سائنسدان؟"
"ها برٽرنڊرسل هوندو" ٻڌايومانس "۽ هو سائنس جي خطرناڪ اثرن کان پڻ آگاهه ڪندو."
"ڇو آگاهه ڪندو برٽرنڊرسل" پڇيائين. "هو ڪهڙن خطرن کان آگاهه ڪندو؟"
"جنگ ۽ تباهي آڻيندڙ خطرن کان."
"ڇا مريخ جا انسان پاڻ ۾ جنگ ڪندا؟" ڪيس ڪنبٽي وٺي وئي.
"نه فقط جنگ ڪندا" چيم "پر گذريل پن دورن ۾ اسان جيان به عالمگير جنگيون وڙهي به چڪا هوندا."
هو عجيب ڇڪتاڻ ۾ مبتلا ٿي ويو. پڇيائين "ڇا پوئين دور ۾ هو به

اسان وانگر ڪائنات جي کوجنا ڪندا؟"

"ضرور ڪندا،" چيمر "ان دور ۾ هن وٽ بہ اپالو، سويوز ۽ وائيڪنگ هوندا."

"ادا!" ڏڪندي چيائين.

"چا هي پدم پتي؟"

"مريخ جا ماڻهو اپالو کي ڪيڏانهن اماڻيندا؟"

"چنڊ ڏانهن!"

"سويوز؟"

"ان کي بہ چنڊ ڏانهن،"

"۽ وائيڪنگ؟"

"ان کي ڌرتيءَ ڏانهن."

"ڌرتيءَ ڏانهن!" ڪانئس درڙي نڪري وئي.

"ها،" وراڻيم "مريخ جو انسان ڌرتيءَ تي لهندو."

"هتي اچي چا ڪندا؟"

"اسان سان واپار ڪندا."

"پوءِ؟"

"پوءِ ڌرتيءَ کي پنهنجي بيٺڪ بڻائيندا."

"ان کان پوءِ؟"

"اسان هنن سان جنگ ڪنداسين."

"اسان ساڻن جنگ ڪنداسين!"

هن جو رنگ هيڊو ٿي ويو.

"ها"

"چو؟"

"چو تہ اسان آزاد رهي ڏٺو آهي پدم پتي!" چيومانس "اسان هن جي ڪالوني بنجڻ ڪيئن پسند ڪنداسين."

"پوءِ نيٺ ڌرتيءَ جو چا ٿيندو؟"

"هو اسان جي گرهہ (ڌرتي) کي فتح ڪرڻ لاءِ حملو ڪندا."

"پوءِ؟"

"پوءِ چنڊ مداخلت ڪندو."

"اهڙا ڪهڙي جنگ هوندي؟" پڇيائين "ان جو نالو ڇا هوندو؟"

"اها تين عالمگير يعني يونيورسل جنگ هوندي" چيومانس "جيڪا نظام شمسيءَ جي ٽن گرهن ڌرتي، چنڊ ۽ مريخ جي وچ ۾ لڳندي."

هن کي ڪنبڻي وٺي وئي. ساهه روڪي ڇڏيائين. پوءِ لڏندڙ ۽ ڳورن قدمن سان در ڏانهن وڌيو. هٿ جي آڱر وڌائي، بجليءَ جو مين سئچ بند ڪيائين. ڇڻ بليڪ آئوٽ ڪري ڇڏيائين.

(نئون نياپو ١٩٧٦ع)

پیرک

ورنه خالي آلي ڪپڙي سان اڳهي ۽ ڪفن ڏئي نماز پڙهڻ ڪافي آهي. هن ڪهاڻي ۾ ملن جا نخرا ۽ لالچ پيش ڪري، وري قبر ڪوٽڻ وارن جون بچڙايون بيان ڪري، هڪ حقيقت پيش ڪئي اٿس، جيڪا سماج ۾ ناسور ٿيندي پئي وڃي.

"هڪ رات تي خواب" هيءَ هڪ مزاحيه ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ ان وهم کي ننديو ويو آهي ته ڏاريا ڪتاب پڙهڻ سان نوجوان پٽڪي ٿا وڃن. ٻيو جواني عياشيءَ ۾ گذارڻ ۽ پيڇاڙيءَ ۾ نوڙ مٿي تي هڻڻ هڪ مڪاري آهي. ڊائلاڪ ۽ پيشڪش سٺي آهي.

"يادون ۽ هيڪلائي" هڪ معياري ڪهاڻي آهي ۽ قابل تعريف آهي، منجهس فڪر به آهي ته فن به، رومانس به آهي ته حقيقت به- ڪيترا جملا ڏاڍا معياري اٿس مثلن جڏهن صبر جو بند تربيلا بند وانگر پڇي پيو. وغيره. پائنجي ٿو ته ڪهاڻيڪار ڪٿي اٽليءَ جي جڳ مشهور پينٽر ليونارڊو- ڊا- ونسيءَ جو واقعو پڙهيو آهي، جنهن کي خيالي محبوبه هر وقت ستائيندي رهندي هئي ۽ سندس ننڊ آرام حرام ڪري ڇڏيو هئائين، جنهن کي آخر ۾ هن "مونا ليزا" جو روپ ڏيئي، خوبصورتيءَ جو رڪارڊ قائم ڪيو. ساڳيءَ طرح "شهناز" به رفيق کي خيال ئي خيال ۾ ستائي تنگ ڪري رهي آهي ۽ هو خيالي خودڪشي ڪندي بچي ٿو وڃي. ڪهاڻيءَ ۾ جملن جو سٽاءُ سٺو آهي ۽ تجسس به اعليٰ قسم جو رکيل آهي. مجموعي طور ڪهاڻي لاجواب آهي.

"ڇڪتاڻ"، "عورت ۽ اشتهار" ۽ "ڏيان طلب". هي اهڙيون ڪهاڻيون آهن جن ۾ نفسياتي مسئلا ۽ نيٺ سماجي اوڻايون ڏيکاريون ويون آهن. اسان جي سماج ۾ نوجوانن کان سندن پسند جو حق کسي، وڏن جي مرضيءَ مڙهڻ وارو رواج اڃا هلندو پيو اچي، جنهن جو ابتو اثر اسان کي هنن ڪهاڻين ۾ نظر اچي ٿو. "ڇڪتاڻ" ۾ زيبيءَ کي هڪ اهڙي مڙس جي حوالي ڪيو ويو آهي، جنهن کي لڳي ٿو ته هوءَ پسند ڪونه ٿي ڪري نتيجو اهو ٿو نڪري ته هوءَ مراد سان پيار ڪري، پهرين مڙس کي زهر ٿي ڏئي، ۽ پوءِ نفسياتي مريض ٿي بنجي، ۽ اهو ڪيل ڏوه بدروح جي روپ ۾ هن کي هر وقت ستائيندو ٿو رهي، جنهن ڪري هوءَ رڙيون ڪري ٿي ۽ پوءِ اهو راز کلي ٿو پوي. هوءَ هڪ ڏوه کي لڪائڻ خاطر ٻيو ڏوه ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿي، ۽ مراد جي چانهه ۾ ننڊ جون گوريون ٿي وجهي. مراد وري نفرت وچان

ڪيس مارڻ تو گهري ۽ اهڙيءَ طرح هڪ سنسني خيز واقعو ڏيکاريو ويو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ تجسس ۽ تسلسل مڪمل طور ملي ٿو ۽ ان سان گڏ تشبيهون ۽ محاورا بہ تمام سٺا آهن. مثال طور ”اوچتو شرم جو احساس چور بڻجي هن جي بدن تي سرڪڻ لڳو“ يا وري ”ڪمرو اونده جو پيٽ ٿي لڳو“. ”هيسيل هرڻي وانگر سندس دل ۾ ڪيئي خيال آيا ۽ سمنڊ جي چوليءَ وانگر موتي ٿي ويا“. سندس اکيون ڪنهن ٽٽل تاري جيان هڪدم ڪري پيون“ وغيره وغيره.

هي ڪهاڻي ”عورت ۽ اشتهار“ ۾ بہ ساڳيو مسئلو آهي، جنهن ۾ هڪ نوجوان پنهنجيءَ زال کان تنگ اچي ڪري هوٽل ۾ ٿو رهي. اُتي وري سندس ملاقات اجنبي حسينا سان ٿئي ٿي، جنهن مٿان موهجي، پاڻ ڦرائي ٿو ويهي ۽ تڏهن خبر ٿي پوي، جڏهن پئي عورتون پنهنجي آزاديءَ جو اعلان ٿيون ڪن.

هن ڪهاڻيءَ ۾ عورتن سان ٿيل زيادتيءَ جو ذڪر ٿيل آهي. هن ۾ جملن استعارن ۽ تشبيهن جو مزاحيہ ۽ طنزيہ انداز ۾ججهو ذڪر ٿو ملي.

”ڏيان طلب“ هڪ ننڍڙي ۽ پر مقصد ساڳيءَ نوعيت جي ڪهاڻي آهي.

”هز ماسٽرس وائس“ ۽ ”پدم پتي“ بہ طنز و مزاج سان ڀرپور ڪهاڻيون آهن. ”هز ماسٽرس وائس“ ۾ گذريل دور ۾ ماڻهن جي خريد و فروخت جي جيڪا بازار گرم هئي، ان ڪي اگهاڙو ڪيو ويو آهي ۽ بدڪردار ماڻهن جي منهن تي چماٽ جي برابر آهي، جيڪي پنهنجي مفاد خاطر پنهنجي دوستن ۽ يارن کان منهن موڙي، لالچ پٺيان سڀ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ تيار پئي رهيا ۽ بعد ۾ سندن حشر اهو ٿيو جو ڪين ڪمند جي چوسيل ٻوڙي جيان ڦٽو ٿي ڪيو ويو. هونءَ بہ حد کان وڌيڪ وفاداري، خوشامد ۾ شامل ٿي ويندي آهي، ان جو حشر آخر اهوئي ٿيندو آهي، جيڪو هن جملي مان ظاهر ٿئي ٿو. ”هاڻي اسان شاگرد ليڊر مان ڦيرائي، تنهنجي پوزيشن چڙيا گهر جي پولڙي جهڙي ڪري ڇڏي آهي“.

”پدم پتيءَ“ ۾ هڪ بي بنياد وهم جو ذڪر آهي، جنهن تحت اسان پنهنجي ٻارڙن کي هٿ سان خوار ڪري بڇڙو تا بنايون ۽ پوءِ هو رولو ثابت ٿا ٿين. والدين کي گهرجي تہ پنهنجي اولاد جي ڀرپور پرگهور لهن تہ جيئن فقط استاد کي ئي ٻارن جي نہ پڙهڻ لاءِ ذميدار نہ بنائجي.

”هالي وڊ جو ايڪٽر“ هن ڪهاڻيءَ ۾ اهڙن ماڻهن جو ذڪر ڪيل آهي،

جيڪي لوڀ ۽ لالچ خاطر پنهنجو روپ بدلائي، ٻيو روپ اختيار ڪندا آهن ۽ پوءِ پردي پٺيان ڪتا ڪرتوت ڪندا رهندا آهن. اهڙن چالاڪ ماڻهن کي رفيق اگهاڙو ڪيو آهي ۽ حالات جو ويجهڙو جائزو پيش ڪيو اٿس.

”منهنجي دل مصر جا اهرام.“نوجوان ڪهاڻيڪار هيل تائين حقيقت نگاري ڪان ورتو آهي، پر هن ڪهاڻيءَ ۾ رومانس پيش ڪري، ان صنف کي بہ ڪونہ وساريو آهي ۽ هڪ اناڑي نوجوان جا عجيب ۽ غريب عشق جا جذبا پيش ڪري، حقيقت تان پردو لاٿو آهي. ان طرح سان ڪيترا نوعمر عاشق پنهنجون حسرتون دل ئي دل ۾ دفن ڪيو ڇڏين، ۽ جيڪي بعد ۾ نقصانڪار بہ ثابت ٿي سگهن ٿيون. ٻولي ۽ ٻهاڪا بہ سٺا ڏنا اٿس.

”ٻڏل دل جي آس“- هي ڪهاڻي هڪ نئين انداز ۾ ۽ سچ تي ٻڌل حقيقت آهي، جنهن ۾ ٻوڏ جي تباه ڪارين جو تفصيلي جائزو پيش ڪيو ويو آهي. ”تباه ٿين ڳوٺ، ٻڏن ڳوٺاڻا ۽ ڪيمپون لڳن شهرن ۾. وري امدادي مال مٿان ئي ملالا ڪائي وڃن ۽ ستايل ماڻهو ڪليل اکين سان موت جو مقابلو ڪري بهادريءَ جو ثبوت ڏين ٿا“. ٻوڏ جي تباهيءَ کي رفيق اهڙي انداز ۾ پيش ڪيو آهي، جو لونءَ ڪانڊارجيو وڃي.

آخري ڪهاڻي ”انسان جي ڳولا“ آهي. هيءَ ڪهاڻي سائنس فنڪشن جي انداز سان پيش ڪيل آهي، مگر پس پرده طنز بہ اٿس. اخبار وارن جا انوکا انداز صحافت ۽ بليڪ ميل جا ڪاروبار ۽ ان سان گڏو گڏ وري سرمائيدارن ۽ جاگيردارن جا دولت جي ٽيڪ تي غريبن سان ظلم. وڏين طاقتن جي سياسي چال کي بہ ننگو ڪيو ويو آهي، تہ ڪيئن هو ٻين ملڪن کي ويڙهائي پاڻ مدد پيا ڏين. طنز و مزاح جا جملا بہ سهڻي انداز ۾ جڙيا ويا آهن. ان طرح سان هيءَ ڪهاڻين جو مجموعو پنهنجو ڀرپور تاثر ڇڏي ٿو. چند ڪوتاهين جي باوجود، ڪهاڻيڪار کي داد ڏيڻ کان رهي نٿو سگهجي.

فيبروري ۱۹۸۱ع بدر اجڻ، ڪراچي

# چٽيل وڻ جو درد

جڏهن ڪهاڻي ڪيتر ۾ اچا لکڻ شروع نہ ڪيو هوم. اُن وقت قدآور نالن سان گڏ، ڪي نانءُ تازن قتل ٻوٽن جان ڇهڇ ساوا پڻ ڪٽي، ادب جي باغ جي هوائن ۾ جهومي رهيا هئا.

اهڙن نالن ۾ هڪ رفيق سومري، جو نانءُ بہ هو. ان دور ۾ رفيق سومري جون ڪهاڻيون نہ فقط سنڌي جي مڙني رسالن ۾ ڇپجي چڪيون هيون بلڪ سندس ڪهاڻين جو مجموعو بہ شايع ٿي چڪو هو. مون ڪي رفيق جون ٻيون ڪهاڻيون تہ ياد ناهن پر سندس هڪ ڪهاڻي ڏاڍي وڻي هئي، جيڪا اسلوب جي لحاظ کان بلڪل مختلف هئي. ان ڪهاڻي ۾ هڪ ڪردار جڏهن بازار مان لنگهي ٿو تہ پيهہ ۾ سندس جسم جا مختلف حصا ڪرندا وڃن ٿا. اهڙي ريت هو ڪردار بازار ۾ ياڱا ياڱا ٿي وڃي ٿو.

ان ڪهاڻي پڙهڻ کانپوءِ مون کي ”رفيق سومرو“ ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ وڻيو بہ هو تہ مختلف بہ لڳو هو. (فائن آرٽ جي ڪنهن بہ شعبي ۾ اُهي ڪلاڪار وڌيڪ وڻندا اٿم، جيڪي پنهنجي فن جي حوالي سان وڏا ڀل نہ هجن، پر مختلف ضرور هجن. ڇو تہ مختلف ٿيڻ وڏو ٿيڻ کان وڌيڪ سياويڪ ۽ سهڻو عمل آهي. مختلف ٿين ۾ هڪ چڱي ڳالهہ اها بہ هوندي آهي تہ اڳتي وڌڻ جون راهون هميشہ ڪليل رهنديون آهن.

رفيق سومري جي ان ڪهاڻين جي مجموعي کان پوءِ نہ سندس ٻيو ڪو مجموعو آيو، نہ ئي سندس ڪي ڪهاڻيون ڇپيون، هڪ ڀيري ادل سومري سان ڪچهري هلندي رفيق سومري جو ذڪر نڪتو، خبر پئي تہ رفيق سي ايس ايس جي امتحان ۾ پاس ٿي ويو آهي ۽ هاڻ انڪم ٽيڪس آفيسر ٿي ويو آهي.

سي ايس ايس، هڪ گهر کي سکيو ستابو تہ برابر ڪيو. پر سنڌي ادب کان هڪ سهڻو ڪهاڻيڪار کسي ورتو.

سال ڏيڍ ٿيندو رفيق سومرو مهراڻ آفيس آيو، ڪچهري ٿي، هن ڪهاڻي ڏيڻ جو وعدو ڪيو.

ڪجهہ مهينا اڳ هڪ گرم منجهند جو رفيق منهنجي گهر کهي آيو

سائنس گڏ ڪنهن وينگس جي خواب جهڙو جوان پٽ ساڻ هو. رفيق سندس سڃاڻپ ڪرائي. ايڪهين ٻاويهن سالن جو صابرين، سلڇڻو نوجوان هو. سڄي ڪچهري ۾ اسان ٻنهي جي وچ ۾ ڪنهن حسين گلدان جيان خاموش ويٺو رهيو. گلدان جنهن ۾ جواني جي سمورن شوخ رنگن جا گل سمايل هجن! سَچُ بہ هو اسان جي وچ ۾ ڪنهن پريل گلدان جهڙو ئي ٿي لڳو.

ڪالهہ نصير سان فون تي ڳالهايم تہ ٻڌايائين: رفيق سومري جو نوجوان پٽ گذاري ويو آهي، مونکي پنهنجي ڪنن تي يقين نہ آيو. منهنجي سماعت ڪنهن سهڻي گلدان جي ڪرڻ ۽ ٽٽڻ جو آواز ٻڌو. منهنجي تصور جي نگاهن فرش تي گلدان جي ٽڪرن سان گڏ ڪيترائي شوخ رنگن وارا گل حد نگاهہ تائين ڦهلجندي ڏٺا.

ڪالهہ ئي، مان، نصير ۽ حسن مجتبيٰ رفيق جي گهر تي تعزيت لاءِ وياسين.

شامياني ۾ مونکي ماڻهن بجاءِ لڙڪ ويڙهل نظر آيا. ۽ "رفيق" جي جاءِ تي مان ڏٺو هڪ ڇٽيل ڇاپر تي ويل وڻ، جنهن جي ڪنهن ٽار ۾ پن ڪونہ هو. نہ سائو نہ سڪل. اسان اڳتي وڌي وڻ کي ڀاڪر پاتو. وڻ جي پور مان آواز آيو سڏڪن هڻو. لڙڪن سان وهنتل آواز. "يار نصير- هو منهنجو دوست هو .... منهنجو جوان پٽ مون کي ڇڏي ويو."

رفيق جي ٻانهن جو ٻَلُ، سندس گهر واريءَ جي نيڻن جو تارو ڊاڪٽرن جي غلط "ڊائگنوز" ڪري الهي ويو.

اسان جي ديس جا ڊاڪٽر.

ڇا چئجي ........؟

علي بابا جي ماءُ، علي بابا جي ٻانهن ۾ "ديوان مشتاق" جي ڪاريڊور ۾ مري وڃي ٿي ۽ علي بابا ريهون ڪندو رهي ٿو، رفيق جو سدا جوان پٽ نمونيان ۾ ڊاڪٽر جي گلوڪوز جي ڊرپ لڳڻ سان مري وڃي ٿو. ۽ اسان سڀ هڪ مهذب پڙهيل لکيل معاشري جا فرد، اهو سڀ ڏسندي خاموش آهيون. ڪري بہ ڇا ٿو سگهجي؟ ڄڻ ڪنهن سينيمان ۾ فلم ڏسندا هجون. فلم- ٽريجڊي سان ڀريل، جنهن جي هر سين تي روئي تہ سگهجي ٿو، پر ڪجهہ ڪري نٿو سگهجي.

جنوري ۱۹۹۴ع طارق عالم

# خط/ تنقيد: ڪهاڻي ”ماڻهو“ بابت وضاحت.

مٺڙا ياءُ جمن،
سدائين سرهو هجين شال.
يادگيريءَ لاءِ لک لائق ۽ ڪوڙين قرب
افسوس ته تنهنجي خط جي جواب جي شروعات به ڀڄاڙيءَ کان ئي ڪري رهيو آهيان. ان آس ۾ اُميد سان ته دل ۾ نه ڪندين.

مونکي تنهنجو قربائتو ۽ پنهنجائپ وارو لهجو ڏاڍو پسند آيو. پر توهرو پرو امرت منجهه ڪڙاڻ اوتي ڇڏي، اهو چئي ته تون آفيسر، اسين غريب. ياءُ غربت ذهني نه هجي، بس. باقي اسانجو نوجوان ڏاڍو سُرت پريو، سگهارو ۽ شاهي وڙاءَ جو وارث آهي. ادا! ادبين جي ته جنگ ئي اهڙن روين جي خلاف هوندي آهي. پوءِ تو اِهو ڪيئن سوچيو. مشهور روسي اديب ترگنيف وڏو نواب ۽ جاگيردار هوندي به، پنهنجي محبوبا جي ماءُ ڪي هڪ طويل ڪهاڻي آسي ۾ چئي تو ته، مان ٻني ضرور وڪڻي، جرمنيءَ هليو ايندس ۽ تنهنجي ڏيءَ جو ٿي ويندس. پوءِ، هوءَ جڏهن پڇيس ٿي ته، تنهنجي ٻنيءَ تي ته غلام به هوندا، ته جواب ۾ چئيس تو ته نه: مان غلام (هاري) ڪڏهن به نه وڪڻندس ۽ انهن کي آزاد ڪري ڇڏيندس. ساڳي ڳالهه عظيم اديب ٽالسٽاءِ ۾ به هئي، جنهن کان تون شايد مونکان به وڌيڪ واقف هجين.

ياءُ اهڙي ڪابه ڳالهه ناهي. هجڻ به نه گهرجي. ڳالهه مڙيئي احساس جي آهي. اهڙن تجربن ۽ دورن مان ڀيا نه ته گهٽ ۾ گهٽ هر حساس ماڻهو ۽ اديب/ شاعر ضرور گذرندا آهن. منهنجي هڪ ڪهاڻي ”جستيفڪيشن“ اهڙن ئي احساسن جي ترجماني ڪري ٿي.

مٿانهين ۽ هيٺانهين پٽ تي بيهڻ سان ماڻهوءَ جي اصلي ۽ حقيقي درجي ۾ ڪابہ گهٽتائي يا وڌائي ڪونہ ٿي اچي. ان ڳالهہ ۽ موضوع جو ذڪر منهنجي ڪهاڻي ”اٿٿانيڪومن“ ۾ ڪافي چٽائيءَ ۽ ڀرپور نموني سان آيو آهي. چيم نہ، تہ ڳالهہ رڳو احساس جي آهي. وقت انهن ڳالهين کي مٿائي ڇڏيندو آهي. مان پاڻ هڪ غريب گهراڻي جو فرد آهيان. منهنجي حياتيءَ جو ڪُليل احوال منهنجي ڪهاڻي- ڪتاب ”مٺيءَ سندو مامرو“ ۾ شامل مضمونن مان اوهان کي پئجي ويندو.

هينئر خط جي پڇاڙي پوري ٿي. هاڻي شروعات ڏانهن ٿا اچون.

آدل، جهڙي سٺي، سچي ۽ بيباڪ ۽ اڻ- تعصبي راءِ ” ماڻهوءَ“ لاءِ ڏني اٿئي. ڏاڍي خوشي ٿئي ها. جيڪڏهن اهڙي راءِ باقي ٽن ڪهاڻين تي بہ ڏين ها، تہ پنهنجي ڪوتاهين جي ڪاتہ نشاندهي ٿئي ها. ڪا تہ سُڌ پئي ها. بهرحال مونکي تنهنجي راءِ لاءِتمام گهڻو احترام آهي. تنقيد ادب جي هڪ مکيہ شاخ آهي. ۽ لازوال ۽ شاهوڪار ادب جو تصور تنقيد کانسواءِ ممڪن ناهي. هونئن پنهنجي لاءِ ڪنهن کان راءِ وٺڻ تمام احمقانہ ڳالهہ آهي. تڏهن ئي تہ پاڪ ڪتاب ۾ آيل آهي تہ، ” توهان ڪنهن کان اهڙي ڳالهہ پڇڻ ٿي چو تا چاهيو، جيڪا ٻڌي هوند اوهان کي مٺيان لڳي.“

تنهن ڪري ئي مون ڪڏهن بہ ڪنهن کان پاڻ بابت راءِ وٺڻ جي ڪوشش ڪونہ ڪئي آهي.

راءِ بابت ڪنهن وڏي نقاد (نالو ياد نٿو اچي) چيو هو تہ، جيڪڏهن ڪو مونکان پڇي تہ شيڪسپيئر ۽ ٻيو هڪ فرانسيسي شاعر (شايد بادِليئر) مان ڪهڙو سٺو شاعر آهي ۽ منهنجي انهن بابت ڪهڙي راءِ آهي تہ هوند مان هيئن چوان:

"I like Baudelaire, but I love Shakespeare"

پر ڀاءُ مونکي تنهن جي راءِ لاءِ احترام آهي.

هاڻ اوهان جي راءِ بابت ڪجهہ ڳالهائيندس. تون منهنجي ڪهاڻي ” ماڻهو“ جي پڇاڙي، شروعات طور ڏيڻ سان اختلاف ڪيو آهي، اِها ڏاڍي سٺي ڳالهہ آهي. جيڪڏهن، آمهون سامهون، منهن مقابل ويهي انهيءَ ڳالهہ تي ڪجهہ سوچجي ها، تہ ٿي سگهي ٿو جلد ڪنهن بهتر راءِ تي پهچي وڃون ها، ۽ پوءِ اِها ڪهاڻي ضروري دُرستيءَ سان ڇپجي ها ۽ مجموعي ۾ بہ اهڙو

ئي مسودو ڏجي ها. بهرحال ڪهاڻي ڇپجي وئي، ۽ حقيقت ۾ اڳ ۾ ڇپيل آهي. ”ماهوار سهڻيءَ ۾.“

تنهنجي صلاح ڏانهن، جيڪڏهن دل ۾ نہ ڪرين، تہ جهٽ ڪانپوءِ ٿا اچون. پهرين آءٌ توکي ان ڪهاڻيءَ جي لکجڻ جي سن ۽ محرڪ بابت ٻڌايان. منڙا ياءَ، اها ڪهاڻي مون ١٩٧٧ع ۾ لکي. هينئر منهنجي عمر ڏري گهٽ اٺيتاليهہ سال آهي. اُن وقت منهنجي عمر ڪيتري هوندي، مشاهدو ۽ تجربو ڪيترو ڪچو هوندو، تنهن بابت ٻہ، چڱيءَ طرح ڄاڻي سگهين ٿو. ان رنگروٽيءَ واري دور ۾ مون هڪ ڏينهن انگريزي اخبار ”ڊان“ ۾ هڪ خبر پڙهي. سال ١٩٧٧ع ٿي هو. خبر اها هئي، تہ هڪ ماڻهوءَ پنهنجو آپريشن پاڻ ڪري، پنهنجي زندگيءَ کي خطري ۾ وڌو ۽ مري ويو. اِها خبر هڪ فرينچ شخص بابت هئي. فرانس نہ رڳو دُنيا جو خوبصورت ملڪ آهي، پر هن ملڪ جي ڏاهن سڄي دُنيا تي، ذهني برتري ۽ ڏاهپ سبب، (يونانين ڪان پوءِ) حڪومت ڪئي آهي. جڏهن جرمن فوجن فرانس فتح ڪيو، تہ جرمني فوجي، طاقت جي برتريءَ جي باوجود فرينچ ٻولي، آداب ۽ تهذيب کان ايترا تہ متاثر ٿيا جو، هنج جي اَهل ڪندي ڪانءُ پنهنجي اصلي چال (هلت) وساري ويٺو. سو ياءَ، هڪ اهڙي ترقي يافتہ ملڪ جي ماڻهوءَ بيوسيءَ ۾ غربت سبب (ظاهري طرح) ۽ مهذب ماڻهن جي بيحسيءَ سبب (حقيقت ۾) پنهنجي عزيز ترين شيءِ زندگي وڃائي ويٺو. ان خبر مون ۾ هڪ اُتساهہ پيدا ڪيو. اميجينيشن جي ايوانن ۾ هلچل مچي وئي. روڊن تي گهمندي، بسن ۾ لڙڪندي، ڪراچيءَ جهڙي راڪاس شهر ۾ ان ڪهاڻيءَ جي پلاٽ تي سوچيندو رهيس ۽ فقط هڪ ڪلاڪ جي مسٽنگ ۾ ڪهاڻي لکي پوري ڪيم. هن ماڻهوءَ جي منهن جي حالت بابت اخبار ۾ ٿي لکيل هو ۽ آپريشن بابت ٻہ. پوءِ مون کي هڪ ڳالهہ جو خيال آيو، تہ ماڻهو (آدم يا انسان) کي دراصل خالق خوبصورت روپ ڏئي خلقيو آهي. جڏهن بت تراش سُهڻو ۽ شفاف مجسمو ناهي ٿو، تہ پوءِ خالق وٽ ماڻهوءَ جي حقيقي سونهن جو تصور ڪيڏو نہ افضل ۽ اعليٰ هوندو، سو پهريون پهريون محرڪ اهو بڻيو تہ، انسان بدصورتيءَ لاءِ ناهي پيدا ٿيو. هن ماڻهوءَ جي ڪاياپلٽ (Meta morphosis) هن کي ايڏي وڏي عمل، ايڏي وڏي رسڪ لاءِ تيار ڪيو. جو هو ايڏي باشعور، تهذيب يافتہ ۽ سائنسي طور ايڏي وڏي ترقي ڪيل ملڪ ۾ ٻہ هڪ

تمام پوئتي پيل ملڪ جي ڪنهن ڳوٺاڻي شخص جهڙي حرڪت ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو (شايد اهو به اها رسڪ -جوڪر- ڪٽڻ لاءِ هوند تيار نه ٿئي) مون اها ڪهاڻي لکي، ڊيگال ڪاميئو ۽ ساختخ (سارتر) جهڙن ماڻهن ڪي سندن اهڙي حالت، اهڙي بيحسيءَ لاءِ دانهن ڏني آهي.

ظاهر آهي، ته جڏهن هن کي آپريشن پاڻ ڪرڻو آهي. هو پاڻ کي وري سَهڻو ڏسڻ چاهي ٿو. اُها سونهن جنهن سندس مومل کي موهيو، جنهن سان صحت ڳانڍاپيل هئي، معيشيت ۽ سندس مقدر ڇهتيل هو، ۽ سندس اصل بدنصيبي سندس بدصورتيءَ سان ڳانڍاپيل هئي، ته هُو آپريشن ٿيٽر ۾ ڪنهن اجائي سجائي سائنسي ڪهاڻيءَ يا نام نهاد جاسوسيءَ ڪهاڻيءَ وانگر، ڊاڪٽرن کي ڏڪي ته پنهنجو آپريشن ڪونه ڪندو. هو هيڪل وياڪل ڏڪاريل، تڙيل ۽ بي سهارو آهي، تنهن ڪري پاڪي ۽ بليڊ ئي سندس انسٽريومينٽ بڻجي ٿو. ۽ سونهن ته نه، پر موت سان پنهنجي ملاقات ڪرائي ٿو. پر جذبو وري به زندگي، زنده رهڻ، پيار پائڻ، خوبصورت ٿيڻ جو آهي، جيڪو پازيٽو (مثبت) آهي.

باقي توگرامر جي غلطيءَ جي ڳالهه ڪئي آهي، منهنجا حساب ۽ گرامر واقعي ڪچا آهن، ۽ سدائين ڪمزور رهيا آهن. پر جذبا (جيستائين مان ڄاڻانٿو) سچا آهن. جن اهڙي ڪهاڻي لکرائي. ڪهاڻي ڪا وڏي شاهڪار ناهي، بس هڪ ڪچي ڦڪي ڪوشش آهي. سو ڪهاڻي لکي هڪدم سنڌي ادبي سنگت ڪراچي شاخ جي سڄاڻ اديبن جهڙوڪ: انور پيرزادو، ستار پيرزادو، تاج بلوچ، هدايت بلوچ، هدايت منگي، بدر ابڙو ۽ شايد ٻين به گهڻن ئي دوستن، جن ۾ تاجل بيوس، ف- م لاشاري، شايد مرحوم ساحر پريمي ۽ ٻيا ڏاها ويٺا هئا، انهن اڳيان پيش ڪيم، ته جيئن غلطيون دور ٿي سگهن. ظاهر آهي، جيئن اڪثر ٿيندو آهي. ڪن ڪهاڻيءَ کي پسند ڪيو، ته ڪن گهٽ پسند ڪيو. بهرحال گرامر ۽ پڇاڻيءَ بابت ڪنهن به صلاح ڪانه ڏني، نه ته اُن تي اُن وقت ئي سوچي، ضروري ردوبدل ڪيان ها ۽ ڇيڇڻ کان اڳ ۾ ضروري درستي ٿي وڃي ها. پوءِ ٿيو هيئن جو مون ان عجيب ڪهاڻيءَ کي فيئر ڪري مرحوم طارق اشرف ڏانهن اُماڻي ڇڏيو. هڪ ڳالهه ٻڌائيندو هلان، ته ان کان اڳ هڪ ٻه ڪهاڻيون طارق مرحوم ڏانهن موڪليون هيم، پر هو صاحب معيار جو ڏاڍو خيال رکندو هو. سو جڏهن

ڪهاڻي وٺس پهتي، تہ هن هڪدم ڇپي ڇڏي. هن سڄاڻ ليکڪ، ڏاهي ۽ بهترين نقاد ڪان بہ پڇاڻي يا ٻي ڪا گرامر جي چُڪ الاءِ ڪيئن مس ٿي وئي، نہ تہ منهنجي رهنمائي ٿي وجي ها ۽ اها اصلاح بروقت ملي وڃي ها.

برابر ڪهاڻي پڇاڻيءَ ڪان شروع ڪري سگهجي ٿي، جيئن اوهان چيو آهي، پر ان وقت برابر مون ۾ اها مهارت ڪانہ ۽ هئي هوندڻ بہ مهارت هڪ تمام ڏکيو ڪم آهي. تنهن ڪري مون وٽ آهر ڪهاڻي لکي پوري ڪئي.

هونئن ڀاءُ دل ۾ نہ ڪجانءِ، منهنجي خيال ۾ ان پڇاڻيءَ جو شروعات ۾ ڏيڻ ۾ ڪابہ خرابي ڪانهي.

منهنجي خيال ۾ پڇاڻيءَ ۽ اڳياڙي (شروعات) جي وچ ۾ هڪ ئي ڳالهہ بہ آهي، جيڪا ڪهاڻيءَ جو اصلي سورس آهي يعني اخباري خبر. مان سمجهانٿو اها ئي ڪهاڻيءَ جي "End" پڇاڻي ۽ صحيح معنيٰ ۾ شروعات آهي. (چاڪاڻ تہ اها ئي سبب بڻي ڪهاڻي لکجڻ جو.)

بهرحال مون ڪي اُن وقت ائين ئي مناسب لڳو ۽ مون لکي ڇڏيو. شايد ڪجهہ تجسس ۽ دلچسپي وڌائڻ لاءِ.

ڀائڙا، مان تنهنجي ان راءِ سان سهمت آهيان تہ، پڇاڻي (End) شروع ۾ ڏئي، ڪهاڻي شروع ڪري سگهجي ٿي، ۽ اُن لاءِ ٽيڪنڪ ۽ مهارت جو هجڻ ضروري آهي. برابر جنهن وقت ڪهاڻي لکي ويئي، ان وقت مون ان فن بابت هڪ بہ سنڌيءَ ۾ ۽ هڪ بہ اردوءَ ۾ ۽ ڪا هڪ اڌ انگريزيءَ ۾ ڪهاڻي پڙهي هئي. پر تنهنجي ان خيال سان اختلاف ڪندس، تہ پڇاڻي واري حصي کي ختم ڪرڻ سان ڪهاڻي بهترين ٿي پئي سگهي.

مون شايد چاڻي واڻي "آهي" بدران "هو" لکيو هو. ڇو تہ ڪهاڻي Past tense ۾ پئي هلي . مون ائين نہ لکيو آهي تہ، پئي ڏينهن اخبارن لکيو، پر اخبارن لکيو: "اهو انسان جي تاريخ جو عجيب ڪيس آهي." ان هڪ جملي ۾ جيڪا Infinity آهي. اها "هو" ۽ آهي ڪان گهڻو متاثهين آهي. شايد اهو ئي جملو ڪهاڻيءَ ۽ ان جي ڪردار کي زمان ۽ مڪان جي پابندين ڪان آجو ٿو ڪري ڇڏي.

منڙا ڀاءُ، اهڙي نيڪ نيتيءَ سان صلاح ڏيڻ لاءِ مهرباني. آئون هميشہ اهڙين ڳالهين لاءِ ذهني طور تيار رهندو آهيان ۽ دل ۾ نہ ڪندو آهيان. ڪافي

عرصو اڳ ”بدر اُجڻ“ جي تنقيدي اپياس جي روشنيءَ ۾ هڪ ڪهاڻي دُرست ڪري، هاڻي مجموعي ۾ شامل ڪئي اٿم. ائين سنڌيءَ جو پيارو ڪهاڻيڪار نسرم ڪرل بہ ڪندو هو.

بي ڳالهہ جيڪا تو ڪئي آهي، اُها سئو سيڪڙو صحيح آهي، تہ عورت لاءِ احترام وارا لفظ سندس ذهن ۾ چو آيا: جهڙوڪ: ” تہ سماج ۾ عورت جي اُها عزت چو نہ ٿي ڪئي وڃي.“ پائڙا، دراصل اهو جملو هيئن هو”پر سماج ۾ عورت جي قيمت فقط پنج روپيا.“ الائي چو مجموعي ۾ ڇپائيءَ لاءِ مون پروف پڙهندي، مٿيون جملو لکي ڇڏيو. پيهر پروف پڙهندي مونکي اهو جملو کٽڪيو. ٽيون پيرو جڏهن فائنل پروف پڙهي رهيو هوس، تڏهن بہ ان جملي پريشان ڪيو، پر هڪ سچو ڏينهن آفيس جو ڪم، مٿان وري پروف پڙهڻ، سو ائين تڪڙ ۾ ان جملي کي هلڻ ڏنو ويو، هاڻي جڏهن موقعو مليو تہ اصلوڪو جملو بحال ڪيو.

باقي ان ڳالهہ سان اختلاف ڪندس، تہ چاهت جي ٺڪرائڻ تي هو زبردست رد عمل ڏيکاريندو آهي. ادا هي سڄي ڪهاڻي، سچو ائبنارمل عمل، درحقيقت هڪ ردِ عمل ٿي تہ آهي، پيو نہ تہ چاهي. حالتون انسان کي پسند بڻائي ڇڏينديون آهن. هُو هر ڳالهہ ۽ هر ناڪاميءَ جي اصل سبب تي پهچڻ چاهيندو آهي ۽ هن ڪهاڻيءَ ۾ ”ماڻهوءَ“ جي هر قسم جي تباهيءَ جو اصل سبب سندس بيماري ۽ بدصورتي ٿي تہ آهي. جنهن کان نجات پائڻ لاءِ هو ههڙو هاڃيڪار عمل/ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو ۽ سندس اهو رد عمل، خود حسن، جمال، سونهن ۽ سوپيا سان بيحد پيار ۽ بيجڙائيءَ سان شديد نفرت جو اظهار ٿي تہ آهي. نہ تہ پيو چاهي.

تو جيڪڏهن ڪرشن چندر جي ڪهاڻي ”ڪچرا بابا“ پڙهي هجي، تہ ان ۾ بہ اُن ڪردار سان ائين ٿي ٿيندو آهي. پر هُن کي زال (محبوبا نہ) لاءِ بہ نفرت نہ، پر همدردي هوندي آهي. جيڪا اديب جي لفظن مان ظاهر ٿيندي آهي، تہ ”پلا هڪ بيمار، لاچار ماڻهوءَ سان صحتمند عورت ڪيترو ساٿ نڀائي سگهندي. آخر هن کي بہ تہ پنهنجا خواب آهن ۽ وقت ۽ حالتون وڏيون ظالم شيون آهن.“

اَدل، شايد مٿين تفصيل کانپوءِ تون منهنجي خيال سان سهمت ٿئين. پر هونئن مان والٽيئر وانگر هر هڪ جي خيال جي آزاديءَ جو زبردست قائل آهيان.

انگريزن چواڻي:

"You have your point of view and I have mine. You approach it in a diffrent way than I do."

منهجا ياءِ، ولين تہ ڪهاڻيءَ ۾ آهي ئي ڪونہ، اهو بدصورت ماڻهو

Victor Hugo جي ناول "Hunchback of Notradam" جي بدصورت هيري ڪاسميڊو جي ڪردار وانگر ئي هن ڪهاڻيءَ جو هڪ هيرو آهي. ۾ قسمت جو مزاق تہ ڏسو، تہ سندس اها بدبخت بدصورتي ئي سندس ولين (Villain) بڻجي، سندس آڏو آئي آهي، جنهن سان هن سونهن جي پوڄاريءَ مهاڏو اٽڪايو آهي، بنا اوزارن / هٿيارن جي، جيڪو ڪهاڻيءَ جي سادي پڙهڻي (Simple reading) مان ظاهر آهي.

دراصل هيمنگوي جو عظيم پر مختصر ناول پوڙهو ۽ سمونڊ (The old man and the sea) بہ هڪ اهڙي ئي خبر جي پس منظر ۾ (يا ان خبر کان متاثر ٿي) لکيو ويو هو. خبر اها هئي تہ، هڪ ٨٢ سالن جو پوڙهو اڪيلو، چتي ۽ گهري سمنڊ ۾ مڇي مارڻ لاءِ نڪري ويو ۽ ٽن ڏينهن تائين واپس نہ وريو ۽ چتي سمنڊ ۾ وهيل مڇيءَ سان مهاڏو اٽڪايو بيٺو رهيو. سندس ويڙهاند جاري رهي، تان جو ٽئين ڏينهن هيليڪاپٽر وسيلي سندس جان بچائي وئي. ان پوڙهي جي اها ويڙهہ انسان جي همت، فطرت جي ناموافق حالتن ۽ زندگيءَ سان بي انتها پيار سبب هئي ۽ ساڳي وقت قدرت جيڪو انسان ۾ هڪ جذبو، هڪ اُتساهہ، اٽل ارادو ۽ ناموافق حالتن سان ويڙهہ ڪري Survive ڪرڻ وارو ولولو رکيو آهي. اهو ئي پوڙهي واري واقعي جي خبر مان ظاهر هو. هيمنگوي پوڙهي جو ڪوبہ مشاهدو ڪونہ ڪيو، پر پنهنجو مشاهدو، جذبا (Passions) ۽ قوت ارادي ۽ زبردست Power of magination, perception and insight وسيلي ان خبر ۽ پوڙهي جي ڪردار کي امر ڪري ڇڏيو. هيمنگوي جو ان ناول ۾ لکيل هي جملو تہ پڙو، جيڪو انسان جي سيني تاريخن تي ڀاري آهي ۽ اهو ئي جملو پيٽي صاحب ۽ اهڙن ٻين شهيدن جهڙوڪ: هوشو، هيمون، سرمد، مخدوم بلاول، شاهہ عنايت ۽ منصور هلاج لاءِ بہ بلڪل فٽ ويهي ٿو.

"Man is not born for defeat .A man can be destroyed, but never defeated"

"انسان شڪست کائڻ لاءِ پيدا ناهي ٿيو. ڪنهن ماڻهوءَ کي تباهہ تہ

ڪري سگهجي ٿو، پر ڪيس هرگز مات نٿو ڪري سگهجي.“

اهو جملو پوڙهو سمنڊ ۾ آڻ ميڄڻ بدران وهيل مڇيءَ ڪي چئي ٿو.

ادا منهنجي ٻي ويجهڙائيءَ ۾ لکيل ڪهاڻي پونءِ تري ۾ ڦاٿل ڀوري ڇوڪري“ بہ ”ڊان“ ۾ آيل هڪ خبر کان متاثر ٿي لکيل آهي. پر انهين ڳالهين لاءِ دفتر ڪين. ڪٿيون ٿي ناهن. وقت مهلت ٿي نٿو ڏئي. دل تہ چئي ٿي تو جهڙن پيارن ڏي روز خط لکان، پر مجبور آهيان. وقت مونکان ڀڄندو ٿو وڃي. دل تہ چئي ٿي بس لکندو ٿي رهان، پر ڇا ڪجي، پيٽ بہ تہ پالڻو آهي.

ادا حقيقت ۾ سنڌ جي نوجوان ۽ سڄاڻ ليکڪن جيتريقدر پيار ۽ مانُ ڏنو آهي، اهو آءٌ ڪڏهن خواب ۾ بہ نہ ڏٺو هو. منجهين ڪڇين- ڦڪين شين جي ايڏي عزت، مون لاءِ وڏي حوصلي افزائي آهي، وڏو قدر آهي. سچ پچ مان اِن لائق ناهيان. بس مون سان تہ شاهہ سائينءَ جي هيٺين بيت وانگر پورائيءَ ۾ پال ٿي رهيا آهن:

- محبت پائي من ۾، رنڊا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو اگهائيو.

پر سائين مان تہ ڪتيان بہ ٿو ۽ ڪنبان بہ ٿو، ڇو تہ اڳيان توريندڙ تکا آهن.

ٻاءُ، جيڪڏهن لاشعوري طور اوکي يا اڻ وڻندڙ ڳالهہ ڪري ويو هجان، تہ معاف ڪندا. هن خط لکڻ جو مقصد شڪر گذاري آهي، نہ ڪي دل آزارڻ.

سک سدا قائم رهي
اوهانجو رفيق

11 فيبروري، 1995ع حيدرآباد.

## سڃاڻپ:

**ادبي نالو:** رفيق سومرو

**پورو نالو:** رفيق احمد سومرو.

**ڄم جي تاريخ:** 5، مئي 1956ع

**ڄمڻ جو هنڌ:** گهر نمبر 20 -118 /516 -D

مولوي عبدالله گهٽي، ٻڙاج روڊ، سکر.

**تعليم:** ايل- ايل- بي، ايم- اي (ايڪانامڪس) ۽ ايم- اي (انگريزي ادب)

**ڌنڌو:** ڊپٽي ڪمشنر آف انڪم ٽيڪس.

**نوڪريءَ جو هنڌ:** ڊي سي انڪم ٽيڪس، حيدرآباد.

**ڪهاڻيون لکڻ جي شروعات:** 1972ع (فرسٽ ييئر ۾)

**پهرين ڪهاڻي:** "گهايل دل" 1972ع

**ڪُل لکيل ڪهاڻيون:** ٣٨ (اڻپورين ڪهاڻين ڪانسواءِ)

**پهريون مجموعو:** "انسان جي ڳولا" (1977ع)

**ٻيون مجموعو:** "مٽيءَ سندو مامرو"

- هڪ ناويلا (اڻپوري)

**پتو:** نديم جو گهر، بي -63، بلاڪ -II، فيز -I، قاسم آباد، حيدرآباد.
فون: 652448